# اسامه بن لادن جي پراسرار دنيا

پيٽر ايل برجن

يوسف سنڌي



# اُسامه بن لادن

# اسامہ بن لادن جي پراسرار دنيا

# اسامه بن لادن جي پراسرار دنيا

ليکڪ: **پيٽر ايل برجن**

مترجم: **يوسف سنڌي**

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد، سنڌ.
2003ع

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر ٻه سئو اوڻونجاهه

| | |
|---|---|
| ڇپائيندڙ | نيو فيلڊس پبليڪيشنس<br>ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد، سنڌ. |
| ڇپيندڙ | ذڪي پرنٽنگ پريس، ڪراچي. |
| ڪمپوزنگ | بشير جمالي |
| پهريون ايڊيشن | جولاءِ 2003ع |
| قيمت | 150/- روپيا |

(حق ۽ واسطا قائم)

OSAMA BIN LADEN JI PURISRAR DUNIYA (Holy War, Inc. Inside The Secret World of Osama Bin Laden) . Written by: PETER. L. BERGON. Transleted in Sindhi by: YOUSIF SINDHI. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammad, Hyderabad Sindh. Pakistan. First Edition July 2003.
Price Per Copy Rs. 150/-
Book No. 249

## ارپنا

**عبدالرشيد آزاد جي نالي.....**

شڪر ڳڌئا سُون سڄڻين، جي جانب جاني يارَ
وينـي جَني وٽ ويٺ، ڪوڙين ٿئا قرارَ
ڏٺي ڪجِ مَ ڏار، پاڙو تن پرينِ ڪان.

يوسف سنڌي
17-4-2002

هي ڪتاب (Holy War. inc. Inside the Secret World of Osama Bin Laden) هڪ اولهه جي صحافي 'پيٽر ايل برجن' (Peter. L. Bergon) جي تاليف آهي. جنهن سي. اين. اين. جي لاءِ 'اسامه بن لادن' جو پهريون ٽيلي ويزن انٽرويو ڪيو. پيٽر. ايل. برجن هن وقت دهشت گرديءَ تي تجزيي نگار جي حيثيت سان سي. اين. اين جي لاءِ ڪم ڪري رهيو آهي. هو اي. بي. سي نيوز لاءِ به خدمتون سرانجام ڏيئي چڪو آهي. 1993ع ۾ ورلڊ ٽريڊ سينٽر ۾ بم ڌماڪن ڪانپوءِ. هن ڪيترين ئي نيوز اسٽورين ۽ دستاويزي فلمون بنايون. ڪيس پنهنجي صحافتي خدمتن تي ڪيترائي عالمي ايوارڊ ملي چڪا آهن.

## [1]

اوهين جيڪڏهن اُسامہ بن لادن جي ڳولا ۾ آهيو تہ، اوهين ڪيس ڳولهي نٿا سگهو. هو پاڻ ئي اوهان کي ڳولهي لهندو. مون سان بہ اهوئي ڪجهہ ٿيو.

اهو مارچ 1997ع جو هڪ ڏينهن هو. منهنجي فون جي گهنٽي وڳي. "اُسامہ اوهان سان ملڻ جي لاءِ راضي ٿي ويو آهي." ٽيليفون جي ٻي پاسي کو چئي رهيو هو.

منهنجي درخواست کان پوءِ اُسامہ ۽ سندس صلاحڪار انهيءَ نتيجي تي پهتا تہ سي - اين - اين، جنهن جو انهن ڏينهن آئون ملازم هئس. انگريزي ڳالهائيندڙ دنيا تائين رسائي جي لاءِ اُسامہ جي سڀ کان پهرينءَ ٽيليويزن انٽرويو جي لاءِ بهترين فورم آهي.

افغانستان ۾ منهنجي دلچسپيءَ جي شروعات 1983ع ۾ اُن وقت ٿي، جڏهن مون لکين افغان پناهگيرن جي هڪ دستاويزي فلم تاهي، جيڪي افغانستان تي روس جي حملي کان پوءِ پاڪستان اچي رهيا هئا. هڪ ڏهاڪي کان پوءِ 1993ع ۾ نيو يارڪ جي ٽريڊ سينٽر ۾ بم ڌماڪن ۽ سي. آءِ. اي جي امداد سان سرگرم افغان باغين جي وچ ۾ لاڳاپن جي ڳولا ۾ مون افغانستان جو سفر ڪيو.

ورلڊ ٽريڊ سينٽر کي تباهہ ڪرڻ جي انهيءَ پهرين ڪوشش کان پوءِ آمريڪي حڪومت هڪ ڊگهي جانچ جي سلسلي جي شروعات ڪئي. دهشتگردن جو اِهو آمريڪي سر زمين تي پهريون ڪامياب حملو هو. آمريڪي حڪومت بمباري ڪندڙن کي شوگهو ڪري ورتو هو، پر انهيءَ آپريشن جي پويان اصل ماسٽر مائينڊ ڪير هو؟ بمباريءَ جي ٻن ڏوهارين جي پاڪستان کان

نيو يارڪ ٽائين اُٽام جو بندوبست ڪنهن ڪيو هو؟ انهيءَ سلسلي ۾ مون جيترو بہ بن لادن کي ٿي پڙهيو، اوترو سندس وڌيڪ ملوث هئڻ جو مونکي يقين ٿيندو ويو. 1996ع ۾ آمريڪي "اسٽيٽ ڊپارٽمينٽ"، اسامہ کي سڄي دنيا ۾ انتها پسندي وارين سرگرمين جو مالي سرپرست قرار ڏنو ۽ مٿس افغانستان ۽ سوڊان ۾ دهشتگرديءَ جي سکيا جي ڪئمپن کي هلائڻ جو الزام لڳايو. ساڳئي سال آگسٽ ۾ بن لادن سڄي دنيا جي مسلمانن جي نالي پنهنجي پهرين اپيل جاري ڪئي تہ، هو آمريڪي فوجي ٺڪاڻن تي حملا ڪن. انهيءَ اپيل جي وچ اوڀر ۾ گهڻي تشهير ڪئي وئي.

انهيءَ پراسرار سعودي ڪروڙ پتي جي ڳولا جي شروعات اُتر لنڊن کان شروع ٿي. ڊولس هل (لنڊن) جي آسپاس، ڪيترن ئي عرب رهاڪن، مسجدون ۽ اسلامي مدرسا اڏيا آهن. ٽيوڊر اسٽائيل جي قديم گهرن مان آباد هڪ رستي تي "خالد الفوز" رهندو هو، جيڪو اُسامہ بن لادن جي جوڙيل هڪ سعودي مخالف گروپ 'دي ايڊوائيزري اينڊ ريفارميشن' ڪميٽيءَ جو ترجمان هو. مون ڪجهہ هفتا اڳ آمريڪا مان کيس فون ڪئي هئي. پر 'خالد الفوز' ٽيليفون تي تفصيلي ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ مناسب نہ سمجهي.

"ڪيتريون ئي اهڙيون ڳالهيون آهن، جن بابت ٽيليفون تي نٿو ڳالهائي سگهجي." هُن چيو. سندس اها ڳالهہ مناسب هئي. ڇو تہ ڪوبہ شخص ٽيليفون ٽيپ ڪري ٿي سگهيو.

جڏهن آئون خالد سان ملڻ سندس گهر ۾ گهڙيس تہ گهر جا پردا ڪريل هئا. هو خود ٻاهر آيو ۽ مون کي اندر وٺي ويو. کيس اڇن ڪپڙن جي مٿان ڳاڙهين پٽين وارو عمامو ٻڌل هو. سندس ڏاڙهي بيحد گهاٽي ۽ پيغمبرِ اسلام حضرت محمد ﷺ جي سنت موجب هئي. گهر ۾ گهڙندي ئي مونکي بوٽ لاهڻا پيا، ڇو تہ هڪ لحاظ کان وچ اوڀر ۾ هئس. جتي گهر ۾ جُتي پائي گهڙڻ کي خراب سمجهيو ويندو آهي. خالد مون کي پنهنجي ويهڪ واري ڪمري ۾ وٺي ويو. جيڪو سندس آفيس طور بہ استعمال ٿيندو هو. هڪ طرف ڪمپيوٽرز، پرنٽرز ۽ فيڪس مشين لڳل هئي ۽ ٻي پاسي الماڙي رکيل هئي، جنهن جا شيلف عربي ڪتابن سان پُريا پيا هئا. خالد جي عمر تہ چوٽيهہ سال هئي، پر هو پنهنجي عمر کان ڪافي وڏو ٿي لڳو. شايد انهيءَ جو سبب هي هو تہ هو هڪ اهڙي شخص سان گڏ ڪم ڪري ويو هو، جيڪو

سعودي عرب جي مخالف ڌر جو وڏو اڳواڻ هو. جيتوڻيڪ انگلستان جي آزاد خيال ۽ لبرل ماحول ۾ خالد کي ڪم ڪرڻ جي گهڻي آزادي هئي، پر هو هتي جي جنسي آزادين جي ماحول ۾، پنهنجي ٻارن جي تربيت لاءِ ڪافي پريشان هو.

خالد منهنجو روايتي انداز سان آڌر ڀاءُ ڪيو ۽ عربستان جي نخلستان جي لذيذ ڪجورن ۽ خوشبودار ڪافي سان منهنجي خدمت ڪئي. انهيءَ کان پوءِ اسين ٻيئي ڳالهيون ٻولهيون ڪرڻ لڳاسين. خالد، اسامہ بن لادن کان انٽرويو جي تفصيلن بدران قرآن مجيد جي موضوعن ۽ سعودي سياست تي وڌيڪ متوجه هو. خالد جو چوڻ هو، تہ هو ڪو انقلابي شخص ڪونهي، پر فقط هڪ پرچارڪ آهي. هو سعودي سماج جو سڌارو اٺويهہ يا ويهين صديءَ جي آزاد نظرين جي روشنيءَ ۾ نہ پر چوڏهن سؤ سال اڳ پيغمبر اسلام حضرت محمد ﷺ جي تعليم ۽ سنت جي روشنيءَ ۾ ڪرڻ ٿو چاهي. پيغمبرِ اسلام ۽ سندس چئن خلفاءِ راشدين جي وقت ۾ اسلامي سماج جي اڏاوت جي لاءِ گهڻيون ڪوششون ڪيون ويون هيون.

مون هڪ هفتي تائين خالد سان جيڪي ملاقاتون ڪيون ۽ خالد، اُسامہ جي باري ۾ جيڪي ڪجهہ ٻڌايو، تنهن موجب اسامہ هڪ بيحد ذهن، نرم سڀاءُ وارو شخص هو، جنهن پنهنجي دولت ۽ عيش آرام، افغانستان ۾ جهاد جي خاطر ڇڏي ڏنو هو. 1980ع واري ڏهاڪي ۾ افغانستان ۾ سوويت روس جي غاصبانہ قبضي جي خلاف هٿياربند جدوجهد ۾ اُسامہ بن لادن جي ڪردار کيس سڄي وچ اوڀر ۾ هيري جو درجو ڏيئي ڇڏيو هو.

خالد ٻڌايو تہ اُسامہ بن لادن سعودي عرب ۾ آمريڪي فوجي دستن جي موجودگي جي سخت خلاف آهي، اها آمريڪي فوج، ڪويت تي صدام حسين جي 1990ع جي حملي کان پوءِ سعود عرب آئي هئي. اُسامہ بن لادن جو چوڻ آهي تہ "آل سعود" اسلام کان منڪر ٿي چڪو آهي. سعودي شاهي گهراڻي تي 'ڪفر جي حالت' جو الزام بيحد سخت آهي. ڇو تہ 'سعودي گهراڻون' پاڻ کي دنيا ۾ اسلام جي ٻن پاڪ هنڌن يعني مڪي ۽ مديني جو محافظ ۽ 'خادم الحرمين شريف' قرار ٿو ڏي. سعودي حڪمرانن جي خلاف بن لادن جي اها سخت مخالفت، انهيءَ لحاظ کان بہ عجيب آهي تہ 'بن لادن' گهراڻو، شاهي گهراڻي جي گهڻو ويجهو هئڻ جي ناتي اڻ مئي دولت

ڪمائي آهي.

خالد، اُسامہ جي خيالن جي تائيد ڪندي، عرب سر زمين تي آمريڪي فوجن جي موجودگي تي سخت تنقيد ڪئي ۽ چيو: پيغمبر اسلام حضرت محمد ﷺ، عرب سرزمين ۾ ڪافرن ۽ مُشرڪن جي داخلا تي بندش وجهي ڇڏي هئي. مونکي انهن موضوعن سان ڪا دلچسپي نہ هئي ۽ تنهن ڪري مون خالد تي زور ڀريو تہ هو اُسامہ بن لادن کان انٽرويو جي امڪانن تي ڳالهائي.

خالد الفوز ٻڌايو تہ ڪيترائي ڀيرا اُسامہ بن لادن جي زندگي وٺڻ لاءِ حملا ٿي چڪا آهن. سعودي انٽيليجنس سروس لڳاتار اسامہ بن لادن جي ڳولها ۾ آهي.

”جا اوهان کي پڪ آهي تہ اوهان جي ٽيم ۾ ڪوبہ آمريڪي سي. آءِ. اي جو ايجنٽ شامل ڪونهي.“ اوچتو خالد الفوز پڇيو.

مون خالد الفوز کي پڪ ڏياري تہ ”اسانجو سي. آءِ. اي. سان ڪوبہ واسطو ڪونهي.“ پر هو انهيءَ تي يقين ڪرڻ جي لاءِ تيار نہ هو. جو تہ وچ اوير جا اڪثر اخباري خاطو حڪومت جي ”بي رول“ تي هوندا آهن.

نيٺ خالد چيو تہ هو اُسامہ کان انٽرويو جي درخواست کي اڳيان موڪلي ڏيندو. افغانستان ۾ لڳاتار جنگ ٽيليفون جو نظام تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏيو هو. تنهن ڪري رابطي جو اڪيلو ذريعو سيٽلائيٽ ٽيليفون هيو. اُسامہ بن لادن خود فقط ريڊيائي رابطو رکندو هو. جو تہ ڪيس چڱي طرح خبر هئي تہ انٽيليجنس ايجنسيون، سيٽلائيٽ فون ڪالن کي سولائي سان مانيٽر ڪري سگهن ٿيون.

خالد الفوز ٻڌايو تہ اڄ سوڌي اسامہ بن لادن ڪنهن ٽيليويزن انٽرويو جي موڪل ناهي ڏني. نہ رڳو سي. اين. اين، پر دنيا جون ڪيترائي نشرياتي ادارا ۽ نيوز ايجنسيون اسامہ بن لادن جو انٽرويو ڪرڻ ٿيون چاهين. تنهن هوندي بہ، اسان جو خيال هو تہ ٿي سگهي ٿو تہ اسامہ انهيءَ ڳالهہ جي لاءِ تيار ٿي وڃي. خالد صلاح ڏني تہ انهيءَ دوران آئون خالد الفقيهہ سان ڳالهايان، جيڪو اسامہ جو پس منظر چڱي طرح ڄاڻي ٿو.

ڊاڪٽر الفقيهہ جي آفيس، خالد جي گهر کان گهٽي پري نہ هئي. هن کي پنهنجي ٿلهي منهن تي، ٿلهن شيشن واري عينڪ پاتل هئي. هن جي منهن

تي ڪشيدگي ۽ دٻاءُ واريون لڪيرون جمي ويون هيون. هن جي اکين مان لڳاتار بيچيني ٻَکي رهي هئي.

ڊاڪٽر الفقيهہ، سعودي عرب جي عالمي شهرت يافتہ ’ڪنگ فيصل يونيورسٽي‘ ۾ سرجريءَ جو پروفيسر هو. اسڪاٽ لينڊ جي ’رائل ڪاليج آف سرجنز‘ مان سَنَدَ حاصل ڪئي هئي. ڊاڪٽر الفقيهہ ٻڌايو تہ هن سعودي عرب مان جلاوطني اختيار ڪرڻ جي ڏينهن تائين سرجريءَ جون خدمتون سرانجام ڏنيون. هو 1994ع ۾ برطانيہ آيو. هو صحيح معنيٰ ۾ هڪ انقلابي نظر اچي رهيو هو. هن جي سعودي حڪمرانن تي تنقيد سياسي هئڻ سان گڏ مذهبي بہ هئي. هن روايتي تصور نہ تي رکيا. ڪيس عربي لباس جي بدران ’سوٽ‘ پاتل هو. پر پنهنجي سچي لبرل نموني جي رهائش جي باوجود بہ هو انهيءَ چوڏهن سؤ سال قديم نظامِ زندگيءَ جي حمايت ڪري رهيو هو. هو سعودي حڪومت جي نظام ۾ بدعنوانين ۽ اقتصادي اڻ برابريءَ جو مخالف ۽ نقاد هو. سندس تنظيم جو نالو Movement for Islamic Reform in Arabia (MIRA) هو. هن جديد ذريعن سان سعودي حڪومت کي ڪمزور ڪرڻ تي چاهيو. آئون جڏهن سندس آفيس ۾ گهڙيس تہ مون ڏٺو تہ ڪيترائي نوجوان ڪمپيوٽرن جي سامهون ويٺا گروپ جي ويب سائيٽ www.mira serve.com کي اپ ڊيٽ ڪري رهيا هئا. اها ويب سائيٽ انگريزي ۽ عربي ٻنهي زبانن ۾ هئي. انهي سائيٽ تي نهايت ڪليل ۽ مناسب نموني سعودي عرب جي خبرن جو تجزيو ڪيو ويندو هو. ڊاڪٽر فقيهہ نهايت فخر سان مونکي پنهنجو ريڊيو اسٽوڊيو بہ ڏيکاريو. جتان هو سيٽلائٽ جي ذريعي سعودي عرب جي لاءِ پنهنجي نشريات شروع ڪرڻ جو پروگرام جوڙي رهيو هو.

1980ع واري ڏهاڪي ۾ جڏهن افغانستان ۾ روس جي خلاف جهاد جاري هو تہ هن پشاور (پاڪستان) جو سفر ڪيو ۽ هڪ سرجن جي حيثيت سان خدمتون سرنجام ڏنيون. ڊاڪٽر فقيهہ ٻڌايو تہ سندس اندازي موجب روس جي خلاف انهيءَ ويڙهہ ۾ أسامہ بن لادن جي وڙهندڙ ساٿين جو تعداد ٻارهن کان پندرهن هزار جي وچ ۾ هو. انهن مان چار هزار ڪارڪن دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙجي چڪا آهن ۽ أسامہ بن لادن جي مقصدن جي لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن. انهن مان ڪي سڌيءَ طرح تہ ڪي وري اڻ سڌيءَ طرح اسامہ جي تنظيم سان لاڳاپيل آهن، پر اسامہ انهن سڀني جي لاءِ هيرو ۽

عظيم اڳواڻ جهڙي حيثيت رکي ٿو.

لنڊن ۾ منهنجي سڃاڻپ هڪ عرب سان ڪرائي ويئي. هن جو نالو ’علي‘ هو. هو افغان جنگ جي دوران ٽن سالن تائين، ڊاڪٽر جي حيثيت سان، اُسامہ جي گوريلا تنظيم ۾ خدمتون سرانجام ڏيئي چڪو هو. مونکي ٻڌايو ويو تہ جيڪڏهن اسامہ بن لادن پاران انٽرويو جي موڪل ملي تہ اهوئي شخص اسان کي ’هن‘ تائين وٺي ويندو. اسان جي ڳالهہ ٻولهہ دوران وڏو مسئلو اهو پيدا ٿيو تہ ڪيس انگريزي نہ ٻي آئي ۽ مون کي عربي نہ ايندي هئي. البت ڪيس ’فرانسيسي‘ زبان تي عبور حاصل هو ۽ مونکي ساڻس ڳالهائڻ جي لاءِ پنهنجي پڳي ٽٽي فرانسيسيءَ کان ڪم وٺڻو پيو.

’علي‘ ڏهن سالن کان بہ وڌيڪ عرصي کان يورپ ۾ هو. هن وچ اوڀر ۽ ايشيا جي باري ۾ تفصيلي مضمون ۽ مقالا لکيا هئا. هن جي ڏاڙهي ڳاڙهي هئي ۽ سندس منهن تي مرڪ اچڻ جو ڪو سوال ئي نہ هو. هن جي اسٽائيل ٻڌايو ٿي تہ هو گولين جي برسات ۽ بمن جي ڌماڪن ۾ بہ نهايت پرسڪون ۽ مطمئن رهندو هوندو.

يورپ ۾ ڊگهو عرصو گذارڻ جي باوجود بہ هو پنهنجي نظرين ۾ سخت تنگ نظر ۽ سخت يهود دشمن هو. هڪ ڀيرو ڳالهيون ڪندي هن چيو، ”اوهان کي خبر آهي تہ آمريڪا جي پرڏيهي پاليسيءَ کي يهودي هلائين ٿا؟ برجر، البرائيٽ ۽ ڪوهن“ مون کيس چيو تہ واشنگٽن ۾ بہ انتهائي سگهارا شخص بل ڪلنٽن ۽ الگور آهن، جن جي پاليسي بيشڪ اسرائيل نواز آهي. هو ٻيئي ڏکڻيا هسٽبسٽ عيسائي آهن.

’عليءَ‘ مون کي افغانستان ۾ رهائش ۽ چرپر جي باري ۾ ڪيتريون ئي مفيد ڳالهيون ٻڌايون. هن ٻڌايو تہ اسامہ جي انٽرويو جي لاءِ اسان کي ڏهن ڏينهن کان وٺي ٻن هفتن جو وقت کپي ۽ سندس اهو اندازو سؤ سيڪڙو درست هو. هن اهو بہ چيو تہ، ”جڏهن تون افغانستان ۾ گهڙندين تہ وقت جي رفتار، سُست ٿي ويندي ۽ تنهنجي ٻُڪ وڏي ويندي.“ سندس اها ڳالهہ بہ صحيح نڪتي. عليءَ مون کي اها هدايت ڪئي تہ اسين جڏهن بہ ٽيليفون تي ڳالهايون تہ، اشارن ۾ ڳالهيون ڪريون. ڪڏهن ڀلجي بہ اسامہ جو نالو نہ وٺون. جلال آباد جي باري ۾ جتي اسامہ رهي ٿو، ڪڏهن بہ نالو نہ وٺون، پر اهو چئون تہ اسان کي هڪ همراهہ سان ملڻ جي لاءِ ڪويت وڃڻو آهي.

هڪ ڏينهن خالد مونکي گهرايو ۽ ٻڌايو تہ وٽس اُسامہ بن لادن جي ميڊيا ايڊوائيزر جي ڪال آئي آهي. ايڊوائيزر بي بي سي، سي بي ايس جي سٺ منٽن جي پروگرام يا سي اين اين جي لاءِ اسامہ جي پهرينءَ ٽي وي انٽرويو جي تائيد ڪئي ۽ چيو تہ سي اين اين جا پروگرام سڄي دنيا ۾ ڏٺا وڃن ٿا. جڏهن تہ سي بي ايس فقط آمريڪا ۾ ڏٺي ويندي آهي. خالد مونکي سندس ٻي ڪال جو اوسيئڙو ڪرڻ جي لاءِ چيو. آئون آمريڪا موٽي ويس.

ٻي ڪال مون کي هڪ مهيني کان پوءِ موصول ٿي. طئي اهو ٿيو تہ انٽرويو پيٽر آرنيٽ (Peter Arnett) وٺندو، جنهن ويٽنام ۾ ڏهن سالن تائين رپورٽنگ ڪئي هئي. انهيءَ آڌار تي هن صحافت جو پلٽزر (Pulitzer) انعام حاصل ڪيو هو ۽ نهايت جرئت سان عراق تي اتحادين جي حملي جي دوران، بغداد ۾ ترسيو پيو هو ۽ سي اين اين جي لاءِ رپورٽنگ ڪندو رهيو. انهيءَ ٽيم جو ڪئميرا مين پيٽر جووينل (Peter Jouevenal) هڪ اڳوڻو برطانوي آرمي آفيسر هو، جنهن دنيا جي ڪنهن بہ صحافيءَ کان وڌيڪ افغانستان ۾ وقت گذاريو هو. هن افغانستان جي گاڏي واري هنڌ ڪابل ۾ مسواڙ تي هڪ گهر بہ ورتو هو. جتي هو پنهنجون موڪلون گذاريندو هو. اسامہ سان انهيءَ ملاقات کان چار سال اڳ آئون انهيءَ وقت آرنيٽ ۽ جووينل سان گڏ افغانستان ويو هئس، جڏهن افغانستان جي وزير اعظم گلبدين حڪمت يار کي ڪابل ۾ پنهنجون ذميواريون سنڀالڻ کان روڪيو ويو هو ۽ هو شايد دنيا جي تاريخ جو اڪيلو وزير اعظم هو، جنهن کي روزانو پنهنجي گاڏيءَ جي هنڌ تي گولاباري ڪرڻي پوندي هئي.

اسان لنڊن کان پاڪستان جي لاءِ پنهنجي سفر جي شروعات ڪئي. پي آءِ اي جي اُڏام تي استيواردس کي ساڙهي ۽ اسڪارف پاتل هو ۽ هو مسافرن کي مختلف قسمن جون ٻوڙون پيش ڪري رهيون هيون، جيڪي هڪ لحاظ کان اسان جي منزل جي نون ذائقن جي شروعات هئي. اُڏام شروع ٿيڻ کان پهرين محفوظ سفر جي لاءِ الله تعاليٰ جي حضور ۾ دعا گهري وئي. پي آءِ اي جي پراڻن جهازن کي نظر ۾ رکندي اها هڪ احتياطي تدبير هئي.

اسان جو جهاز پاڪستان جي گاڏيءَ جي هنڌ اسلام آباد ۾ صبح جو اسر ويل لٿو. جهاز مان ٻاهر نڪرندي ئي مون سڙيل ڇپر جي بدبوءِ سان ڀريل

فضا ۾ هڪ ڏکهو ساهہ کنيو. جيڪا ننڍي ڪنڊ جي آب هوا ۽ ماحول جي سُجاتپ هئي. اسين پنهنجي وين ۾ سوار ٿياسين ۽ اها اسلام آباد جي خاموش رستن تي ڊوڙڻ لڳي. پس منظر ۾ اُترينءَ پاڪستان جا سرسبز ۽ شاداب پهاڙ نظر اچي رهيا هئا. پاڪستان جي شهرن ۾ هر وقت هل بکيڙو ۽ بي ترتيبي نظر ٿي اچي. پر اسلام آباد بيحد منظم طور تي ترتيب سان آباد ڪيو ويو آهي. اسين سرڪاري آفيسرن ۽ پرڏيهي سفارتڪارن جي خوبصورت بنگلن جي سامهون لنگهياسين. آئون آمريڪي سفارتخاني ويس تہ جيئن افغانستان ۾ سيڪيورٽي جي باري ۾ تازي معلومات حاصل ڪري سگهان. انهن ملڪن وانگر، جتي آمريڪا کي پسند نہ ڪيو ويجي ٿو ۽ ساڳئي طرح نفرت بہ ڪئي ويجي ٿي. اسلام آباد ۾ قائم آمريڪي سفارتخاني جي عمارت بہ هڪ ”ميڊيم سيڪيورٽي“ جو منظر پيش ڪري رهي هئي.

ڪمپائونڊ جي چوڌيواري کي خاردار تارن سان محفوظ ڪيو ويو هو. اصل عمارت تائين پهچڻ جي لاءِ مون کي ٻن بلٽ پروف چيڪ پوائنٽس مان لنگهڻو پيو. آمريڪي سفارتخاني جي پراڻي عمارت کي 1979ع ۾ عوام جي ميڙ ساڙي ڇڏيو هو. 1988ع ۾ آمريڪي سفير جهاز جي هڪ حادثي ۾ مري ويو هو، ساڳئي جهاز ۾ پاڪستان جو فوجي حڪمران جنرل ضياءالحق ۽ سندس ٻيا اهم فوجي ساٿي پڻ سوار هئا.

ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ اسين پنهنجو سامان گاڏيءَ ۾ رکي رهيا هئاسين تہ جيئن پشاور روانا ٿي سگهون. پشاور، افغانستان جي لاءِ هڪ جمپنگ پوائنٽ جي حيثيت رکي ٿو. اسان کي گرانڊ ٽرنڪ روڊ تي سفر ڪرڻو هو، جيڪو شايد دنيا جي خطرناڪ ترين رستن مان هڪ هو. ڊرائيونگ جو اهو تجربو مونکي ياچمار ياد رهندو. انهيءَ رستي تي ڊرائيور ائين گاڏيون هلائيندا آهن، ڄڻ هو ڪنهن قاعدي قانون جا پابند نہ هجن. سندن گاڏيون ڪنهن ڪڪڙ وانگر هيڏانهن هوڏانهن ٿينديون رهنديون هيون. اسان کي انهيءَ بي قاعده ڊرائيونگ جو شڪار ڪيتريون ئي گاڏيون رستي جي ڪناري تي پيل نظر آيون. ڪيترن هنڌن تي تہ حادثن جو شڪار بسن جا ڍانچا پڻ پيل نظر آيا. ايترن حادثن جو سبب شايد اهو هو تہ ڊرائيور نشو ڪري، پوءِ گاڏيون هلائيندا هئا.

اٽڪ سفر طئي ڪرڻ کان پوءِ اسان سنڌو درياءَ پار ڪيو. اهو دريا تبت

جي پهاڙن مان نڪري ٿو ۽ مٿاهين ٽڪرين ۽ ماٿرين مان گذرندو پاڪستان جي ميداني علائقن کي سيراب ڪندو آهي.

پشاور جي پرسان اسين پاڪستان جي سڀ کان وڏي مدرسي وٽان لنگهياسين، جيڪو 'دارالعلوم حقانيه' سڏبو آهي. انهيءَ اداري مان پڙهي فارغ ٿيل سوين ڪتابي اسامہ بن لادن جي مقصدن لاءِ ڪم ڪندا آهن. انهيءَ مدرسي کي 'طالبان تحريڪ' ۾ اُهائي حيثيت حاصل آهي، جيڪا آمريڪا ۾ هارورڊ کي.

پوءِ اسين پشاور پهتاسين، جيڪو هڪ ميتوڙي 'وائلڊ ويسٽ' قسم جو شهر آهي. پشاور پاڪستان جي اُترينءَ اولهندي سرحدي صوبي جي گاديءَ جو هنڌ آهي. هتان کان اڳتي خيبر لُڪ آهي، جيڪو هندوڪش جي بلند پهاڙن وٽان گذري افغانستان ۾ داخل ٿي وڃي ٿو. افغان جهاد جي دوران پشاور، ايشيا جو 'ڪاسا بلانڪا'(1) بڻجي ويو هو. جيڪو جاسوسن، صحافين، امدادي ڪارڪنن ۽ پناهگيرن سان ڀريل هو. پشاور اينڊڙ ويندڙن ۾ اسامہ بن لادن ۽ ٻيا عرب مجاهد بہ شامل آهن.

پشاور جي پرل ڪانٽينيٽل هوٽل جي ٻاهر لابيءَ ۾ هڪ وڏو سائن بورڊ لڳل هو، جنهن تي لکيل هو تہ هوٽل ۾ اينڊڙ سيئي مهمان مهرباني ڪري پنهنجي محافظن جا هٿيار فرنٽ ڊيسڪ تي جمع ڪرائين. منهنجي ڪمري ۾ سائي رنگ جي هڪ تير جو نشان هو، جيڪو مڪي (ڪعبة الله) جي طرف جي نشاندهي ڪري رهيو هو. سيئي مسلمان اُن طرف منهن ڪري نماز پڙهندا آهن.

ٿوري دير کان پوءِ آئون هوٽل جي بار ۾ گهڙيس. پاڪستان ۾ اهڙا تمام گهٽ هنڌ آهن، جتي اوهين شراب پي سگهو ٿا. پر شرط اهو آهي تہ اوهين غير مسلم هجو. هوٽل جي مٿين ماڙ تي 'گل بار' هو. هتي مقامي طور تي تيار ڪيل شراب بہ پيش ڪيو ويندو هو. 'بار ٽينڊر' مون ڏانهن هڪ فارم وڌايو، جنهن ۾ غير مسلم پرڏيهين جي لاءِ پرڏيهي شراب جي استعمال يا پاڻ وٽ رکڻ جي موڪل جو فارم لکيل هو. اهو فارم ڀرڻ کان پوءِ مونکي شراب پيئڻ جي موڪل هئي.

آئون هُل بکيڙي ۽ آلودگيءَ کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ جي لاءِ

(1) ڪاسا بلانڪا، رومي سمنڊ جي ڪنڌيءَ تي، يورپ جي سامهون هڪ بندرگاهہ آهي. جيڪو ٻي مهاڀاري لڙائي ۾ اُن کان پوءِ بہ سيڪريٽ ايجنٽن ۽ جاسوسن جو گڙهہ رهيو آهي. هي شهر مراڪش ۾ آهي - سنڌيڪار.

’ڳورن‘ جي هڪ قبرستان ۾ هليو ويس. جتي ڊزن کن برطانوي فوجي آفيسر ۽ سپاهي دفن هئا. پشاور، اُڻويهہ صديءَ جي انهيءَ گريٽ گيم ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هو، جنهن برطانيا ۽ روس وچ ايشيا تي ڪنٽرول حاصل ڪرڻ جي لاءِ هڪ ٻئي سان الجهيل هئا. اهو قبرستان ان وقت جي انگريز فوجين کي درپيش تڪليفن ۽ سخت زندگيءَ جو آئينو هو. هڪ قبر جي ڪتبي تي لکيل هو، ’ليفٽيننٽ ڪرنل ايوارڊ هينري لي مارچ‘ جنهن کي 25 مارچ 1898ع تي هڪ ’فناٽڪ‘ گولي هڻي ماريو. ٻي قبر جي ڪتبي تي لکيل هو ’جارج مچل رچمنڊليوٽ‘ 20 هين پنجاب انفنٽري (عمر 23 سال) جيڪو 27 آڪٽوبر 1863ع تي هڪ ڏينهن اڳ ايگلونيسٽ پڪٽ، امبيلا لڪ جو بچاءُ ڪندي، زخمي ٿي فوت ٿيو، هو هڪ سٺو سپاهي ۽ سچو عيسائي هو. ٽين قبر جو ڪتبو هو، ’ليفٽيننٽ ڪرنل والترارون‘ جيڪو پشاور ويلي هنٽ ۾ ’ناگورومن دريا‘ وٽ مئو.

اسان جي افغانستان ۾ گهڙڻ کان فقط هڪ هفتو اڳ طالبان حڪومت فتويٰ جاري ڪئي هئي تہ ڪنهن بہ جيئري شئي جي فلم يا تصوير ڪڍڻ اسلام جي خلاف آهي. انهيءَ فتويٰ اسان جي پراجيڪٽ لاءِ ڏکيايون پيدا ڪري ڇڏيون. انهيءَ کان اڳ طالبان فوٽ بال، لغڙ اڏائڻ، موسيقي ۽ ٽيلي ويزن تي پابنديءَ کان سواءِ اسڪولن ۽ آفيسن ۾ عورتن جي داخلا تي پابندي هڻي چڪا هئا. تنهن ڪري وڊيو ٽيپ وغيره جي مسئلن بابت واقفيت حاصل ڪرڻ جي لاءِ مون پشاور ۾ طالبان جي قونصل خاني وڃڻ جو فيصلو ڪيو. جتي ڪجهہ سختگير نندي وهيءَ وارن ڇوڪرن منهنجو آڌر ڀاءُ ڪيو. مون کي سندن حالت ڏسي بيحد افسوس ٿيو. افغانستان 1978ع کان لڳاتار جنگ جي حالت ۾ هو. مون ڪانئن قونصل جنرل جي باري ۾ پڇيو. مونکي ٻڌايو ويو تہ قونصل جنرل موجود ڪونهي.

ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ منهنجو گائيڊ علي آيو ۽ ٻڌايائين تہ افغانستان ۾ داخل ٿيڻ جا سيئي انتظام مڪمل ٿي چڪا آهن. ٻي ڏينهن صبح جو اسان جي وين هوٽل کان ٻاهر نڪري رهي هئي. اسان کي نوين بجي کان اڳ خيبر رائفلز رجمينٽ جي اڏي تائين پهچڻو هو. ريجمينٽ جا هٿياربند سپاهي پاڪستان ۽ افغانستان جي وچ ۾ خيبر لڪ جي سفر ۾ اسان جي حفاظت لاءِ مقرر ٿيل هئا. انهيءَ بفرزون کي خيبر ايجنسي بہ چيو وڃي ٿو. برطانيا کي هن

خطي جي قانون شڪن قبائلين کي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ ڪافي ڏکيائين کي منهن ڏيٺو پيو هو. قبائلي پنهنجي ڇيڙي نبيري جا پاڻ ئي مالڪ هئا. برطانوي قانون فقط انهيءَ رستي تائين محدود هو، جيڪو خيبر لڪ مان گذرندو هو. اهو طريقو اڄ بہ جاري ۽ ساري آهي. اوهان جيئن ئي رستي تان هيٺ لهو تا تيئن قبائلي علائقي ۾ اچي تا وڃو، جتي پاڪستان جي بدران قبائلي قانون تو هلي. خيبر لُڪ جي قبائلين جو پراڻو ڌنڌو ۽ رواج پُنگ لاءِ اغوا ۽ هيروئن جي سمگلنگ تي مشتمل آهي. تنهن ڪري پاڪستاني حڪومت پاران حفاظتي دستي جي فراهمي اسان جي لاءِ ڏاڍي اهم هئي.

البت اسان کي انهيءَ مهل سخت پريشاني محسوس ٿي، جڏهن اسان پنهنجي محافظ کي ڏٺو، جيڪو هڪ جهونو قبائلي هو. سندس 'لي انيفيلڊ رائفل' شايد پهرين مهاڀاري لڙائي سان واسطو تي رکيو ۽ انهي کان پوءِ استعمال نہ ٿي هئي.

اسين خيبر ايجنسي جي آفيس ۾ پهتاسين. ايجنسيءَ جون آفيسون اوٽيهين صدي جون اڏيل هيون. پيتين تي چمڪندڙ اڇو چُن ڪيل هو. پاڪستاني سرڪاري ملازم فائيلن جي ڍِڳن سان ويڙهيل نظر آيا. قبائلي پنهنجا مختلف مسئلا، معاملا ۽ شڪايتون هتي ڪٺي ايندا هئا. احاطي جي وچ ۾ هڪ ننڍو جيل هو، جنهن ۾ قيدين کي اهڙي حالت ۾ رکيو ويو هو، جو انهن کي ڏسي 'ايمنسٽي انٽرنيشنل' ڪڏهن بہ خوش نہ ٿئي ها.

هتي مختلف ڪاغذن تي صحيحن ۽ مهرن کان پوءِ اسان کي پنهنجي پاس ملي ويئي. قديم رائفل مين اسان جي وين جي اڳين سيٽ تي ٽپ ڏيئي ويهي رهيو، جتي هو آرام جي ننڊ ڪري تي سگهيو. تنهن کان پوءِ اسين روانا ٿي وياسين. ٻاهر رستي تي اسان کي هڪ چيڪ پوسٽ ملي، جنهن تي سائن بورڊ لڳل هو. "خبردار هن هنڌ کان اڳتي غير ملڪين جي داخلا تي بندش پيل آهي." اسان پنهنجي محافظ کي ننڊ مان جاڳايو ۽ هن بيريئر تي مقرر فوجين کي اسان جا ڪاغذ ڏيکاريا. اسان کي اڳيان وڌڻ جي موڪل ڏني ويئي. هاڻ اسين قبائلي علائقي ۾ هئاسين. رستي سان گڏ دوڪانن تي بندوقون وڪجي رهيون هيون، اڳيان ڪجهہ دوڪانن تي منشيات بہ وڪجي رهي هئي.

هتان کان ڏکڻ ۾ پنجويهہ ميلن جي فاصلي تي "دره" جي وسندي

هئي، جيڪا هٿيارن ۽ آتشگير اسلحي جي سڀ کان وڏي عالمي منڊي آهي. هتي اوهين فقط ستن ڊالرن ۾ فائونٽين پين جي شڪل جو پستول خريد ڪري سگهو ٿا، جيڪو هڪ وقت فقط هڪ گولي هلائي ٿو. هتي مشين گنون، فليم ٿرووَرز ۽ راڪٽ پروپيلڊ گرنيڊز (RPGs) بہ وڪرو ٿي رهيون هيون. فقط پنجاهہ ڊالر ڏيئي اوهين نردوڪاجو فائر ٽيسٽ ڪري سگهو ٿا. هن علائقي ۾ بندوق ساز نيڪ ناڪ ڪاروبار ڪري رهيا آهن. قبائلي علائقي ۾ ڪوبہ مرد پنهنجي هٿيارن کان سواءِ گهر کان ٻاهر نٿو نڪري.

اسان خيبر لڪ کان اڳيان پنهنجو سفر جاري رکيو. جتي ننڍو کنڊ وچ ايشيا سان ملي ٿو. سڪندر اعظم جا سپاهي هندستان جيتڻ جي لاءِ هن ئي رستي کان آيا هئا. هڪ پٽ تي، ٻي وڏي سلطنت يعني برطانيا جا آثار برٽش ريجمينٽ جي هڪ نشان جي صورت ۾ موجود آهن.

اسين اڳيان وڌندا رهياسين. ٽڪريون اُتاهين ٽڪرين ۾ بدلجنديون ويون. پهاڙي لاهين ۽ چوٽين تي قبائلين جا گهر ٽهيل هئا. ڪٿي ڪٿي ننڍيون قلعي نما حويليون هيون. رستي جي ويجهوئي حاجي ايوب آفريديءَ جو قلعي وانگر ڪمپائونڊ هو، جيڪو پاڪستان جي وڏن منشيات فروشن مان هڪ آهي. هن جي بدنام شهرت ڪڏهن بہ سندس قومي اسيمبليءَ جي ميمبر ٿيڻ ۾ رڪاوٽ نہ بڻي. هڪ پيري آئون هڪ اهڙي پاڪستاني سان مليس، جيڪو 'آمريڪي ڊرگ انفورسٽمينٽ ايڊمنسٽريشن' ۾ مخبر جي حيثيت سان ڪم ڪري رهيو هو. هو سدائين مخبرن ۽ جاسوسن وانگر لڳندو هو، ڇڻ راتين جو جاڳيل هجي. هن ٻڌايو تہ آفريديءَ جي گهر جي اڏاوت ۾ ڇئن سالن جو عرصو لڳو. انهيءَ گهر جي ديوارن ۾ ڳجهيون سرنگون بڻايون ويون آهن. هن جو پنهنجو بجلي گهر آهي. چوديواري جي اندر وڏو باغ لڳل آهي. هن پنهنجي گهر جي حفاظت واسطي طيارا شڪن توپون لڳائي رکيون آهن. وٽس ايترا تہ هٿيار آهن، جو هو هڪ سڄي بريگيڊ جي حملي کي روڪي سگهي ٿو.

ڪجهہ دير سفر ڪرڻ کان پوءِ اسين 'لنڊي ڪوتل' پهتاسين، جيڪو خيبر لڪ جي وچ ۾ آهي، جنهن جو شمار دنيا ۾ هيروئن جي سمگلنگ جي وڏن مرڪزن ۾ ٿئي ٿو. شهر جي رستن تي هٿياربند همراهہ گهمي رهيا هئا. ڪن کي پختون ثقافت جون مظهر ٽوپيون تہ ڪن کي وري پڳڙ ٻڌل هئا. سندن بندوقون، سندن ڪلهن ۾ لڙڪي رهيون هيون. لڪ لڳاتار بُلند ٿيندو

ويو. ايستائين جو اسين پاڪستاني فوج جي هڪ قلعي تائين پهتاسين. هتي اسان جي سامهون افغانستان جي سرزمين پکڙيل نظر آئي.

مون جڏهن بہ افغانستان جي پُراسرار سرزمين جو تصور ڪيو آهي، مون کي پنهنجي جسم ۾ سنسني پکڙجندي محسوس ٿي آهي. افغانستان اسرار جي پردن ۾ لڪيل آهي. افغانستان اڄ بہ وچينءَ اونداهي دؤر ۾ جيئرو آهي. جديد زندگي کان محرومي سنسني خيز بہ آهي تہ پريشان ڪَندڙ پڻ. هتي فطري حسن پڻ هنڌ هنڌ تي پکڙيل نظر ٿو اچي. اسپيني فاتح 'هرنان ڪارٽينر' کان ڪنهن پڇيو تہ هو ميڪسيڪو جي تصوير ڪيئن ڪيندو؟ تہ هن هڪ ڪپڙي تي جابلو سلسلي جي تصوير ٺاهي. افغانستان بہ بلڪل ائين ئي آهي.

افغانستان جي فضا صاف، شفاف ۽ روشن آهي. هر شئي تيز روشنيءَ ۾ چمڪندي نظر اچي ٿي. جيتوڻيڪ افغانستان هڪ ڊگهي عرصي کان جنگ جي حالت ۾ آهي، پر هتي اهڙو سڪون محسوس ٿئي ٿو، جنهن جو تجربو اولهہ ۾ نٿو ڪري سگهجي.

سرحد تي افغانستان جي حدن جي اندر جيڪا وسندي هئي، انهي جو نالو 'پدلام' هو. اسان کي توقع هئي تہ طالبان محافظ اسان کي ڪنهن امدادي ايجنسيءَ جو ڪارڪن تصور ڪندا ۽ اسان کان ويزا جا ڪاغذ نہ گهرندا ۽ ائين ئي ٿيو. هنن پڇا ڳاڇا کان سواءِ ئي اسان کي ڇڏي ڏنو. اسين جڏهن اڳيان روانا ٿياسين تہ اسان ڪيترن ئي هنڌن تي وڊيو ۽ آڊيو ٽيپس جون ڊگهيون تارون پکڙيل ڏٺيون، جيڪي طالبان، سيلانين کان ڦري اڇلي ڇڏيا هئا. اهو چڱو ئي ٿيو جو هنن اسان جي جهڙتي نہ ورتي، نہ تہ شايد اسان جي وڊيو ٽيپس جو بہ اهوئي حشر ٿئي ها.

سرحد کان ڪجهہ اڳ پرو اسان کي هڪ وڏو قبرستان نظر آيو. ڪن قبرن تي ساوا جهنڊا لهرائي رهيا هئا، جيڪي ان ڳالهہ جي علامت هئا تہ اهي قبرون انهن عرب مجاهدن جون آهن، جيڪي روس جي خلاف وڙهندي شهيد ٿيا.

"هي اهوئي هنڌ آهي، جتي مون روسين جي خلاف جنگ ۾ حصو ورتو هو." عليءَ ٻڌايو. هتان جي زمين اهڙي طرح ڪٽيل هئي، ڄڻ چنڊ جي سطح هجي. انهن ڪليل پٿريلن ميدانن ۾ وڙهڻ وارن مجاهدن پڪ سان غير

معمولي همت، بهادري ۽ مڙسيءَ جو مظاهرو ڪيو هوندو. ڇو تہ هتي ڪٿي بہ ڪا لڪڻ جي جاءِ نہ هئي. اسامہ بن لادن جي قيادت ۾ وڙهندڙ عرب مجاهدن جي بهادري متاثر ڪندڙ هئي.

هڪ پاڪستاني صحافي رحيم الله يوسفزئي موجب عرب پنهنجا سفيد خيما ڪليل هنڌن تي هڻندا هئا تہ جيئن روسي مٿن حملو ڪن ۽ هو سائڻ وڙهي شهيد ٿين. مون هڪ شخص کي ڏٺو، جيڪو فقط انهيءَ لاءِ روئي رهيو هو، جو هو شهيد ٿي نہ سگهيو. جهاد ۾ مرندڙ مسلمان شهيد ٿي سڌو جنت ۾ ويندو آهي. مسلمانن جي روايتن موجب هر شهيد کي جنت ۾ ستر حورون ملنديون.

اسين هڪ اهڙي هنڌان لنگهياسين، جيڪو ڪنهن زماني ۾ وڏو ڳوٺ رهيو هوندو. پر هاڻ سميرين جي تهذيب سان واسطو رکندڙ قديم آثار وانگر نظر اچي رهيو هو. هتي ٿيل گهرن جون فقط پتيون باقي بچيل هيون. روسين اهڙا هزارين ڳوٺ تباهہ ڪري ڇڏيا هئا، جنهن جي نتيجي ۾ پنجاهہ لک پناهگير پاڪستان وڃڻ تي مجبور ٿيا. ۽ ڏهہ لک افغان مارجي ويا هئا. جڏهن تہ افغانستان جي مجموعي آبادي ڏيڍ ڪروڙ جي لڳ ڀڳ هئي.

اسين جلد ئي پٿريلن ميدانن مان لنگهي سرسبز ۽ شاداب ٻنين ۽ باغن ۾ پهتاسين. جلال آباد ويجهو هو. اسان کي اُسامہ بند لادن کان انٽرويو وٺڻ جي لاءِ هتي ترسڻو هو. اسامہ پنهنجي ڪيترين ئي زالن ۽ ٻارن سان شهر کان ٻاهر خيمن ۾ رهندو هو.

اسين جلال آباد شهر ۾ گهڙياسين تہ رستن تي وڇايل غاليچا ڏسي پريشان ٿي وياسين. ڪنهن ٻڌايو تہ مقامي واپاري اهي غاليچا رستن تي انهيءَ ڪري وڇائي ڇڏيندا آهن، جيئن پرڏيهي سيلانين جون ڪارون انهن تان لنگهن ۽ هو انهن کان ڏنڊ وصول ڪري سگهن.

اسان جي قيام جو بندوبست 'اسپرنگ هار هوٽل' ۾ ڪيو ويو، جيڪا سفيد برف سان ڍڪيل جابلو چوٽين سان منسوب هئي، جيڪي اسان کي هتان کان ڏکڻ طرف نظر اچي رهيون هيون. آءٌ اڄ کان چار سال اڳ بہ 'اسپرنگ هار هوٽل' ۾ رهي چڪو هئس. سوويت قبضي جي زماني ۾ هتي روسي فوجي آفيسر ٽڪندا هئا. پر هاڻ هن ۾ ڪافي تبديليون ٿي چڪيون هيون. هڪ افغان واپاري، جيڪو جنگ جي زماني ۾ 'ڪيلي فورنيا' هليو

ويو هو، تنهن واپس اچي هوٽل جو قبضو ورتو. ان جي چئني پاسن باغ ۽ باغيچا لڳرايا. نوان رنگ ۽ روغن ڪرايا ۽ گرم پاڻيءَ جو سهولتون فراهم ڪيون. اسان جي اچڻ کان اڳ طالبان 'اسپرنگ هار هوٽل' جي ڊائننگ هال ۾ 'ڪينگرو ڪورٽ' هنئي هئي ۽ هوٽل جي مالڪ تي ڪيتريون ئي پابنديون هٽي چڙيون هيون. هوٽل جو مالڪ پنهن جي منهن تي بي وسي ۽ چڪتاڻ جا آثار ڪٽي پسار ڪري رهيو هو.

لفظ 'طالبان' طالب جي جمع آهي جنهن جي معنيٰ مذهبي ڪتابي آهي. طالبان مذهبي مدرسن جي ڪتابين جو گروهہ آهي. جنهن 1990ع واري ڏهاڪي ۾ افغانستان جي گهڻي تڻي حصي تي ڪنٽرول حاصل ڪري ورتو هو. طالبان، اُسامہ کي مڪمل تحفظ فراهم ڪيو. ڇو تہ روس جي خلاف هٿياربند جدوجهد ۾ اسامہ سندن مڪمل مدد ڪئي هئي. اها امداد ۽ سهڪار بہ طرفو هو. مون لنڊن ۾ خالد الفوز کان پڇيو تہ اوهان جي خيال ۾ اسلامي رياست ڪيئن هئڻ کپي تہ خالد وراڻيو "افغانستان ۾ طالبان انهيءَ جو مثال قائم ڪري رهيا آهن."

جلال آباد ۾ مونکي طالبان، جاپاني ماڊل جي ٽرڪن تي اڇا جهنڊا لهرائيندا هيڏانهن هوڏانهن ايندي ويندي نظر آيا. اهي طالبان مجاهد پنهنجي اڇين يا ڪارين ٽوپين سان تي سجاتا ويا. شهرن ۾ عورتون ايترو تہ سخت پردو ڪنديون هيون، جو سندن سڄو جسم هڪ برقعي ۾ لڪيل هوندو هو. هڪ ڏينهن مون جلال آباد ۾ زبردست ٽريفڪ جام ڏٺو. ٿوري دير کان پوءِ مون کي انهيءَ جو سبب معلوم ٿيو. سموري ٽريفڪ نماز جي ادائيگي جي لاءِ روڪي ويئي هئي، جن ماڻهن نماز نٿي پڙهي، طالبان ڪين نماز پڙهڻ تي مجبور ڪندا هئا.

طالبانن جي سخت گير هئڻ جي شهرت جي باوجود اسين ڪيترن ئي ڏينهن تائين جلال آباد ۾ ڦرندا رهياسين ۽ اسان کي نہ ڪنهن روڪيو ۽ نہ وري ڪا پڇا ڳاڇا ڪئي. يا تہ طالبانن ۾ ايتري اهليت نہ هئي يا وري هو اسان جي اصل مشن کان واقف هئا. اها ڳالهہ بہ ٻين ڪيترين ئي ڳالهين جيان مونکي ڪڏهن بہ سمجهہ ۾ نہ آئي.

طالبان جي حڪومت کي دنيا ۾ فقط ٽن حڪومتن تسليم ڪيو هو. انساني حقن جي حوالي سان انهن تي سخت تنقيد ڪئي ويندي هئي. عورتن

جي تعليم تي پابندي هٽڻ کي اعتدال پسند مسلمانن ڪڏهن بہ پسند نہ ڪيو. پر طالبان جا بدترين مخالف بہ اها ڳالهہ مڃين ٿا تہ هنن افغانستان ۾ امن امان قائم ڪري ڇڏيو هو.

1990ع واري ڏهاڪي ۾ افغانستان هزارين ننڍين ننڍين سردارين ۾ ورهائجي ويو هو. آئون جڏهن 1983ع ۾ افغانستان ويو هئس تہ مون سڄي افغانستان کي بدترين طوائف الملوڪيءَ جو شڪار ٿيل ڏٺو. ڪابل شهر بہ مختلف مذهبي ۽ نسلي مليشيا گروپن ۾ ورهايل هو. شيعہ مليشيا جي هڪ پوسٽ تي سپاهين مون کي هڪ طياره شڪن توپ تي ويهڻ ۽ ان کي هلائڻ جي موڪل ڏني. ڪين انهيءَ ڳالهہ جي ڪابہ پرواهہ نہ هئي تہ توپ جا اهي گولا شهر ۾ ڪنهن بازار تي بہ ڪري ٿي سگهيا ۽ معصوم ماڻهو مري بہ ٿي سگهيا. انهن مليشيائن ۾ ڪيترائي پيدل سپاهي ننڍي عمر وارا هئا. مون ٽن ڇوڪرن جي هڪ گروپ کي ڏٺو. هڪ جي هٿ ۾ دستي بم ۽ ٻي کي راڪيٽ لانچر کنيل هو. جڏهن تہ ٽين ڇوڪري جي ڪلهي تي بندوق لڙڪي رهي هئي. اُنهيءَ جي عمر وڌ ۾ وڌ ڏهہ سال هئي. مون انهن جا ڪجهہ فوٽو ڪڍيا. انهيءَ گهرو ويڙهہ سڄي علائقي کي کنڊر ۾ بدلائي ڇڏيو هو. قديم محلن جون ڀتيون گولين سان پروڻ هيون. ڪابل جي عجائب گهر جنهن ۾ ٻُڌمت ۽ فنون لطيفہ جا سوين شاهڪار رکيل هئا، تباهہ ٿي رهيو هو. انهي جي ڇت مارٽر گولن سان ٽٽي چڪي هئي. 1930ع جي رولس رائس ڪار جيڪا ڪڏهن افغانستان جي بادشاهن جي استعمال ۾ رهي هئي. ڪباڙو ٿي ميوزم جي هڪ حصي ۾ پئي هئي. ڪابل ايئر پورٽ جي رن وي تي ٻرڙن جي منهن جهاز ڍانچن جي صورت ۾ پيا هئا، ائين پي لڳو تہ افغانن هنن جي ڳاڏي جي هنڌ سان "بزڪشي" راند کيڏي آهي. اها راند پولو سان ملندڙ جلندڙ آهي. جنهن ۾ وحشيانہ حرڪتن جو مظاهرو ڪيو ويندو آهي. انهيءَ راند ۾ گهوڙي سوار ڪنهن ڳابي يا ٻڪريءَ جي سِسيءَ بنا ڌڙ کي ڦرڻ لاءِ هڪٻئي سان مقابلو ڪندا آهن. انهيءَ راند جي اصولن موجب انهيءَ ڳابي کي ڪڏهن گهليو ويندو هو تہ ڪڏهن کنيو ويندو هو ۽ ڪڏهن وري مخالف رانديگر اهو کسي وٺندا هئا. هاڻ ڪابل شهر 'بزڪشين' جو ڳابو هو. اهڙين حالتن ۾ طالبان اُڀري آيا.

عوام، سردارن ۽ هٿياربند گروپن کي غنده ٽئڪس ڏيئي ڏيئي بيزار

تي چڪو هو. 1994ع ۾ ٻن مقامي سردارن جي وچ ۾ هڪ خوبصورت ڇوڪري (لونڊي) کي حاصل ڪرڻ تان جنگ ٿي، قنڌار جي بازارن ۾ ٽينڪن سان خونريزي جنگ وڙهي ويئي. جنهن جي نتيجي ۾ مقامي عالمن جي صبر جو پئمانو ڇلڪي پيو. مقامي اسلامي مدرسي جي هڪ جٿي، مدرسي جي مولوي 'ملا محمد عمر' جي اڳواڻيءَ ۾ اوچتو شهر تي قبضو ڪري ورتو ۽ شهر کي سردارن جي غنڊا ٽئڪس کان ڇوٽڪارو ڏياريو ۽ شهر ۾ امن ۽ امان قائم ٿيو. ٻن سالن جي عرصي ۾ 'ملا محمد عمر' ۽ سندس ساٿين افغانستان جي ڳچ حصي تي قبضو ڪري ورتو. طالبان جي ڪاميابي ۾ جتي هڪ پاسي بهترين ويڙهاڪ مجاهدن جو حصو هو ته ٻي پاسي هنن ايتري ته تيزيءَ سان حرڪت تي ڪئي جو هنن جو ڪير به مقابلو ڪري نه ٿي سگهيو ۽ يقيني طور تي طالبان پنهنجي ڪنٽرول وارن علائقن کي ڦورن ۽ ڌاڙيلن کان ڇوٽڪارو ڏياري هڪ محفوظ نظام قائم ڪيو. قنڌار ۽ ڪوئٽا جي وچ واري رستي تي ڪيترائي ڌزن مليشيا چيڪ پوسٽون هيون، جن تي ڦورن جو قبضو هو. جن کي رشوت ڏيڻ کان سواءِ ڪوبه سفر ڪري نٿي سگهيو. طالبان انهيءَ سفر کي محفوظ بنائي ڇڏيو. طالبان جي حڪومت ۾ هر قسم جا ڏوهہ سزا جي لائق هئا. طالبانن سخت اسلامي سزائون ڏيئي انهن تي ڪنٽرول حاصل ڪيو. چورن ۽ ڌاڙيلن جا هٿ وڍيا ويا. زنا ڪندڙن کي سنگسار ڪيو ويو. قاتل کي مقتول جي گهرائي جو مرد خود قتل ڪري بدلو وٺندو هو.

چورن جي هٿ وڍڻ جي سزا تي 'اسٽيڊيم' ۾ عمل ڪيو ويندو هو، ۽ هزارين ماڻهو انهيءَ سزا تي عمل ٿيندي ڏسندا هئا. انهن سزائن تي عمل ڪرڻ جي نتيجي ۾ ڏوهہ گهٽجي ويا. ملڪ ۾ امن ۽ امان جي قيام جي باوجود به افغانن جي هڪ طبقي طالبانن جي مذهبي ۽ سماجي پاليسين کي پسند نه ڪيو.

هڪ ڏينهن آئون جلال آباد جي وچ ۾ پنهنجي ساٿي رپورٽر آرنيٽ سان گڏ وڃي رهيو هئس ته ڪاري برقعي ۾ هڪ عورت منهنجي ويجهو آئي. جڏهن هوءَ اسان جي ويجهو آئي ته هن صاف سُٿري انگريزيءَ ۾ چيو، "هيلو! اوهين ڪيئن آهيو؟... گڊ مارننگ!" اسين ٻيهي هن جون ڳالهيون ٻُڌڻ لڳاسين.

هن چيو، ”طالبانن مونکي برقعو پائڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي. پر هو منهنجي خيالن کي بدلائي نٿا سگهن.“

جلال آباد جي انهيءَ هوٽل ۾ ڪيترن ئي ڏينهن جي اوسيئڙي کان پوءِ اسامہ بن لادن جو هڪ نمائندو اسان سان ملڻ آيو. هن شخص پنهنجو پاڻ کي اسامہ بن لادن جو ميڊيا ايڊوائزر ٿي چيو. هو بلڪل نوجوان هو. سندس وار ڪلهن تائين لڙڪيل هئا. مٿي تي پٽڪو ۽ اکين تي ڪارو چشمو پاتل هئس. هن جو لهجو غير دوستاڻو تہ نہ هو، پر هو ڪاروباري انداز ۾ ڳالهائي رهيو هو. هن اسان کي چيو تہ هو اسان جي ڪئميرا ۽ صدابنديءَ جا اوزار ڏسي سگهي ٿو؟ اسان جي اوزارن جو معائنو ڪرڻ کان پوءِ هن چيو، ”اوهين انٽرويو جي لاءِ هي اوزار آڻي نٿا سگهو.“ پر اسان کي ان وقت اميد جو ڪرڻو نظر آيو، جڏهن ميڊيا صلاحڪار چيو تہ اسين سندس دستي ڊجيٽل ڪئميرائن جي ذريعي انٽرويو جي فلم بندي ڪري سگهون ٿا. مون کي خبر هئي تہ اسان جا پيشہ ور اوزار وڊيڪ سُٺي نموني ڪم ڪري سگهن ٿا. پر ميڊيا صلاحڪار سان بحث ڪرڻ بيڪار هو.

اسامہ بن لادن کي ڊپ هو تہ اجنبي ماڻهو پنهنجي اليڪٽرانڪ اوزارن ۾ ڪا بہ ٽريڪنگ ڊيوائس لڪائي آڻي ٿي سگهيا، جنهن جي ذريعي اسامہ جي نشاندهي ٿي سگهي ٿي. (انهيءَ سلسلي ۾ عليءَ، ٽيري ويٽ (Terry Waite) جو مثال ڏنو. جيڪو 1980ع ۾ بيروت ۾ مغربي يرغمالين کي ڇڏائڻ جي لاءِ اينجليڪن چرچ جي نمائندي طور آيو هو. پر پوءِ خود ڪيس گرفتار ڪري يرغمالي بنايو ويو، ڇو تہ سندس اوزارن ۾ اهڙو ٽرڪنگ اوزار مليو هو.)

اسامہ بند لادن جي ساٿين ڪنهن بہ تخريب ڪاريءَ جي امڪان کي ڇڏڻ نٿي چاهيو. اسان کي پنهنجون گهڙيون بہ آڻڻ جي موڪل نہ هئي؛ ميڊيا ايڊوائزر جا آخري لفظ هئا.

”اوهان فقط انهن ڪپڙن سان اچو، جيڪي اوهان کي پاتل آهن.“ هن اسان کي ٻڌايو تہ اسان کي ٻي ڏينهن نيو ويندو. ٻي ڏينهن منجهند جو هڪ نيري ورڪس ويگن اسان جي هوٽل جي دروازي تي اچي بيٺي. علي تيزيءَ سان اسان کي وٺي ويگن ۾ سوار ٿيو ۽ ويگن ۾ ويهي درين جا پردا ڇڪي ڇڏيائين. سج اولهہ طرف جهڪڻ شروع ٿيو هو.۽ اسان جي ويگن بہ اولهہ طرف ڪابل ويندڙ رستي تي ڊوڙي رهي هئي، وين جي اندر ٿي هٿياربند بہ

وينل هئا.

هڪ ڊگهي سرنگ ۾ سفر ڪرڻ ڪان پوءِ علي معذرت وارو لهجو اختيار ڪندي چيو، ”هن سفر ۾ هي اهو هنڌ آهي جتي مهمانن کي چيو ويندو آهي تہ جيڪڏهن هنن ڪو ٽريڪنگ اوزار لڪائي رکيو آهي تہ اسان کي ٻڌايو. ڪوبہ مسئلو پيدا نہ ٿيندو.“ اسان سندس انهيءَ ڳالهہ کي هيئن سمجهيو تہ ڪو مسئلو پيدا ٿيڻ جي صورت ۾ اسان کي قتل ڪيو ويندو. مون نروس ٿي پنهنجي ساٿين ڏانهن ڏٺو. ڇا آئون هنن تي يقين ڪري ٿي سگهيس تہ هنن وٽ اهڙو ڪو اوزار ڪونہ هو. پوءِ مون عليءَ کي پڪ ڏياري تہ اسان وٽ ڪجهہ بہ ڪونهي.

هاڻ رات ٿي چڪي هئي. آسمان تي سڄو چنڊ ۽ انهيءَ جي چانڊوڪي پکڙيل هئي ۽ اسين انهيءَ روشني ۾ مٿاهين ٽڪرين تان لنگهي رهيا هئاسين. ٿوري دير ڪان پوءِ اسين هڪ ننڍي پليٽو تي پهتاسين. وين بيهي رهي ۽ اسان کي ٻاهر نڪرڻ جي لاءِ چيو ويو. اسان کي اهڙيون عينڪون پارايون ويون، جن تي شيشن بدران ڪاغذ جا ٽڪرا لڳل هئا ۽ انهن مان ڏسڻ ممڪن ڪونہ هو. هتي اسان کي هڪ ٻي گاڏيءَ ۾ ويهاريو ويو. گاڏي هلڻ لڳي. ٿوري دير ڪان پوءِ اسان کي عينڪون لاهڻ جي موڪل ملي ويئي. اسين هڪ جيپ جي اندر هئاسين. جيپ جا شيشا اونداها هئا ۽ ٻاهر ڪجهہ بہ نظر نہ پئي آيو. رستو مٽي ٻي ويو ۽ چڙهائي ڏکي ٿيندي پئي ويئي.

ڪن هنڌن تي رستو ڪنهن پهاڙي چشمي جي پٿريلي تهہ محسوس ٿي ٿيو، پر رستي کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي هئي. انهيءَ دوران مون ۽ منهنجي ساٿين وات مان هڪ لفظ بہ نہ ڪڍيو. اسان کي انهي جو تصور بہ نہ هو تہ اسين انهيءَ آزمائش مان ڪيئن نڪرنداسين؟

اونداهيءَ جي چادر مان اوچتو هڪ شخص نڪتو. هن پنهنجي بي - آر - جي (راڪٽ پروپيلڊ گرينيڊ) جو رخ اسان ڏانهن ڪري رکيو هو. هن هڪل ڪري اسان کي بيهڻ جو چيو. پوءِ ڊرائيور سان اهڙي تہ تيزيءَ سان ڪجهہ لفظ ڳالهايا، جو اسين سمجهي نہ سگهياسين. ڊرائيور بہ ساڳئي تيزيءَ سان جواب ڏنو. ڪجهہ منٽن ڪان پوءِ ساڳئي جواب کي ورجايو ويو. نيٺ اسان کي اڌ درجن کن همراهہ اوندهہ ۾ نظر آيا ۽ اسان کي گاڏيءَ مان ٻاهر نڪرڻ جو اشارو ڪيو. هو سڀ روسي ’پي ڪي‘ سَب مشين گنن سان

هٿياربند هئا.

”ڊڄو نہ!“ هڪ جي اڳواڻ چيو، جيڪو سعودي لهجي ۾ ڳالهائي رهيو هو، ”اسين اوهان جي جهڙتي وٺنداسين.“ هو سُٺي انگريزي ڳالهائي رهيو هو. هن ڪاروباري انداز ۾ اسان کي جهڪڻ جي لاءِ چيو ۽ هڪ خاص اوزار سان اسان جي سڄي بدن کي چيڪ ڪيو. انهيءَ اوزار تي ڳاڙهي فليش لائٽ چمڪي رهي هئي. منهنجي خيال ۾ اهو ڪو اسڪين هو، جيڪو ڪنهن ٽريڪنگ اوزار جي نشاندهي ڪري ٿي سگهيو. اسان کي گاڏي ۾ پنج هزار فوٽ پري هڪ پٿريلي واديءَ ۾ نيو ويو. مارچ مهيني ۾ افغانستان ۾ سخت سردي هوندي آهي ۽ مونکي خوشي آهي تہ آئون انهيءَ دوري جي لاءِ جيڪٽ بہ کڻي آيو هئس. اسان کي مٽي سان ٺهيل هڪ جهوپڙيءَ ۾ نيو ويو، جنهن جي فرش تي ڪمبل وڇايل هو. هتي اسان کي اسامہ بن لادن سان ملڻو هو. هتي هڪ چشمي سان گڏ ٻي جهوپڙي بہ هئي. اسان کي هڪ جنريٽر جي هلڻ جو آواز ٻُڌڻ ۾ آيو، جيڪو اسامہ جا ساٿي اسان جي ڪئمرائن ۽ روشنين جي لاءِ لڳائي رهيا هئا. جهوپڙيءَ جي اندر گاسليٽ سان ٻرندڙ بتي جي سُهائيءَ ۾ اسامہ جي ساٿين جي چهرا عجيب لڳي رهيا هئا. انهن ۾ ڪي ڳوري رنگ وارا عرب تہ ڪي وري آفريقي شيدي هئا. هن اسان جي سامهون رات جي ماني رکي، جنهن ۾ نان، چانور ۽ گوشت شامل هو. ڇا اهو ڇيلي جو گوشت هو؟ رات جي اونداهہ ۽ اڻپوري روشنيءَ ۾ انهيءَ جي سڃاڻپ ڪرڻ ڏکي هئي. آئون اڪثر ڪري کاڌي جي نوعيت کان واقف نہ هوندو آهيان تہ اهو نہ کائيندو آهيان. پشاور ۾ مونکي مغز جي ٻوڙ کائڻ جو تلخ تجربو ٿي چڪو هو، پر هتي آئون ايترو تہ پريشان هئس جو مون وٽ کائڻ کانسواءِ ٻي ڪا واهہ بہ نہ هئي.

اهو اڌ رات جو وقت هو، جڏهن اسامہ پنهنجي ساٿين سان گڏ ظاهر ٿيو. هن سان گڏ هڪ مترجم ۽ ڪيترائي باڊي گارڊ هئا. اسامہ خو قد ڊگهو، شايد ڇهن فوٽن کان بہ وڌيڪ آهي. هن جي منهن تي سندس نڪ نمايان نظر ٿو اچي. ڪيس اڇا ڪپڙا پاتل هئا. جنهن تي سبز ڪيمو فلاج جيڪٽ پاتل هيس. مٿي تي پٽڪو هئس. هو پنهنجي لٺ جي مدد سان هلي رهيو هو ۽ هڪ مسلمان عالم کان وڌيڪ انقلابي نظر ٿي آيو. سندس ساٿي سندس قدمن ۾ وڇائبا ٿي ويا ۽ هن جي اهڙي عزت ڪري رهيا هئا، ڄڻ هو

ڪو ديوتا هجي. هو ڪيس "شيخ" چئي سڏي رهيا هئا. اسان کي ٻڌايو ويو تہ اسين سانڍس هڪ ڪلاڪ تائين ڳالهائي سگهون ٿا. هو جڏهن ويٺو تہ هن جي پاسي ۾ ڪلاشنڪوف رائفل رکي هئي، جيڪا هن کان ڪڏهن بہ پري نٿي رهي. سندس ساٿين ٻڌايو تہ اسامہ اها رائفل هڪ روسي فوجي ماري حاصل ڪئي هئي.

اسان جي ڪئميرا مين جووينل (Jouvenal) روشنيون ۽ ڪئميرا فٽ ڪئي ۽ فوٽوگرافرن جي اصطلاح ۾ چيو We have speed جنهن جو مطلب هو، "اسين تيار آهيون."

پيٽر آرنيٽ ۽ مون سوالن جي هڪ ڊگهي فهرست تيار ڪئي هئي، پر محدود وقت ۾ اسان کي انهن سوالن جا جواب ملي نٿي سگهيا. اسان کي سوال اڳواٽ ڏيڻ جو چيو ويو. پر اسامہ جي مددگارن اسامہ جي ذاتي زندگي، خاندان ۽ مالي معاملن بابت سوال ڪٽي ڇڏيا. هاڻ اسين اهو ڄاڻي نٿي سگهياسين تہ اسامہ جو نيٽ ورڪ ڪهڙو آهي؟ ڪهڙن ماڻهن سان سندس ڪهڙو رابطو آهي، پر اسامہ پنهنجي سياسي نظرين ۽ آمريڪين جي خلاف جهاد جي باري ۾ جواب ڏيڻ تي راضي هو.

اسامہ بن لادن پنهنجو آواز وڏو ڪندي، عربي زبان ۾ انهن ناانصافين جو ذڪر ڪرڻ شروع ڪيو، جيڪي آمريڪا مسلمانن سان ڪيون هيون.

"اسان جو اصل مسئلو آمريڪي حڪومت آهي. سعودي حڪمران آمريڪا سان وفاداريون نڀاهيندي، اسلام جي خلاف ڪم ڪري رهيا آهن."

اسامہ پنهنجي ڳالهہ ٻولهہ ۾ انهيءَ ڳالهہ کي لڪائڻ جي ڪابہ ڪوشش نہ ڪئي تہ هو سعودي عرب ۾ موجوده حڪمرانن جي خلاف انقلاب آڻڻ ٿو چاهي ۽ هن جو مقصد ستين عيسوي صدي ۾ پيغمبر اسلام حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن جي تصورن ۽ عمل موجب اسلامي حڪومت قائم ڪرڻ آهي. اسامہ چئي رهيو هو.

"اسان کي پورو پورو پروسو آهي تہ مسلمان عرب سرزمين تي هڪ ڀيرو ٻيهر ڪامياب ٿيندا ۽ هن خطي ۾ الله جو دين قائم ٿي رهندو ۽ حضرت محمد ﷺ تي وحي جي ذريعي جيڪا رهنمائي ٿي آهي، انهيءَ کي قانون جو درجو حاصل ٿيندو."

سڄي انٽرويو جي دوران اسامہ بن لادن ڪنگهندو ۽ ڇانهہ جي ڪوپ

مان سِرڪون پريندو رهيو. مونکي انهيءَ ڳالهہ تي ڪو بہ شڪ ڪونهي تہ ڪيس افغانستان جي سخت آبهوا پاڻ.ءَ نہ پي پئي ۽ ڪيس ٿڌ لڳي ويئي هئي. هو نرم ۽ آهستي آهستي ڳالهائيندو رهيو. اهڙي طرح هن جي چهري تي هلڪي مرڪ هئي. هن چيو.

”اسان آمريڪي حڪومت جي خلاف جهاد جو اعلان ڪيو آهي. ڇو تہ آمريڪي حڪومت لڳاتار اهڙيون حرڪتون ڪري رهي آهي ۽ اهڙا عمل پئي ڪري جيڪي انتهائي غير منصفانہ ۽ مجرمانہ آهن. آمريڪا، فلسطين تي اسرائيل جا غاصبانہ قبضي جي حمايت، امداد ۽ سهڪار ڪري، انسانيت جي خلاف ڏوهہ جي ڏوهاري ٿيندي رهي آهي. اسان کي يقين آهي تہ فلسطين، لبنان ۽ عراق ۾ جيڪي هٿين خالي بيگناهہ مسلمان ماريا ويا آهن، تن جو سنئون سڌو ذميدار آمريڪا آهي. آمريڪي حڪومت اهي ڏوهہ ڪرڻ مهل انساني جذبن جو ڪوبہ خيال نہ رکيو. هن هر قسم جي اخلاقي قيد ۽ حد بندين کي ٽوڙيندي اهڙو رويو اختيار ڪيو، جيڪو دنيا جي تاريخ ۾ ڪنهن سامراجي طاقت يا ملڪ هن کان اڳ اختيار نہ ڪيو آهي. يهودين جي غلاميءَ جي بنياد تي آمريڪي حڪومت جون من مستيون ايتريون تہ وڌي ويون، جو هن سازش جي ذريعي عرب سرزمين تي قبضو ڪري ورتو. انهن ناانصافين ۽ جارحانہ حرڪتن جي ڪري اسان آمريڪي حڪومت جي خلاف جهاد جو اعلان ڪريون ٿا. ڇو تہ اسان جي دين ۾ جهاد فرض آهي تہ جيئن الله جي قانون جي بالادستيءَ کي قائم ڪيو وڃي ۽ الله جي حڪم موجب اسين سيني اسلامي ملڪن مان آمريڪين کي ڪڍي ٻاهر ڦٽو ڪنداسين.“

اسامہ بن لادن جي خطاب دوران سندس ٻڌن ڪن ساٿي نهايت ڌيان ۽ عقيدت سان سندس لفظن کي ٻُڌي رهيا هئا. خاص طور تي هو جڏهن سعودي عرب ۾ موجود هٿياربند آمريڪي فوج جي خلاف جهاد جو اعلان ڪري رهيو هو تہ سندن منهن جذبات سبب چمڪي رهيا هئا.

”اسين جهاد جي اعلان کي حرمين شريف جي سرزمين تي موجود آمريڪي فوجن تي حملن تائين محدود ٿا رکون.“ اُسامہ چيو.

اسامہ سعودي عرب يا سعودي شاهي گهراڻي جو لفظ استعمال ڪرڻ کان پاسو ٿي ڪيو ۽ اُن جي بدران 'حرمين شريفين' چوڻ کي ترجيح ٿي ڏنائين.

”سرزمين حرمين شريفن کي ٻين اسلامي ملڪن تي هڪ خاص مٿڀرائپ حاصل آهي. اسان جي مذهب موجب ڪنهن غير مسلم کي حرمين شريفين ۾ ٽڪڻ جي موڪل ڪونهي. اسين آمريڪين کي پنهنجو نشانو بنائڻ نٿا چاهيون، تنهن ڪري ڪين فوري طور تي عربستان مان نڪري وڃڻ کپي، نہ تہ اسين سندن تحفظ جي ضمانت نٿا ڏيون.“

اهو پهريون موقعو هو، جو اسامہ بن لادن اولهہ جي پريس جي نمائندن جي اڳيان چيو تہ مقدس جهاد ۾ آمريڪي شهري بہ نشانو بنجي سگهن ٿا. هڪ سال ڪان پوءِ اسامہ اي . بي . سي نيوز کي چيو تہ هو آمريڪي فوجين ۽ شهرين ۾ ڪوبہ فرق نٿو ڪري. اسامہ بن لادن چيو تہ ’سرد جنگ‘ (Cold War) جي خاتمي، آمريڪا کي غرور جي انتها تي پهچائي ڇڏيو آهي. سوويت يونين جي ٽٽڻ ڪان پوءِ آمريڪا وڌيڪ مغرور ۽ هٺيلو ٿي ويو آهي ۽ پاڻ کي سڄي دنيا جو آقا تصور ڪرڻ لڳو آهي ۽ دنيا ۾ پنهنجو قانون ’نيو ورلڊ آرڊر‘ جي نالي سان جاري ڪرڻ ٿو چاهي.“

خاص ڳالهہ اها هئي تہ بن لادن سرد جنگ ڪان پوءِ وارين حالتن تي سخت تنقيد ڪئي. جيتوڻيڪ سرد جنگ جي پُڄاڻي سان عالمي پابنديون گهٽيون ۽ سندس تنظيم (القاعده) کي پکڙجڻ جو موقعو مليو. آمريڪي استغاثہ موجب سندس نيٽ ورڪ 1990ع واري ڏهاڪي ۾ ويهن ملڪن ۾ پکڙيل هو. انهن مان ڪي ملڪ، جهڙوڪ: ڪروشيا، بوسينيا، تاجڪستان ۽ آذربائيجان تہ سرد جنگ جي خاتمي جي ڪري آزاد ٿيا هئا. اسامہ، جڏهن لکين ڊالرن جا فنڊ سعودي عرب ڪان پهرين سوڊان ۽ اُتان ڪان افغانستان منتقل ڪيا تہ سندس ساٿين عالمگيريت جي ٽيڪنالوجيءَ مان ڀرپور فائدو ورتو. هو رابطي جي لاءِ آمريڪي سيٽلائيٽ ٽيليفون استعمال ڪندا هئا ۽ پنهنجي ڪمن ۾ جاپاني ڪمپيوٽر استعمال ڪندا هئا. اسامہ بن لادن جي فتويٰ پهرين برطانيہ ۽ اتان ڪان پوءِ فيڪس مشين تي سڄي وچ اوڀر ۽ ٻين ملڪن ۾ موڪلي وئي ۽ سُٺ سماءُ جي ذريعي انهي جي تشهير ڪئي وئي. اسامہ بن لادن، هڪ نهايت اثرائتو، گلوبل نيٽ ورڪ قائم ڪرڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي.

اسامہِ بن لادن وٽ ’گلوبلائيزيشن‘ جي واڌاري جي جواب ۾ ’خلافت جي بحالي‘ جو تصور هو. جنهن جي شروعات افغانستان مان ٿي رهي هئي. اسامہ چيو.

”ڦهرين مهاڀاري لڙائي کان پوءِ ’عثماني خلافت‘ جي افسوسناڪ خاتمي کان پوءِ ڪوبہ اهڙو اسلامي خطو ڪونهي، جتي ’اُمت مسلمه‘ اسلام جي سبز پرچم هيٺ منظم هجي.“

اسامہ بن لادن جي زندگيءَ جو مقصد خلافت جي ’بحالي‘ جي لاءِ مناسب حالتون پيدا ڪرڻ آهي. جتي مسلم اُمہ حضرت محمدﷺ جي طريقن موجب تيونس کان وٺي انڊونيشيا تائين ’سبز اسلامي پرچم‘ هيٺ منظم ۽ متحد هجي. بلڪل ائين جيئن ’برطانوي سلطنت‘، ٻي مهاڀاري لڙائي کان پهرين مصر کان وٺي برما تائين پکڙيل هئي. جيڪڏهن ڏنو وڃي تہ اسلامي خلافت جي ٻيهر اُڀرڻ جو امڪان بلڪل ائين آهي، جيئن ’رومي سلطنت‘ ٻيهر يورپ ۾ ظاهر ٿئي.

انٽرويو دوران اسامہ بن لادن جي مترجم مختصر انگريزي جملا ڳالهايا ٿي. اسان جي ڪن سوالن کان پوءِ اسامہ، پنهنجي مترجم کي ترجمي ڪرڻ جو موقعو ڏيڻ کان سواءِ ئي جواب ڏيڻ شروع ٿي ڪيو. جنهن جو مطلب اهو هو تہ کيس انگريزيءَ تي ڪافي عبور هو. اسامہ چيو:

”آمريڪا اڄڪلهہ ٻٽا معيار اختيار ڪري رکيا آهن. جيڪو بہ آمريڪا جي ناانصافين جي خلاف آواز ٿو اٿاري، تنهن کي دهشتگرد قرار ڏنو ٿو وڃي.“

”آمريڪا اسان جي ملڪن تي قبضو ڪري، اسان جي وسيلن کي چوري ڪرڻ ٿو چاهي، هو ’مسلم اُمہ‘ تي پنهنجا دلال ٿاڦي مسلمانن تي حڪومت ڪرڻ ٿو چاهي ۽ اهو ٿو چاهي تہ اسين سندس اقتدار کي خاموشيءَ سان برداشت ڪري وٺون. اسين جيڪڏهن انهيءَ جي خلاف احتجاج ڪريون ٿا تہ هو اسان کي چوي ٿو: اوهين دهشتگرد آهيو.“

”آمريڪي پاليسين جو تجربو ڪرڻو هجي تہ غريب فلسطينين سان آمريڪا جو رويو ڏسي سگهجي ٿو، جن کي پنهنجي گهرن مان ڌڪي ڪڍيو ويو آهي. جيڪڏهن هو اسرائيلن تي فقط پٿر بہ اڇلين ٿا تہ دهشتگرد سڏجن ٿا. ۽ اسرائيلي پائليٽ قانا (لبنان) ۾ گڏيل قومن جي عمارت تي بمباري ڪن ٿا، جتي فلسطيني عورتن ۽ ٻارن پناهہ ورتي هئي، پر آمريڪا ڪنهن بہ اسرائيل جي نندا نہ ڪئي.“ (1)

(1) 18 اپريل 1996ع تي اسرائيلي فوجن، قانا لبنان ۾ گڏيل قومن جي عمارت تي بمباري ڪئي. جنهن جي نتيجي ۾ 102 لبناني شهري عورتون ۽ ٻار مري ويا. اسرائيل انهي حملي کي حادثو قرار ڏيئي رد ڪري ڇڏيو، پر گڏيل قومن انهي حملي جي جواز کي تسليم نہ ڪيو.

اسامہ بن لادن ناراض لهجي ۾ چيو، ”هڪ پاسي هو پنهنجي حقن جي گهر ڪندڙ مسلمانن جي مذمت ٿا ڪن، پر ٻي پاسي آئرش ري پبلڪن آرمي جي اعليٰ عهديدار (جيري ايڊمز) جو هڪ سياسي اڳواڻ جي حيثيت سان وائٽ هائوس ۾ آدرڀاءُ ٿا ڪن. اسين دنيا ۾ جتي بہ ڏسون ٿا آمريڪا اسان کي دهشتگردي ۽ ڏوهن جو اڳواڻ بنيل نظر ٿو اچي. آمريڪا پنهنجي سرزمين کان هزارين ميل پري هڪ اهڙي قوم تي ائٽم بم ڪيرائڻ کي دهشتگرد تصور نٿو ڪري، جنهن جي نتيجي ۾ لکين شهري مري ٿا وڃن، جتي ڪي بہ فوجي نشانہ نہ آهن. انهن بمن جو شڪار ٿيندڙ فوجي نہ پر عورتون، ٻار، ٻڍا ۽ ڪمزور ماڻهو مئا. انهي ائٽمي حملي جا آثار اڄ بہ جاپان ۾ موجود آهن.“

اهو چئي اُسامہ بن لادن اسان کي حيران ڪري ڇڏيو تہ سندس گروپ جا عرب ميمبر 1993ع ۾ صوماليہ ۾ آمريڪي فوجين کي مارڻ جا ذميوار هئا. هن کان اڳ بہ هڪ عربي اخبار ۾ اها دعويٰ شايع ٿي چڪي هئي. اسان کي، آمريڪي فوجين جا مڙيل لاش ياد هئا، جيڪي موگاديشو جي رستن تي گهليا ويا هئا. ان وقت اها خبر نہ هئي تہ صومالين جي تربيت اسامہ بن لادن جي تنظيم ڪئي آهي.

اسامہ بن لادن وڌيڪ چيو، ”صوماليا تي آمريڪي حملي جي خلاف مزاحمت انهيءَ ڪري شروع ٿي تہ مسلمانن آمريڪا جي اُنهيءَ اعلان کي نہ ٿي مڃيو تہ هو صومالين جي جان بچائڻ جي لاءِ آيا آهن. الله رب العزت جا ٿورا آهن جو صومالي مسلمانن، عرب مجاهدن سان سهڪار ڪيو، جيڪي افغان جهاد ۾ حصو وٺي واپس آيا هئا. هنن گڏجي آمريڪي فوجين کي ماريو.“

اسامہ بن لادن چواڻي، صوماليا ۾ مسلمانن جي اها آمريڪا تي وڏي سوڀ هئي. اسامہ چيو تہ آمريڪا هڪدم پنهنجون فوجون صوماليا مان واپس گهرائي ورتيون، جيڪو آمريڪي فوجين جي بزدليءَ جو سڀ کان وڏو مثال هو.

اسان، اُسامہ کي درخواست ڪئي تہ هو صدر ڪلنٽن (ان وقت آمريڪي صدر) جي لاءِ ڪهڙو پيغام ڏيڻ ٿو چاهي؟ اسامہ بن لادن چيو، ”ڪلنٽن يا آمريڪي حڪومت جو ذڪر ٻُڌي مسلمانن ۾ شديد نفرت جا جذبا اُڀرن ٿا. انهيءَ جو سبب هيءَ آهي تہ آمريڪي حڪومت ڪلنٽن يا بش جو نالو ٻڌي اسان جي سامهون انهن معصوم ٻارڙن جون تصويرون ڦريون وڃن، جيڪي عراق ۾ مئا آهن.“

اسامہ انهيءَ حقيقت ڏانهن اشارو ڪري رهيو هو تہ مئي 1996ع تائين عراق تي گڏيل قومن جي پابندين جي ڪري پنج لک عراقي ٻارڙا مئا هئا. اسامہ وڌيڪ چيو.

”مسلمانن جي دلين ۾ آمريڪا ۽ اُن جي صدر جي خلاف شديد نفرت موجود آهي. اهڙي دل جيڪا سوين ٻارڙن جي قاتل هجي، تنهن کي ڪجهہ چوڻ بيڪار آهي. عرب سرزمين تان منهنجا ماڻهو آمريڪا کي ڪوبہ پيغام ڏيڻ نٿا چاهين، جو تہ آمريڪا لفظن جي زبان نٿو سمجهي. جيڪڏهن ڪو پيغام ڏئي سگهي ٿو تہ اهو هيءُ آهي تہ آئون انهن آمريڪي فوجين جي مائرن سان مخاطب آهيان. جيڪي وڏي فخر سان فوجي يونيفارم ۾ اسان جي سر زمين تي هلي گهمي رهيا آهن. آءٌ اهو چوڻ ٿو چاهيان تہ اها هڪ ارب مسلمانن جي جذبن جي توهين آهي. انهن مائرن کي چوڻ ٿو چاهيان تہ جيڪڏهن ڪين پنهنجي پٽن سان همدردي آهي تہ پوءِ هو آمريڪي حڪومت تي پنهنجي پاليسي بدلائڻ لاءِ دٻاءُ وجهن.“

انٽرويو مڪمل ٿيڻ کان پوءِ اسامہ اسان کي چانهہ پيش ڪئي ۽ ڪجهہ دير خاموش رهيو. پوءِ هن جي ڳالهہ جو رخ عراق ۽ صدام حسين ڏانهن مڙي ويو. پيٽر آرنيٽ نار جي جنگ جي دوران صدام حسين کان انٽرويو ڪيو هو. اسامہ بن لادن چيو، ”عراقي ڊڪٽيٽر پنهنجي ذاتي عيش جي لاءِ ڪويت جي تيل جي ذخيرن تي قبضو ڪرڻ ٿو چاهي. جو تہ هو مخلص ۽ سچو مسلمان اڳواڻ نہ هو.“

ڪجهہ فوٽو ڪڍرائڻ کان پوءِ اسامہ ساڳئي ڦڙتيءَ سان روانو ٿي ويو. جهڙي طرح آيو هو. هن اسان سان هڪ ڪلاڪ کان بہ وڌيڪ وقت گذاريو. اسامہ جو ’ميڊيا ايڊوائزر‘ اسان کي انٽرويو جو ٽيپ موٽائڻ ۾ هٻڪ محسوس ڪري رهيو هو. هن ٽيپ جا ڪجهہ حصا ڊاهڻ ٿي چاهيا، جيڪي سندس خيال ۾ سٺا نہ هئا. هتي اسامہ بن لادن جا ڪيترائي هٿياربند گارڊ موجود هئا ۽ اسين کين روڪي بہ نٿي سگهياسين. آئون خاموشيءَ سان کيس ڪئميرا جي اندر انٽرويو ٽيپ جا ڪجهہ منظر مٽائيندي (Erase) ڏسندو رهيس. تنهن کان پوءِ هو علي سان بحث ڪندو رهيو ۽ ٽيپ اسان جي حوالي ڪئي وڃي يا هتي روڪي وڃي. نيٺ علي کيس پنهنجي ڳالهہ مڃرائڻ ۾ ڪامياب ويو ۽ انٽرويو ٽيپس اسان جي حوالي ڪيو ويو، جيڪو سائز ۾ ماچيس جي ڪوکي

جيترو هو. مون اهو پنهنجي پئسن واري پٽون ۾ لڪائي ڇڏيو. جيڪو مون پاجامي (Trouser) جي اندر پڌي رکيو هو. انهيءَ ڪان وڌيڪ محفوظ هنڌ مون وٽ پيو نہ هو.

”ڇا اوهين انٽرويو جو اهو حصو بہ نشر ڪندا، جنهن ۾ اسامہ صدر ڪلنٽن تي تنقيد ڪئي آهي.“ علي پڇيو.

اسين جهوپڙي مان ٻاهر ڪليل آسمان جي هيٺيان ٻينا هئاسين. افغانستان ۾ روشني جي آلودگي يا ڪوهيڙو نہ هو. تنهن ڪري اسان جي مٿان آسمان ڪنهن جنت وانگر ڪليل ۽ صاف هو. اها ڏاڍي خوبصورت، حسين ۽ خشڪ رات هئي ۽ هتي هر طرف ماٺار ۽ سڪون هو. علي جي سوال جي جواب ۾ مون چيو، ”ها! اسين سڄو انٽرويو جاري ڪنداسين.“

ايندڙ ٻن هفتن تائين اسين انٽرويو جو مسودو لکندا ۽ ترتيب ڏيندا رهياسين، جيڪو 12 مئي 1997ع تي آمريڪا سميت هڪ سؤ کان بہ وڌيڪ ملڪن ۾ جاري ٿيو. سعودي عرب ۾ عملدارن انهن اخبارن جون ڪاپيون ضبط ڪري ڇڏيو، جن ۾ سي - اين - اين تان جاري ٿيندڙ اهو انٽرويو شايع ٿيو هو. آمريڪا ۾ ايسوسي ايٽيڊ واٽر سروس (AP) انهي جو ڪجهہ حصو جاري ڪيو، جيڪو ڪجهہ آمريڪي اخبارن ۾ ڇپيو. اهڙي طرح آمريڪا ۾ انهي انٽرويو جو گهڻو اثر نہ پيو.

مون آخر ۾ جڏهن اسامہ بن لادن کان سندس مستقل جي رٿائن جي باري ۾ پڇيو هو تہ هن جواب ۾ چيو هو.

”جيڪڏهن الله چاهيو تہ تو جلد سُڌ سماءُ جي ذريعن وسيلي گهڻو ٻڌندين ۽ ڏسندين.“

## [2]

11- ڊسمبر 2001ع ان قسم جو صبح هو، جڏهن دنيا ۾ هر شئي درست ۽ مناسب نظر پئي آئي. آمريڪا جي اوڀرندي ساحل تي هوا ٿڌي ۽ صاف هئي. آسمان تي ڪڪر ڪونه هئا ۽ اهو گهرو، نيرو ۽ شفاف هو. اهو هر لحاظ کان هڪ آمريڪي صبح هو، اهڙو صبح، جڏهن ماٺهو هوا خوريءَ جي لاءِ ٻاهر نڪرڻ پسند ڪندا آهن يا ڪنهن ڪافي شاپ تي ڪافي جي تلخيءَ مان مزو ماڻيندا آهن ۽ اهو صبح اُڏام جي لاءِ به بيحد موزون هو.

بوسٽن، نيو يارڪ ۽ واشنگٽن جي اولهندي ساحل لاءِ روانيون ٿيندڙ اُڏامن ۾ وچ اوڀر جي ملڪن سان واسطو رکندڙ 19 ڄڻا سوار ٿيا. هو ڪنهن اهم مشن جي لاءِ نڪتا هئا. موسم ۾ تبديليءَ جي آثار تي ڪا نندي گڙٻڙ پنهنجي دشمن آمريڪا جي خلاف، سندن بنهه احتياط سان ڪيل رٿابنديءَ کي غير معمولي نقصان پهچائي ٿي سگهي.

صبح جو 7 لڳي 45 منٽن تي آمريڪن ايئر لائنز جي اُڏام نمبر 11 بوسٽن کان لاس اينجلس جي لاءِ رواني ٿي. انهيءَ کان 13 منٽ پوءِ 'يونائيٽيڊ ايئر لائينز' جي اڏام نمبر 175 به لاس اينجلس جي لاءِ رواني ٿي. ٽن منٽن کان پوءِ يونائيٽڊ ايئر لائنز جي اُڏام نمبر 93 نيو يارڪ کان سان فرانسسڪو جي لاءِ رواني ٿي. 8 لڳي 10 منٽن تي آمريڪن فلائيٽ نمبر 77 واشنگٽن جي ڊوليس (Dulles) ايئر پورٽ تان لاس اينجلس جي لاءِ رواني ٿي. اُڏامن جي اُڏامڻ کان ٿوري دير پوءِ باڪس ڪٽرز ۽ چاقن سان ليس ماٺهن نهايت ڦڙتائيءَ سان چئني جهازن جو ڪنٽرول حاصل ڪري ورتو ۽ انهن کي 'مين هٽن' ۽ واشنگٽن ڏانهن پنهنجن نشانن طرف وٺي ويا. 8 لڳي 45 منٽن تي آمريڪن فلائيٽ نمبر 11، جنهن ۾ ٻين جهازن وانگر ڊگهي سفر جي لاءِ ڪافي 'ٻارڻ'

موجود هو، ’ورلڊ ٽريڊ سينٽر‘ جي اُترينءَ ٽاور سان ٽڪريو ۽ عمارت ۾ باهہ پڙڪي اُٿي. 20 منٽن کان پوءِ يونائيٽيڊ فلائيٽ نمبر 175، جيڪا اُڏامر ڪندي هڪ بم جي شڪل اختيار ڪري ويئي. ڏکڻينءَ ٽاور سان ٽڪرائي. ڏيڊ ڪلاڪ جي اندر ئي آسمان سان ڳالهيون ڪندڙ ٻيئي عمارتون ڊهي اچي پٽ پيون. 9 لڳي 30 منٽن تي آمريڪن فلائيٽ نمبر 77 پينٽاگون جي هڪ حصي سان ٽڪرائي. يونائيٽيڊ فلائٽ نمبر 93 کي بہ شايد ڪنهن وڏي عمارت (شايد پينٽاگون) سان ٽڪرائڻو هو. پر مسافرن اغوا ڪندڙن کي قابو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ هوائي جهاز پنسلوانيا جي ڏکڻ اوڀر ۾ 10 لڳي 10 منٽن تي تباهہ ٿي ويو ۽ سڀئي ماڻهو مري ويا. جهاز جي اندر ڇا ٿيو، تنهن بابت ڪڏهن بہ معلوم ٿي نہ سگهندو.

فقط هڪ ڪلاڪ کان ڪجهہ وڌيڪ عرصي ۾ پنج هزار آمريڪي مري ويا. اها آمريڪا ۾ دهشتگرديءَ جي سڀ کان وڏي تباهہ ڪندڙ واردات هئي. انهيءَ واقعي ۾ آمريڪين کان سواءِ پنجاهہ ٻين ملڪن جا شهري پڻ مري ويا. مرندڙن ۾ ٻن سون کان بہ وڌيڪ برطانوي شهري پڻ شامل هئا.

آمريڪي حڪومت چواڻي، نيو يارڪ ۽ واشنگٽن تي اهي حملا آمريڪا جي خلاف اسامہ بن لادن جي انهيءَ جهاد جو حصو هئا، جنهن جي شروعات ڏهہ سال اڳ يمن ۾ هڪ هوٽل ۾ بم ڌماڪي سان ٿي هئي. انهيءَ وقت انهيءَ حملي کي ڪا بہ اهميت نہ ڏني ويئي هئي. انهيءَ ڌماڪي ۾ هڪ آسٽريلوي سياح مارجي ويو هو. پوءِ وقت گذرڻ سان گڏ آمريڪا جي خلاف انهن حملن جي شدت ۾ واڌارو ٿيندو ويو. 1998ع ۾ آفريقا ۾ آمريڪي سفارتخانن جي عمارتن ۾ بم ڌماڪن سان ٻن سون کان بہ وڌيڪ ماڻهو مارجي ويا. آڪٽوبر 2000ع ۾ يمن ۾ آمريڪي بحري جنگي جهاز ’يو - ايس - ايس - ڪول‘ تي حملي ۾ 17 آمريڪي فوجي مُئا.

ورلڊ ٽريڊ سينٽر جي مرندڙن ۾ ’جان اونيل‘ بہ شامل هو. آمريڪي حڪومت ۾ شايد انهيءَ کان وڌيڪ ڪنهن بہ شخص کي اسامہ بن لادن جي باري ۾ معلومات نہ هئي. هو آمريڪي سفارتخانن ۾ بم ڌماڪن ۽ آمريڪي بحري جهاز ’ڪول‘ تي حملن جي تحقيقات ڪندڙ ايف - بي - آئي جي ٽيم جو سربراهہ هو. اونيل اجا بہ هفتا اڳ ايف - بي آءِ مان ريٽائر ٿيو هو ۽ هن ورلڊ ٽريڊ سينٽر جي سيڪيورٽي جي سربراهہ جي حيثيت سان پنهنجون ذميداريون

سنياليون هيون.

جيتوڻيڪ سيپٽمبر جا حملا اوچتو ٿيا، پر اهڙا اشارا بہ هفتا اڳ ئي مليا هئا تہ دهشتگرد 2001ع جي گرمين جي مُند ۾ آمريڪا تي وڏو حملو ڪرڻ وارا آهن. جون ۾ يمن ۾ آمريڪي سفارتخانو ڪجهہ وقت جي لاءِ بند ڪرڻو پيو، ڇو تہ راسخ العقيده تنظيمن جي ڪجهہ ميمبرن کي آتشگير مادي ۽ علائقي جي نقشن سان گڏ جهليو ويو هو. ٽئين دهليءَ ۾ پڻ بہ ماڻهو جهليا، جن مڃيو تہ هو آمريڪي سفارتخاني جي ويزا سيڪشن ۾ بم ڌماڪي جي رٿابندي ڪري رهيا هئا. جولاءِ ۾ اسٽيٽ ڊپارٽمينٽ کي سگهارا اشارا مليا تہ ڪي ماڻهو انفرادي طور تي عربستان ۾ آمريڪي اڏن جي خلاف ڪارروائي ڪرڻ جي رٿابندي ڪري رهيا آهن.

هڪ ٻي اطلاع موجب القاعده جو هڪ ريڪروٽمينٽ ٽيپ جهليو ويو، جنهن ۾ وچ اوڀر ۾ آمريڪي مفادن تي حملن جون هدايتون ڏنل هيون. انهي ٽيپ ۾ اسامہ بن لادن ۽ سندس ساٿين جون جذباتي تقريرون هيون تہ مسلمانن تي چيچنيا، ڪشمير، عراق، اسرائيل، لبنان، انڊونيشيا ۽ مصر ۾ ظلم ڪيا پيا وڃن ۽ کين قتل ڪيو پيو وڃي. ٽيپ ۾ تصويرون بہ هيون. اسامہ بن لادن طرفان سرزمين 'حرمين شريفين' ۾ آمريڪين جي موجودگيءَ تي تشويش جو اظهار ڪيو ويو هو ۽ چيو ويو هو تہ آمريڪي فوجين پاڻ سان گڏ يهودي عورتون آنديون آهن، جيڪي هن مقدس سرزمين تي هر هنڌ وڃي سگهن ٿيون. هڪ تصوير ۾ سعودي شاهي گهراڻي جا ماڻهو مختلف آمريڪي اڳواڻ جهڙوڪ: ڪولن پاؤل وغيره سان ملي رهيا هئا ۽ لکيل هو 'سعودي حڪمران وائيٽ هائوس جي خدا' جي عبادت ڪن ٿا.

اسامہ بن لادن مسلمانن کي اپيل ڪئي هئي تہ، "جيڪڏهن اوهين جهاد نہ ڪندا تہ الله تعاليٰ اوهان کي سزا ڏيندو."

انهيءَ ٽيپ ۾ مسلمان نوجوانن کي اپيل ڪئي ويئي هئي تہ هو جهاد جي سکيا واسطي افغانستان وڃن. ٽيپ ۾ القاعده جي 'الفاروق ڪئمپ' جي فلم بہ هئي، جنهن ۾ القاعده جا ڪارڪن فوجي تربيت حاصل ڪري رهيا هئا. انهيءَ ٽيپ ۾ أسامہ بن لادن، آمريڪي بحري جنگي جهاز 'يو ايس ايس ڪول' تي ڪامياب حملي تي خوشيءَ جو اظهار ڪيو هو.

"اوهان جي ڀائرن 'عدن' ۾ 'ڪول' تي حملو ڪيو آهي. هنن انهيءَ

تباھہ ڪندڙ جھاز کي تباھہ ڪري ڇڏيو، جيڪو مسلمانن کي ڏيکارڻ جي لاءِ اتي آيو هو. انهيءَ جي باري ۾ تصور هو تہ، هو هر شئي کي تباھہ ڪري سگهي ٿو، پر هڪ ننڍي ٻيڙيءَ ان کي تباھہ ڪري ڇڏيو. اها آمريڪا جي خلاف جهاد جي شروعات آهي."

ٽيپ جي آخري حصي ۾ اسامہ بن لادن چيو هو، "آمريڪا جي خلاف وڌيڪ حملا ڪيا ويندا. اسلام جي فتح ويجهي آهي ۽ يمن ۾ اسلامي فتوحات جاري رهنديون." القاعده جو اهو وڊيو ٽيپ انٽرنيٽ جي ذريعي بہ وڏي پيماني تي ورهايو ويو. انهيءَ ۾ اسامہ جي ساٿين کي ويهين صدي عيسوي جي جديد ذريعن ۽ هٿيارن جي ٽيڪنالاجي استعمال ڪندي ڏيکاريو ويو آهي، تہ جيئن چوڏهن سؤ سال پراڻو اسلامي نظام بحال ڪري سگهجي.

القاعده جي آپگهاتي مشن ۾ شامل مجاهد فلسطيني انتفاده ۽ حماس جي آپگهاتي بمبارن وانگر ڪي غريب ماڻهو نہ هوندا آهن. اهي سڀ انتهائي تعليم يافتہ، ٽيڪنيڪل ڊگريون رکندڙ دولت مند ماڻهو آهن، جيڪي ڪيلي فورنيا، فلوريڊا ۽ ورجينيا جهڙين آمريڪي ڪميونٽين ۾ رهن ٿا. انهن مان ڪي نهايت فيشن ايبل فرينچ ڪٽ ڏاڙهيون رکندڙ ۽ ڪي وري ڪلين شيوَ آهن. هو پنهنجي هلت چلت، ڪپڙي لٽي ۽ عمومي ثقافت ۾ روايتي اسلامي عسڪريت پسندن کان مختلف آهن. هو جمنازيم وڃن ٿا، انٽرنيٽ استعمال ڪن ٿا ۽ اهڙائي جديد ماڻهو القاعده جا ميمبر آهن. اسامہ بن لادن جي نيٽ ورڪ جي خصوصيت جديد مواصلات ۽ ٽيڪنڪس سان ليس مقدس جهاد آهي. اهوئي سبب آهي تہ اهي ماڻهو روايتي وڏيون ڏاڙهيون رکندڙ سخت طالبانن کان وڌيڪ خطرناڪ آهن. مون افغانستان ۾ اسامہ جي هڪ 'سکيا ڪئمپ' ڏٺي. جنهن جو نالو 'البدر' آهي. هتي القاعده جي ميمبرن کي انتهائي 'هائي ٽيڪ ڌماڪہ خيز مادن' جهڙوڪ: آر ڊي ايڪس ۽ سي 40 جي استعمال جي سکيا ڏني وڃي ٿي. القاعده جا اهي ميمبر پنهنجي امير جي هٿ تي جان ڏيڻ ۽ جان وٺڻ جي باقاعده بيعت ڪن ٿا. سوڊان ۾ القاعده جي ميمبرن کي باقاعده سُٺي رقم پگهار طور بہ ڏني وڃي ٿي ۽ هو قانوني طور تي ڪاروبار بہ ڪري رهيا هئا. جڏهن 1996ع ۾ اسامہ بن لادن آمريڪا جي خلاف جهاد جو اعلان ڪيو تہ هن آمريڪي فوجين کي "صليبي حملي آور" قرار ڏنو. جهاد جو اهو اعلان هڪ "ايپل ڪمپيوٽر" تي ڪمپوز ڪيو ويو ۽

پاڪستان ۽ برطانيہ ۾ پنهنجي حامين کي فيڪس يا اِي ميل ڪيو ويو. اتان کان اهو سڄي دنيا جي اخبارن کي جاري ڪيو ويو. لنڊن ۾ اهو عربي اخبارن کي جاري ڪيو ويو. تنهن کان سواءِ ’سيٽلائيٽ‘ جي ذريعي ’وچ اوڀر‘ کان وٺي آمريڪا تائين ورهايو ويو.

’آمريڪي انٽيليجنس‘ نيشنل سيڪيورٽي ايجنسي (NSA) جي سربراهہ جو چوڻ آهي تہ: اسامہ بن لادن وٽ آمريڪا کان وڌيڪ سٺي مواصلاتي ٽيڪنالاجي آهي. اسامہ جا ساٿي فيڪس، سيٽلائيٽ فون ۽ اِي ميل استعمال ڪن ٿا. هو پنهنجن ميڪنتوش ۽ توشيبا ڪمپيوٽرن تي ڳجهن اشارن جي زبان ۾ پيغام جاري ڪن ٿا. 1990ع جي ڏهاڪي جي وچ ۾ القاعده هڪ سي ڊي روم ٺاهيو هو، جنهن ۾ جديد ترين هٿيارن جي ڪيترن ئي قسمن جي باري ۾ سوين صفحن تي مشتمل ڄاڻ هئي. انهيءَ سي - ڊي روم ۾ استعمال جون هدايتون ۽ رهنمائي سان گڏ بم ٺاهڻ جون ترڪيبون ۽ ’نيم فوجي ڇاپي مار‘ ڪارروائين جا طريقا بہ ڏسيل هئا. اهڙي طرح اسامہ جي ساٿين جا سفر ۽ چرپر جا طريقا بہ جديد آهن. اسامہ جڏهن سوڊان ۾ رهندو هو تہ هن وٽ هر وقت ڪيترائي پائلٽ رهندا هئا، جيڪي سندس جهاز اُڏائيندا هئا. 1991ع ۾ جڏهن هو سوڊان کان پاڪستان آيو تہ هن پنهنجي سڄي گهراڻي سان گڏ پنهنجي ذاتي ’جيٽ جهاز‘ ۾ سفر ڪيو.

اسامہ بن لادن جڏهن جهاد تي ڌيان ڏيڻ شروع ڪيو تہ اُن ۾ بہ هن پنهنجي خانداني ڪمپني جي لاءِ ڪم جي دوران سکيل واپاري اٽڪلون استعمال ڪيون. 1980ع جي افغان جنگ جي دوران هن پاڪستان ۽ آمريڪا ۾ پنهنجون آفيسون قائم ڪيون. ڪيس سعودي عرب مان فنڊ ملندا هئا. اسلامي دنيا جي هر ملڪ مان ڪيس رضاڪار مليا. هن پنهنجي خاندان جي ذريعن ۽ وسيلن کي افغانستان ۾ مجاهدن جي سکيا واسطي ڪئمپ ٺاهڻ جي لاءِ استعمال ڪيو.

اسلامي شدت پسندن جي پراڻي نسل ۾ فلسطين جو عبدالله عظام، مصر جو شيخ عمر عبدالرحمان ۽ يمن جو شيخ عبدالماجد زنداني شامل هئا. جن قاهره جي ’الاظهر يونيورسٽي‘ مان ڊگريون ورتيون هيون، جنهن کي اسلامي دنيا جي آڪسفورڊ جو درجو حاصل آهي. جڏهن تہ نئين نسل ۾ گهڻا ٽڻا انجنيئر، ڊاڪٽر يا ايم - بي ايز هئا. پر اهي سڀ اسلام جو وڌو مطالعو ۽

ڇاڻ رکندا هئا. تنهن ڪري انهيءَ ۾ حيرت جي ڪابہ ڳالهہ ڪونهي تہ اسامہ جو سڀ کان ويجهو ساٿي ۽ مددگار مصر جي اشرافيہ طبقي جو قريش آهي. يا لنڊن ۾ سندس ميڊيا صلاحڪار هڪ ڪروڙ پتي سعودي واپاري آهي، جيڪو ڪويت ۾ پيدا ٿيو ۽ درآمد ۽ برآمد جو بين الاقوامي واپار ڪري ٿو. أسامہ جي ملٽري صلاحڪار هڪ مصري يونيورسٽي مان نفسيات ۾ ماسٽرز ڪئي ۽ ڪيلي فورنيا آمريڪا ۾ ڪمپيوٽر نيٽ ورڪ اسپيشلسٽ آهي. مصري عسڪري پسند رفاعي احمد طحہ هڪ اڪائونٽنٽ آهي. القاعده جو هڪ ٻيو عهديدار ممدوح محمود سليم اليڪٽريڪل انجنيئر آهي. اسامہ بن لادن وٽ بہ اڪنامڪس جي ڊگري آهي ۽ هو سعودي عرب ۾ پنهنجي گهرائي جو اڏاوتي ڪاروبار هلائيندو رهيو هو. 1990ع جي دوران هو سوڊان ۾ انتهائي فعال ۽ ڪامياب واپارين مان هڪ هو.

القاعده جي ڪم ڪرڻ جو ڪاورباري انداز بہ سعودي بن لادن گروپ سان هڪجهڙائي رکي ٿو. اها اڏاوتي ڪمپني اسامہ جي انتهائي مذهبي جذبا رکندڙ ٻيءَ قائم ڪئي هئي ۽ سندس ڪاروبار سڄي وچ اوڀر ۽ ايشيا ۾ پکڙيل هو.

اسامہ بن لادن القاعده جون عمومي پاليسيون پنهنجي شوريٰ (ڪونسل) جي صلاح مشوري سان جوڙيندو هو. شوريٰ گروپ جي لاءِ انتهائي اهم فيصلا ڪندي هئي. ٻين اهم ڪميٽين ۾ 'فوجي معاملن جي ڪميٽي'، 'ڪاروباري معاملن جي ڪميٽي'، 'فتويٰ ڪميٽي' ۽ 'ميڊيا گروپ' شامل آهن. ڪنهن بہ پاليسي تي جڏهن اسامہ ۽ سندس ساٿي ڪو فيصلو ڪري وٺندا هئا تہ اهو واسطيدار ڪميٽيءَ ڏانهن موڪليو ويندو هو. انهيءَ کان پوءِ اهو فيصلو ڪنهن هيٺين گروپ جي ويچار هيٺ ايندو هو. هيٺين گروپ جي ميمبرن جو اسامہ بن لادن سان ڪو سڌو واسطو نہ هوندو هو. مثال طور 1997ع ۾ اسامہ بن لادن جي ڪينيا سيل جي ميڊيا انفرميشن آفيسر پنهنجي ڪمپيوٽر تي هڪ دستاويز ۾ لکيو هو تہ، "سيل جو اصل مشن آمريڪين تي حملو ڪرڻ آهي." هن وڌيڪ لکيو، "اسين آفريقي سيل جا ميمبر آپريشن پلان بابت تفصيل نٿا ڄاڻون، ڇو تہ اسين فقط عمل ڪندڙ ماڻهو آهيون."

ڪينيا جي آمريڪي سفارتخاني تي حملو ڪندڙ "آپگهاتي بمبار" کي

اسامہ سنئون سڌو هدايتون نہ ڏنيو هونديون. اهوئي سبب آهي تہ ڪينيا جي آمريڪي سفارتخاني کي تباهہ ڪندڙ 'خلفان خميس محمد ڪڏهن بہ اسامہ سان ملاقات نہ ڪئي هئي. اسامہ بن لادن اي - بي - سي نيوز کي پنهنجي انٽرويو ۾ چيو هو: "اسان جو ڪم ماڻهن کي پڙڪائڻ ۽ تيار ڪرڻ آهي. الله تعاليٰ جو شڪر آهي تہ اسين انهي ۾ ڪامياب آهيون ۽ ڪيترائي ماڻهو اسان جي پيغام موجب عمل ڪري رهيا آهن."

مختصر اهو تہ القاعده هڪ لحاظ کان "ملٽي نيشنل هولڊنگ ڪمپني" وانگر آهي، جنهن جو هيڊ ڪوارٽر افغانستان ۾ آهي ۽ انهيءَ جو چيئرمين اسامہ بن لادن آهي. ڪنهن هولڊنگ ڪمپنيءَ ۾ روايتي قسم جو هڪ ڪور مينجمينٽ گروپ هوندو آهي، جيڪو ٻين ڪمپنين ۾ فوري يا مڪمل طور ڪمپني جي مفادن کي ڪنٽرول ڪندو آهي. اولهہ ۾ هولڊنگ ڪمپنيون، ڪن ڏوهارين پاران مختلف ڏوهاري ۽ غير قانوني سرگرمين جي لاءِ بہ ڪم ڪنديون آهن ۽ انهن جا هيڊ ڪواٽر اهڙن ملڪن ۾ هوندا آهن، جتي قانوني طور تي مٿن ڪابہ پابندي نہ هجي. بلڪل اهڙي طرح القاعده بہ مختلف سطحن تي مصر، بنگلاديش، الجزائر، لبيا، يمن، شام ۽ ڪشمير ۾ هينين ويڙهاڪ تنظيمن جي سرپرستي ڪندي آهي.

افغانستان ۾ القاعده جي تربيتي ڪئمپن ۾ سڄي دنيا جا مسلمان تربيت حاصل ڪن ٿا. انهن ۾ اردني، ترڪ، فلسطيني، عراقي، سعودي، سوڊاني، مراڪشي، عُماني، تيونسي، تنزانيائي، ملائيشيائي، بنگلاديشي، هندوستاني، فلپائيني، چيچين، ازبڪ، تاڪ، چيني، يوغور، برمي، جرمن، سوئيڊش، فرانسيسي، عرب آمريڪن ۽ آفريقي آمريڪن شامل آهن. انهن ڪئمپن مان سکيا ورتل مجاهد، انهي ڪانپوءِ جهاد جي لاءِ سڄي دنيا ۾ پکڙجي وڃن ٿا ۽ پنهنجي امير جي حڪم جا منتظر رهن ٿا.

هڪ ڀيري اسامہ بن لادن چيو هو، "الله تعاليٰ جو شڪر آهي جو برادران اسلام هاڻ تعداد ۾ گهڻا آهن. آئون انهن مان هر ڪنهن کي ذاتي طور تي نٿو سڃاڻان، جيڪي هن مرڪز يا تنظيم سان لاڳاپيل آهن."

اسامہ بن لادن دنيا جي اهڙي عجيب و غريب شخصيت آهي، جنهن تي جان ڏيڻ وارن جو تعداد بہ لکن ۾ آهي تہ ڪانئس نفرت ڪرڻ وارا بہ گهڻا آهن. دنيا جي شايد ئي ڪنهن اسلامي اڳواڻ جي شخصيت اسرارن جي ايترن

تهن ۾ لڪيل هجي. اهوئي سبب آهي تہ ان کي سمجهڻ ۽ سندس عملن جو تجزيو ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. 1999ع ۾ آمريڪي سينٽ جي سامهون بيان ڏيندي سي آءِ اي جي ڊائريڪٽر جارج ٽينٽ چيو هو، ”اُسامہ بن لادن جي گلوبل نيٽ ورڪ، سندس ساٿين ۽ ڪارڪنن کان آمريڪا کي فوري طور تي دهشتگرديءَ جو سخت خطرو آهي.“

جارج ٽينٽ جو مشاهدو صحيح ثابت ٿي چڪو آهي. ورلڊ ٽريڊ سينٽر ۽ پينٽاگون تي حملن کان 9 ڏينهن پوءِ ڪانگريس کي خطاب ڪندي آمريڪي صدر جارج واڪر بش، اسامہ بن لادن کي دهشت گردن جو گاڊ فادر قرار ڏنو. هن چيو تہ ”القاعده جي دهشتگردن جي لاءِ اهائي اهميت آهي، جيڪا ڌوهارين جي لاءِ مافيا جي.“

آمريڪي، اسامہ جي باري ۾ ڇا بہ چوندا رهن، پر اسلامي دنيا ۾ اسامہ بن لادن جي ڄڻ پوڄا ڪئي وڃي ٿي. پاڪستان جي سڀ کان وڏي مدرسي جي مهتم اسامہ جي باري ۾ چيو.

”اسامہ اسان جو قومي هيرو آهي، ڇو تہ هن پرڏيهي طاقتن جي خلاف آواز اُٿاريو آهي، جيڪي دنيا جي مسلمانن کي چٿڻ چاهين ٿا.“

ڏکڻ يمن جي هڪ ننڍي ڳوٺ ۾ هڪ ننڍڙي ڇوڪري، جنهن جي سيني سان قرآن مجيد لڳل هو ـ مون کي چيو:

”اسين هن (اسامہ بن لادن) سان محبت ڪريون ٿا. هو الله جي رضا لاءِ جهاد ڪري رهيو آهي ۽ هن وقت افغانستان ۾ آهي.“

2000ع جي بهار جي مُند ۾ لندن ۾ ٿيندڙ هڪ ڪانفرنس ۾ بہ مون کي ان قسم جا آواز ٻڌڻ لاءِ مليا. انهيءَ ڪانفرنس جي سامهون خطاب ڪندي خاص مهمان چيو، ”هن شخص پنهنجي زندگي اسلام جي لاءِ اَرپي ڇڏي آهي.“

تنهن ڪري اسان جي هن ڪتاب ۾ اسان جو گهڻ پاسائين اسامہ بن لادن سان واسطو پوي ٿو. اسامہ بن لادن جيڪو هيرو آهي. اسامہ هڪ دهشتگرد آهي، اسامہ اسلامي ويڙهاڪ آهي ۽ هڪ عام شخص بہ.

اسامہ بن لادن جي باري ۾ شعور حاصل ڪرڻ جي اسانجي ڪوشش ان حقيقت جي آڌار تي ڏنڊلائجي وڃي ٿي تہ اسامہ جي باري ۾ تمام گهڻو لکيو ويو آهي. جنهن جو وڏو حصو سچ ڪونهي. اسامہ بن لادن جي باري ۾

انٽرنيٽ تي ڊيٽابيس سرچ ڪئي وڃي تہ هزارين آئٽم، ڪهاڻيون، مضمون، ۽ رپورٽون سامهون اچن ٿيون.

جينزانٽيليجنس 'ريويو' لکيو تہ اسامہ بن لادن آمريڪا مان انجنئيرنگ جي ڊگري حاصل ڪئي ۽ سي آءِ اي 1980ع ۾ روس جي خلاف جنگ ۾ اسامہ بن لادن جي مالي مدد ڪئي .جڏهن تہ انهيءَ جو ٻيو پهلو هي آهي تہ اسامہ زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ آمريڪا نہ ويو آهي.اهو چوڻ بہ غلط آهي تہ آمريڪي سي. آءِ. اي، اسامہ بن لادن جي مالي مدد ڪئي. افغانستان ۾ سي.آءِ.اي انهي قسم جو ڪو بہ آپريشن نہ ڪيو آهي .ڊسمبر 1988ع ۾ اي. بي. سي نيوز جي جاري ڪيل رپورٽ تي ويچاريو "آمريڪي عملدارن کي هڪ دوست غير ملڪي انٽيلي جنس سروس ٻڌايو آهي تہ اسامہ بن لادن ڪجهہ مهينن کان وڌيڪ جئيرو رهي نٿو سگهي." انهي رپورٽ ۾ دعويٰ ڪئي وئي هئي تہ اسامہ بن لادن دل ۽ سرطان جهڙين بيمارين ۾ مبتلا آهي .اسامہ بن لادن جي صحت جي باري ۾ انهيءَ رپورٽ ۾ مبالغي کان ڪم ورتو ويو هو. ڇو تہ هو انهيءَ کان پوءِ بہ ڪيترائي سال جيئرو رهيو ۽ اڃا بہ جيئرو آهي.

صحافت ۾ تہ ان قسم جي سرگرمين کي 'ڊيلي جرنلزم' جي دٻاءُ جو شاهڪار قرار ڏيئي معاف ڪري سگهجي ٿو، پر ڪتابن ۾ اسامہ جي باري ۾ اڻ ڳڻيون غلطيون ڪيون ويون آهن، جيڪي معافي جوڳيون ڪونهن. هڪ ڪتاب Study of Revenge: Saddam Hussain's unfinshed war against America ۾ دعويٰ ڪئي ويئي آهي تہ عراق 1993ع جي ورلڊ ٽريڊ سينٽر ۾ ٿيندڙ ڌماڪن جي سرپرستي ڪئي هئي. انهيءَ ڪهاڻي جي تائيد ۾ ڪي حقيتون ضرور آهن، پر ليکڪ جي اها دعويٰ تہ 1998ع ۾ آفريقا ۾ ٻن آمريڪي سفارتخانن ۾ بم ڌماڪن جو آپريشن عراق ۽ اُسامہ گڏيل طور تي ڪيو هو، بنيادي طور تي غلط هو. ڇو تہ آمريڪي سفارت خانن ۾ بم ڌماڪن جي الزام ۽ جهلجندڙ چئن ڄڻن جي خلاف نيو يارڪ ۾ هلندڙ ڪيس جي جانچ ۽ ڪاروائي، جيڪا هزارين صفحن تي ٻڌل آهي. انهيءَ ۾ عراق جي شامل ٿيڻ جي ترِ جيتري بہ شاهدي نہ ملي سگهي.

هڪ ٻي ڪتاب: Dollers for terror: The united state and Islam، جنهنجو ليکڪ هڪ سوئس صحافي 'رچرڊ ليبي ويري' (Richard Labeviere) آهي. ڪيترين ئي ٻي بنياد دعوائون ڪيون اٿس. مثال طور: 'اسامہ بن

لادن‘ هڪ اڳوڻو سي - آءِ - اي جو ايجنٽ هو. اسامہ بن لادن 1997ع ۾ لنڊن جي هيٿرو ايئرپورٽ تي پنهنجي ذاتي جيٽ جهاز جي ذريعي لٿو، تہ جيئن دهشتگردن جي هڪ اجلاس ۾ شريڪ ٿي سگهي، جنهن ۾ مصر ۾ سياحن تي حملن جي رٿابندي ڪئي ويئي ۽ يمن ۾ سندس ’قيط‘ جي اسمگلنگ تي مڪمل ڪنٽرول آهي. ’قيط‘ هڪ خاص پتو آهي، جيڪو نشي جي لاءِ صوماليا، ايٿوپيا ۽ ڏکڻ عربستان ۾ استعمال ٿئي ٿو. اهو جملو لکڻ مهل ممڪن آهي تہ ’ليبي ويري‘ پاڻ بہ قيط جو پتو چٻاڙي رهيو هجي.

انهيءَ قسم جون اڻ ڳڻيون غلطيون ’يوسف بوڊانسڪي‘ جي ڪتابن ۽ مضمونن ۾ پڻ ڪيون ويون آهن، جيڪو دهشتگرديءَ جي خلاف ڪانگريس جي ٽاسڪ فورس جو ڊائريڪٽر آهي. پنهنجي ڪتاب: Bin Laden The Man who Declared War on America ۾ بوڊانسڪي لکي ٿو تہ ”ننڍي چمار وارو اسامہ بن لادن شراب ۽ زنا جي لاءِ بيروت ويندو هو ۽ نشي ۾ بار ۾ ماڻهن سان جهيڙو جهٽو ڪندو هو.“

جيڪي ماڻهو اسامہ بن لادن کي سُڃاڻن ٿا، تن کي خبر آهي تہ اسامہ بن لادن بيحد ديني مزاج وارو شخص آهي. هن جي شادي سترهن سالن جي عمر ۾ ٿي ويئي هئي. شايد بوڊانسڪيءَ، اسامہ جي ڪنهن ويڳي ڀاءُ کي اسامہ سمجهي ورتو هو، تڏهن تہ هن اها بيوقوفي واري ڳالهہ لکي آهي. بوڊانسڪي پنهنجي ڪتاب ۾ اهو بہ لکيو آهي تہ 1994ع ۾ اسامہ بن لادن لنڊن ويو هو. جتي هو لنڊن جي ويجهو ويمبلي (Wembley) ۾ ترسيو هو. انهيءَ علائقي ۾ عرب پاڇوڪڙ ۽ صحافي رهن ٿا، پر اسامہ جي اُتي اچڻ جو خيال چريائپ جهڙو آهي.

بوڊانسڪيءَ هڪ بي بہ چريائپ جهڙي دعويٰ ڪئي تہ ’لانگ آئيلينڊ‘ جي ساحل جي ويجهو. TWA جي فلائيٽ 800 جي تباهي، (جنهن ۾ 230 ماڻهو مئا هئا) ايران ۽ اسامہ بن لادن جو گڏيل آپريشن هو. پر نيشنل ٽرانسپورٽيشن سيفٽي بورڊ ۽ ايف بي آئي جي ٻن سالن جي گڏيل جانچ کان پوءِ ثابت ٿيو تہ اهو فقط حادثو هو ۽ انهيءَ ۾ ڪابہ تخريبڪاري نہ ٿي هئي.

اسامہ جي باري ۾ ايتري غلط رپورٽنگ ڇو ٿي ڪئي وڃي؟ انهي جو بنيادي ڪارڻ هيءَ آهي تہ سندس باري ۾ جيڪو ڪجهہ لکيو وڃي ٿو، انهي جي ترديد يا تصديق ڪرڻ جو ڪوبہ وسيلو ڪونهي. ڇو تہ اسامہ سان نہ اڳ

۾ رابطو سولو هو ۽ نہ وري هينئر بہ ممڪن آهي. ٻي ڳالهہ اها تہ اسامہ پنهنجي ذاتي زندگيءَ جي باري ۾ جواب ڏيڻ کان لهرائي ٿو. هن جي پنهنجي خاندان جا ماڻهو بہ سندس ذاتي زندگيءَ جي باري ۾ ڪجهہ نٿا ٻڌائين.

اسامہ بن لادن جي باري ۾ رپورٽنگ ڪرڻ انهيءَ لحاظ کان بہ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي تہ هو هڪئي وقت ڪيترائي ڪردار ادا ڪري ٿو. سندس سڀ کان اهم ڪردار اهو آهي تہ هو اهڙن سوين مجاهدن جو اڳواڻ آهي، جيڪي سندس هڪئي اُشاري تي جان ڏيڻ جي لاءِ تيار ٿا رهن. ٻي طرف هو اهڙن لکن راسخ العقيده مسلمانن جي دل جي ڌڙڪن آهي، جيڪي سندس انتهاپسنديءَ وارن نظرين سان گهري وابستگي رکن ٿا. اهي ڪروڙين مسلمان هن جي تنظيم جو حصو ناهن، پر سندس حامي آهن ۽ دنيا جي ڪنڊڪڙڇ ۾ پکڙيل آهن. سڄي دنيا ۾ ڪروڙين مسلمان رهنمائيءَ جي لاءِ هن ڏانهن ڏسن ٿا. آگسٽ 1988ع ۾ اُسامہ بن لادن جي مرڪزن تي آمريڪا پاران ڪيل ڪروز ميزائل حملن کيس سڄي دنيا ۾ مقبول بنائي ڇڏيو. هاڻ هو دنيا جي لکين ڪروڙين ماڻهن جي لاءِ اولهہ جي سياسي ۽ هٿياربند بالادستيءَ جي خلاف مزاحمت جي جيئري علامت بنجي چڪو آهي. ڪلنٽن انتظاميہ جي آفيسرن دهشتگرديءَ جي هر وارادات ۽ واقعي جي ذميداري اُسامہ بن لادن جي مٿي تي هٽي، کيس جيمز بانڊ جي ڪنهن فلم جي ولين جو ڪردار ڏيئي ڇڏيو آهي. جنهن جي روشنيءَ ۾ 11 سيپٽمبر جي واقعي کي سمجهڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو آهي.

همدردن جي لاءِ اُسامہ بن لادن، 'رابرٽ هُڊ' آهي، جيڪو ناتنگهم جي ٻيلن بدران افغانستان جي جبلن ۾ لڪيل آهي ۽ غريبن ۽ مظلومن جي مدد لاءِ تير ڪمان جي بدران راڪيٽ، پروپيلڊ گرنيڊ ۽ سي 4 ڌماڪيدار مادو اولهہ جي بلڪل نڪ جي هيٺان استعمال ڪري ٿو. اسامہ بن لادن کي جيڪڏهن جهاد جو 'پائيڊ پائپر' قرار ڏيئي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي تہ وڌيڪ بهتر آهي. ڇو تہ جهاد جي لاءِ هن جي اپيل تي الجزائر کان وٺي پاڪستان تائين ۽ پاڪستان کان وٺي ڪيلي فورنيا تائين بي روزگار مسلمانن لبيڪ چئي.

نيٺ بہ تہ اُسامہ بن لادن جي اپيلن ۾ ايتري جاذبيت ڇو آهي؟ سندس نظريو آمريڪا جي مخالفت ۽ وچ اوڀر جي حڪمرانن جي خلاف بغاوت آهي،

جن کي هو غير اسلامي قرار ڏيو ٿو ڏي ۽ هو چيچينا ۽ فلپائن جهڙن ملڪن ۾ گوريلا تحريڪ جي مدد ڪري ٿو. هن جي سياسي نظرين ۽ تخريب ڪاري جي آپريشنن ڪيس عالمي پس منظر ۾ انتهائي اهميت ڏياري ڇڏي آهي.

11- سيپٽمبر ڪان ڪجهہ عرصو پهرين پاڪستان جي فوجي حڪمران جنرل پرويز مشرف، اسامہ بن لادن جي غير معمولي مقبوليت جا سبب بيان ڪيا هئا. هن چيو ”اولهہ جي منافقيت ۽ شيطانيت وارن طريقن اسامہ کي هڪ عظيم ديني شخصيت طور مقبوليت عطا ڪئي آهي. ڇو تہ اولهہ ۾ اخلاقي قدرن جي تنزليءَ تي مسلمان بي چينيءَ جو شڪار آهن. هالي ووڊ جي فلمن ۽ ٽي وي سيريلس ۾ اسرائيلي قابض فوجين جي هٿان مظلوم فلسطينين جو قتل عام ڏيکاريو وڃي ٿو. روس، چيچينا ۾ مسلمانن سان جيڪو ظلم ۽ ستم ڪري رهيو آهي ۽ اولهہ جيڪو بوسينا ۽ ڪوسوو ۾ مسلمانن سان بدسلوڪيون ڪري رهيو آهي. هندوستان، ڪشمير جي مسلمانن تي جيڪو ظلم ۽ ڏاڍ ڪري رهيو آهي. ناانصافين ۽ شڪايتن جي هڪ ڊگهي فهرست آهي. مسلمان پاڻ کي دنيا ۾ بي سهارا محسوس ڪن ٿا ۽ انهيءَ جي نتيجي ۾ اسامہ بن لادن اهڙي شخصيت اڀري سامهون آئي. هو انتها پسند مسلمانن جي لاءِ هڪ هيرو آهي.“

اولهہ جي خلاف جهاد جي اصل سپاهين ۾ هڪ ’رمزي يوسف‘ آهي، جيڪو 1993ع جي ’ورلڊ ٽريڊ سينٽر‘ جي بم ڌماڪن جو آپريشنل اڳواڻ هو. هو پاڪستاني بلوچ هو. ڪويت ۾ پليو. هن ويلز مان اليڪٽريڪل انجنيئرنگ ۾ ڊگري ورتي. هتي هن انگريزي تي عبور حاصل ڪيو. هن جي جهاد جي خواهش کيس افغانستان، نيو يارڪ، ٿائلينڊ، فلپائن ۽ پاڪستان ۾ سرگرم ڪيو. مٿس الزام آهي تہ هن بينظير ڀٽو کي قتل ڪرڻ جي بہ ڪوشش ڪئي.

رمزي يوسف ڪو روايتي قسم جو مُلاڻي ذهنيت وارو ويڙهاڪ نہ هو. هن اعليٰ معيار جي زندگي گهاري هئي. هو القاعده جي نيٽ ورڪ سان واسطو رکڻ جي ڪري سڄي دنيا ۾ گهمندو رهيو. هن القاعده جي ڪئمپن ۾ هٿيارن جي سکيا ورتي. هو فلپائن ۾ انسان جي حامي اسلامي ڇاپي مارن سان گڏجي ڪم ڪندو رهيو. هو ڪجهہ وقت پاڪستان ۾ اسامہ بن لادن جي گيسٽ هائوس ۾ بہ ٽڪيل رهيو.

هن تي اولهہ جي سُڌ سماءَ جي ذريعن ڪيترائي الزام هنيا آهن. مثس آمريڪي جهازن کي بم سان اڏائڻ جي سازش، پوپ جان پال ٻي‘ کي قتل ڪرڻ جي سازش (اهو الزام فلپائن لڳايو) ۽ ورجينيا ۾ سي آءِ اي جي هيڊ ڪوارٽر سان جهاز ٽڪرائڻ جي ڪوشش شامل آهن.

فلپائين پوليس 1994ع ۾ سندس ’منيلا اپارٽمينٽ‘ مان هڪ ليپ ٽاپ ڪمپيوٽر هٿ ڪيو. جنهن ۾ اهي رٿائون پيل مليون. رمزي يوسف جي هڪ ساٿيءَ جانچ ۽ پڇاڳاڇا دوران انهن رٿائن جي توثيق ڪئي. انهي پلان کي Bojinka جو نالو ڏنو ويو.

رمزي يوسف کي 1995ع ۾ پاڪستان مان گرفتار ڪيو ويو ۽ ايف بي آئي جا ايجنٽ ڪيس نيو يارڪ وٺي آيا. جنهن هيلي ڪاپٽر ۾ هو سوار هو. اهو ’مين هٽن‘ ۾ موجود آمريڪي جيل ڏينهن ويندي ’ورلڊ ٽريڊ سينٽر‘ جي ڀرسان لنگهيو تہ ايف بي آءِ جي هڪ ايجنٽ، ٽريڊ سينٽر ڏانهن اشارو ڪندي چيو، ”هي ٽاور اجا تائين قائم ۽ دائم آهي.“

انهيءَ جي جواب ۾ رمزي يوسف چيو، ”جيڪڏهن مون وٽ پئسا ۽ بارود جهجهي مقدار ۾ موجود هجي ها تہ ڪر هي هتي هيئر نہ هجي ها.“

القاعده وٽ غير معمولي فنڊ ۽ گهٽو وقت هو. 11 سيپٽمبر تي ڌماڪا ڪندڙ 1994ع ۾ آمريڪا اچڻ شروع ڪيو هو. هنن وٽ هڪ بهترين رٿا هئي.

محمد عطا، ورلڊ ٽريڊ سينٽر آپريشن جي اڳواڻ مان هڪ هو. هو پڪو پختو مسلمان ۽ ٽيڪنيڪي لحاظ کان پنهنجي ڪم جو ماهر هو، جيڪو القاعده جي ميمبرن جو هڪ گڻ آهي. عطا 1968ع ۾ قاهره جي هڪ وچولي مذهبي گهراڻي ۾ پيدا ٿيو. 1992ع ۾ هو جرمني هليو ويو. هن هيمبرگ ٽيڪنيڪل انسٽيٽيوٽ مان ’اربن پلاننگ ۽ پريزرويشن‘ ۾ ڊگري حاصل ڪئي. هن اها ڊگري هڪ غير مستقل شاگرد جي حيثيت سان حاصل ڪرڻ ۾ ست سال لڳايا. هن جو هڪ پروفيسر ڊئمار ميشول چوي ٿو تہ: ’عطا درحقيقت هڪ مفڪر هو، جيڪو اولهندي دنيا ۾ اولهندي تهذيب کان نفرت جو اظهار ڪندو رهندو هو.‘

هن زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ شراب نہ پيتو ۽ نہ وري هن ڪڏهن عورت سان لڳ لاڳاپا رکيا. هن اسڪول ۾ هڪ اسلامي شاگردن جو گروپ ٺاهيو،

جنهن ۾ پنجاهہ ميمبر هئا. انهن ۾ ہ سندس روم ميٽ هئا، جيڪي پوءِ ورلڊ ٽريڊ سينٽر ۾ ڌماڪي جي سازش ۾ شريڪ ٿيا.

18- مئي 2000ع تي عطا، برلن جي آمريڪي سفارتخاني ۾ آمريڪي ويزا جي لاءِ درخواست ڏني. هو پراگ مان ٿيندو آمريڪا ويو. پراگ ۾ هن جي ملاقات هڪ عراقي انٽيلي جنس ايجنٽ سان ٿي. آمريڪي سيڪريٽ ايجنسي آفيسر مون کي چيو تہ اسين اڄ تائين انهيءَ ملاقات مان ڪوبہ نتيجو ڪڍي نہ سگهيا آهيون.

عطا 3 - جون تي پراگ کان نيو يارڪ روانو ٿيو. هو 'اوڪلاهاما' ۾ نارمن جي يونيورسٽي ٽائون ۾ هلنڊڙ هڪ فلائيٽ اسڪول پڙهڻ ويو. انهيءَ اسڪول ۾ القاعده جي آمريڪي ريڪروٽ 'احب عليءَ' هوائي جهاز اڏائڻ جي تربيت حاصل ڪئي هئي. ۽ بعد ۾ هو سوڊان ۾ اسامہ بن لادن جي ذاتي جهاز جو پائلٽ بڻيو.

ڪجهہ هفتن کان پوءِ عطا وينس، فلوريڊا منتقل ٿي ويو، جتي هن جولاءِ کان نومبر جي وچ ۾ 'هيمين ايوي ايشن' مان فلائنگ جي تربيت حاصل ڪئي. هن 25000 ڊالر في جا بہ ادا ڪيا ۽ هڪ انجڻ ۽ ڪيترن ئي انجڻين وارن جهازن اڏائڻ جو سرٽيفڪيٽ بہ حاصل ڪيو. ڊسمبر ۾ عطا هڪ فلائنگ اسڪول ۾ تربيت حاصل ڪئي ۽ بوئنگ 727 سيموليٽر تي پريڪٽس ڪئي. سندس انسٽرڪٽر انهيءَ ڳالهہ تي پريشان هو تہ عطا کي ٻين شاگردن جي ڀيٽ ۾ جهاز جي ٽيڪ آف ۽ لينڊنگ جي پرئڪٽس ۾ وڌيڪ دلچسپي هئي. عطا، جهاز کي گهمائڻ ۽ موڙڻ جي پريڪٽس بہ ڪري رهيو هو. هو جڏهن آمريڪا ۾ رهيل هو تہ ڪيس پاڪستان مان هڪ لک ڊالرن جي رقم وصول ٿي، جيڪا هن سازش ۾ شريڪ ٻين حصيدارن ۾ ورهائي ۽ پنهنجي فلائنگ جي سکيا جي تربيت جي في بہ انهيءَ مان ادا ڪئي.

فيبروري 2001ع ۾ عطا فلوريڊا جي 'بيلي گيڊ' ايئرپورٽ ويو. اُتي هن اها ڄاڻ حاصل ڪئي تہ فصلن تي دوائون ڇٽڪارڻ وارا جهاز ڪيترو پري تائين وڃن ٿا ۽ ڪيتري زهريلي دوا کڻي وڃي سگهجي ٿي. ظاهر آهي تہ انهن جهازن کي ڪنهن بہ آمريڪي شهر تي ڪيميائي يا جراثيمي گئس کي ڇٽڪارڻ جي لاءِ بہ استعمال ڪري سگهجي ٿو. هن دوائون ڇٽڪارڻ واري هڪ جهاز جي خريداريءَ جي لاءِ آمريڪي زراعت کاتي کان قرض وٺڻ بابت بہ

جاڻ ورتي.

28 آگسٽ تي عطا، آمريڪن ايئر لائن جي فلائيٽ نمبر 11 وسيلي بوسٽن کان لاس اينجلس وڃڻ جي لاءِ ٽڪيٽ بہ خريد ڪئي. هڪ هفتي کان پوءِ عطا ۽ سندس هڪ دوست هالي ووڊ جي هڪ شراب خاني ۾ شراب پيئڻ ويا.(1)

ٽئن ڏينهن کان پوءِ 11 سيپٽمبر تي صبح جو ايئرپورٽ سيڪيورٽي جي لاءِ هڪ ڪئميرا، پورٽ لينڊ، مين هٽن ويندڙ اڏام جي ڊپارچر ايريا ۾ عطا جي فلم پري.

جانچ ڪندڙن کي عطا جي بيگ مان عربي زبان ۾ لکيل هدايتون مليون. انهن هدايتن جي آخر ۾ هڪ دعا بہ هئي.

”اي پالڻهار! جيڪو دعائن جو جواب ڏي ٿو ۽ مدد جي لاءِ سڏڻ وارن جي پڪار تي ڌيان ڏري ٿو. آئون توکان پنهنجي مغفرت جي دعا گهران ٿو. منهنجي مشڪلن کي آسان ڪر ۽ منهنجو بوجهہ گهٽائي، جيڪو آئون محسوس ٿو ڪريان.“

هڪ ڪلاڪ کان پوءِ محمد عطا آمريڪن فلائيٽ نمبر 11 کي ورلڊ ٽريڊ سينٽر طرف وٺي وڃي رهيو هو.

أُسامہ بن لادن 1970ع ۽ 1980ع جي عرب مجاهدن (2) کان بلڪل مختلف آهي. انهن مان ڪنهن کي بہ دنيا ۾ ايتري عزت ۽ مٿاهون مقام حاصل نہ ٿيو، جيڪو اسامہ کي ٿيو. هنن جا نظريا فقط اسرائيل جي مخالفت ۽ فلسطيني رياست جي قيام جي جدوجهد تائين محدود هئا. انهن جي مقابلي ۾ اسامہ بن لادن وٽ وسيع تناظر جو حامل هڪ اهڙو نظريو هو، جيڪو فقط اسرائيل کان نفرت تائين محدود نہ هو. اسامہ بن لادنْ نہ فقط اسرائيل جي مخالفت ڪئي، پر هن عراق جي خلاف آمريڪا جي فوجي حملي جي پڻ مذمت ڪئي. هن ’مسلم ائٽم بم‘ جي تخليق جي حمايت ڪئي. هن اهو اعلان ڪيو تہ سڄي دنيا ۾ آمريڪي فوجي ۽ شهري نشانن تي حملا ڪرڻ

(1) هتي ليکڪ کان غلطي ٿي ويئي آهي. مٿي لکيو اٿس تہ عطا ڪڏهن بہ شراب ۽ عورت جي ويجهو نہ ويو هو. هتي وري اُن جي ابتڙ لکيو اٿس، جيڪا ڳالهہ درست ڪونهي. (مترجم)

(2) هتي ليکڪ مجاهدن کي دهشتگرد لکيو آهي، جيڪو هُن جو آمريڪن تصور آهي. جيئن تہ ٽين دنيا جا مظلوم ماڻهو ڪين آزادي پسند سمجهندا آهن، تنهن ڪري هتي اهو لفظ ’مجاهد‘ ۾ بدلايو ويو آهي. (مترجم)

مسلمان جي ديني ذميداري آهي. ڇو تہ سرزمين ’حرمين شريفين‘ کي غير مسلمانن کان پاڪ ڪرڻ ضروري آهي. هن مصر ۽ سعودي عرب جي حڪومتن جي سخت مذمت ڪئي تہ هو اسلامي نظام جي قيام ۾ وڏي رنڊڪ آهن. اسامہ بن لادن سڄي دنيا ۾ جهاد جي حمايت ڪئي.

اهم ڳالهہ اها آهي تہ 1980ع واري ڏهاڪي ۾ جڏهن عرب مجاهد خاموش ٿي چڪا هئا تہ اسامہ بن لادن جي تنظيم القاعده ۽ سندس ساٿي تنظيمون سڄي دنيا ۾ نين آپريشنن جي رٿابندي ڪري رهيون هيون.

11- سيپٽمبر جي حملن ۾ ڪاميابي اسامہ بن لادن جي لاءِ الله تعاليٰ طرفان مدد جي علامت هئي.

موجوده دور جي عالمگير ڪلچر ۾ اسامہ بن لادن جي نظرين ۽ تصورن جي ميڊيا جي ذريعي تيز ترين واڌاري يمن کان ڪينيا ۽ انگلينڊ تائين اسلامي ويڙهاڪن کي فعال ۽ متحد ڪري ڇڏيو. هن زماني ۾ اسامہ بن لادن جو پيغام جنهن تيزيءَ سان پکڙيو، انهي جو ٽيهہ سال اڳ تصور بہ نٿو ڪري سگهجي. سي اين اين، ٽائيم ۽ نيوز ويڪ جا ورتل اسامہ بن لادن کان انٽرويو دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ٻُڌا، ڏٺا ۽ پڙهيا ويا. عرب سُڌسماءُ جي ذريعن جهڙوڪ: قطر جي الجزيره ٽيليويزن ۽ لنڊن جي ’القدس العربي‘ اخبار اسامہ جي نظرين کي سڄي وچ اوڀر ۾ اثرائتي نموني پکيڙيو. انهن تان وري اولهہ جي ذريعن پنهنجي ٽيليويزن نيٽ ورڪس ۽ وائر سروسن جي ذريعي، انهيءَ نفرت کي وڌيڪ پکيڙيو.

انٽرنيٽ انهيءَ مقدس جهاد کي اجا بہ وڌيڪ اثرائتو بنائي ڇڏيو. 2001ع ۾ القاعده جيڪي ’ايڪروٽمينٽ‘ ويڊيو ٽيپ تيار ڪرايا، اُهي DVD فارميٽ ۾ بدلايا ويا ۽ انهن کي ڪمپيوٽر تان ڪاپي ڪرڻ سولو هو. اهي ويڊيو ٽيپ ڪيترن ئي چيٽ رومز ۾ دستياب هئا. انٽرنيٽ تي ڪيترائي درجن ويب سائٽس فقط اسامہ بن لادن ۽ جهاد سان واسطو رکنديون هيون. انهن ۾ ’عزام ڊاٽ ڪام‘، جنهن انهي شعبي ۾ گهڻو ڪم ڪيو آهي. ’عزام ڊاٽ ڪام‘ سڄي دنيا جي شهيدن جي زندگين جي باري ۾ انٽرنيٽ تي تفصيل جاري ڪيا آهن. اهڙا وڊيو ٽيپ بہ جاري ڪيا آهن، جن ۾ جهادي ليڊرن جون تقريرون ۽ انٽرويو هوندا آهن. تنهن ڪانسواءِ جهاد جي باري ۾ ڪتاب ڇپيا ۽ اليڪٽرانڪس بوڪس جاري ڪيا. انهن انٽرنيٽ سائٽس جي عالمگير سطح

تي پهچ جو اندازو ائين لڳائي سگهجي ٿو تہ هڪ سعودي مجاهد خالد المدني، فيبروري 2000ع ۾ چيچينا ۾ روسين سان وڙهندي شهيد ٿيو. هو اسامہ بن لادن جي جهادين مان هڪ هو ۽ جيڪي چيچينا ۾ روس جي خلاف وڙهي رهيا هئا. فقط هڪ ڏينهن جي اندر هن جي يونيئرن جي امداد جي لاءِ اپيلون ڏکڻ آفريقا، آمريڪا، لبنان، ملائيشيا، ڪئنادا، نيوزي لينڊ، سعودي عرب، ترڪي، سري لنڪا ۽ هندستان تائين پهچي ويون.

1970ع ۽ 1980ع دوران وچ اوڀر جي فلسطيني مجاهدن کي پنهنجي ڪم جي لاءِ سدائين عرب حڪومتن جي سرپرستيءَ جي گهرج محسوس ٿيندي هئي (انهيءَ جو هڪ مادل ابو ندال آرگنائيزيشن هئي، جنهن کي 1970ع واري ڏهاڪي ۾ عراق، مخالفن جي قتل ۽ اغوا جي لاءِ استعمال ڪيو. بعد ۾ شام ۽ لبيا انهيءَ جي سرپرستي ڪندا رهيا). اتهن جي پيٽ ۾ اسامہ بن لادن، ڪنهن حڪومت جي سرپرستيءَ جي گهرج محسوس نہ ڪئي. هن وٽ پنهنجي ڪم جي لاءِ فنڊز ۽ وسيلا موجود هئا. جديد مواصلاتي ٽيڪنالوجيءَ انهيءَ ڪم کي وڌيڪ سولو ڪري ڇڏيو. هو مائوس جي هڪ ڪلڪ جي ذريعي پنهنجي مجاهدن کي آذربائيجان کان وٺي يمن تائين هدايتون جاري ڪري ٿي سگهيو.

اسامہ جو پيغام، شروعاتي عرب مجاهدن جي پيغام کان بلڪل مختلف آهي، جيڪي فقط پان عرب ازم يا فلسطيني رياست جو نعرو هٽي هڪ خطي تائين محدود ٿي ويا هئا. پر اسامہ بن لادن صحيح معنيٰ ۾ هڪ مذهبي ويڙهہ وڙهي رهيو هو. ڪيس عالمن جي فتوائن جي مڪمل تائيد ۽ حمايت حاصل آهي. اسلامي دنيا جي عالمن جي وڏي اڪثريت ۽ راسخ العقيده مسلم عوام جهاد جي حامي آهي ۽ نہ فقط 'عالم ڪفر' يعني اولهہ جي خلاف جهاد جي حمايت ڪري ٿي، بلڪ وچ اوڀر ۽ ٻين علائقن ۾ اولهہ جي دوست اسلامي حڪومتن جو تختو بہ اونڌو ڪرڻ چاهي ٿي. تنهن کان سواءِ هن جي سڄي همدردي هندستان ۽ روس ۾ وڏي مسلم اقليت سان آهي، جن کي اهي ملڪ گهٽائيءَ جي آذار تي دبائي رکن ٿا.

سڄي دنيا ۾ پکڙيل اسلامي تنظيمن، اسامہ بن لادن جي جهاد جي اپيل کي نہ رڳو قبول ڪيو، پر رهنمائي ۽ مدد لاءِ بہ هن ڏانهن ڏسن ٿيون. انهن تنظيمن جا اڳواڻ، مسجدن ۽ مدرسن جي عام پڑهيل ملان يا مولوي ڪونهن،

پر اولهہ جا پڙهيل ڳڙهيل نوجوان آهن، جيڪي دنيا جي جديد مواصلاتي ذريعن ۽ ٽيڪنالاجيءَ کي پنهنجي مقصدن جي لاءِ استعمال ڪن ٿا.

1999ع ۾ آءٌ پاڪستان جي لشڪر طيبہ جي ترجمان عبدالله منتظر سان مليس. لشڪر طيبہ ڪشمير ۾ جهاد ڪندڙ ويڙهاڪ تنظيم آهي، جيڪا 1985ع ۾ افغان جهادي گروپ طور قائم ٿي. هو اوپر ۽ اولهہ جو هلندڙ ڦرندڙ نمونو آهي. آئون ساڻس مليس تہ رمضان جو مهينو هو ۽ هو روزي سان هو، پر هن مون کي چانهہ پيش ڪئي. اسلام آباد ۾ 'لشڪر طيبہ' جي ننڍي آفيس فيڪس مشين ۽ ڪمپيوٽرن سان پريل هئي. منتظر ڪنهن اهڙي ويب سائيٽ کي چيڪ ڪري رهيو هو، جيڪا چيچين مجاهدن سان واسطو رکندي هئي. روسين جي خلاف چيچين جي هٿياربندن جي جهاد جي لاءِ چندو ڪندو رهيو هو ۽ ڪين پئسا موڪليندو آهي. "ٽيڪنالاجي انسانيت جي لاءِ مفيد آهي." منتظر هٿ مٿي ڪندي چيو، "پر اسين اولهہ جي تهذيب کي رد ٿا ڪريون."

عالمي سطح تي اسلامي جهاد ۾ 'اسلامڪ آرمي آف عدن' بہ هڪ سنو نمونو آهي، جيڪا القاعده سان لاڳاپيل آهي. انهي جي آفيسِ ڏکڻ يمن ۾ آهي. انهي تنظيم ڊسمبر 1988ع ۾ اولهہ جي سياحن جي هڪ گروپ کي اغوا ڪيو هو. اغوا ڪندڙن وٽ هڪ سيٽ لائٽ ٽيليفون بہ هئي. هنن جو ميڊيا ريپريزنٽيٽو ابو حمزه هڪ مصري انجنيئر هو. جيڪو برطانوي شهريت رکندڙ هو. هن پنهنجي هڪ ويب سائيٽ بہ جوڙي هئي، جنهن تي رهنمائي ڪئي ويندي هئي تہ ڪيئن ۽ ڪٿي جهادي تربيت حاصل ڪئي وڃي. انهيءَ سائيٽ تي جهادي گروپن جا بينڪ اڪائونٽ بہ هئا تہ جيئن ماڻهو سڌوسنئون انهن جي مالي مدد ڪري سگهن.

"الجزائري آرمڊ اسلامي گروپ" جنهن کي پنهنجي فرانسيسي نالي جي مخفف (GIA) جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو، اهو بہ القاعده سان واسطو رکي ٿو. گذريل سالن دوران هن جون سرگرميون چٽني ڪندن تائين پکڙجي چڪيون آهن. انهيءَ گروپ جي ميمبرن بيلجيم ۾ بئنڪن تي حملا ڪيا. ڪئناڊا ۽ لنڊن ۾ پنهنجا پنهنجا سيل قائم ڪيا. مٿن الزام اهو آهي تہ هنن پئرس جي 'سب وي اسٽيشن' ۾ ڌماڪو ڪيو هو ۽ لاس اينجلس ايئر پورٽ کي ڌماڪي سان اُڏائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. هنن جي مجاهدن افغانستان

۾ اسامہ بن لادن جي ڪئمپن ۾ تربيت حاصل ڪئي ۽ بوسينا ۾ جهاد ۾ حصو ورتو.

اسلامي جهاد جي گهڻ نسلي ۽ گهڻ قومي ڪردار ۽ جديد اولهہ جي تهذيب جي گڏپ ڪي انهن جنگين ۾ چٽي طرح ڏسي سگهجي ٿو، جيڪي 1994ع کان ڏکڻ روس ۾ چيچينا ۾ جاري آهن. چيچين جهاد ۾ شامل هڪ اهم شخصيت سعودي اڳواڻ، 'خطاب' جي آهي. خطاب اسامہ بن لادن جي ساٿين منجهان آهي. ۽ افغان جهاد ۾ شريڪ رهيو آهي. سوويت روس جي افغانستان مان نڪرڻ کان پوءِ هو افغانسان مان چيچينا هليو ويو، جتي هن 1999ع ۾ روس جي خلاف ٻي چيچين جنگ ۾ چيچين مجاهدن جي مدد ڪئي. چيچين گروپن انٽرنيٽ تي هڪ درجن کان بہ وڌيڪ زبانن ۾ پنهنجون ويب سائيٽس ٺاهيون آهن. انهن ۾ سويڊش ۽ البانويءَ جهڙيون زبان بہ شامل آهن. خطاب کي جديد مواصلاتي نظام تي ايتري تہ دسترس آهي(1) جو هن القاعده جي ريڪروٽمنٽ ويڊيو ٽيپس کي ويب سائيٽس تي ريئل پليئر فارميٽ ۾ تبديل ڪري پيش ڪيو آهي. چيچين پنهنجي جنگ جي سڄي تربيت افغانستان جي تربيتي ڪئمپن ۾ حاصل ڪئي آهي. هن پاڪستان ۾ قائم ديني مدرسن ۾ تعليم حاصل ڪئي ۽ هاڻ چيچينا ۾ روس جي خلاف جهاد ڪري رهيو آهي.

انهيءَ جهاد جا پيرين پنڌ سپاهي هاڻ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙجي چڪا آهن. پنهنجي هزارين مجاهدن وانگر اسامہ بن لادن جهاد خاطر پنهنجو سمورو عيش ۽ آرام ترڪ ڪري ڇڏيو ۽ افغانستان جي سخت موسم ۾ هر وقت موت جي خطري ۾ گهيريل زندگيءَ کي ترجيح ڏني. گذريل ٻن ڏهاڪن جي سخت زندگيءَ کيس فولادي اعصابن جو مالڪ بنائي ڇڏيو آهي. هو انهيءَ جهاد جو هيرو ۽ اعليٰ قائد آهي.

عالمگير جهاد جي انهيءَ ڪهاڻيءَ جي شروعات، رياض، سعودي عرب کان ٿئي ٿي. جتي 1957ع ۾ اسامہ جنم ورتو. پر اتان کان سوين ميل پري 'حضرت موت' کان ٿئي ٿي، جيڪو ڏکڻ يمن ۾ آهي. بن لادن گهراڻي جا وڏا اتي جا رهاڪو هئا.

'حضرموت' وشال ريگستاني ۽ خشڪ پهاڙن جي سرزمين آهي. هتي

(1) خطاب نالي اهو مجاهد اڳواڻ، افغانستان تي آمريڪا جي حملي ۽ بمباري کان پوءِ افغانستان ۾ شهيد ٿي ويو. (مترجم)

سج جا بي رحم ڪرڻا ايتري تہ شدت سان زمين تي پون ٿا، جو زمين ڪنهن تندور وانگر تپڻ ٿي لڳي. اهو ريگستان، سعودي عرب جي 'ربع الخالي' سان گڏيل آهي ۽ ڏکڻ عرب تائين پکڙيل آهي. 'حضرموت' پراڻي سرزمين آهي ۽ انهيءَ وقت کان 'بن لادن' خاندان اُتي آباد رهيو آهي. هتي جديد زندگيءَ جون فقط ڪجهہ ئي علامتون نظر اچن ٿيون، نہ تہ مٽيءَ ۽ گاري سان ٺهيل گهر ۽ بار برداريءَ جي لاءِ گڏهہ، انهن جي عام زندگي آهي.

'حضرموت' جي سخت موسم ۾ زراعت ثانوي سرگرمي آهي ۽ هتي جا رهاڪو صدين کان واپار ۽ اڏاوتي ڪم ڪندا پيا آيا آهن. سياحت سندن مزاج جو حصو آهي. اومان ۽ سلطان بروناِئي بہ حضرموت سان واسطو رکن ٿا ۽ انهن جا وڏا هتان ئي سمنڊ وسيلي اتي پهتا هئا. حضر موت جون قديم بلند عمارتون حيرت ۾ وجهندڙ آهن. مون شيام جي وسندي ۾ ڪيترين ئي صديون پراڻيون ٺهيل عمارتون ڏٺيون، جيڪي ريگستاني واريءَ تي بيٺيون هيون. پر انهن جي بلندي پندرهن ماڙن تائين هئي. آئون انهن جي تعميراتي ٽيڪنڪ ۽ فن ڏسي حيران رهجي ويس. شايد اڏاوت جو ڪم سندن ڪلچر ۽ تهذيب جو حصو آهي ۽ انهيءَ جي ڪري بن لادن خاندان جو ڌنڌو بہ تعميرات ئي آهي.

'ضون ماٿري' حضرموت جي وڏين ماٿرين مان هڪ آهي. هتي 'الرباط' نالي ڳوٺ 'بن لادن' گهراڻي جي سرزمين آهي. اها ماٿري هڪ سؤ ميل ڊگهي آهي. هتان کان ويهين صديءَ جي شروعات ۾ تمام گهڻا ماڻهو لڏي سعودي عرب ويندا رهيا، انهن مان ڪن جو شمار هاڻ سعودي عرب جي انتهائي دولت مند گهراڻن ۾ ٿئي ٿو. جهڙوڪ: بن محفوظ، جيڪو ملڪ جي سڀ کان وڏي بئنڪ 'نيشنل ڪمرشل بئنڪ' جو باني آهي. 'امودي' تيل، کاڻين ۽ اڏاوتي ڪمن جو وڏو سيڙپڪار آهي. 'بيروم' واپاري آهن ۽ 'بن لادن' گهراڻون جيڪو انهن سڀني مان وڌيڪ دولت مند آهي. سڀ کان وڏو اڏاوتي سيڙپ ڪار آهي.

اهي گهراڻا هڪٻئي سان گڏجي ڪاروبار ڪندا رهيا آهن. هنن پاڻ ۾ شاديون مراديون بہ ڪيون آهن ۽ هو حضرموت مان هڪ خاص ڪلچر پاڻ سان گڏ کڻي آيا هئا، جنهن عالمگير سطح تي ڪاروبار ۾ بہ ڪاميابي حاصل ڪئي ۽ بي پاسي ديني لحاظ کان بہ کين امتياز عطا ڪيو. حضرموت جا

رهندڙ ڪاروبار ۾ انتهائي ديانتدار ۽ مخلص تصور ڪيا وڃن ٿا. لڪين ڪروڙين روپين جي ڪاروبار ۾ بہ هڪ پئسي جي بہ بي ايماني نٿا ڪن. هڪ همراهہ نبيل الجش ٻڌايو.

”حضرموت جا رهندڙ سختي سان مذهب جي پابندي ڪن ٿا. هتي جون عورتون ڊرائيونگ نٿيون ڪن، نماز مهل هنن جا دوڪان ۽ ڪاروبار بند ٿيو وڃن. ماڙيءَ ۾ رهندڙ عورتن جو ٻاهرين دنيا سان ڪوبہ لاڳاپو نہ هوندو آهي. انهيءَ جي ڪري سنڌين ٻوليءَ جو خاص لهجو ڏار حيثيت ٿو رکي. ’حضر موت‘ جي اوچن مينارن ۽ ٽاورن جي جهلڪ سنڌن جديد تعميرات ۾ نظر ٿي اچي.“

## [3]

باٽ بيحد دوست نواز هو ۽ هن جي جارج ڊبليو بش سان گهاٽي دوستي هئي. بُش جو تيل جي صنعت سان واسطو هو ۽ سندس پيءُ ان وقت سي آءِ اي جو ڊائريڪٽر هو. 1980ع ۾ هو رونالڊ ريگن جو نائب صدر بنجڻ جي ڊوڙ ۾ شامل هو. (1979ع ۽ 1980ع جي وچ ۾ باٽ، جارج جي مدد بہ ڪئي. هن ٽيڪساس ايئرنيشنل گارڊ ۾ -/50000 ڊالرن جي سيڙپ ڪاري ڪئي، جيڪا بش جي ڪمپني هئي. ڪمپنيءَ جو نالو Arbusto هو، جيڪو اسپيني زبان جو لفظ آهي. جنهن جي معنيٰ Bush يا Shrub آهي.)

سالم بن لادن، اورلينڊو ۾ هڪ گهر خريد ڪيو، جتي هو اڪثر موڪلون گذارڻ ايندو هو. سالم بہ پنهنجي پيءُ وانگر جهاز جي هڪ حادثي ۾ فوت ٿيو. هو هڪ مائڪرو لائٽ جهاز اڏائي رهيو هو، جو 1988ع ۾ سان انٽونيو، ٽيڪساس ۾ بجليءَ جي تارن سان ٽڪرائجي تباهہ ٿي ويو. سالم جي وفات کان پوءِ بہ بن لادن گهراڻي آمريڪا سان پنهنجا ڪاروباري لاڳاپا برقرار رکيا. بن لادن خاندان جي ڪيترن ئي ماڻهن نيوجرسي ۽ ٽيڪساس ۾ ملڪيتون خريد ڪيون ۽ رهائش اختيار ڪئي. پر 11 سيپٽمبر جي حملي کان پوءِ ڪيترائي ماڻهو پنهنجي حفاظت جي لاءِ آمريڪا ڇڏي واپس سعودي عرب موٽي آيا. هارورڊ يونيورسٽيءَ ۾ ’بن لادن خاندان‘ سان منسوب هڪ فيلوشپ بہ آهي، جيڪا اسلامي آرڪيٽيڪچر جي لاءِ جاري ڪئي ويندي آهي. اسامہ جي ويڳن پائرن مان هڪ آمريڪي ڪميونيڪيشن جائنٽ ’موٽرولا‘ جي بورڊ آف سبسڊيز جو ميمبر آهي. بن لادن ڪمپني جي هڪ سيٽلائيٽ آفيس 1990ع ۾ ميري لينڊ ۾ قائم ٿي ۽ مين هٽن ۾ هڪ پبلڪ ريليشنز ڪمپنيءَ جون خدمتون حاصل ڪيون. هن جو قانوني

صلاحڪار ’وهائٽ، شولافرسريون اينڊ ڪراموبل‘ آهي.

بن لادن ڪمپنيءَ ڪي هاڻ اسامہ جو هڪ ڀاءُ بڪر هلائي ٿو، جيڪو سعودي بن لادن گروپ (SBG) جو چيئرمين آهي. ڪمپنيءَ جا ٻيا سڀ وڏا عهدا بہ اسامہ جي ڀائرن وٽ آهن. انهن مان يحيٰ بن لادن ڪمپنيءَ جو نائب چيئرمين ۽ حسن نائب صدر آهي. هڪ ٻيو ڀاءُ اسلام جينيوا ۾ آهي ۽ ڪمپنيءَ جي مالياتي سودن جي نگراني ڪري ٿو.

1990ع جي وچ تائين ’بن لادن گروپ آف ڪمپنيز‘ جي دولت وڌي پنج ارب ڊالر تي چڪي هئي. 1990ع ۾ سعودي بن لادن گروپ ۾ 37000 ماڻهو ملازم هئا. ڪمپني جي اڏاوتي رٿائن ۾ قاهره ايئرپورٽ جي رن ويز جي اڏاوت، يمن ۾ عدن ايئرپورٽ جي نئين سر اڏاوت، قاهره جي پرسان نيون اڏاوتون، عمان (اردن) ۾ حيات لطاڪيہ، شام ۾ سمنڊ جي ڪناري جي تفريح گاهہ، ڪوالالمپور ۾ مسجد جي اڏاوت، رياض ۾ ٽيهہ ماڙ عمارت جي تعمير شامل هئي. تنهن کان سواءِ سعودي عرب ۾ چار هزار آمريڪي فوجن جي لاءِ، 15 ڪروڙ آمريڪي ڊالرن سان اڏي جي اڏاوت بہ بن لادن ڪمپنيءَ ڪئي. (اهو فوجي اڏو 1990ع ۾ رياض ۽ دهران ۾ آمريڪي فوجين جي رهائشي سهوليتن تي بم ڌماڪن جي ڪري هڪ سعودي ريگستان جي وچ ۾ اڏيو ويو). چيو وڃي ٿو تہ انهن مان هڪ حملو اسامہ بن لادن جي هدايت تي ٿيو. ٻي دلچسپ ڳالهہ هيءَ آهي تہ آمريڪي ملٽري رٿابازن چيو هو تہ انهيءَ اڏي کي، جيڪو بن لادن گروپ اڏيو هو، اسامہ بن لادن جي افغانستان ۾ نڪاڻن تي حملن جي لاءِ استعمال ڪري سگهجي ٿو.

’بن لادن خاندان‘ مختلف نوعيت جا ڪاروبار ڪري رهيو آهي ۽ ڪارن جي واڌو پرزن جي مينوفيڪچرنگ کان وٺي تفريح گاهن جي بندوبست تائين، هر نوعيت جو ڪم ڪري رهيو آهي. بن لادن خاندان، دبئيءَ ۾ پڻ وڏي ملڪيت خريد ڪئي آهي. اهڙي طرح سعودي عرب ۾ بہ وڏا وڏا زمين جا ٽڪرا بن لادن خاندان جي ملڪيت آهن. بن لادن خاندان وچ اوپر ۾ ’اسينپل ڊرنڪس ۽ واڪس ويگن ڪارن جو پڻ ڊسٽري بيوٽرز آهي. عربي زبان ۾ اينيميٽيڊ ڪتابن جي ’وائڊ رينج‘ جي وڪري جو لائسنس پڻ ’بن لادن‘ گروپ وٽ آهي، جيڪو ڊزني لينڊ ڇپيو آهي.

وچ اوپر ۾ جيڪڏهن ڪو ’هارڊ روڪ ڪيفي‘ تي برگر خريد ڪري

ٿو تہ انهيءَ جي فائدي جو هڪ حصو بن لادن گروپ کي وڃي ٿو. 1990ع ۾ بن لادن گروپ 'موٽرولا' جي موبائيل فون جي هڪ گلوبل نيٽ ورڪ ۾ سيڙپڪاري ڪئي، جيڪو هيٺين مدار تي گردش ڪندڙ سيٽلائٽس جي ذريعي ڪم ڪري رهيو آهي. بن لادن گروپ وٽ مڪي ۽ مديني جي مقدس عمارتن (يعني بيت الله شريف ۽ مسجد نبوي) جي سارسنڀال جو ڪم بدستور رهيو آهي ۽ انهن مسجدن ۾ ايتري تہ توسيع ڪئي ويئي، جو انهن ۾ هڪئي وقت ڏهہ لک ماڻهو نماز پڙهي سگهن ٿا.

جڏهن سالم بن لادن، پنهنجي گهراڻي جو ڪاروبار سنڀاليو تہ اسامہ بن لادن جي زندگيءَ ۾ گهري مذهبيت جا آثار ظاهر ٿي رهيا هئا. اسامہ جي پهرين شادي سترهن سالن جي عمر ۾ ٿي، سندس زال شامي نسل جي هئي. انهيءَ کان پوءِ هن جدي جي ڪنگ عبدالعزيز يونيورسٽيءَ ۾ داخلا ورتي، جتي هن پهرين اڪنامڪس ۽ پوءِ پبلڪ رليشنز ۾ 1981ع ۾ ڊگري حاصل ڪئي. انهيءَ يونيورسٽيءَ جي شاگرديءَ واري زماني ۾ سندس لاڳاپو 'اخوان المسلمون' سان قائم ٿيو. هتي ئي هو اسلامڪ اسٽڊيز جي ٻن نمايان عالمن 'استاد عبدالله عزام ۽ محمد قطب سان رابطي ۾ آيو. انهن ٻنهي عالمن جا اسامہ تي ڳوڙهن اثرن جو اندازو نٿو ڪري سگهجي. عبدالله عزام اهو شخص آهي، جنهن دنيا جو پهريون حقيقي بين الاقوامي جهادي نيٽ ورڪ ٺاهيو. محمد قطب، اسلامي دنيا جو انتهائي ممتاز اسڪالر آهي، جيڪو 'سيد قطب' جو ڀاءُ آهي، جنهن جو ڪتاب "Sign Posts" جهادي تحريڪ جي لاءِ ٽيڪسٽ بوڪ جي حيثيت رکي ٿو. 1966ع ۾ مصر ۾ سيد قطب کي شهيد ڪيو ويو تہ سندس ڀاءُ سندس شمع کي روشن رکيو ۽ هو پنهنجي ڀاءُ جي ڪتابن جو مفسر بڻجي ويو.

سيد قطب ۽ عبدالله عزام جي لکڻين، اسامہ بن لادن جي شخصيت تي گهرو اثر وڌو. سيد قطب جديد معاشري، اسلامي دنيا سميت 'جاهليه' قرار ڏني. 'جاهليہ' مان مطلب اهو دور يا حالت آهي، جيڪا قرآن مجيد جي نازل ٿيڻ کان اڳ عربستان جي هئي. سيد قطب جو چوڻ آهي تہ، سچن مسلمانن کي، پاڻ کي جاهليت جي دور وارن ٻنڌڻن مان پاڻ کي آجو ڪرائڻو پوندو ۽ انهيءَ جو فقط هڪئي رستو آهي، اهو جهاد آهي."

سيد قطب انهيءَ تصور ۾ يقين نہ رکندو هو تہ جهاد فقط دفاعي جنگ

جو نالو آهي. قطب جو چوڻ آهي، جيڪي ماڻهو جهاد کي فقط دفاع قرار ڏين ٿا، هو اسلامي طرز زندگي ۾ جهاد جي عظمت کي گهٽائين ٿا. اسلامي نظام جي قيام جو واحد رستو اهو آهي تہ اسلام دشمن جي خلاف جهاد ڪيو وڃي. پوءِ پلي اهو غير اسلامي معاشرو هجي يا (نالي ماتر) مسلم سماج هجي، جيڪو قرآن جي احڪامن تي عمل نہ ڪندو هجي. اسامہ بن لادن جي ساٿين جي نظرياتي سوچ اهائي آهي تہ هو نہ رڳو اولهہ، پر سعودي عرب جهڙن حڪمرانن کي پڻ پنهنجي جهاد جو نشانو قرار ڏين ٿا.

اسامہ بن لادن 1979ع ۾ انهن نظرين تحت تربيت حاصل ڪري رهيو هو. اهو اسلامي دنيا جي لاءِ تبديليءَ جو دور هو. اسلامي ڪئلينڊر موجب اهو هڪ نئين صديءَ جو ظهور هو. (يعني چوڏهين صديءَ هجريءَ جو خاتمو ٿي رهيو هو، جنهن جي باري ۾ اسلامي تاريخ ۾ اهم اڳڪٿيون ڪيون ويون آهن) حالات حاضره موجب اهي تبديليون ڪهڙيون هيون. جنوري 1979ع ۾ ايران ۾ شهنشاهہ رضا شاهہ پهلويءَ جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو ويو ۽ آيت الله خميني تهران موٽي آيو. مارچ ۾ مصر ۽ اسرائيل جي وچ ۾ ”ڪئمپ ڊيوڊ“ ناهہ ٿيو. ڊسمبر ۾ روسين افغانستان تي حملو ڪيو ۽ روسي ڪميونسٽن پاران هڪ اسلامي ملڪ تي حملو ۽ قبضو سڄي دنيا جي مسلمانن لاءِ وڏو واقعو هو.

اسامہ بن لادن جو پيءُ محمد بن عوض بن لادن، حضرموت (يمن) مان 1930ع ڌاري لڏي سعودي عرب آيو هو. انگلينڊ جي هڪ سفرنامہ نويس ’فريا اسٽارڪ‘ 1930ع ۾ بن لادن جي ڳوٺ ’الرباط‘ جو دورو ڪيو هو ’فريا اسٽارڪ‘ پنهنجي ڪتاب ۾ انهيءَ ماحول جو نقشو چٽيو آهي، جنهن ۾ ’محمد بن لادن رهندو هو. ’فريا اسٽارڪ‘ الرباط ۾ مقامي ماڻهن سان ماڻري جي معاملن بابت ڳالهايو هو. هتي غربت عام هئي، اهوئي سبب هو جو محمد بن لادن، سوين ميل پري اُتر ۾ جدي جو ڏکيو سفر ڪيو. فريا پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو آهي تہ ’حضرموت جا مقامي ماڻهو روزگار جي ڳولا ۾، ڏکڻ ۾ ملائيشيا يا اُتر ۾ مصر تائين ويندا هئا. جتي هو ويهہ ويهہ سال رهي ڪم ڪندا هئا.‘

محمد بن لادن بہ روزگار جي ڳولا ۾ جدي ويو، پر پوءِ ’الرباط‘ موٽي ڪونہ آيو. محمد بن لادن جي پاءُ عبدالله ’الرباط‘ واري گهر ۾ واڌارو ڪيو.

هاڻ انهي گهر ۾ بن لادن جي سؤٽن جو اولاد رهي ٿو. جيتوڻيڪ هو بن لادن وانگر ڪروڙن جا مالڪ ناهن. حويلي ايتري تہ وڏي آهي، جو انهيءَ جي هڪ حصي ۾ ڳوٺ جو اسڪول آهي. حويلي جي سارسنڀال ۽ مرمت نہ ٿيڻ سبب انهي جو وڏو حصو پڇي پُري ويو آهي. محمد بن لادن 1967ع ۾ آخري ڀيرو پنهنجي اباڻي گهر جو دورو ڪيو. 'بن لادن' ڳوٺ جي ڪجور ۽ مڪئي جي فصلن کي آبپاشي جون سهولتون ڏيڻ جي هڪ رٿا جي اڏاوت لاءِ فنڊ بہ مهيا ڪيا. تنهن ڪانسواءِ انهي ڳوٺ ۾ 'بن لادن' ڪمپني جي هڪ آفيس کولڻ جو پروگرام بہ جوڙيو ويو.

1930ع ۾ جڏهن بن لادن جدي آيو تہ هن قليءَ طور ڪم ڪيو، جدو، حاجين جو رستو هو، تيل جي دولت هٿ اچڻ کان اڳ حاجين جي خدمت گاري تي مقامي آبادي جي آمدني جو وڏو وسيلو هئي. محمد بن لادن وڏي فخر سان پنهنجي مهمانن کي اها ٽوڪري ڏيکاريندو هو، جنهن کي هو سامان ڍوئڻ جي لاءِ استعمال ڪندو هو ۽ جيڪا هن حفاظت سان يادگار طور پنهنجي عظيم الشان محل ۾ 'آثرياءُ' واري ڪمري ۾ رکي آهي.

1931ع ۾ محمد بن لادن هڪ ٺيڪيداري ڪمپني ٺاهي، جيڪا فائدي واري ثابت ٿي. حضرموت جا ڪيترائي غريب ماڻهو ڏکهو سفر ڪري جدي آيا ۽ بن لادن ڪمپني ۾ ملازم ٿيا. نبيل الجش ٻڌائي ٿو تہ سندس پيءُ 1945ع ۾ جدي آيو. اُن وقت هو پندرهن سالن جو هو. نبيل الجش هينئر بن لادن ڪمپني جو ٽورزم ايگزيڪيوٽو آهي. نبيل جو پيءُ بن لادن خاندان جا گهر اڏڻ جو ڪم ڪيو. هن سعودي عرب ۾ ڏهہ سال گذاريا ۽ ايتري رقم بچائي ورتي جو هو هڪ ڪپڙي جو دوڪان خريد ڪري سگهي.

1950ع واري ڏهاڪي ۾ 'بن لادن' شاهہ سعود جي دور ۾ شاهہ جا محلات اڏڻ جو ڪم حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو. شاهہ سعود، بن لادن کان ڪافي متاثر ٿيو، پر شاهہ سعود جي ڀاءُ شاهہ فيصل سان سندس گهرا ناتا هئا. 1964ع ۾ جڏهن شاهہ فيصل جي تاج پوشي ۾ بن لادن اثرائتو ڪردار ادا ڪيو. تہ شاهہ فيصل بادشاهہ بنجڻ کان پوءِ بن لادن کي سرڪاري اڏاوتن جو وزير بنايو ۽ 'بن لادن ڪنسٽرڪشن ڪمپني' شاهہ فيصل جي نجي ڪنٽريڪٽر طور مشهور ٿي.

انهيءَ دوران محمد بن لادن جا هڪ ٻي ارب پتي سعودي واپاري

’عدنان خشوگي‘ سان گهرا واپاري لاڳاپا قائم ٿيا. عدنان خشوگي ايران جي ’ڪونٽرا اسڪينڊل‘ جي ڪري اولهہ ۾ گهڻو مشهور آهي. ’دودي الفائد‘ سندس ڀائيٽو هو، جيڪو شهزادي ڊيانا سان گڏ پئرس ۾ حادثي ۾ فوت ٿيو. 1950ع جي شروع ۾ محمد بن لادن ڪي پنهنجي اڏاوتي ڪمن جي لاءِ ڪجهہ ٽرڪن جي گهرج هئي. خشوگيءَ آمريڪا مان پنج لک ڊالرن جا ٽرڪ خريد ڪيا ۽ محمد بن لادن کيس 50000 ڊالر ڪميشن ڏني. اها بن لادن ۽ خشوگيءَ جي وچ ۾ ڪاروباري سودن جي شروعات هئي.

اسامہ 10 مارچ 1957ع تي رياض ۾ پيدا ٿيو. اسامہ جي لفظي معنيٰ نوجوان شِينهن آهي، جنهن وقت اسامہ جي عمر فقط ڇهہ مهينا هئي تہ سندس گهراڻو مديني منتقل ٿي ويو. اسامہ پنهنجي پيءُ جو سترهون پُٽ هو. محمد بن لادن جا مختلف زالن منجهان پنجاهہ اولاد هئا. جن ۾ ڇوڪريون ۽ ڇوڪرا ٻئي شامل هئا. بن لادن ڪڏهن ڪڏهن پاڻ بہ اهو فيصلو ڪري نہ سگهندو هو تہ سندس ڪهڙو پٽ ڪهڙي زال مان آهي. اسامہ جي ماءُ هڪ شامي عورت هئي، کيس اسامہ کان سواءِ ٻيو ڪوبہ پُٽ نہ ڄائو، البت هن ڪيترين ئي ڌيئرن کي جنم ڏنو. اڳتي هلي اسامہ جي پيءَ اسامہ جي ماءُ کي طلاق ڏيئي ڇڏي. بن لادن جي هڪ يمني سؤٽ ٻڌايو تہ اسامہ جي ماءُ طلاق کان پوءِ ٻي شادي ڪري ورتي. اسامہ جي ماءُ جو اڃا بہ پنهنجي پُٽ سان رابطو آهي. هو 1990ع ۾ اسامہ سان ملڻ جي لاءِ سوڊان ويئي هئي ۽ 2001ع ۾ هوءَ اسامہ سان افغانستان ۾ بہ ملي هئي، جتي هوءَ پنهنجي پوٽن مان ڪنهن هڪ جي شاديءَ ۾ شريڪ ٿيڻ ويئي هئي.

بن لادن جو گهراڻو بيحد مذهبي جذبن جو حامل ۽ پڪو مسلمان آهي. هنن جي لاءِ اها فخر جوڳي ڳالهہ آهي تہ 1960ع ۾ بن لادن کي مسجد اقصيٰ جي مرمت جي پيشڪش ڪئي ويئي (مسجد اقصيٰ کي هڪ آسٽريلوي سياح باهہ لڳائي ڇڏي هئي) بن لادن جي ڪمپنيءَ مديني ۽ مڪي ۾ ’حرمين شريفين‘ جي بناوت ۽ مرمت جون خدمتون انجام ڏنيون، جيڪي هنن جي لاءِ فخر جوڳي ڳالهہ آهي. 1999ع ۾ اسامہ بن لادن پنهنجي هڪ انٽرويو ۾ چيو هو، ”اها منهنجي پالڻهار جي وڏي مهرباني آهي، جو هن منهنجي پيءُ کي هڪ ئي ڏينهن ۾ ٽن مسجدن ۾ نماز پڙهڻ جو موقعو عطا ڪيو.“ (انهن ٽن مسجدن ۾ مسجد حرام، مسجد نبوي ۽ مسجد اقصيٰ شامل هيون) انهيءَ

۾ حيرت جي ڪابہ ڳالهہ نہ آهي تہ محمد بن لادن پنهنجي ٻارن جي سختي سان مذهبي تربيت ڪئي، جو هو تقدس ۽ دينداريءَ جو هڪ نمونو بنجي ويا. اسامہ بن لادن ننڍپڻ ۾ ئي انهن رستن تي هليو، جيڪي هن جو گهراڻو اڳي رهيو هو. اسامہ بن لادن ننڍي هوندي کان ئي اسلامي تعليم کان متاثر هو. حج جي زماني ۾ محمد بن لادن سوين مهمان حاجين جي ميزباني ڪئي، جن ۾ اسلامي تحريڪن جا سربراهہ بہ شامل هئا. اسامہ انهن ۾ اڳڀرو رهندو هو.

1967ع ۾ اسامہ جي عمر فقط ڏهہ سال هئي، جو سندس پيءُ جهاز جي هڪ حادثي ۾ فوت ٿي ويو. محمد بن لادن جو ڪاروبار ۽ جائيداد، خانداني ڪمپني ۾ شيئرس جي صورت ۾، سندن ٻارن ۾ ورهائي ويئي. اسامہ جي وڏي ڀاءُ سالم ڪاروبار کي پنهنجي هٿن ۾ ورتو، جيڪو کانئس ڏهہ سال وڏو هو. سالم بن لادن، انگلينڊ جي مهنگن اسڪولن ۾ تعليم پرائي هئي. هن انگلينڊ جي هڪ وڏ گهراڻي انگريز عورت 'ڪيرولين ڪيريءَ' سان شادي ڪئي، جنهن جو ويڳو پيءُ 'مارڪوئس آف ڪوئنز بيري' هو. سالم کي جيٽ جهازن جي ٻيڙي رکڻ جو وڏو شوق هو. هو پنهنجو جهاز پاڻ اڏائيندو هو ۽ هوابازيءَ جا اهڙا تہ ڪرتب ڏيکاريندو هو، جو مسافر حيران ۽ پريشان ٿي ويندا هئا. سالم شاهہ فهد جي درٻارين ۾ شامل آهي. شاهہ فهد کيس گهڻو پسند ڪندو آهي.

هڪ برطانوي سفارتڪار 'وڪٽر هينڊرس'، جيڪو 1969ع ۾ سعودي عرب ۾ مقرر ٿيل هو، چوي ٿو تہ 1970ع جي شروع ۾ بن لادن سعودي انتظاميہ جو حصو بنجي چڪا هئا ۽ هو جدي کان طائف تائين هاءِ وي جي تعمير ڪري رهيا هئا. سالم بن لادن، ڪمپنيءَ کي هڪ بين الاقوامي ڪمپنيءَ ۾ بدلائي ڇڏيو، جيڪا تعميراتي بزنس کان سواءِ صنعت ۽ حرفت، تيل، توانائي، تيل جي ڳولا، ڪاٽيون ڪوٽڻ ۽ ٽيليڪميونيڪيشن ۾ بہ ڪاروبار ڪرڻ لڳي.

پنهنجي ننڍي ڀاءُ اسامہ کان هٽي ڪري، سالم آمريڪا ڏانهن ڌيان ڏريو. 1976ع ۾ سالم هيوسٽن جي هڪ واپاريءَ جيمز باٿ کي (جنهن جو مٿي ذڪر ٿي چڪو آهي) آمريڪا ۾ بن لادن گهراڻي جي واپاري مفادن جي نگرانيءَ جي ذميداري ڏني. جيمز باٿ جا آمريڪي انتظاميہ سان گهرا ناتا هئا. ٻي سال جيمز باٿ، سالم جي نمائندي طور هيوسٽن ۾ هڪ هوائي جهاز ليز

ڪرڻ واري ڪمپني خريد ڪئي.

افغانستان تي روس جو حملو، اولهہ جي لاءِ هڪ وڏو تنبيهي واقعو هو. آمريڪي صدر جمي ڪارٽر، جنهن روس سان مفاهمانہ رويو اختيار ڪيو هو. سخت رويو اختيار ڪرڻ تي مجبور ٿي پيو، پر انهيءَ حملي جو ردعمل اسلامي دنيا ۾ گهڻو شديد هو، جهڙي طرح 1930ع ۾ جارج آرويل، ارنيسٽ هيمنگوي ۽ جان ڊوس پيسوس جهڙا دانشور جنرل فرانڪو جي فاشين خلاف وڙهڻ جي لاءِ اسپين ويا، اهڙي طرح اسلامي دنيا مان مسلمان رضاڪار روس جي خلاف جهاد ڪرڻ جي لاءِ افغانستان پهچڻ شروع ٿيا.

روسين، افغانستان ۾ هڪ انتهائي وحشيانہ ويڙهہ وڙهي. هنن ڏهہ لک شهرين کي ماريو ۽ پنجاهہ لک افغانن کي هجرت ڪرڻ تي مجبور ڪيو، جيڪي ملڪ جي مجموعي آباديءَ جو هڪ پاڱي تي حصو هئا. ٻي مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ اها هڪ اهڙي جنگ هئي، جنهن روس جي جنگي صلاحيتن جو پاندبو ڦاڙي ڇڏيو. ٻي پاسي اها هڪ اهڙي جنگ هئي، جنهن جي گهٽ کان گهٽ رپورٽنگ ٿي. عالمي مورخ ’رابرٽ ڊي ڪيلان‘ جو چوڻ آهي تہ 1975ع ۾ لبنان جي گهرو ويڙهہ ۾ جيترا ماڻهو مُئا، انهيءَ کان ڏهہ ڀيرا وڌيڪ ماڻهو افغانستان ۾ ماريا ويا.

جيڪي صحافي ۽ اخبار نويس رپورٽنگ جي لاءِ افغانستان ويا، تن کي دنيا جي ڏکين پهاڙي رستن تي سفر ڪرڻو پيو. هو هر وقت روسي گن شپ هيلي ڪاپٽرن جي فائرنگ جي زد ۾ اچڻ جي خطري سان دوچار رهندا هئا. کين کائڻ جي لاءِ مشڪل سان چانور ملندا هئا ۽ هو هر وقت انهيءَ ڊپ ۾ هوندا هئا تہ هو اهڙين بيمارين ۾ نہ ونجي وڃن، جن جو علاج افغانستان ۾ ٿي نٿو سگهي. انهن جي ڀيٽ ۾ جن اخبار نويسن ۽ رپورٽرن، ويٽنام جي جنگ جي رپورٽنگ ڪئي هئي، تن کي ڪيترين ئي سهولتون ميسر هونديون هيون. ڪوبہ رپورٽر ڪنهن بہ آمريڪي هيلي ڪاپٽر ۾ اڳين مورچن جو دورو ڪري، انهيءَ ڏينهن واپس هوٽل اچي ٿي سگهيو.

روب سلٽيس هڪ اهڙو صحافي آهي، جنهن افغانستان جو ڪيترائي ڀيرا سفر ڪيو. هن روسين جي خلاف افغان جنگ کي انتهائي مقدس قرار ڏنو ۽ لکيو: ”افغان غير معمولي طور تي بهادر ۽ ويڙهاڪ آهن. آئون افغان گهرائن سان رهيو آهيان. هو پنهنجي مذهب ۽ آزاديءَ جي لاءِ سڀ ڪجهہ قربان

ڪري رهيا آهن. هو صحيح معنيٰ ۾ الله جا مجيندڙ آهن."

يقيني طور تي جيڪڏهن ڪنهن جنگ کي جهاد قرار ڏيئي سگهجي ٿو تہ اها افغانستان ۾ روسين جي خلاف وڙهي ويندڙ جنگ آهي. بنا ڪنهن اشتعال جي هڪ عالمي طاقت، هڪ نهايت غريب قوم تي حملو ڪيو ۽ مٿس هڪ ظالماڻي جنگ ٺاڦي. سڄي قوم ڪافرن جي خلاف متحد ٿي ويئي. هڪ اڻ ڌري انساني حقن جي تنظيم جي 1985ع جي رپورٽ موجب روسين معاف نہ ڪرڻ واري پاليسي اختيار ڪئي. روسي جهازن لڳاتار شهري آبادين تي بمباري ڪئي ۽ هزارين هٿين خالي شهرين کي ماري ڇڏيو. روسي بري فوجن، جيڪي اسپيشل ڪمانڊو يونٽن تي مشتمل هيون، وڏي پئماني تي عوام جو قتل عام ڪيو. روسين سيني شهري آباد علائقن جي آسپاس بارودي سرنگون وڇائي ڇڏيون. ائين افغانستان کي دنيا جو سڀ کان وڏيڪ بارودي سرنگن وارو خطو بنايو ويو.

روسين ڪڏهن بہ افغان تاريخ کي ڌيان سان نہ پڙهيو. اڻويهہ صدي جي وچ ڪان وٺي، ويهين صديءَ تائين پنهنجي وقت جي عالمي طاقت برطانيہ، ٽن مختلف جنگين ۾ افغانن کي قابو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ناڪام رهيو. نيٺ برطانيا کي اهو احساس ٿي ويو تہ افغانستان تي قبضو ڪرڻ پنهنجي تباهيءَ کي دعوت ڏيڻ جي برابر آهي. تنهن ڪان پوءِ هن اڻ سڌيءَ طرح پنهنجو اثر رسوخ استعمال ڪرڻ جي پاليسي اختيار ڪئي.

اوڻيهہ صديءَ ۾ برطانيا افغانستان ۾ جيڪا پهرين جنگ وڙهي، تنهن جو مطالعو افغانن جي جوش ۽ جذبي جو اندازو لڳائڻ جي لاءِ ڪافي آهي. فوجي تاريخ ۾ برطانيا جي فوجي شڪست جو ڪو اهڙو ڪارو باب ڪونهي، جيڪو جنوري 1842ع ۾ ڪابل ۽ جلال آباد جي وچ ۾ برطانيہ کي ٿيو. فقط هڪ برطانوي ڊاڪٽر برائيڊن، جلال آباد جيئرو واپس اچي سگهيو. انهيءَ جنگ ۾ 4500 انگريز سپاهي ۽ 1200 هندستاني مارجي ويا.

پشاور جي آمريڪن ڪلب ۾ ڊاڪٽر برائيڊن جي هڪ خوبصورت پينٽنگ موجود آهي، جيڪو برطانوي فوج جي تباهيءَ جو اڪيلو عيني شاهد هو. جيڪڏهن سوويت ڪريملن، افغان جنگ ۾ اُلجهڻ ڪان پهرين اها تصوير ڏسي ورتي هجي ها تہ شايد افغانستان تي حملي ڪان پاسو ڪري ها ۽ سوويت روس بہ ٽٽڻ ڪان بچي وڃي ها.

افغانستان تي حملي کان فقط ڪجهہ ڏينهن پوءِ اُسامہ بن لادن، جنهن جي عمر فقط ٻاويهہ سال هئي، افغان اڳواڻن برهان الدين رباني ۽ عبدالرسول سياف سان ملڻ جي لاءِ پاڪستان آيو. هو انهن سان حج جي موقعي بہ ملي چڪو هو. انهن سان ملڻ کان پوءِ اسامہ واپس سعودي عرب ويو ۽ افغان مجاهدن جي مدد جي لاءِ فنڊ گڏ ڪرڻ جو ڪم شروع ڪري ڇڏيائين. انهيءَ دوران هو پاڪستان ايندو ۽ ويندو رهيو.

1980ع جي شروع ۾ اسامہ افغانستان جو پهريون دورو ڪيو. هن پاڻ سان گڏ هزارين ٽن تعميراتي مشينري، بلڊوزر، لوڊر، ڊمپر ٽرڪ ۽ کاهيون کوٽڻ جا آوزار بہ آندا. هن اهو سڄو سامان افغان مجاهدن جي حوالي ڪري ڇڏيو. اها مشينري رستن، جبلن ۾ حفاظتي خندقن، سرنگن ۽ اسپتالن جي عمارتن جي اڏاوت جي لاءِ استعمال ڪئي ويئي. اسامہ بن لادن بارودي سرنگن کي صاف ڪندڙ اوزار بہ افغانستان ڪٺي ويو ۽ روسين طرفان وڇايل بارودي سرنگن کي صاف ڪرڻ جو ڪم بہ جاري رهيو.

جيتوڻيڪ آمريڪا مجاهدن جي مدد ڪري رهيو هو، پر اُن وقت بہ اسامہ بن لادن آمريڪا مخالف جذبا رکندو هو ۽ آمريڪي پاليسين مان مطمئن نہ هو. اسامہ جي لنڊن ۾ رهندڙ دوست خالد الفوز ٻڌايو تہ اسامہ چيو تہ مسلمانن کي آمريڪي مصنوعات جو بائيڪاٽ ڪرڻ کپي. 1999ع ۾ ڏنل هڪ انٽرويو ۾ اسامہ بن لادن چيو تہ هن سعودي عرب ۾ پنهنجي ليڪچرن جي دوران آمريڪي مصنوعات جي بائيڪاٽ ڪرڻ ۽ آمريڪي فوجن تي حملن تي زور ڏنو هو.

1984ع ۾ اسامہ بن لادن، پشاور ۾ هڪ وڏو مهمان خانو ٺهرايو، جنهن ۾ سڄي دنيا مان جهاد جي لاءِ ايندڙ مسلمان ترسندا هئا. انهيءَ مزمان خاني کي 'بيت الانصار' جو نالو ڏنو ويو. شروع ۾ اهو 'بيت الانصار' فقط انهن ماڻهن جي عارضي طور رهائش واري جڳهہ هئي، بعد ۾ انهيءَ هنڌ کي اسامہ پنهنجي ملٽري آپريشنن جو هڪ حصو بنائي ورتو. ان زماني ۾ اسامہ جي استاد ۽ سابق پروفيسر عبدالله عزام، پشاور ۾ هڪ 'مڪتب الخدمت' قائم ڪيو. انهيءَ آفيس مان افغانستان ۾ جاري جهاد جي لاءِ سڄي دنيا مان رضاڪار ڀرتي ڪري هتي آندا ويندا هئا. انهيءَ مهم جي لاءِ سرمايو اُسامہ ڏيندو هو. 'مڪتب الخدمت' تحت پشاور ۾ ڏهہ ٻارهن مزمان خانا قائم ڪيا

ويا. چو تہ رضاڪارن جي اچ وڃ وڌي ويئي هئي.

عزام، سڄي دنيا ڪان ايندڙ مجاهدن جي لاءِ روحاني رهبر جو درجو تي رکيو. دنيا جي وسيع تجربي ۽ اسلامي تعليم جي غير معمولي مطالعي ۽ سند جي آڌار تي هن جو اسامہ تي گهرو اثر پيو. هڪ فلسطيني صحافي جمال اسماعيل جيڪو 1980ع ۾ پشاور ۾ هڪ شاگرد جي حيثيت سان آيو هو ۽ 1984ع ڪان پوءِ لڳاتار اسامہ بن لادن سان رابطي ۾ رهيو، جي چوڻ موجب ”اهو عزام ئي هو، جنهن اسامہ کي عرب مجاهدن جي مالي امداد جي لاءِ راضي ڪيو.“

هڪ عربي ٽيليويزن پروگرام جي انٽرويو ۾ اسامہ بن لادن، عزام کي پنهنجي ذات ۾ انجمن ۽ هڪ سڄي قوم قرار ڏنو. جيڪي ماڻهو اسامہ ۽ عزام سان انهيءَ زماني ۾ مليا، تن جو چوڻ آهي تہ ’عبدالله عزام هڪ دل ڇڪيندڙ شخصيت جو ڌڻي هو، جڏهن تہ اسامہ بن لادن جون قائدانہ صلاحيتون اڃا بيدار نہ ٿيون هيون. هن جي عمر ويهن پنجويهن سالن جي وچ ۾ هئي.‘

اسامہ بن لادن پيءَ کان محروم ٿيڻ کان پوءِ (جيڪو بيحد مذهبي ماڻهو هو) پهرين عبدالله عزام ۽ پوءِ افغان ڪماندر عبدالرسول سياف کان بيحد متاثر ٿيو. بعد ۾ مٿس ايمن الظواهري گهرو اثر وڌو، جيڪو سندس تنظيم جو نائب آهي. پر اسامہ جهاد جو پهريون سبق پنهنجي پيءُ کان ئي ورتو هو. هڪ پاڪستاني صحافيءَ سان ڳالهائيندي هن چيو هو.

”منهنجي پيءَ جي اها دلي خواهش هئي تہ سندس ڪو پُٽ اسلام دشمن جي خلاف جهاد ڪري، آئون سندس اهو پُٽ آهيان، جيڪو سندس خواهش موجب جهاد ڪري رهيو آهيان.“

اسامہ بن لادن تي عبدالله عزام جي گهرن اثرن جو درست اندازو لڳائڻ جي لاءِ مون عزام جي زندگيءَ جو اڀياس ڪيو. عبدالله عزام 1941ع ۾ فلسطين جي هڪ ڳوٺ ۾ ڄائو. اهو ڳوٺ ’جنين‘ جي وستيءَ جي پرسان هو. هن 1966ع ۾ ’مذهبيات‘ جي سبجيڪٽ ۾ ’دمشق يونيورسٽيءَ‘ مان ڊگري حاصل ڪئي. عزام جهاد ۾ پختو يقين رکندو هو ۽ اسرائيلين کان سخت نفرت ڪندو هو، جن 1948ع ۾ فلسطينين جي زمين تي قبضو ڪري اسرائيل جو بنياد وڌو هو. عزام 1966ع ۾ اسرائيل جي خلاف جنگ ۾ حصو

ورتو. اُن کان پوءِ هو مصر جي الازهر يونيورسٽيءَ ۾ داخل ٿيو. جنهن کي اسلامي تعليم ۽ اسلامي فڪر جي اهم مرڪز جو درجو حاصل آهي. اتي پهرين هن ماسٽرز جي ڊگري ورتي ۽ پوءِ 1973ع ۾ اتان ئي اسلامي قانون Islamic Juresprudence ۾ پي ايچ ڊي ڪئي. قاهره ۾ رهڻ جي دوران 'عبدالله عزام' اسلام جهاد جي وڏي حامي سيد قطب جي گهراٽي سان لاڳاپا پيدا ڪيا. الازهر ۾ تعليم جي دوران ئي عبدالله عزام، مصر شيخ عمر عبدالرحمان جي گهري اثر ۾ بہ آيو، جيڪو جهادي تحريڪ جو روحاني پيشوا هو ۽ جنهن 'جهاد' جي بين الاقوامي نيٽ ورڪ جي جوڙجڪ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. 1970ع ۾ عزام، اردن يونيورسٽي جي قانون جي شعبي سان واڳجي ويو. جتي هو اسلامي قانون پڙهائيندو هو. اردن يونيورسٽي جا عملدار سيڪيولر نظريا رکندا هئا، تنهن ڪري هن جا انتظاميہ سان تعلقات سٺا ٿي نہ سگهيا ۽ کيس يونيورسٽيءَ جي نوڪري ڇڏڻي پئي. انهيءَ کان پوءِ هو سعودي عرب هليو ويو، جتي 1990ع ۾ سندس جهادي اڳواڻن سان ملاقات ٿي ۽ هن پنهنجي سڄي سگهہ افغان جهاد ۾ لڳائڻ جو فيصلو ڪيو. هو پاڪستان هليو ويو ۽ اسلامي يونيورسٽي اسلام آباد ۾ ليڪچرار طور پرتي ٿيو.

عبدالله عزام اڏول، پختي ارادي وارو ۽ مستقل مزاجيءَ جي جيئري جاڳندي تصوير هو. سندس ايمان هو تہ اسلامي خلافت جي نظام جي قيام واسطي جهاد لازمي آهي. سندس خواب هو تہ سڄي دنيا جا مسلمان اسلامي خلافت جي هڪ جهنڊي هيٺ گڏ ٿين. هو جهاد ۽ فقط جهاد ۾ يقين رکندو هو ۽ ڪنهن بي قسم جي ڳالهين، مذاڪرات يا ڪانفرنسن ۾ ڀروسو نہ رکندو هو ۽ پنهنجي انهيءَ يقين تي سڄي زندگي عمل ڪيو. هو افغانستان ۾ روسين جي خلاف لڳاتار جهاد ڪندو رهيو.

هن جو عقيدو هو تہ افغانستان ۾ روسين جي خلاف جهاد ۾ هر مسلمان جي شرڪت ضروري آهي. هن هڪ پمفليٽ ۾ لکيو تہ: اهو جهاد نہ رڳو افغانستان، پر سڄي دنيا جي مسلمانن تي فرض آهي. هن لکيو: "افغانستان ۾ فتح کان پوءِ بہ جهاد ختم نہ ٿيندو. جهاد هر مسلمان تي انفرادي طور تي ان وقت تائين واجب رهندو، جيستائين مسلمانن جا پيا علائقا ڪافرن کان آزاد نٿا ٿي وڃن. اهو جهاد، فلسطين، بخارا، لبنان، چاڊ، اريٽيريا، صوماليا، فلپائن، برما، ڏکڻ يمن، تاشقند ۽ اندلس (اسپين) ۾ جاري رهڻ کپي."

عبدالله عزام، افغان جهاد جي لاءِ رضاڪار ۽ پئسا گڏ ڪرڻ جي لاءِ سڄي دنيا جا دورا ڪيا. هو چوي ٿو تہ، ”جهاد جي ميدان ۾ هڪ ڪلاڪ بيهڻ سٺ سالن جي شب بيداريءَ کان بهتر آهي.“ انهيءَ دوران هو ڪويت، يمن، بحرين، سعودي عرب ۽ آمريڪا ويو. هن جهاد جي لاءِ سوين رضاڪار ڀرتي ڪيا ۽ ڪروڙين ڊالر گڏ ڪيا.

عبدالله عزام جي پيغام ۾ ايترو زور ۽ اثر هو، جو هن جي تقريرن جا وڊيو ٽيپس سڄي دنيا ۾ ورهائجي رهيا هئا ۽ نوجوان جهاد جي لاءِ هن جي سڏ تي لبيڪ چئي رهيا هئا. محمد عوده، اردن ۾ رهندڙ هڪ فلسطيني پناهگير هو. بعد ۾ هن ڪينيا ۾ آمريڪي سفارتخانن ۾ بم ڌماڪن ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. هو 1980ع جي آخري ڏهاڪي ۾، فلپائن ۾ انجنيئرنگ جو شاگرد هو. اُتي هن وڊيو تي عبدالله جي تقرير ٻُڌي ۽ متاثر ٿيو. هن عزام جي اپيل تي لبيڪ چئي ۽ فلپائن مان سڌو پاڪستان ۽ پوءِ افغانستان پهچي ويو. هن اسامہ بن لادن جي ڪئمپن ۾ مختلف هٿيارن جهڙوڪ: اي - ڪي 47 مشين گن، ٽينڪ شڪن ۽ طياره شڪن ميزائلن ۽ مختلف ڌماڪيدار مادن سي ٿري، سي فور ۽ ٽي اين ٽي وغيره جي استعمال جي سکيا حاصل ڪئي. هن اسامہ بن لادن جي هٿ تي بيعت بہ ڪئي آهي.

عبدالله عزام سان گڏ اڪثر مصري مجاهد شيخ رحمان رهندو هو. رحمان پشاور ۾ مجاهدن جي لاءِ مهمان خانو پڻ ٺاهيو هو. 1985ع ۾ رحمان پهريون ڀيرو افغانستان ويو. سندس سفر جو بندوبست ’حزب اسلامي‘ جي اڳواڻ گلبدين حڪمت يار ڪيو. شيخ عبدالرحمان جڏهن اجا ٻار هو تہ ذيابيطس جي بيماريءَ جي ڪري پنهنجي اکين جي روشنائي وڃائي ويٺو هو. افغانستان ۾ مجاهدن سان گڏ مورچن ۾ هن توپ خاني جي گولاباريءَ جا ڌماڪا ٻڌا تہ هن جي دل ڦاٽڻ لڳي ۽ هو نابين هئڻ سبب جهاد ۾ حصو وٺي نہ ٿي سگهيو ۽ نہ پنهنجي اکين سان ڏسي ٿي سگهيو. هو ايترو تہ رُنو جو سندس ڏاڙهي لڙڪن سبب ڀڄي پئي.

انهيءَ جهاد ۾ شريڪ ٻي اهم شخصيت محمد عبدالرحمان خليفہ جي هئي، جيڪو اردني هو. بعد ۾ هن، اسامہ جي هڪ ڀيڻ سان شادي ڪئي ۽ سندس ڀيڻويو ٿيو. خليفه اُخوان المسلمون جي اردني شاخ جو سربراهہ هو، جيڪا افغان جهاد جي لاءِ رضاڪار ڀرتي ڪندي هئي. خليفہ پشاور ۾ سعودي

مسلم ورلڊ ليگ جي آفيس سربراهہ طور بہ خدمتون سرانجام ڏنيون.

انهيءَ دوران اسامہ لڳاتار سعودي عرب ۽ افغانستان جي وچ ۾ سفر ڪندو رهيو ۽ مختلف جهادي جماعتن جي لاءِ فنڊ فراهم ڪندو رهيو، جن ۾ احمد شاهہ مسعود بہ شامل هو، پر اسامہ جا وڏيڪ گهرا لاڳاپا حزب اسلامي جي گلبدين حڪمت يار ۽ عبدالرسول سياف سان قائم ٿيا. عبدالرسول سياف کي عربي زبان تي مڪمل عبور هو. ۽ سعودي عرب ۾ تعليم حاصل ڪري چڪو هو. عرب دنيا سان ويجهڙائپ جي ڪري سياف جي جهادي گروپ کي عرب شيخن کان ڪروڙين ڊالر امداد ملي.

عرب ڪمانڊوز، عرب عطين جي اهميت کان چڱي طرح واقف هئا. برطانوي اخباري خاطو ۽ ڪئيمرا مين پيٽر جووينل، جنهن روس جي خلاف افغان جهاد جي دوران ڪيترائي ڀيرا افغانستان جو دؤرو ڪيو. 1980ع جي شروع ۾ جلال الدين حقانيءَ جي هڪ مرڪز تي ويو، جيڪو پاڪستان ۾ هو. جووينل کي، حقانيءَ ٻڌايو تہ هي مرڪز انهيءَ مقصد جي لاءِ اڏيو ويو آهي تہ جيئن امداد ڏيندڙ عرب دولت مندن شيخن کي ڏيکاري سگهجي. جووينل ٻڌايو تہ جڏهن هو انهيءَ مدرسي ۾ ويو تہ هن اتي ڪيترائي بنڪر ۽ مورچا ڏٺا. انهيءَ مرڪز ۾ پٿين تي وال پيپر لڳل هئا. پٽ تي غاليچا وڇايل هئا. جديد ٽوائلٽ هئا ۽ بجليءَ جي فراهمي لاءِ جنريٽر هو. آئون خود جنهن بنڪر ۾ سُتس، اهو هڪ اوچي پليٽو تي هو. سڄو ڪمپليڪس پنجن ڪلوميٽرن جي دائري ۾ پکڙيل هو. 1982ع ۾ روسي جهازن انهيءَ مرڪز تي حملو ڪيو، جيڪو ڏهن منٽن تائين جاري هو. انهيءَ خطي ۾ چئن يا انهيءَ کان وڌيڪ جهازن انهيءَ مرڪز تي بم وسايا، پر انهيءَ حملي ۾ ڪوبہ مئو يا زخمي نہ ٿيو. جمال الدين حقانيءَ جي انهيءَ مرڪز ۾ سندس پنهنجو پبلڪ رليشنز ڊپارٽمينٽ بہ هو. هو روسين پاران ڪيل قتل عام جون وڊيو فلمون ڏيکاريندا هئا ۽ اهي فنڊ گڏ ڪرڻ جي غرض سان سعودي عرب بہ موڪليندا هئا. 1990ع واري ڏهاڪي ۾ اهو مرڪز القاعده جي استعمال هيٺ هو.

1984ع ۾ عبدالله عزام ۽ اسامہ بن لادن جي مهمان خانن ۽ سروسز آفيس جي قيام سان مجاهدن جي لاءِ عربن جي مالي امداد ۾ وڌيڪ واڌارو ٿيو، جيڪي عرب مجاهد، افغان جهاد ۾ شرڪت جي لاءِ رضاڪار طور اچي

رهيا هئا. اهي ’عرب افغان‘ سڏبا هئا. اهي رضاڪار عرب دنيا کان سواءِ، سڄي عالم اسلام مان آيا هئا. انهن مان ڪي هاءِ اسڪول جا شاگرد بہ هوندا هئا، جيڪي افغان پاڪ سرحد وٽ موجود جهادي ڪئمپن ۾ ايندا هئا. اهي هڪ لحاظ کان انهن جي لاءِ ’سمرڪئمپ‘ جي حيثيت رکنديون هيون. انهن مان ڪي سرحد سان لڳ مختلف امدادي سرگرمين ۾ شريڪ ٿيندا هئا ۽ ڪي وري رضاڪارانہ طور تي اسپتالن ۽ خيراتي ادارن ۾ ڪم ڪندا هئا، جيڪي جان ڏيڻ ۽ شهيد ٿيڻ جي سَڌ سانديي آيل هوندا هئا. اهي افغانستان ۾ داخل ٿي، روسين جي خلاف هٿياربند ويڙهہ ۾ حصو وٺندا هئا.

جمال اسماعيل ٻڌايو تہ افغان عربن ۾ سڀ کان وڌو حصو سعودي عرب، يمن ۽ الجزائر جي مسلمانن جو هو. سعودي عرب جي قومي ايئر لائين، انهن عربن سان ڀاڙي ۾ 75 سيڪڙو رعايت ڪندي هئي، جيڪي جهاد ۾ حصو وٺڻ جي لاءِ ويندا هئا. جمال اسماعيل جو چوڻ آهي تہ گهٽ ۾ گهٽ پنجاهہ هزار عرب رضاڪار پشاور آيا. جڏهن تہ اسامہ بن لادن جي دوست خالد الفوز جو چوڻ آهي تہ عرب رضاڪارن جو تعداد پنجويهہ هزار هو. ملٽ بيرڊن (Milt Beardon) جيڪو 1986ع کان وٺي 1989ع جي وچ واري عرصي ۾ سي آءِ اي جي افغان آپريشن جو سربراهہ هو. عرب رضاڪارن جو تعداد پنجويهہ هزار ٻڌايو. پر ڪوبہ شخص اهو نٿو چاڻي تہ عرب رضاڪارن جو حقيقي تعداد ڪيترو هو، پر اهو چئي سگهجي ٿو تہ انهن جو تعداد پنجويهہ کان پنجاهہ هزارن جي وچ ۾ هو.

اها ڳالهہ ذڪر جوڳي آهي تہ افغان مجاهدن جي سيني ڏڙن جي مجموعي قوت 175000 کان 250000 جي وچ ۾ هئي. انهيءَ مان اندازو ٿئي ٿو تہ فوجي نقطہ نظر کان افغان جهاد ۾ عرب رضاڪارن جو حصو گهٽو نمايان هو. روس جي خلاف اها جنگ افغانين ۽ عربن جي رت ۽ سعودي عرب جي خزانن ۽ آمريڪا جي هٿيارن جي مدد سان جيتي ويئي. هڪ اندازو آهي تہ آمريڪا ۽ سعودي عرب انهيءَ جنگ تي ڇهہ ارب ڊالر خرچ ڪيا.

جيتوڻيڪ اسامہ بن لادن ۽ ٻين عرب افغانن، انهيءَ جنگ ۾ پنهنجي ذاتي موڙي بہ جهونڪي ڇڏي هئي، پر سي آءِ اي جي ملٽ بيرڊن جو تخمينو آهي تہ 1986ع جي گرمين جي منڍ کان پوءِ سعودي عرب کان افغان جهاد جي لاءِ ماهوار بہ ڪروڙ ڊالر خرچ ڪيا پي ويا. سعودي انٽيليجنس جي سربراهہ

شهزادي ’ترڪي الفيصل السعود‘ سعودي عرب مان پئسن جي افغان جهاد واسطي منتقليءَ جو ذميدار هو. جڏهن تہ رياض جو گورنر سلمان سندس پانهن پيلي هو. انهيءَ عرصي دوران اُسامہ بن لادن، شهزادي ترڪي الفيصل سان گڏجي، سعودي انٽيليجنس جي هڪ پانهن بنجي خدمتون سرانجام ڏنيون، تنهن کان سواءِ مسلم ورلڊ ليگ، جنهن جو سربراهہ سعودي عالم شيخ عبدالعزيز بن باز هو. ڪروڙين ڊالرن جا عطيا گڏ ڪيا. سعودي حڪومت انتهائي تجربي ڪار مجاهدن جي هڪ ڪيڊر جي تخليق جي لاءِ اربين ڊالر خرچ ڪيا. اڳتي هلي اهي ئي مجاهد سعودي حڪومت جي آمريڪا سان لاڳاپن جي آڌار تي، سعودي حڪومت جا مخالف بنجي ويا.

عرب افغانن، افغان جهاد ۾ جيڪو تجربو حاصل ڪيو، اهو هنن جي لاءِ گهڻي اهميت رکندو هو. هو سڄي دنيا جي آيل مسلمان رضاڪارن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي روس جي خلاف جهاد ۾ شريڪ ٿيا ۽ جهاد جي انتها پسندانہ تصور سندن مزاج ۽ طبيعت جو حصو بنجي ويا. هنن جيڪا جهادي ۽ فڪري تربيت حاصل ڪئي، ان سان گڏ جڏهن هو واپس پنهنجي وطن وريا تہ هو هڪ عالمي جهادي نيٽ ورڪ جو حصو بنجي چڪا هئا ۽ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ جهادي ڪلچر جا نمائندا هئا. هنن جو ايمان هو تہ هنن جهڙي طرح هڪ عالمي قوت کي شڪست ڏني، تهڙي طرح هو ٻي طاقت کي بہ شڪست ڏيئي سگهن ٿا. اسلامي ويڙهاڪن تي بين الاقوامي شهرت يافتہ اسڪالر جليس ڪيپل (Jilles Kepel) لکي ٿو: ”دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ اسلامي تحريڪ جي سجاڳ ۾ افغان جهاد مرڪزي ڪردار ادا ڪيو آهي.“ انهيءَ جهاد، فلسطيني عرب قوم پرستيءَ جي جاءِ تي اسلامي تصورن کي لاڳو ڪيو.

جمال اسماعيل چوي ٿو: ”ڊسمبر 1984ع تائين اسامہ بن لادن جهاد ۾ اهم جڳهہ والاري چڪو هو. انهيءَ زماني ۾ عبدالله عزام اعلان ڪيو تہ افغان جهاد ۾ شرڪت جي لاءِ ايندڙ رضاڪارن جي اهل و عيال جو روزانو خرچ پڪو اسامہ بن لادن ادا ڪندو. پاڪستان جيئن تہ گهٽ خرچ ملڪ آهي، تنهن ڪري هتي هڪ خاندان 300 آمريڪي ڊالرن ۾ سولائيءَ سان گذارو ڪري سگهي ٿو ۽ اهوئي گذاره الائونس اسامہ هر گهراڻي جي لاءِ مقرر ڪيو. اهي ادائگيون آخري وقت تائين جاري رهيون. هڪ فلم ساز ”ايصام

ديراز "Essam Deraz"، 1980 ۾ اسامہ بن لادن جي باري ۾ هڪ فلم ٺاهي، هو ٻڌائي ٿو تہ انهيءَ زماني ۾ اسامہ بن لادن عرب رضاڪارن تي ماهوار 25000 ڊالر خرچ ڪري رهيو هو. اسامہ جو دوست خالد الفوز چوي ٿو تہ: اسامہ انهيءَ ڳالهہ تي ويچاري رهيو هو تہ ڪيئن هڪ موبائل فورس ٺاهي وڃي، هن فور ويل ڊرائيو پڪ اپس خريد ڪيون ۽ انهن کي ٽئنڪ ٽوڙ ميزائلن ۽ بارودي سرنگون ڳولهيندڙ اوزارن سان ليس ڪيو.

1980ع ۾ اسامہ بن لادن مستقل طور تي پشاور منتقل ٿي ويو. هو يونيورسٽي ٽائون جي پرسان هڪ ٻہ ماڙ گهر ۾ رهيل هو ۽ اُتان ئي پنهنجي افغان جهاد جي آپريشن جي نگراني ڪندو هو. هي اهو وقت هو جڏهن اسامہ بن لادن افغانستان اندر پنهنجي پهرين ڪئمپ قائم ڪئي. انهيءَ ڪئمپ جو نالو ”الانصار“ هو. اها افغانستان جي اندر پاڪستان جي سرحد جي ويجهو ’پڪتيا‘ صوبي ۾ ’جاجي‘ ڳوٺ جي پرسان هئي. هتي ئي اسامہ بن لادن ۽ سندس ساٿين هڪ هفتي تائين گهيرجي روسين سان مقابلو ڪيو. انهيءَ هڪ هفتي جي بهادرانہ معرڪي اسامہ بن لادن کي افغان جهاد جو هيرو بنائي ڇڏيو ۽ سندس سرفروشيءَ جا قصا سڄي افغانستان ۾ مشهور ٿيا.

فلم ساز ’ايصام ديراز‘ انهيءَ معرڪي جو اکين ڏٺو شاهد هو. 17 اپريل 1987ع تي روسين جاجي جي الانصار ڪئمپ تي حملو شروع ڪيو. جاجي ڪئمپ کي عرب رضاڪارن پنهنجو بيس بنايو هو. هتي اسامہ بن لادن جي آندل اڏاوتي اوزارن جي مدد سان ’جاجي‘ جي آسپاس ڪاهيون ۽ سرنگون کوٽي، انهن کي غارن سان ملائي ڇڏيو. روسين هڪ هفتي تائين انهي ڪئمپ جو گهيرو ڪري رکيو ۽ لڳاتار بمباريءَ جو نشانو بنايو. ڪئمپ جو دفاع ڪندڙ عرب رضاڪارن جو تعداد فقط پنجاهہ هو. انهن مان ٻہ ڏزن کن شهيد ٿي ويا. جڏهن عربن کي اندازو ٿيو تہ هو گهڻي دير تائين روسين جو مقابلو ڪري نٿا سگهن تہ هتي پنٽي پير ڪيا ۽ مورچا خالي ڪري ڇڏيا. عرب دنيا ’جاجي‘ جي معرڪي جي فتح جي سلسلي ۾ خوشيون ملهايون. اهو پهريون موقعو هو جو عرب افغانن پاڻ کان وڌيڪ سگهاري دشمن سان ڪافي عرصي تائين مقابلو ڪيو هو.

پشاور ۾ رهندڙ عرب صحافين، اسامہ بن لادن ۽ سندس عرب ساٿين جي جنگ جي ميدان ۾ بهادريءَ جون ڪهاڻيون وچ اوڀر جي اخبارن کي ڇپڻ

لاءِ موڪليون ۽ عرب دنيا مان عرب رضاڪارن جو هڪ نئون سيلاب پشاور پهچي ويو. اسامہ افغانستان ۾ جهاد جي خاطر محلن جو سک ۽ آرام ڇڏي ڏنو هو ۽ هاڻ پيا عرب نوجوان رضاڪار هن جي نقشِ قدم تي هلندي، افغانستان ڏانهن رخ ڪري رهيا هئا. هن جي مقابلي ۾ سعودي عرب جي حڪمران شاهي گهراڻي جي هزارين ماڻهن جهاد جي نالي تي فنڊ تہ فراهم ڪيا، پر اسلام جي سڳورين جاين جي 'خادم' جو خطاب رکڻ جي باوجود بہ هنن ڪڏهن بہ جهاد ۾ حصو نہ ورتو ۽ نہ وري پنهنجي جان خطري ۾ وجهڻ جي همت ڪئي.

'جاجي' جي معرڪي ۾، جنهن ېي شخص مشهوري حاصل ڪئي، اُهو ابو عبيده هو. هو مصري هو، جيڪو 1996ع ۾ ڪينيا ۾ ٻيڙي ٻڏڻ سبب مئو. ابو عبيده کي آمريڪي حڪومت اسامہ بن لادن جو اعليٰ درجي جو ملٽري ڪمانڊر قرار ڏيندي هئي.

جيتوڻيڪ جاجي جو معرڪو بيحد خطرناڪ هو. جنهن ۾ اسامہ بن لادن هڪ هيرو بڻجي نڪتو، پر اسامہ بن لادن جي صحت گهٽي سُٺي نہ هئي. 1991ع ۾ شايع ٿيندڙ هڪ سوانح ۾ ڊيراز لکي ٿو تہ ڪڏهن ڪڏهن اسان کي ڪيٽرائي ڪلاڪ ليٽڻو پوندو هو. هو 'لو بلڊ پريشر' ۽ 'ذيابيطس' جو مريض هو. ڪيس وقفي وقفي سان انسولين وٺڻي پوندي هئي. سندس علاج پشاور ۾ رهندڙ هڪ مصري ڊاڪٽر ڪري رهيو هو. انهيءَ ڪتاب ۾، هڪ تصوير ۾ اسامہ بن لادن کي انسولين وٺندي ڏيکاريو ويو آهي. سندس بيمار ٿيڻ جو اصل سبب هڪ زهريلي گئس هئي، جيڪا روسين جي ڪنهن ڪيميائي بم مان نڪتي هئي. هڪ ٻي تصوير ۾ اسامہ جي پير جو هڪ زخم ڏيکاريو ويو آهي.

آئون ڊيراز سان ڊسمبر 2000ع ۾ قاهره ۾ مليس. هن جي عمر پنجاهہ پنجونجاهہ سالن جي وچ ۾ هئي. هو هڪ دستاويزي فلم ساز ۽ صحافيءَ جي حيثيت سان چاليهن سالن جي عمر ۾ افغانستان ويو هو. آئون ساڻس ملڻ جي لاءِ نيل نديءَ جي سامهون هڪ هوٽل ۾ پهتس. اُن وقت هو لابيءَ ۾ وينو سنگتري جي رس جون سرڪون ڀري رهيو هو، سامهون نيل ندي هوريان هوريان وهي رهي هئي. هن شروع ۾ ئي ٻڌايو تہ هو اسامہ بن لادن جي جهادي طريقن سان سهمت نہ هو ۽ اسامہ بن لادن سان لڳاتار ملاقاتن جي ڪري،

اڳتي هلي مصري سيڪيورٽي فورسز سالن تائين ڪيس ڊيچارينديي رهي.

ديراز، اسامہ سان 1986ع ۾ پهريون ڀيرو مليو. ان وقت تائين اسامہ صحافين سان ملڻ کان پاسو پيو ڪندو هو. پهرين ملاقات پشاور ۾ ٿي، جنهن ۾ ديراز اسامہ کي چيو، ”هڪ نہ هڪ ڏينهن تون گرفتار ٿي ضرور جيل ويندين.“ پر اسامہ تي انهيءَ ڳالهہ جو بہ اثر نہ ٿيو. اسامہ بن لادن جو خيال هو تہ افغان جهاد کان پوءِ سندس عرب ملڪن جي گاڏي وارن هنڌن ۾ هڪ هيرو وانگر آڌر ڀاءُ ڪيو ويندو. اسامہ اهو سمجهڻ جي لاءِ تيار نہ هو تہ وچ اوڀر جا حڪمران، ڪنهن بہ قسم جي عوامي تحريڪن کي پسند نہ ڪندا.

اسامہ بن لادن کي سياست سان ڪابہ دلچسپي نہ هئي. افغان جهاد هن جي لاءِ غير معمولي روحاني تجربو هو. سي اين اين کي انٽرويو جي دوران هن چيو: ”مون افغانستان ۾ جهاد مان اهو سڀ ڪجهہ حاصل ڪري ورتو آهي، جيڪو آئون ٻي ڪنهن ذريعي حاصل ڪرڻ جو تصور بہ ڪري نہ ٿي سگهيس. اسان جي سامهون اها ڳالهہ نهايت فخر واري آهي تہ هڪ عالمي طاقت جو غرور، سڄي اسلامي دنيا اڳيان پڃي پورا ٿي پيو.“

اسامہ بن لادن، انهيءَ جهاد جي روحاني عظمت کان ايترو تہ متاثر هو، جو هن پنهنجي وڏي پُٽ عبدالله، جنهن جي عمر فقط ٻارهن سال هئي، تنهن کي چيو تہ هو ساڻس جنگ جي ميدان ۾ اچي ملاقات ڪري.

ٻيا عرب مجاهد بہ ساڳئي جذبي سان سرشار هئا. انهن مان هڪ جيئرو مثال ’منصور البرڪاتي‘ هو، جيڪو مڪي، سعودي عرب مان آيو هو. انهيءَ جي ڪهاڻي هڪ اسلامي ويب سائيٽ تي جاري ٿي. ’البرڪاتي‘ 1978ع ۾ افغانستان آيو هو. هن جو مقصد پنهنجي ننڍي ڀاءُ کي افغانستان مان واپس وٺي وڃڻ هو، جيڪو جهاد جي لاءِ آيو هو. جڏهن هو پاڪستاني سرحد اُڪري افغانستان ۾ گهڙيو تہ هن جي دل ايئن ڌڙڪڻ لڳي، ڄڻ هو هڪ مقدس هنڌ تي اچي ويو هجي. هو پنهنجي ڀاءُ جي ڳولا ترڪ ڪري، جلال آباد هليو ويو. هن ٻن مهينن تائين اسامہ بن لادن جي هڪ جهادي ڪئمپ ۾ تربيت حاصل ڪئي. اتان هو قنڌار جي ويجهو انهيءَ ريگستان ۾ هليو ويو. جتي افغان عربن ۽ روسين جي وچ ۾ ڪيترائي خونريزي معرڪا ٿيا هئا. انهن جنگين ۾ البرڪاتي غير معمولي بهادري جو مظاهرو ڪيو ۽ عرب مجاهدن جي هڪ دستي جو سرواڻ بڻجي ويو. 1990ع جي گرمين جي مُند ۾ 120 ايم - ايم جو راڪيٽ هن جي گهرجي ڇت تي اچي لڳو. جنهن تي هو

ويئل هو. ڪيس سخت زخمي حالت ۾ پاڪستان آندو بي ويو، هن رستي ۾ پنهنجي موت جي دعا گهرندي چيو، ”آئون شهادت جو موت مرڻ ٿو چاهيان.“ الله تعاليٰ سندس دعا قبول ڪئي ۽ هو شهيد ٿيو. سندس ساٿين جو چوڻ آهي تہ سندس جسم مان اهڙي تہ خوشبوءِ نڪري رهي هئي، جنهن ڪي بيان نٿو ڪري سگهجي.

افغان جهاد ڪان نہ رڳو اسامہ بن لادن جهڙا ماڻهو متاثر ٿيا، پر ڪين عرب دنيا جي ٻين حريت پسند تنظيمن سان رابطي جو بہ موقعو مليو. 1987ع ۾ اسامہ جي ملاقات مصر جي ’الجهاد‘ گرپ سان ٿي. الجهاد گروپ 1981ع ۾ مصر جي صدر انور السادات جي قتل جو ذميدار تصور ڪيو ويندو هو. ايمان الظواهري انهيءَ گروپ جو اڳواڻ هو. جيڪو پشاور ۾ ترسي پيو ۽ هن افغان پناهگيرن جي لاءِ قائم ڪيل هڪ اسپتال ۾ خدمتون سرانجام ڏيڻ شروع ڪيون. هو هڪ بهترين فزيشن هو. 1989ع ۾ جڏهن اسامہ، القاعده تنظيم قائم ڪئي تہ ’الظواهري جو جهاد گروپ انهيءَ ۾ ضم ٿي ويو.

جمال اسماعيل چوي ٿو تہ: القاعده جي شروعاتي مقصد قطعي فلاحي ۽ خيراتي هئا. گهڻا عرب ’سروسز آفيس‘ ۽ بن لادن جي مزمان خاني ۾ ٽڪندا هئا. بيت الانصار جا دورازا هر ايندڙ جي لاءِ ڪليل هوندا هئا.

پر وچ اوير جي سيني حڪومتن کي اسلامي تحريڪن جي باري ۾ سخت تشويش هئي. تنهن ڪري هنن اهڙين سيني تحريڪن ۾ پنهنجا سيڪريٽ ايجنٽ داخل ڪري ڇڏيا هئا. پر القاعده گهڻي محفوظ تنظيم هئي. القاعده جو ڏار گيسٽ هائوس هو. انهيءَ گيسٽ هائوس ۾ فقط اندريان ماڻهون ئي گهڙي ٿي سگهيا.

هڪ سعودي منحرف ’سعد الفقيہ‘، القاعده جي قيام جو هڪ ٻيو سبب بيان ڪيو آهي. 1988ع ۾ اسامہ بن لادن کي احساس ٿيو تہ افغانستان ۾ گم ٿي ويندڙ مجاهدن جي اهل خاندانَ جو تمام گهٽ رڪارڊ رکيو ويو آهي. انهيءَ مسئلي کي نبيرڻ جي لاءِ هن القاعده قائم ڪئي، تہ جيئن ڪل وقتي مجاهدن جو رڪارڊ رکيو وڃي. تنهن کان سواءِ پشاور ۾ فلاحي خدمتون انجام ڏيندڙن ۽ فقط ايندڙ ويندڙ جو هر طرح سان رڪارڊ بہ ناهيو وڃي. مختلف مهمان خانن ۽ فوجي سکيا ڪئمپن جي وچ ۾ مجاهدن جي ڃُرڻ ۽ اچ وڃ جو رڪارڊ بہ رکيو ويو. الفوز جو چوڻ آهي تہ وچ اوير جي حڪومتن انهي رڪارڊ کي مختلف اسلامي ويڙهاڪن جي سڃاڻپ جي لاءِ استعمال ڪيو.

## [ 4 ]

القاعده جي قيام جو مڪمل تفصيل 2001ع ۾ اسامه بن لادن جي چئن ساٿين، مان هڪ 'نيو يارڪ ڪيس' ۾ جمال الفضل ڏنو آهي. الفضل هڪ سوداني هو، جيڪو 1989ع ۾ اسامه بن لادن سان گڏ روسين جي خلاف وڙهيو هو. ڪيس هيلي ڪاپٽر ڪيرائڻ ۽ ڌماڪيدار مادن جي استعمال جي سکيا به ڏني ويئي هئي. 1989ع ۾ ڪيس القاعده ۾ شموليت جي آڇ ڪئي ويئي، جنهن افغان جهاد کان هٽي ڪري سڄي دنيا ۾ جهاد شروع ڪرڻ ٿي چاهيو. هن جهاد جي ايجنڊا کي قبول ڪندي بيعت ڪئي ۽ القاعده جي امير اسامه بن لادن جي اطاعت تي صحيح به ڪيائين. الفضل القاعده جو ٽيون ميمبر هو.

الفضل القاعده کان اُن وقت منحرف ٿيو، جڏهن هن جي باري ۾ ڄاڻ پئي ته هن القاعده جا 10000 ڊالر غبن ڪيا آهن. انهيءَ کان پوءِ هو آمريڪي حڪومت جو مخبر بڻجي ويو. 'مين هٽن' ۾ هلندڙ ڪيس ۾ الفضل، القاعده جي آپريشنل اسٽرڪچر جي وضاحت ڪئي ۽ ٻڌايو ته مختلف ڪميٽين جون ذميداريون ڪهڙيون آهن. هن اهو به ٻڌايو ته جيڪو شخص سُدسماءِ جو آپريشن هلائي رهيو آهي، انهيءَ کي ابو رائٽر چيو وڃي ٿو.

فيبروري 1989ع ۾ روسي افغانستان مان واپس موٽي ويا ۽ اسامه بن لادن، پنهنجو ڌيان ٻي جدوجهد تي مرڪوز ڪيو. هو 'جاجي' واپس آيو. هي اهڙو هنڌ هو، جتي ڪيس غير معمولي علامتي اهميت حاصل ٿي ويئي هئي. هن جاجي کي پنهنجو مرڪز بڻائڻ جو فيصلو ڪيو، پيٽر جووينل، جيڪو انهيءَ علائقي ۾ هو لکي ٿو:

”مون ڪين اونها کوهه ۽ غارون اڏيندي ڏٺو. هو ٽڪريون ٽوڙڻ جي لاءِ

ڏماڪيدار مادو ۽ زمين کوٽڻ جي لاءِ ڪيٽرپلر استعمال ڪري رهيا هئا. هنن مون کي چيو تہ آئون هتي محفوظ ناهيان ۽ هن علائقي مان نڪري وڃان."

پاڪستان ۾ بينظير ڀٽو جي اقتدار ۾ اچڻ ڪان پوءِ، جهادن جي لاءِ حالتون خراب ٿيڻ شروع ٿي ويون. 24 نومبر تي اسامہ بن لادن جي استاد ۽ جهاد جي روح روان عبدالله عزام کي هڪ بم ڌماڪي ۾ قتل ڪيو ويو. افغان جهاد ۾ اهم ڪردار ادا ڪندڙ آئي - ايس - آئي جي ڊائريڪٽر جنرل حميد گل کي آئي - ايس - آئي مان ڪڍيو ويو. بينظير ڀٽو جي اقتدار ۾ اچڻ ڪان اڳ جنرل محمد ضياءالحق جو جهاز پراسرار طور تي تباهہ ٿيو، جنهن ۾ افغان جهاد ۾ اهم ڪردار ادا ڪندڙ پاڪستاني فوج جي قيادت جا اهم مهرا بہ ڇٽ ٿي ويا.

عبدالله عزام جي شهادت، جهادين جي لاءِ اهم واقعو هو. ڪار بم، پشاور ۾ 'صبا الیل' مسجد جي دروازي تي لڳايو ويو هو، جتي عبدالله عزام جمع جي نماز پڙهڻ ويو هو. ساڻس گڏ سندس بہ پُٽ 23 سالن جو محمد ۽ 14 سالن جو ابراهيم بہ شهيد ٿيا هئا. 1989ع جي آخر تائين اسامہ بن لادن وٽ پاڪستان ۾ ترسڻ جو ڪوبہ جواز نہ رهيو هو. بينظير ڀٽو جي حڪومت اسامہ کي اڻ وڻندڙ شخصيت قرار ڏيئي ڇڏيو هو، تنهن ڪري اسامہ بن لادن واپس پنهنجي وطن سعودي عرب واپس وڃڻ تي مجبور ٿي پيو. ان وقت اسامہ جي عمر 32 سال هئي.

افغان جهاد ڪان پوءِ اهو سوال ڪيترن ئي حلقن ۾ شدت سان اٿاريو ويو تہ ڇا اسامہ بن لادن ۽ سندس افغان عرب ساٿي آمريڪي حڪومت جي تخليق هئا؟ ڪيترن ئي ڪتابن ۽ نيوز رپورٽس ۾ اهو آروپ لڳايو ويو آهي تہ سي آءِ اي افغان عربن کي هٿيار بند ڪيو ۽ فوجي سکيا ڏني ۽ اسامہ بن لادن پاڻ بہ سي - آءِ - اي جي افغان آپريشن جو حصو هو.

هو اهو بہ چون ٿا تہ سڄي دنيا ۾ دهشتگرديءَ جي واڌاري جو ذميوار پڻ آمريڪا آهي. اها ڳالهہ صحيح آهي تہ جنگ جي دوران سي - آءِ - اي اڻ ڳڻيون غلطيون پڻ ڪيون. جن مان سڀ کان وڏي غلطي اها هئي تہ هن 'عرب مليشيا' سان لاڳاپيل آمريڪا دشمن ڌڙن جي همت افزائي ڪئي.

ڊسمبر 1979ع ۾ افغانستان تي روسي حملي آمريڪا کي روسين ڪان پراڻو حساب ڪتاب چڪتو ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪيو، جنهن ويٽنام جي

جنگ ۾ آمريڪا جي خلاف اُتر ويتنام کي هٿياربند ڪيو هو. تنهن ڪري بدلو وٺڻ جي لاءِ آمريڪين، روس جي خلاف افغان ٽولن کي هٿياربند ڪرڻ شروع ڪيو. آمريڪي صدر جمي ڪارٽر جي قومي سلامتي جي صلاحڪار زبگنيو بريزنشڪي (Zbingniew Brezinski) اهو ڪم وڏي خوبي ۽ مهارت سان ڪيو. "اهو روس جي پُٺ ۾ چرو هڻڻ جو بهترين موقعو هو." هڪ پيري بريزنشڪي چيو.

سي ـ آءِ ـ اي افغانن کي هٿياربند ڪرڻ جي ذميداري سنڀالي ۽ حڪمت عمليءَ جي نقطہ نظر کان اهو آپريشن ڪامياب رهيو. روس جي ناڪاميءَ کان پوءِ افغانستان مان روسي فوجي دستا 15 فيبروري 1989ع تي واپس موٽي ويا. انهيءَ موقعي تي سي ـ آءِ ـ اي جي هيڊ ڪواٽر 'لينگي، ورجينيا' ۾ ڪاميابيءَ جي خوشيءَ ۾ هڪ تقريب ٿي. پر ڇا واقعي، سي ـ آءِ ـ اي، آمريڪا دشمن جهادين کي هٿياربند ڪري غلطي ڪئي هئي؟

سائمن ريو (Simon Reeve) پنهنجي ڪتاب The New Jackals Ramzi Yousef, Osama Bin Laden and the future of Terrorism ۾ آروپ لڳايو تہ 'سي ـ آءِ ـ اي افغان عربن کي فنڊ بہ ڏنا ۽ جنگي سکيا بہ ڏني.'

ٻين مبصرن جو چوڻ آهي تہ اسامہ بن لادن کي سي ـ آءِ ـ اي سڌو سنئون مدد ڏني. هڪ برطانوي اخبار 'دي گارڊين' لکيو تہ، "1986ع ۾ سي ـ آءِ ـ اي خوست (افغانستان) ۾ هڪ زير زمين فوجي تربيتي ڪئمپ ٺاهڻ ۾ اسامہ بن لادن جي مدد ڪئي. جتي اسامہ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ايندڙ مسلمان رضاڪارن جي فوجي تربيت ڪئي، جن جهاد ۾ حصو وٺڻ ٿي چاهيو." درحقيقت گارڊين جي اها دعويٰ عقل جي خلاف آهي. حقيقي صورتحال هيءَ آهي تہ آمريڪي آفيسر افغانستان ۾ گهڙي نٿي سگهيا. ڇو تہ هو جيڪڏهن جهلجي پون ها تہ روسين کي سڄي دنيا ۾ پروپئگنڊا ڪرڻ جو بهترين موقعو هٿ چڙهي وڃي ها.

اسامہ 1982ع کان ئي آمريڪا مخالفت جذبن جو اظهار ڪندو رهيو. وٽس ايتري تہ دولت هئي، جو کيس سي ـ آءِ ـ اي جي مالي امداد جي ڪا بہ گهرج نہ هئي. حقيقت هيءَ آهي تہ خوست جي زير زمين جهادي ڪئمپ 1982ع ۾، عرب امداد سان هڪ افغان ڪمانڊر تعمير ڪئي هئي.

اسامہ جي تنظيم سان لاڳاپيل هڪ ذريعي مونکي ٻڌايو تہ: "اسامہ بن

لادن جا ڪڏهن بہ آمريڪا يا آمريڪي عملدارن سان لاڳاپا ناهن رهيا. هو 1980ع جي ڏهاڪي کان چوندو رهيو تہ ہي جنگ آمريڪا سان ٿيٽي آهي. آمريڪا ڪڏهن بہ اسامہ بن لادن کي ڪنهن بہ قسم جي مالي مدد فراهم نہ ڪئي ۽ نہ وري فوجي سکيا ۾ ڪا مدد ڪئي." هڪ سينئر آمريڪي آفيسر جو چوڻ آهي تہ اسامہ بن لادن ڪڏهن بہ سي - آءِ - اي سان نہ مليو.

جستائين سي - آءِ - اي تي انهيءَ الزام جو تعلق آهي تہ سي - آءِ - اي افغان عربن جي عروج جي ذميدار آهي. انهيءَ جو جواب ڪو سولو ڪونهي. آمريڪا سدائين انهيءَ جي ترديد ڪندو رهيو تہ افغان جنگ ۾ سي - آءِ - اي افغان جي مدد ڪري رهيو آهي. حقيقت هيءَ آهي تہ آمريڪي مالي امداد 'پاڪستان جي انٽر سروسز انٽيليجنس ايجنسي (آءِ - ايس - آءِ) جي ذريعي افغانن کي پهچندي رهي. اهو فيصلو خود آئي - ايس - آءِ ڪندي هئي تہ ڪهڙي افغان ڌڙي کي هٿيار ۽ سکيا فراهم ڪئي وڃي. هوءَ گهڻو ٿڻون اسلام پسند ۽ پاڪستان جي حامي افغان ڌڙن جي امداد ڪندي رهي. افغان عرب عام طور تي انهن ڌڙن سان گڏ هئا ۽ انهن جا مدگار رهيا. تنهن ڪري، سي - آءِ - اي تي اهو الزام درست ڪونهي.

سي - آءِ - اي جو اڳوڻو آفيسر 'ملٽ بيرڊن' جيڪو 1980ع ۾ افغان آپريشن هلائيندو رهيو هو. لکي ٿو تہ: سي - آءِ - اي ڪڏهن بہ انهن عربن جون خدمتون حاصل نہ ڪيون، ڇو تہ انهن جي گهرج ئي نہ هئي. لکين افغان روس جي خلاف وڙهڻ جي لاءِ تيار هئا. انهن جي پيٽ ۾ عرب گهڻا مسئلا پيدا ڪندڙ هئا. هو افغانن جي لاءِ پڻ مسئلا پيدا ڪندا هئا. افغان، عربن کان فنڊ تہ وٺڻ چاهيندا هئا، پر ڪين عرب رضاڪارن جي گهرج نہ هئي.

پيٽر جووينل لکي ٿو تہ: "عربن ۽ افغانن جي وچ ۾ محبت جو اهڙو ڪو خاص رشتو نہ هو. عرب روايتي طور تي اولهہ کان نفرت ڪندا هئا. مون سدائين پاڻ کي عربن کان پري رکيو. هو جارحيت پسند هئا. هو مغربي رپورٽرن کان پڇندا هئا تہ اوهين هڪ اسلامي ملڪ ۾ ڇا ڪرڻ آيا آهيو.

1998ع ۾ 'ملٽ بيرڊن' هڪ نهايت دلچسپ ۽ سنسني خيز ڪتاب Black Tulip لکيو. جيڪو ڏاڍو مقبول ٿيو. انهيءَ ڪتاب جي ڪهاڻيءَ ۾ سي - آءِ - اي جي ايجنٽن افغانستان ۾ هڪ بيس ڪئمپ قائم ڪئي هئي، جتي ڪجهہ آمريڪي آفيسر بہ موجود هئا. اهو فقط هڪ هٿ ٺوڪيو داستان هو.

آمريڪا جي 'نيشنل سيڪيورٽي ڪونسل' ۾ انٽر ايجنسي گروپ جو اسٽاف ڊائريڪٽر 'ونس ڪينسٽرارو' هو، جنهن 1980ع ۾ آمريڪا جي افغان پاليسيءَ ۾ رابطي جون ذميداريون ادا ڪيون. 'ڪينسٽرارو' لکي ٿو: پاڪستان ۾ هڪ ئي وقت سي - آءِ - اي جي ڪارندن جو تعداد ڇهن کان وڌيڪ نہ رهيو آهي.

هڪ بي سي - آءِ - اي ايجنٽ مونکي ٻڌايو تہ پاڪستان ۾ سي - آءِ - اي جا آفيسر ڪڏهن ڪڏهن ئي اسلام آباد ۾ آمريڪي سفارتخاني مان ٻاهر ويا هوندا. هو شايد ئي افغان مزاحمت جي ذميدار جهادين سان مليا هوندا. هن اهو بہ ٻڌايو تہ سي - آءِ - اي جي آفيسرن کي آمريڪي سفارتڪارن جي باقاعده خوشامد ڪرڻي پئي، تہ جيئن ڪين پشاور ۾ ٽيندڙ افغان اڳواڻن سان ٽيندڙ هڪ ملاقات ۾ شريڪ ڪيو وڃي.

برگيڊيئر محمد يوسف، جيڪو 1983ع کان 1987ع جي دوران آئي - ايس - آئي جي افغان آپريشن کي هلائيندو رهيو. سي - آءِ - اي ۽ افغان مجاهدن جي وچ ۾ لاڳاپن کي هيئن ٿو بيان ڪري.

'سي - آءِ - اي جي بنيادي ذميداري رقم جي فراهمي هئي. مون کي چڱي طرح خبر هئي تہ، جيتوڻيڪ هو بانسري نواز کي رقم ادا ڪندا هئا، پر خود ڪابہ ڌن وڄائي نہ ٿي سگهيا. سي - آءِ - اي رقم خرچ ڪئي، جنهن مان هٿيار ۽ فوجي ساز ۽ سامان خريد ڪيو ويو. هن جي ڳجهي آرمز پروڪيوزمنٽ برانچ سيئي خدمتون سرانجام ڏيندي رهي. پاڪستان جي پاليسي اها هئي تہ ڪنهن آمريڪيءَ کي رقمن جي يا هٿيارن جي ورهاست جي ڪم ۾ دخل نہ ڏيڻ ڏنو وڃي. ڪنهن آمريڪي ڪڏهن بہ ڪنهن افغان کي فوجي سکيا نہ ڏني ۽ نہ وري ڪو آمريڪي آفيسر افغانستان جي اندر ڪنهن افغان اڳواڻ سان مليو.

هڪ اڳوڻي سي - آءِ - اي آفيسر مون کي چيو، "اسان کي پاڪستان جي انهيءَ پاليسيءَ تي ڪابہ پريشاني نہ هئي."

ٿورن لفظن ۾ اهو تہ سي - آءِ - اي، افغانن سان بنهہ محدود واسطو رکيو ۽ افغان عربن سان نہ هئڻ جي برابر. تنهن ڪري سي - آءِ - اي ۽ افغان عربن ۾ ڪوبہ رابطو نہ ٿيو. جنگ جي دوران سي - آءِ - اي، پاڪستان جي آءِ - ايس - آءِ سان گڏجي ڪم ڪندي رهي. افغان عرب آزادانہ نموني ڪم

ڪندا رهيا ۽ هٿن جي فنڊ حاصل ڪرڻ جا ذريعا بہ آزاد هئا. نہ سي - آءِ - اي کي افغان عربن جي گهرج هئي ۽ نہ وري افغان عربن کي سي - آءِ - اي جي. تنهن ڪري اهو تصور غلط آهي تہ سي - آءِ - اي افغان عربن جي پئسن ۽ هٿيارن سان مدد ڪئي.

پر سي - آءِ - اي، عرب رضاڪار پرتي ڪندڙ مصري عالم شيخ عمر عبدالرحمان جي مدد ڪئي، جنهن تي ’يونائيٽيڊ نيشنز ڪمپيڪليس‘ ۽ ’هالينڊ ٽنل‘ کي ڊماڪن سان اُڏائڻ جي سازش ۾ شامل هئڻ جو الزام آهي. اهو ڄاڻڻ جي باوجود بہ شيخ عمر عبدالرحمان، مصر جي هٿيار بند اسلامي گروپ جو روحاني سربراهہ آهي، کيس 1987ع ۾ آمريڪا جي ويزا ڏني ويئي. 1990ع ۾ کيس آمريڪا جو ملٽي پل اينٽري ويزا بہ جاري ڪيو ويو. آمريڪي حڪومت جو چوڻ آهي تہ کيس ويزا جي جاري ٿيڻ ۾ ڪمپيوٽر جي غلطي جو عمل دخل آهي، پر اها حقيقت آهي تہ اها ويزا سوڊان جي آمريڪي سفارتخاني ۾ ڪم ڪندڙ سي - آءِ - اي جي هڪ آفيسر جاري ڪئي.

سي - آءِ - اي ۽ افغان عربن جي وچ ۾ هڪ ٻي رابطي جو ذريعو هڪ مصري نسل جو آمريڪي محمد علي هو، جنهن 1980ع جي شروع ۾ ڪجهہ وقت لاءِ سي - آءِ - اي جي مخبر طور ڪم ڪيو، پر اڳتي هلي هو القاعده ۾ شامل ٿي ويو. جتوڻيڪ اهو رابطو دلچسپ هو، پر ان جي ڪا گهڻي اهميت نہ هئي.

اهو تہ چئي نٿو سگهجي تہ، افغان جنگ جي دوران سي - آءِ - اي، افغان مجاهد تنظيمن کي فنڊ ۽ هٿيار تقسيم ڪرڻ جي ذميداري فقط پاڪستانين تي ڇڏي غلطي ڪئي هئي. آمريڪا چاهيو ٿي تہ اها سڄي ذميداري پاڪستان تي وجهي پاڻ انهن جي نتيجن کان آجو ٿي وڃي، تہ جيئن مٿس انهيءَ جنگ جي سرپرستيءَ جو الزام لڳي نہ سگهي. انهيءَ حقيقت کان پاڪستاني بہ واقف هئا.

1985ع ۾ آمريڪي صدر رونالڊ ريگن، ڪليل نموني افغان فوجي ڪمانڊرن سان ملڻ لڳو هو. انهيءَ وقت آمريڪي عملدارن کي اهو اطلاع هو تہ انهن جي گهڻائي آمريڪا دشمن آهي. انهيءَ موقعي تي آمريڪي حڪومت ۽ سي - آءِ - اي کي ڪپندو هو تہ هوءَ پاڪستاني حڪومت تي دٻاءُ وجهي ها تہ جيئن آمريڪي امداد اهڙي طرح افغان گوريلا تنظيمن ۾ ورهائي وڃي ها،

جيئن آمريڪي مفادن کي نقصان نه پهچي ها، پر ائين ٿي نه سگهيو. ڇو ته پاڪستاني اسلام پسند تنظيمن ۾ اهي فنڊ ورهائيندا رهيا. روسين جي واپسيءَ کان پوءِ افغانستان ۾ گهرو ويڙهه شروع ٿي ويئي. پاڪستان لکين ڊالرن جي آمريڪي امداد، آمريڪا دشمن افغان گروپن ۾ ورهائيندو رهيو ۽ انهيءَ رقم مان هزارين ويڙهاڪن جي تربيت ڪئي ويئي ۽ منجهن هٿيار ورهايا ويا. هي اُهي ئي ماڻهو هئا، جيڪي اڳتي هلي سڄي دنيا ۾ پکڙجي ويا ۽ پاڻ سان گڏ جهادي ڪلچر به کڻيو ويا. ٻين لفظن ۾ اهي ماڻهو آمريڪا جي لاءِ ڪُک واري مُک ثابت ٿيا.

انهيءَ کک واري مُک يا نـونشي جو پس منظر سـمجهڻ جي لاءِ ضروري آهي ته حالتن جو وڌيڪ ڳوڙهو اڀياس ڪيو وڃي. روسي فوج جي افغانستان ۾ آمد کان ڇهه مهينا اڳ آمريڪي حڪومت نور محمد ترهڪي جي حڪومت کي محدود مالي امداد ڏيئي رهي هئي. ترهڪي جو جهڪاءُ روس طرف هو. 3- جولاءِ 1979ع تي صدر ڪارٽر هڪ صدارتي حڪم تي صحيح ڪئي، جنهن تحت ڪميونسٽن جي مخالف گوريلا تنظيمن کي محدود مالي امداد ڏيڻ جي منظوري ڏني ويئي. روسين ڊسمبر 1979ع ۾ افغانستان تي حملو ڪري حفيظ الله امين کي صدر بنايو. ڪارٽر انتظاميه جي هڪ معاون رابرٽ گيٽس جي چوڻ موجب، جيڪو بعد ۾ سي - آءِ - اي جو سربراهه بنيو، "افغانستان تي روسي حملو ٻي مهاڀاري جنگ کان پوءِ عالمي امن جي لاءِ سڀ کان وڏي للڪار ثابت ٿيو. اهو سوويت يونين جي والار جي نئين مهم جي شروعات هئي. ڪارٽر انتظاميه، مجاهدن جي مدد جي لاءِ فوري رٿابندي ڪئي. سي - آءِ - اي سعودي عرب کان فنڊ حاصل ڪيا ته جيئن چين ۽ مصر کان هٿيار خريد ڪري سگهجن، جنهن جو مقصد اهو هو ته آمريڪا پاران ملندڙ امداد ڳجهي رهي. آمريڪين اهو نٿي چاهيو ته روسين کي آمريڪا جي خلاف عالمي پروپيگنڊه جو موقعو ملي سگهي.

افغانستان اهڙي ملڪن جي وچ ۾ گهريل هو، جن جي حڪومتن کي آمريڪي مفادن لاءِ ڪابه دلچسپي نه هئي. يعني خمينيءَ جو ايران، روس ۽ چين. تنهن ڪري باغي مجاهدن کي فقط هڪئي رستي تان امداد ملي سگهي ٿي ۽ اهو پاڪستان هو. اهوئي سبب آهي ته سي - آءِ - اي جي سڄي آپريشن جي ڪاميابي جو دارومدار پاڪستان جي آءِ - ايس - آءِ تي هو. افغانن کي

آمريڪي امداد 1980ع ۾ ملڻ شروع ٿي، جنهن جو تعداد ٻہ ڪروڙ ڊالر سالياني کان وڌي ٿي ڪروڙ ڊالر ساليانو ٿائين هو. 1987ع ۾ اها امداد 63 ڪروڙ ڊالرن تائين في سال پهچي ويئي. 1980ع واري ڏهاڪي ۾ مجموعي طور تي افغان مزاحمت جي امداد جي لاءِ آمريڪا ٽي ارب ڊالر خرچ ڪيا.

سي. آءِ.اي ٽن ڪروڙ ڊالرن جي امداد جو ڪنٽرول آءِ. ايس. آءِ کي ڏيئي ڇڏيو هو. اها رقم آءِ ـ ايس ـ آءِ، پنهنجي مرضيءَ موجب خرچ ڪئي. جنهن تي چاهي، اُنهيءَ تي خرچ ڪندي رهي. هڪ اندازي موجب 60 ڪروڙ ڊالرز گلبدين حڪمت يار جي حزب اسلاميءَ کي مليا. حزب اسلامي ستن مختلف جهادي تنظيمن مان هڪ ٻي وڏي جماعت هئي. حزب اسلامي انتهائي اولهہ مخالف نظريا رکندي هئي. هن جي جهادي ڪئمپن ۾ سڄي دنيا کان وڏي تعداد ۾ مسلمان رضاڪارن اچي تربيت حاصل ڪئي. آمريڪي امداد ڪانسواءِ حزب اسلاميءَ، سعودي امداد جو وڏو حصو پڻ وصول ڪيو.

آمريڪا، گلبدين حڪمت يار سان ايتري رعايت ڇو ڪئي. اهو ڄاڻڻ جي لاءِ آئون گراهم فلر سان ملڻ جي لاءِ ويس. جيڪو 1987ع تائين ڪابل ۾ سي ـ آءِ ـ اي جو بيورو چيف هو ۽ بعد ۾ سي ـ آءِ ـ اي جون اڳڪٿيون ڪندڙ شعبي جو سربراهہ بنيو. فلر، چيني، ترڪي، روسي ۽ عربي زبانون ڄاڻندو هو. هن جو گهر سي. آءِ.اي جي هيڊ ڪواٽر کان گهڻو پري نہ هو. هن ٻڌايو:

"ڪيترائي سال پوءِ تائين افغانستان ۾ اولهہ مخالف جهاد جي نوعيت جي باري ۾ ڪابہ تشويش جي ڳالهہ نہ هئي. عام تاثر اهو هو تہ افغان مجاهد 'سوويت يونين' جي خلاف آهن. پئسا پاڪستاني ذريعن وسيلي ورهايا ويا. پاڪستان افغان مجاهدن جي سياست تي مڪمل عبور رکندو هو. آمريڪي جيڪڏهن افغان مجاهدن جا معاملا ڄاڻڻ جي دعويٰ ڪن ها تہ اها چريائپ جي ڳالهہ هئي. پر 1984ع ۾ اها ڳالهہ چٽي ٿي و ئي تہ انهن مان ڪي گروپ نظرياتي طور تي سخت آمريڪا مخالف آهن، انهن مان حڪمت يار سرِفهرست هو، پر پاڪستاني کيس پنهنجو پڪو ماڻهو سمجهندا هئا، هو پاڪستان جو حقيقي وفادار هو. هڪ پيري جنرل ضياءالحق چيو هو، "هن حڪمت يار کي پاڪستان ئي افغان ليڊر بنايو آهي ۽ پاڪستان ئي کيس تباهہ ڪري سگهي ٿو." افغان جنگ جي هڪ اسڪالر بارنيٽ آر روبن (Barnett - R - Rubin) پنهنجي ڪتاب: The Fragmenation of Afghanistan: State formation and collaps in the international system ۾ لکي ٿو: گلبدين حڪمت يار جي

جدوجهد جو ڏگهي مدت وارو مقصد روس جي جهاد جي ذريعي ڪابل ۾ اسلامي انقلاب آڻي، حڪومت تي قبضو ڪرڻ هو. هن جا مجاهد نہ رڳو روسي، پر انهن پارٽين سان بہ وڙهندا هئا، جيڪي اسلامي نظام جي خلاف هئا. هن افغانستان جي سڀني جهادي تنظيمن تي بالادستي ٿي چاهي.“

ڪرٽ لوهہ بيڪ (Kart Loh Beek)، جيڪو ’سي - بي ايس‘ نيوز جي لاءِ رپورٽنگ ڪندو هو ۽ انهن ڪجهہ اولهہ جي صحافين مان هڪ آهي، جيڪي مستقل طور تي پشاور ۾ رهيا. گلبدين حڪمت يار جي باري ۾ آمريڪي پاليسي کي هيئن تو بيان ڪري:

”آمريڪي سفارتخانو سدائين، گلبدين حڪمت يار جي مزاحمت ۾ اهميت ڏيندو رهيو، جيڪو درست ڪونہ هو.“

هڪ آسٽريلوي صحافي رچرڊ ميڪنزئي لکي ٿو تہ: گلبدين حڪمت يار ۽ احمد شاهہ مسعود جي وچ ۾ پراڻي دشمني هئي ۽ جولاءِ 1989ع ۾ گلبدين حڪمت يار، احمد شاهہ مسعود جي پارٽيءَ جي 36 هن ماڻهن کي ماري ڇڏيو هو.

سڄي افغان جنگ جي دوران گلبدين حڪمت يار جي شهرت آمريڪا جي مخالف سردار طور هئي. 1985ع ۾ جڏهن ٻيا افغان سردار واشنگٽن جو دورو ڪري رهيا هئا تہ حڪمت يار بہ آمريڪا آيو، پر هن آمريڪي صدر ريگن سان ملاقات ڪرڻ کان صاف انڪار ڪري ڇڏيو.

روبن لکي ٿو تہ صدام حسين ۽ معمر قذافي، ٻيئي حڪمت يار جي مالي مدد ڪندا رهيا ۽ نار واري جنگ جي دوران گلبدين حڪمت يار، اسامہ بن لادن جي اسلامي ويڙهاڪن جي ميزباني پڻ ڪندو رهيو هو ۽ اهي ويڙهاڪ سندس ڪئمپن ۾ سکيا بہ حاصل ڪندا رهيا. انهن مان هڪ ويڙهاڪ فلسطيني ’ابو معاذ‘ هو، جنهن 1993ع ۾ سي - اين - اين سان ڳالهائيندي چيو هو، ”اسين دهشتگرد آهيون. ها اسين دهشتگرد آهيون. ڇو تہ جهاد اسان جو عقيدو آهي. قران مجيد ۾ آيو آهي تہ، ”اوهان کي پنهنجي پڄنديءَ آهر جهاد جي تياري ڪرڻ کپي ۽ پنهنجي گهوڙن کي تيار رکڻ کپي، تہ جيئن الله جا دشمن ڏڄي وڃن.“ ابو معاذ چيو هو تہ اها سڄي زمين، اسپين سميت مسلمانن کي واپس ملڻ گهرجي.“

اسامہ بن لادن ۽ گلبدين حڪمت يار، پاڻ ۾ گڏجي ڪم ڪندا رهيا.

1990ع ۾ القاعده جي سڪيا جون ڪئمپون اوپر افغانستان جي خوست ريجن ۾ هيون ۽ انهيءَ علائقي تي گلبدين حڪمت يار جي تنظيم حزب اسلامي جو ڪنٽرول هو. حزب اسلامي ۾ تي اهڙا عرب مجاهد بہ شامل ٿيا، جن جو واسطو الجزائر، مراڪش ۽ سعودي عرب سان هو ۽ 1993ع ۾ انهن جا انٽرويو ڪابل ٽيليويزن تان نشر ٿيا هئا. انهن ٻڌايو تہ هو 1991ع جي شروع ۾ افغانستان ۾ داخل ٿيا ۽ هن اوپر افغانستان جي تربيتي ڪئمپن ۾ تربيت حاصل ڪئي هئي.

1993ع ۾ مون گلبدين حڪمت يار جي هڪ پريس ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي، جيڪا سندس هيڊ ڪوارٽر ۾ ٿي هئي. حڪمت يار ڪي اڇي سلوار قميص ۽ ڪارو پٽڪو ٻڌل هو، جڏهن تہ سندس ڏاڙهي صفا ڪاري هئي. انهيءَ سوال جي جواب ۾ تہ ڇا اوهين پنهنجي ڪئمپن ۾ عرب رضاڪارن کي بہ تربيت ڏني آهي، تہ حڪمت يار چيو تہ هو پرڏيهين کي سکيا نہ ڏيندو آهي. حڪمت يار جي تنظيم سڄي دنيا جي ڪيترن مسلمان رضاڪارن کي ڪجهي نموني فوجي سکيا ڏني، انهيءَ جا انگ اکر موجود ناهن. آخر بہ آمريڪي انتظاميہ احمد شاهہ مسعود تي، حڪمت يار کي ترجيح ڇو ڏني، جڏهن تہ مسعود، وڏي حد تائين لبرل ۽ آمريڪي مفادن کي وڌيڪ بهتر نموني پورو ڪري ٿي سگهيو؟ هڪ فرانسيسي اسڪالر اوليوئر راءِ لکي ٿو تہ: احمد شاهہ مسعود پنهنجي لبرل مزاج جي ڪري افغان جنگي ڪلچر کي تبديل ڪري ٿي سگهيو، پر پاڪستاني کيس پسند نہ ڪندا هئا. مسعود، مائوزي تنگ ۽ هوچي منهہ جي جنگي طريقن جو پڻ اڀياس ڪيو هو.

1992ع ۾ هڪ آمريڪي اخبار 'دي وال اسٽريٽ جرنل'، پنهنجي اداريي ۾ لکيو هو تہ 1989ع ۾ افغان ڪميونسٽ حڪومت، اقتدار حڪمت يار، نہ پر مسعود جي حوالي ڪيو هو. ڇو تہ دوستم، سيڪولر هئڻ جي ڪري، حڪمت يار تي ڀروسو نہ ڪندو هو. خابرو لکيو تہ، 'مسعود جون فوجون لڳاتار طالبان جي خلاف وڙهنديون رهيون، جڏهن تہ گلبدين حڪمت يار، طالبان سان وڙهڻ کان نابري واري ۽ ايران ۾ جلاوطنيءَ کي ترجيح ڏني.'

آئون 1993ع ۾ مسعود سان مليو هئس، مون کيس چيو هو تہ 'ڇا هو بنياد پرست آهي.' هن جواب ۾ چيو، "اسلام ۾ ڪابہ بنياد پرستي ڪونهي. اسلام لبرل مذهب آهي ۽ آئون پاڻ بہ لبرل ۽ اعتدال پسند مسلمان

آهيان.“ مسعود هر حال ۾ عربن کي افغانستان مان ڪڍڻ ٿي چاهيو. سندس چوڻ هو ته، ”آئون افغانستان ۾ ويڙهاڪ عربن جي موجودگيءَ کي پسند نٿو ڪريان. تنهن ڪري هنن جي لاءِ چڱائي انهيءَ ۾ آهي ته هو واپس پنهنجي ملڪن ڏانهن موٽي وڃن.“ ظاهر آهي ته افغانستان ۾ مسعود، آمريڪا جا مفاد سٺي نموني پورا ڪري ٿي سگهيو. پر سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته حڪمت يار، آمريڪي پاليسين جي لاءِ تباهہ ڪندڙ ثابت ٿيو ۽ مسعود کي آمريڪي امداد ملڻ ڪٻي ها ته پوءِ سي - آءِ - اي، پاڪستان جي آءِ - ايس - آءِ تي اهو دٻاءُ ڇو وڌو ته هوءَ حڪمت يار جي بدران مسعود جي مدد ڪري، پر شايد پاڪستانين کي ان وقت تائين ايندڙ حالتن جو اندازو نہ هو.

برگيڊيئر محمد يوسف جي خيال ۾، ”حڪمت يار سڀني مجاهد ڪمانڊرن ۾ وڌيڪ اهل، بهادر ۽ جنگجو، حڪمت عمليءَ جو ماهر ڪمانڊر هو.“

1993ع ۾ رابرٽ گيٽس، سي - آءِ - اي جي افغان پاليسيءَ جو بچاءُ ڪيو، ”پاڪستانين جي سوچ اها هئي ته فوجي امداد انهن افغان ڪمانڊرن کي ڏني وڃي؛ جن روسين جي خلاف سڀ کان وڌيڪ اثرائتي ويڙهہ وڙهي هجي. ڪيترن ئي افغان ڪمانڊرن کي اها امداد بلڪل نہ پهتي. حقيقت هيءَ آهي تہ پاڪستاني ايجنسي (آءِ - ايس - آءِ) جو فيصلو اُتي جي صورتحال موجب هو.“

ملٽ بيربن، جيڪو سي - آءِ - اي جو افغان آپريشن هلائيندو رهيو هو، تنهن مون کي چيو، ”اسان جي نقطہ نظر کان مسعود، ٻين ڪمانڊرن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ آزاد ۽ لبرل خيال هو. هو جيڪو چاهيندو هو، سو ڪندو هو، پر حڪمت يار هڪ تنگ نظر مذهبي ڪمانڊر هو. پر سندس ساٿي ڪمانڊر ايترا تہ ويڙهاڪ هئا، جو روس جي خلاف وڌيڪ اثرائتا ثابت ٿيا.“ جيڪڏهن، آمريڪين پاران، گلبدين حڪمت يار جي حمايت تباهہ ڪندڙ ثابت ٿي تہ 1998ع ۾ افغان مجاهدن کي آمريڪي آتشگير ميزائلن جي فراهمي بہ آمريڪي مفادن جي لاءِ ڪا گهٽي مبارڪباد جوڳي نہ هئي. اسٽنگر ميزائل هٿ سان هلندڙ ’جهاز مار ميزائل‘ آهي. جنهن کي فائر ڪري وساري ڇڏڻ وارو هٿيار چيو وڃي ٿو.

## [5]

”مٽي اچو، آئون توهان کي ڪجهہ شيون ڏيکارڻ ٿو چاهيان.“ اجنبيءَ چيو. اهو شخص وچ اوپر جي پاڇوڪڙن مان هڪ هو ۽ آئون 1997ع ۾ ساٿس ملڻ جي لاءِ لنڊن ويو هئس. هو مونکي پنهنجي اسٽڊي روم ۾ وٺي ويو. اُتي هن هڪ ويڊيو ٽيپ ڪڍيو ۽ اهو وي سي آر ۾ لڳايو.

ويڊيو ۾ پهريون ڏيک انهن آمريڪين جو هو، جيڪي سعودي عرب ۾ رهيل هئا. تصوير ۾ هڪ ڪار جي دري کان ٻاهريون منظر ڏيکاريو پئي ويو. ڪئميرا هڪ هائوسنگ ڪمپليڪس تي بيٺي، جيڪو آئل ڪمپني آرامڪو جي ملازمن واسطي اڏيو ويو هو. انهيءَ کان پوءِ ڪئميرا هڪ آمريڪي عورت تي بيٺي، جيڪا پنهنجي ٻارڙي کي جهولي ۾ لوڏي رهي هئي. ٻي ڏيک ۾ هڪ آمريڪي عورت فوجي، هڪ فوجي ٽرڪ ڊرائيوَ ڪري رهي هئي ۽ پريشان ٿي ڪئميرا ڏانهن ڏسي رهي هئي. ڪيس احساس ٿي ويو هو تہ سندس وڊيو ٽيپ فلمبند ڪئي پئي وڃي.

ٽيپ جي فلم بندي معياري نہ هئي. انهيءَ سان گڏ ڪا ڪمينٽري بہ ڪانہ هئي، پر انهيءَ ۾ ڏنل نياپو سادو ۽ سولو هو. مقصد اهو هو تہ انهن ڪافرن کي ڏسو، جيڪي اسان جي مقدس سرزمين ۾ گهڙي آيا آهن. عرب سرزمين ۾ آمريڪين جي موجودگيءَ جي خلاف مهم ۾ 7 آگسٽ 1990ع کان شدت سان ڪيترائي پيرا واڌارو ٿيو، جڏهن آپريشن ’ڊيزرٽ اسٽارم فيلڊ‘ جي سلسلي ۾ آمريڪي فوجي دستا سعودي عرب ۾ لهڻ شروع ٿيا. پيغمبرِ اسلام حضرت محمد ﷺ جو ارشاد آهي تہ ’عربستان ۾ ٻہ مذهب نٽا ٿي سگهن، عرب سرزمين کي ڪافر مرد ۽ عورتن کان پاڪ ڪيو وڃي.‘

اسامہ بن لادن جي لاءِ عربستان جي سرزمين ۾ آمريڪي فوجن جو

اچڻ اهڙوئي هڪ واقعو هو، جهڙو افغانستان تي روسين جو حملو. اهو اتفاق ڪونہ هو تہ ٺيڪ اٺن سالن کان پوءِ انتها پسندن 7 آگسٽ 1998ع تي آفريقا کنڊ ۾ ٻن آمريڪي سفارتخانن جي عمارت کي بمن سان اڏائي ڇڏيو هو.

اسامہ بن لادن، گهڻو اڳ کان آمريڪين جي مخالفت ڪري رهيو هو. هن 1989ع ۾ افغانستان مان سعودي عرب موٽڻ کان پوءِ مسجدن ۽ گهرن ۾ لڳاتار تقريرون ڪيون تہ آمريڪي شين جو بائيڪاٽ ڪيو وڃي. ڇو تہ آمريڪا اسرائيل جي حمايت ۽ مدد ڪري رهيو آهي. سندس تقريرن جا هزارين ٽيپ سعودي عرب ۾ ڦري رهيا هئا.

اهو بہ اتفاق آهي تہ اسامہ کي انهن سڀني سان اتفاق هو، جن جي ڪري آمريڪي فوجون سعودي عرب ۾ داخل ٿيون هيون، يعني صدام حسين جي خلاف جنگ. هن اڳ ۾ ئي سعودي حڪمرانن کي صدام حسين جي نيت ۽ ارادن کان واقف ڪري ڇڏيو هو.

”صدام حسين جي ڪويت تي حملي کان هڪ سال اڳ ئي مون مسجدن ۾ پنهنجي خطابن دوران، عرب حڪمرانن کي ڪيترائي ڀيرا تنبيهہ ڪئي هئي تہ صدام حسين نار تي حملو ڪرڻ وارو آهي، پر ان وقت ڪير بہ منهنجي ڳالهہ تي ڌيان ڏيڻ وارو نہ هو. مون پنهنجي انهن تقريرن جا ٽيپ سڄي سعودي عرب ۾ ورهايا هئا. صدام حسين جي حملي کان پوءِ هنن مڃڻ شروع ڪيو تہ انهيءَ صورتحال جي باري ۾ منهنجو تجزيو ڪيترو نہ صحيح هو. (10 مئي 1997ع تي سي - اين - اين تان نشر ٿيندڙ اسامہ جو انٽرويو جيڪو ليڪ ۽ پيٽر آرنيٽ ورتو هو)

ڀهرين آگسٽ 1990ع تي صدام حسين جي فوجن جي ڪويت تي حملي ۽ سعودي عرب جي سلامتي خطري ۾ پوڻ کان پوءِ هڪدم اسامہ بن لادن سعودي حڪمرانن کي پنهنجي ۽ پنهنجن رضاڪار مجاهدن جي خدمتن جي آڇ ڪئي. هن چيو، سعودي فوج ۽ سندس رضاڪار مجاهد سعودي عرب جي بچاءُ ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن. هن چيو تہ رضاڪار مجاهد روسي فوجن جي خلاف ڊگهي جنگ وڙهڻ ۽ کٽڻ جو وڏو تجربو رکن ٿا.

انهيءَ آڇ تي سعودي حڪمرانن سنجيدگيءَ سان غور نہ ڪيو. خود پنهنجي فوج تي ڪروڙين ڊالر خرچ ڪرڻ جي باوجود بہ سعودي حڪمرانن، آمريڪي حڪومت ۽ ان وقت جي آمريڪي صدر بش (سينئر) کي مداخلت

جي درخواست ڪئي. آمريڪي حڪومت کي چڱي طرح خبر هئي تہ ڪويت تي، عراق جي حملي سان تيل جي عالمي واپار لاءِ خطرو پيدا ٿي پيو آهي. تنهن ڪري آپريشن ڊيزرٽ فيلڊ جنهن کي پوءِ آپريشن ڊيزرٽ اسٽارم جو نالو ڏنو ويو، شروع ٿي ويئي ۽ پنجن لکن کان بہ وڌيڪ آمريڪي فوجون نار ۾ داخل ٿي ويون، (ٿوري ئي عرصي کان پوءِ 1995ع ۾ اوڪلاها سٽي ۾ ’فيڊرل بلڊنگ‘ ۾ ٽموٿي مڪ وائي (Tmotty MC Veigh) بم ڌماڪا ڪيا. اتفاق سان اهو ٽموٿي مِڪ وائي انهن آمريڪي فوجن ۾ شامل هو، جيڪي نار ۾ آيا ۽ عراق جي خلاف جنگ ۾ حصو ورتائون.)

سعودي عرب ۾ آمريڪي فوجن جي اچڻ جي خلاف اسامہ بن لادن جي مهم جي ٻن مشهور سعودي عالمن تائيد ڪئي. انهن ۾ حضرالحوالي ۽ سلمان العوده شامل هئا، جن کي سعودي حڪومت گرفتار ڪري جيل موڪلي ڇڏيو. 1991ع ۾ الحواليءَ پنهنجي هڪ خطبي ۾ چيو تہ، ”نار ۾ جيڪو ڪجهہ ٿي رهيو آهي، اهو سڄي اسلامي عرب دنيا تي قبضي ڪرڻ جي اولهہ جي سازش جو هڪ حصو آهي.“ اسامہ بن لادن جيئن تہ ڪو مذهبي عالم نہ هو، تنهن ڪري هو پنهنجي تقريرن ۾ اڪثر الحوالي ۽ العوده جي خطبن جو حوالو ڏيندو هو.

مصري صحافيءَ ’ايصام ديراز‘ چوي ٿو تہ 1991ع جي شروع ۾ ئي اسامہ بن لادن، سعودي عرب مان سوڊان روانگيءَ جو اشارو ڏيئي چڪو هو. ديراز، اسامہ کي صلاح ڏني تہ هو سوڊان نہ وڃي، پر اسامہ حد کان وڌيڪ جذباتي هو. هن حڪمت عملي نٿي ڄاتي.

سعودي عرب ۾، ديراز لڳاتار اسامہ بن لادن سان ملندو رهندو هو ۽ هن جو چوڻ هو تہ ڪروڙين ڊالرن جو مالڪ هئڻ جي باوجود بہ اسامہ بن لادن اهائي سادي زندگي گذاريندو هو، جيڪا هن افغانستان ۽ پاڪستان ۾ اختيار ڪئي هئي. هن جو گهر بلڪل سادو هو. ماڻهو پٽن تي سمهندا هئا. سندس گهر ۾ سندس آفيس بہ هئي ۽ مٿين ماڙ اهل و عيال جي حوالي ڪئي ويئي هئي. ديراز چوي ٿو تہ ”آئون سندس گهر ۾ ٿي ڏينهن تڪيس ۽ پٽ تي سمهندو رهيس.“

اسامہ بن لادن جي سوڊان اچڻ جا شروعاتي بندوبست القاعده جي ڪارڪن جمال الفضل ڪيا. هو پاڪستان کان پهرين مصر ۽ پوءِ سوڊان پهتو.

پنهنجي سجاڳپ لڪائڻ جي لاءِ هن پنهنجي ڏاڙهي ڪوڙي ڇڏي ۽ پاڻ کي هڪ عياش ماڻهو ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

سوڊان پهچڻ کان پوءِ جمال الفضل، خرطوم، جي اتر ۾ هڪ وڏو فارم خريد ڪيو. جنهن جي قيمت ادائي لک ڊالر ادا ڪئي ويئي. هن پورٽ سوڊان جي پرسان هڪ 'سالٽ فارم' 180000 ڊالرن ۾ خريد ڪيو. اهي بيئي هنڌ القاعده جي مرڪزن طور استعمال ٿيندا رهيا.

سعودي عرب جي حڪومت هاڻ اسامہ بن لادن جي مخالفانہ تنقيد کان تنگ ٿي چڪي هئي ۽ ڪيس گهر ۾ نظربند ڪري سندس چرپر کي جدي تائين محدود ڪيو ويو. پر اسامہ سعودي عرب مان ڀڄڻ جي رٿا تيار ڪئي. هن شاهہ فهد سان پنهنجي خانداني لاڳاپن کي استعمال ڪيو ۽ ڪن ضروري واپاري معاملن جي نبيري واسطي پاڪستان وڃڻ جي موڪل گهري. اپريل 1991ع ۾ پاڪستان اچڻ کان پوءِ هن پنهنجي گهرائي کي اطلاع ڪيو تہ هو هاڻ واپس وطن نہ ايندو. پوءِ هن ڪجهہ مهينا افغانستان ۾ گذاريا ۽ انهيءَ کان پوءِ هو سوڊان هليو ويو، جتي سوڊان جي قومي اسلامي محاذ (National Islamic Front) جي اڳواڻ حسن الترابي سندس گرم جوشيءَ سان آجيان ڪئي.

سوڊان جو بظاهر تہ حڪمران جنرل عمر حسان احمد البشير هو، جيڪو 1989ع ۾ سول حڪومت جو تختو اونڌو ڪري اقتدار ۾ آيو هو. پر سوڊان جو اصل حڪمران حسن الترابي هو، جيڪو انتهائي ذهين، عالم، فاضل گريجوئيٽ هو. هن سوڊان کي مثالي اسلامي رياست بنائڻ ٿي چاهيو. ترابي، سوڊاني حڪومتن جي لاءِ سدائين وڏو مسئلو بنيل رهيو هو. ترابي ۽ اسامہ جي وچ ۾ روايتي ياڻپي وارا لاڳاپا قائم ٿي ويا ۽ اسامہ بن لادن کي سوڊان ۾ هر ڪم ڪرڻ جي موڪل ملي ويئي ۽ هو انتهائي غريب ملڪ ۾ ڪروڙين ڊالرن جي سيڙپ ڪرڻ لڳو. هتي القاعده، ترابيءَ جي تنظيم 'قومي اسلامي محاذ' جي لاءِ جديد مواصلاتي اوزار، ريڊيو سيٽس ۽ رائفلون خريد ڪيون. سوداني حڪومت القاعده جي ٻن سؤ ميمبرن کي سوداني پاسپورٽ جاري ڪيا، تہ جيئن القاعده جا ميمبر نئين سجاڳپ سان پرڏيهي سفر ڪري سگهن. (جمال الفضل جو آمريڪا ۾ ڏنل بيان. مورخہ 7-13 فيبروري 2001ع).

سوڊان ۾ اسامہ ٻتي زندگي گذاري، هڪ پاسي هن سوڊان ۾ سيڙپ

ڪاري ڪئي. وڏا وڏا روڊ ۽ رستا تعمير ڪيا. زرعي رٿائون مڪمل ڪيون ۽ بينڪن ۾ موڙي سيڙائي. ٻي پاسي القاعده جي فوجي سکيا ڪئمپ قائم ڪئي ۽ سوَن جي تعداد ۾ رضاڪارن کي فوجي سکيا ڏني.

اسامہ بن لادن مختلف سعودي واپارين کي سوڊان ۾ سيڙپ ڪاري ڪرڻ جي لاءِ راضي ڪيو. انهن ۾ سندس ڪيترائي يائر پڻ شامل هئا. انهن واپارين ۾ سندس هڪ دوست خالد الفوز بہ هو، جيڪو اسامہ جي مختلف رٿائن جي سائيٽس جا دورا ڪندو رهيو. خالد الفوز ٻڌايو تہ اسامہ بن لادن کيس پنهنجي هڪ اهڙي فارم ۾ وٺي ويو، جتي هو ڪن خاص قسمن جي ٻوٽن تي تجربا ڪري رهيو هو. هتي هن اهڙا ٻوٽا پڻ هنيا هئا، جيڪي اڳ ۾ ڪڏهن بہ آفريقا ۾ لڳايا نہ ويا هئا. اسامہ خالد الفوز کي سوڊان ۾ سيڙپ ڪاري ڪرڻ جي لاءِ چيو. خالد الفوز ٻڌايو تہ هو سوڊان ۾ سيڙپ ڪاريءَ جي لاءِ راضي نہ ٿيو. سندس خيال هو تہ انهيءَ ملڪ جا قاعدا پرڏيهي سيڙپ ڪاريءَ جي لاءِ مناسب ڪونهن. انهيءَ زماني ۾ خالد الفوز خوراڪ جي درآمد ۽ برآمد جو ڪاروبار ڪندو هو. اسامہ خالد کي آچ ڊڪئي تہ هو سوڊان ۾ اَن پوکي ۽ سعودي سعودي عرب کي وڪڻي.

خالد الفوز ٻڌايو تہ: ”اسامہ سوڊان ۾ پڻ نهايت سادي زندگي گذاريندو هو. سندس رهڻي ڪهڻي مان اها خبر نہ پوندي هئي تہ ڪو هو هڪ ڪروڙ پتي شخص آهي، جڏهن مون اسامہ جو گهر ۽ رهڻي ڪهڻي ڏٺي تہ مونکي يقين ئي نہ پي آيو، انهيءَ گهر ۾ ڪوبہ ريفريجريٽر نہ هو. ڪابہ ايئر ڪنڊيشنڊ ڪانہ هئي. وٽس ڪابہ ’فينسي ڪار‘ نہ هئي.“

سوڊان ۾ اسامہ بن لادن، ڪمپنين جو هڪ غير معمولي وڏو سلسلو شروع ڪيو، جڏهن تہ القاعده ڪليل نموني جهاد ۾ مصروف رهي. پهريون ڪاروبار ’وادي العقيق‘ ۾ هو. اها هڪ ٽريڊنگ ڪمپني هئي، جيڪا هر قسم جو ڪاروبار ڪندي هئي. ٻين ڪمپنين ۾ لادن انٽرنيشنل ڪمپني، الحجيره ڪنسٽرڪشن ڪمپني (جيڪا اسامہ ۽ سوڊاني حڪومت جي گڏيل ملڪيت هئي.) جنهن سوڊان ۾ رستا ۽ پليون اڏيون هيون (جنهن جي ملازمن جو تعداد ڇهہ هزار ڪان بہ وڌيڪ هو) الشيعار ايگريڪلچرل ڪمپني (جنهن جي ملازمن جو تعداد چار هزار هو) ۽ جيڪا ڏهن لکن ايڪڙن تي پکڙيل ’الدمازين فارمز‘ هلائيندي هئي. انهن باغن ۽ ٻنين ۾ تِر، ٻوهي مگ ۽ مڪئي

پوکي ويندي هئي. هتي ترن جو تيل پڻ ڪڍيو ويندو هو.

آمريڪي اسٽيٽ ڊپارٽمينٽ موجب اسامہ بن لادن جي هڪ ٻي ڪمپني 'طابہ انويسٽمينٽ لميٽيڊ' هئي. سوڊان جي وڏي زرعي برآمد جهڙوڪ: ڪوئنٹر، مڪئي، سورج مُکي ۽ ترن جي صنعت تي انهيءَ ڪمپني کي اجاراداري حاصل هئي. اها ڪمپني ڪنڊ، ڪيلا، بند ڊبن ۾ محفوظ خوراڪ ۽ صابڻ جو واپار ڪندي هئي. 'دي بليسڊ فروٽس ڪمپني' جا باغ هئا، جتي ميوو ۽ ڀاڄيون پوکيون وينديون هيون. "الاخلاص" ڪنڊ ۽ ماکي پيدا ڪندي هئي ۽ پيڪ ڪري برآمد ڪندي هئي. اسامہ بن لادن، هڪ ٽرڪ ڪمپني پڻ قائم ڪئي، جنهن جو نالو 'القدرت' هو. هڪ ڪمپني چمڙي سازي جو ڪم ڪندي هئي، جنهن جو نالو 'خرطوم ٽيزي' هو. تنهن کان سواءِ بيڪري ۽ فرنيچر سازيءَ جا ڪارخانا پڻ قائم ڪيا. اسامہ بن لادن، خرطوم ۾ 'الشعال اسلامي بئنڪ' ۾ پنج ڪروڙ ڊالرن جي سيڙپ ڪاري ڪئي، پر اها سيڙپ ٻُڏي ويئي.

القاعده تنظيم بلڪل ايئن عالمي ذهن رکندي هئي، جيئن ڪا 'بين الاقوامي' گهڻ قومي ڪمپني هوندي آهي. واپاري سرگرمين جو پاڻ ۾ لاڳاپو رکڻ جي لاءِ القاعده سڄي دنيا جي بئنڪن ۾ اڪائونٽس رکيا. انهن ۾ قبرص، ملائيشيا، هانگ ڪانگ، دبئي، ويانا ۽ لنڊن شامل هئا. القاعده جي ميمبرن 'گروپ آف ڪمپنيز' جي واپار واسطي، روس کان ٽرڪون ۽ سلاواڪيہ کان ٽريڪٽر خريد ڪيا ۽ هنگري، ڪروشيا، چين، ملائيشيا ۽ فلپائن جا واپاري دورا ڪيا.

اسامہ بن لادن، خرطوم جي 'مڪ نيمار اسٽريٽ' تي هڪ وڏي آفيس ناهي. جڏهن تہ رياض ۾ هڪ ٻي آفيس قائم ڪئي. گروپ 'درياءَ بليونيل' جي ويجهو چار باغ خريد ڪيا، جتي اسامہ گهوڙي سواري ڪندو ۽ گهوڙا پاليندو هو. اسامہ بهترين گهوڙيسوار هو. سندس ساٿي 'بليو نيل ندي' ۾ ترندا، فوٽ بال کيڏندا ۽ ٻين تقريبن ۾ حصو وٺندا هئا. گهوڙي سواري کانسواءِ اسامہ بن لادن جي اهم تفريحي سرگرمي مطالعو هئي. هو اسلامي تعليم ۽ حالات حاضره جي موضوعن تي گهٽو مطالعو ڪندو هو. اسامہ بن لادن جي ڪمپنين جي هزارين ملازمن کي اهو تصور بہ نہ هو تہ ڪو هو حقيقت ۾ القاعده جا ملازم آهن يا القاعده ڪا تنظيم آهي؟ القاعده هڪ

ڳجهي تنظيم هئي ۽ انهيءَ راز کي ڄاڻڻ جي لاءِ القاعده جو ميمبر هئڻ ضروري هو. القاعده جي ميمبرن جو پگهار پنج سؤ ڊالرن کان وٺي ٻارهن سؤ ڊالر ماهوار تائين هو. سوڊان جهڙي غريب ملڪ ۾ اهي پگهار تمام گهڻا هئا.

1993ع جي آخر ۾ اسامہ بن لادن، پنهنجو پهريون انٽرويو ڪنهن اولهہ جي اخبـاري خاطوءَ کي ڏنو. اهو برطانوي اخبـار ”انڊيپينڊنٽ“ جو رابرٽ فسڪ هو. فسڪ ٻڌائي ٿو تہ ڪهڙي طرح ڀرارڙين جا غريب سوڊاني، اسامہ سان ملڻ جي لاءِ قطار ناهيو بيٺا هوندا هئا. سوڊان جو عوام اسامہ لاءِ چڻ چريو هو، ڇو تہ اسامہ خرطوم کي پورٽ سوڊان تائين ملائڻ جي لاءِ هڪ نئون ۽ وڏو شاهي رستو اڏيو هو. انهيءَ رستي ناهڻ سان خرطوم ۽ پورٽ سوڊان جي وچ ۾ مفاصلو ٻارهن سؤ ڪلوميٽرن مان گهٽجي اٺ سؤ ڪلوميٽر وڃي رهيو هو.

ٽائيم مئگزين جي هڪ اخبار نويس ’اسڪاٽ مِڪ ليوڊ‘ 1996ع ۾، اسامہ بن لادن جي ڪاروباري معاملن جو جائزو ورتو هو. انهيءَ زماني ۾ اسامہ پورٽ سوڊان تائين رستو تعمير ڪري رهيو هو. سورج مکيءَ جا باغ ۽ چمڙي سازيءَ جي فيڪٽري سندس ملڪيت هئي. ان وقت اسامہ بن لادن هڪ ڪاميـاب واپاري ۽ سيـڙپڪـار جي روپ ۾ هو. پر جزوي طور تي اها ڳالهہ درست هئي تہ اسامہ بن لادن جي سوڊان ۾ رهائش جا پنج سال، آمريڪي نشـانن جي خلاف فوجي ڪارروائي جي تيـارين ۾ گـذريا. اسامـہ جي اصل سرگرمين کي سندس ڪاروباري سرگرمين لڪـائي رکيـو هو. 1990ع جي شروع ۾ اسامہ بن لادن جو هڪ جهاز ڪنڌ جون ٻوريون لوڊ ڪري افغانستان ويو ۽ اتان بندوقون ۽ راڪيٽ کڻي واپس سوڊان آيو.

1997ع ۾ اسامہ، سي ـ اين ـ اين کي انٽرويوءَ ۾ چيـو تہ، سندس سوڊان ۾ رهائش جي دوران 1993ع ۾ مقرر القاعده جو اهو آپريشن فخر جوڳو آهي، جنهن ۾ هڪ ڊزن کن آمريڪي فوجي مارجي ويا هئا. پر اسامہ بن لادن 1995ع ۽ 1996ع ۾ سعودي عرب ۾ آمريڪي فوجين تي حملي جي ذميواري قبول ڪرڻ کان لڳاتار انڪـار ڪندو رهيـو هو. اهڙي طرح هن 1998ع ۾ آفريقا ۾ آمريڪي سفارتخانن ۾ بم ڌماڪن جي سنئين سڌي ذميواري بہ قبول نہ ڪئي. جيتوڻيڪ هو انهيءَ آپريشن جي ذميواري قبول بہ ڪري سگهيو ٿي. جيتوڻيڪ انهن آپريشنن ۾ سندس حقيقي ڪردار سواليا آهي، پر جوابي

دهشتگردي جي لاءِ اسٽيٽ ڊپارٽمينٽ جي ڪو آرڊينيٽر ايمبيسڊرفلپ ولڪاڪس 1997ع ۾ سي - اين - اين کي هڪ انٽرويو ۾ چيو تہ:
”اسين اسامہ بن لادن جا لفظ قبول نٿا ڪريون.“ تنهن ڪري نيو يارڪ ۾ هلنڊڙ هڪ ڪيس جي استغاثہ ۾ اسامہ بن لادن کي صوماليا ۾ سندس آمريڪا دشمن سرگرمين جي اقرار جي آڌار تي ملزم نامزد ڪيو ويو.
ڊسمبر 1992ع جي پهرينءَ هفتي ۾ صدر بش ’سينئر‘ جي حڪم تي 28000 آمريڪي فوجي صوماليا ۾ لاٿا ويا. اهي آمريڪي دستا ’نيوي سلز‘ ۽ ’ميرينز‘ تي مشتمل هئا، جيڪي مڪمل طور تي جنگ جي تياريءَ جي حالت ۾ هئا. اهي فوجي 9 ڊسمبر تي صبح جو سوير صوماليا جي ساحلن تي لٿا ۽ سندن آڌرڀاءُ عالمي پريس جي ڪجهہ فوٽوگرافرن ۽ وڊيو گرافرن ڪيو. پينٽاگون جو اهو مشن نهايت خير مقدمي سان شروع ٿيو ۽ افسوسناڪ انداز ۾ پڄاڻيءَ تي پهتو.
القاعده، سعودي عرب ۾ هزارين آمريڪي فوجين جي اچڻ ڪان ٻہ سال پوءِ صوماليا ۾ آمريڪين جي اچڻ کي اسلامي دنيا تي قبضي جي عالمي سازش جو حصو قرار ڏنو. تنهن ڪري القاعده جي فتويٰ ڪميٽيءَ، صوماليا ۾ آمريڪي فوجي دستن تي حملا ڪرڻ جي فتويٰ جاري ڪئي. فتويٰ ۾ چيو ويو تہ نانگ جو منهن چٿڻ ضروري آهي. ڊسمبر جي آخر ۾ يمن ۾ القاعده جي ڪارڪنن صوماليا ويندڙ آمريڪي فوجين جي هوٽل ۾ بم ڌماڪو ڪيو. انهيءَ ڌماڪي ۾ ڪوبہ آمريڪي فوجي ڪونہ مُئو، پر هوٽل ۾ رهندڙ هڪ آسٽريلوي سياح مري ويو هو.
صوماليا ۾ آمريڪي فوجن جو امن مشن، انهيءَ وقت جنگي مشن ۾ بدلجي ويو، جڏهن آمريڪي فوج صومالي گاڏي جي هنڌ ۾ جاري قبيلن جي گهرو ويڙهہ ۾ ملوث ٿي وئي. آمريڪي ڪمانڊرن جو خيال هو تہ صوماليا ۾ امن قائم ڪرڻ جو فقط هڪئي طريقو آهي تہ سڀ ڪان وڌيڪ طاقتور صومالي سردار جنرل فرح عديد تي حملو ڪيو وڃي. هنن فرح عديد جي خلاف آپريشن شروع ڪيو، جيڪو کين مهنگو پيو.
1993ع ۾ اسامہ بن لادن جي هڪ ملٽري ڪمانڊر ’ابو هفس‘، ٻہ ڀيرا صوماليا جو دورو ڪيو، جنهن جو مقصد آمريڪي فوجن تي حملي جي امڪانن جو جائزو وٺڻ هو. هن سوڊان واپس وڃي اسامہ بن لادن کي رپورٽ ڏني

ڏني. تنهن کان پوءِ القاعده جي ’مارٽر فائر‘ جو هڪ ماهر بہ صوماليا آيو. 1993ع جي شروع ۾ ابو هفس صوماليا کي فوجي سکيا ڏيئي رهيو هو. 3 ۽ 4 آڪٽوبر 1993ع تي جنرل عـديد جي ڳولا جي مـشن ۾ مـوغاديشـو ۾ 18 آمريڪي فوجي مارجي ويا. انهيءَ دوران پنج سؤ صومالي بہ مارجي ويا. جنگ جي دوران راڪيٽ پروپيلڊ گرينڊز جي مدد سان تي آمريڪي بليڪ هاڪ هيلي ڪاپٽر بہ تباهہ ٿيا. هڪ آمريڪي آفيسر مونکي ٻڌايو تہ ٽن بليڪ هاڪ آمريڪي هيلي ڪاپٽرن کي جنهن مهارت سان ڪيرايو ويو، اها صومالين جي وس جي ڳالهہ نہ هئي. موغاديشو جي لڙائيءَ ۾ جنرل عديد جي فوج حصو ورتو هو. تنهن کي لازمي طور تي انهن عـربن سکيـا ڏني هئي، جيـڪي افغانستان جي جنگ ۾ حصو وٺي چڪا هئا ۽ اهو ڄاڻندا هئا تہ ڪنهن بہ هيلي ڪاپٽر کي سندس روٽر واري حصي تي آر پي جي، جي فائر جي ذريعي سولائي سان تباهہ ڪري سگهجي ٿو. موگاديشو جي انهي ويڙهہ کان هڪ هفتي جي اندر ئي آمريڪي صوماليا مان هليا ويا.

هڪ ڳالهہ چٽي هئي تہ القاعده، صوماليہ، آمريڪا مخالف قبائلين کي فوجي تربيت ڏني هئي. پر اڄ سوڏي اها خبـر پئجي نہ سگهي آهي تہ اهي قبائلي ڪير هئا. 2001ع ۾ مين هٽن ۾ اسامہ جي چئن ساٿين جي ڪيس ۾ القاعده جي هڪ ميمبر محمد عوده ٻڌايو تہ هن خود انهن صومالين جي تربيت ڪئي، جيڪي جنرل عديد جي بہ خلاف هئا. انهيءَ ڪيس ۾ اهو پڻ پتو پيو تہ القاعده جو هڪ اهم ميـمبر ’هارون فاضل‘ 1993ع ۾ اُنهي عـمارت ۾ موجود هو، جيڪا آمريڪي هيلي ڪاپٽرن جي فائرنگ جي زد ۾ آئي هئي. فاضل 1997ع ۾ هڪ خط ۾ لکيو تہ، ”آمريڪن کي خبر آهي تہ صوماليہ ۾ ڪم ڪندڙ نوجوانن ۽ شيخ اسامہ بن لادن جي مجيندڙن، آمريڪين جي خلاف ڪامياب آپريشن ڪيو.“

1998ع ۾ اسامہ بن لادن هڪ پاڪستاني صحافي ’حامد مير‘ سان هڪ شخص جو تعارف ڪرايو ۽ ٻڌايو تہ هو صوماليا ۾ سندس ملٽري ڪمانڊر رهيو آهي ۽ آمريڪا جي خلاف وڙهندو رهيو آهي ۽ هن هڪ آمريڪي هيلي ڪاپٽر پڻ تباهہ ڪيو آهي. 1999ع ۾ الجزيره ٽيليوزن اسامہ بن لادن جو هڪ انٽرويو نشر ڪيو، جنهن ۾ اسامہ اقرار ڪيو تہ هن جا ساٿي صوماليا ۾ آمريڪين تي حملا ڪندا رهيا هئا. اسامہ چيو:

”صوماليا ۾ آمريڪا جي خلاف جهاد ڪندڙ ساٿين جي اطلاع موجب، اسان کي خبر پئي آهي تہ آمريڪي فوجي انتهائي بزدل آهن. جڏهن سندن ’نيو ورلڊ آرڊر‘ تي اسانجا حملا ڪامياب ٿيا تہ هو رات جي وڇڙي ۾ ئي ڀڄي ويا. جيتوڻيڪ سندن فقط 18 فوجي مئا هئا.“

اها ڳالهہ ناقابل ترديد آهي تہ سوڊان ۾ پنهنجي قيام جي دوران أسامہ بن لادن ۽ سندن ساٿين جو جوش پنهنجي انتها تي هو. مصري صحافي ايسام دراز چوي ٿو:

”أسامہ جي انتها پسند ٿيڻ جو هڪ ڪارڻ اهو بہ هو تہ هو وچ اوڀر جي ساٿين ۾ گهيريل هو، جن کي پنهنجن پنهنجن ملڪن ۾ بي انتها ظلم ۽ ستم ۽ ڪڏهن تہ موت سان بہ مقابل ٿيڻو تي پيو. اهوئي سبب هو تہ القاعده جا ميمبر ٻاهران ايندڙن جي باري ۾ شڪ ۽ شبهي ۾ مبتلا رهندا هئا. هڪ جاسوس، جيڪو سندن صفن ۾ گهڙي ويو هو، هڻ هڪدم گوليءَ سان اُڏائي ڇڏيو.“

1991ع ۾ سوڊان ۾ القاعده جي ميمبرن جو تعداد هڪ هزار کان ٻن هزارن تائين هو. ٽن سالن جي عرصي ۾ اسامہ بن لادن، اُتر سوڊان ۾ ڪيترن ئي فوجي ڪئمپون قائم ڪيون هيون. انهن ڪئمپن جي هنڌن کان بہ القاعده جا ڪيترائي ميمبر بہ واقف هئا. شايد انهيءَ جو سبب اهو هو تہ القاعده جي ميمبرن کي روايتي فوجي تربيت کان وڌيڪ انتهائي جديد هٿيار استعمال ڪرڻ جي سکيا ڏني ويندي هئي. القاعده 1993ع ۾ ٽسڪن، ايزيزونا مان ٻہ لک ڏهہ هزار ڊالرن ۾ هڪ جهاز خريد ڪيو، جيڪو سڌو خرطوم آندو ويو. انهيءَ جهاز جي خريداريءَ جو مقصد پاڪستان مان اسٽنگر ميزائل سوڊان کڻي اچڻا هئا. پر ميزائلن جي اها کيپ سوڊان آڻڻ جي نوبت ڪانہ آئي.“

1990ع کان 1993ع جي وچ ۾ گروپ جي ڪجهہ ميمبرن ’انسائيڪلو پيڊيا آف افغان جهاد‘ لکڻ جي ذميداري سنڀالي. انهيءَ انسائيڪلوپيڊيا جي لاءِ ڪيترن ئي جلدن تي مشتمل هزارين صفحا لکيا ويا. انهيءَ ۾ روسين جي خلاف جهاد جي باري ۾ اها سڀ معلومات لکيل هئي، جنهن جي عربن کي خبر هئي. جيتوڻيڪ اهي سڀ جلد جهاد ۾ شرڪت ڪندڙن جي نالي ارپيا ويا هئا، پر انهن مان فقط ٻن شخصيتن جا نالا لکيا ويا.: اهي شخصيتون

عبداللہ عزام شهيد ۽ اسامہ بن لادن جون هيون، جن آخر تائين جهاد ۾ شرڪت ۽ ماڻهن کي دعوت ڏيڻ ترڪ نہ ڪئي هئي. انهيءَ انسائيڪلوپيڊيا جا اٺ سؤ صفحا فقط هٿيارن جي باري ۾ معلومات تي هئا. جن تي اهو بہ تفصيل لکيل هو تہ آمريڪي اسٽنگر ميزائل ڪيئن استعمال ڪيا وڃن. 250 صفحن تي پڌايو ويو هو تہ ڇاپي مار جنگ جا طريقا ڪهڙا آهن ۽ دشمن تي ڪيئن حملو ڪجي. انهيءَ انسائيڪلوپيڊيا جو هڪ سي - ڊي رومر وزن 1995ع جي لڳ ڀڳ پاڪستان جي بازارين ۾ وڪرو ٿي رهيو هو. انهيءَ قسم جو هڪ ڪتاب: (Military Studies in the Jehad against the Tyrants) مئي 2000ع ۾ مانچسٽر، انگلستان ۾ ضبط ڪيو ويو. اهو ڪتاب انس اللبي جي گهر مان نڪتو، جيڪو اسامہ بن لادن جي خلاف هڪ ڪيس ۾ گهربل هو.

القاعده وڏي پئماني تي تباهي ڦهلائيندڙ هٿيار بہ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. 1990ع جي شروع ۾ جمال الفضل، خرطوم جي صنعتي علائقي 'صلات ڪوڪو' ۾ ويو، جتي گروپ جي نمائندي ۽ سوداني فوج جا آفيسر ڪيميائي هٿيارن جي تياريءَ جي باري ۾ ڳالهہ ٻولهہ ڪري رهيا هئا. القاعده ۽ سوداني فوج، توپ خاني جي گولن کي 'ڪيميائي ايجنٽس' سان ليس ڪرڻ بابت سهڪار تي پڻ ڳالهائي رهيا هئا. الفضل هڪ ٻي سوداني فوجي آفيسر سان مليو ۽ هُن يورينيم جي حصول جي امڪانن تي پڻ ويچاريو. هُن جو هڪ ساٿي بہ اُنهيءَ ڳالهہ ٻولهہ ۾ شريڪ هو. جنهن ۾ يورينيم جو وڏو تعداد 15 لک آمريڪي ڊالرن جئ عيوض وڪڻڻ جي آڇ ڪئي هئي. هن هڪ پيڪنگ ڏيکاري، جيڪا سلينڊر جي شڪل جي هئي. انهيءَ جي ڊيگهہ ٻہ ٽي فوٽ ۽ ويڪر ڇهہ انچ هئي. اهو سلينڊر ڏکڻ آفريقا مان حاصل ڪيو ويو هو. پر پوءِ الفضل انهيءَ ڳالهہ ٻولهہ کان ڌار ٿي ويو ۽ کيس اهو معلوم ٿي نہ سگهيو تہ اهو يورينيم خريديو بہ ويو يا نہ. (پر کيس پنهنجي ڪوشش جي ڪري ڏهہ هزار ڊالر بونس ڏنو ويو).

اسامہ بن لادن، وڏي پئماني تي تباهي ڦهلائيندڙ هٿيارن جي باري ۾ پنهنجو موقف چٽو ڪري ڇڏيو، "اسين انهيءَ کي ڪوبہ ڏوهہ نٿا سمجهون تہ اسين ائٽمي، ڪيميائي ۽ جراثيمي هٿيار حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون. اسان کي پنهنجي بچاءَ جو پورو پورو حق حاصل آهي."

ممدوح محمود سليم، جيڪو القاعده جو اهم آفيسر هو، ائٽمي هٿيار

تاهيندڙ اوزارن کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو ۽ هن افزوده يورينيم حاصل ڪرڻ جي ڪوشش بہ ڪئي. القاعده مختلف جانورن تي جراثيمي يا ڪيميائي جزن جا تجربا بہ ڪيا، تہ جيئن بعد ۾ انهن کي آمريڪي نشانن جي خلاف استعمال ڪري سگهجي. (آمريڪا بخلاف مختيار حواري، احمد سيام جو بيان 5- جولاءِ 2001ع).

پر انهيءَ جي ڪابہ شاهدي ملي نہ سگهي آهي تہ القاعده ڪيتري حد تائين پنهنجي جراثيمي يا ڪيميائي هٿيارن جي تياريءَ ۾ ڪامياب تي، يا هن پنهنجن هٿيارن کي ڪيميائي ۽ ايٽمي مواد سان ليس ڪيو. خيال اهوئي آهي تہ في الحال القاعده کي ايتري مهارت حاصل ٿي نہ سگهي آهي.

1995ع ۾ سوڊان جي سياسي ۽ مذهبي قائد احسان الترابيءَ هڪ اسلامي عوامي ڪانگريس گهرائي، جنهن ۾ اسامہ بن لادن کي پاڪستان، الجزائر، تيونس، فلسطين (اسلامي جهاد ۽ حماس) جي اڳواڻن سان ملڻ جو موقعو مليو. ان سان گڏوگڏ القاعده ايران جي تنظيم ’حزب الله‘ سان اتحاد ڪرڻ جي بہ ڪوشش ڪئي، جيڪا ذڪڻ لبنان ۾ قائم ٿي هئي. انهيءَ جي باوجود بہ تہ اسامہ بن لادن ڪٽر سُني مسلمان هو ۽ حزب الله شيعہ اسلام جي نمائنده هئي، ٻنهي پنهنجا اختلاف هڪ گڏيل دشمن آمريڪا جي خلاف ختم ڪري ڇڏيا. القاعده جا ميمبر لبنان ويا ۽ اُتي هنن وڏين وڏين عمارتن کي بمن سان اڏائڻ جي تربيت حاصل ڪئي. تنهن ڪانسواءِ اسامہ بن لادن، ’حزب الله‘ جي سيڪيورٽي سروس جي سربراهہ عماد مغنيه سان بہ ملاقات ڪئي. اهو نهايت اهم اجلاس هو. اهو مغنيه ئي هو، جنهن 1983ع ۾ بيروت ۾ آمريڪي ميرينز جي بيرڪن تي ’آپگهاتي ٽرڪ بمبارن جي حملي جي رٿابندي ڪئي هئي. جنهن ۾ 241 آمريڪي فوجي مارجي ويا هئا ۽ آمريڪا کي ڪجهہ مهينن جي اندر ئي لبنان ڇڏي وڃڻو پيو.

القاعده جي هڪ ميمبر علي محمد موجب، جنهن گرفتار ٿيڻ کان پوءِ ٻڪا ۾ اهم شاهديون رڪارڊ ڪرايون تہ اسامہ بن لادن، بيروت جي ماڊل عمل ڪرڻ ٿي چاهيو. جيئن آمريڪا کي بيروت مان آمريڪي ميرين جي بم ڌماڪن جي ذريعي لبنان ڇڏڻ تي مجبور ڪيو ويو، تيئن سعودي ڇڏڻ تي مجبور ڪري سگهجي ٿو. اها آمريڪي پرڏيهي پاليسيءَ جي وري هئي. آمريڪا کي لبنان ۾ ڪي اهڙا خاص مفاد نہ هئا، جن

جي لاءِ هو پنهنجن فوجين جي جان خطري ۾ وجهي. پر سعودي عرب جي تيل جا ذريعا آمريڪا جي لاءِ بيحد اهم هئا ۽ انهن جي حيثيت آمريڪي معيشت ۾ رت وانگر هئي.

سوڊان ۾ اسامہ بن لادن جي رهڻ دوران القاعده سڄي دنيا جي وڏيڪ اسلامي گروپن سان ملاقاتون ۽ رابطا ڪيا. القاعده باڪو (آذربائيجان) ۾ هڪ سيٽلائٽ آفيس کولي ۽ چيچنيا جي لاءِ مجاهد موڪليا. انهن تي في ماڻهو پنج سؤ آمريڪي ڊالر لاڳت آئي. القاعده، تاجڪستان جي لاءِ بہ اسلامي گوريلا تيار ڪيا. فلپائن جي 'مورو اسلامي فرنٽ' جي ميمبرن کي فوجي سکيا ڏني. اريٽيريا ۽ اردن ۾ پنهنجي حامي تنظيمن کي هڪ لک آمريڪي ڊالرن جي امداد ڏني، تنهن کانسواءِ يمن ۽ مصر ۾ پنهنجي حامين کي هٿيار خريد ڪري ڏنا. ايران القاعده کي اهڙو آتشگير مادو فراهم ڪيو، جيڪو عمارتن ۽ ٽڪرين کي ڌماڪن سان اُڏائڻ جي لاءِ استعمال ٿيندو هو.

1990ع جي شروع ۾ اهم واقعو سابق يوگوسلاويہ ۾ بوسنيا ۽ سربيا جي وچ ۾ گهرو لڙائي هئي. جيتوڻيڪ بوسنيا جي جنگ ڪڏهن بہ افغان جنگ واري حيثيت حاصل نہ ڪئي. پر 1992ع ۽ 1995ع ۾ سوين عرب رضاڪار افغانستان ۾ جنگ جي تربيت حاصل ڪرڻ ڪان پوءِ، بوسنيا ۾ سربن جي خلاف وڙهندا رهيا. خاص ڪري ينيڪا جو علائقو سندن سرگرمين جو مرڪز هو. اسامہ بن لادن، ويانا (آسٽريا) ۾ هڪ خيراتي ادارو قائم ڪيو، جنهن جو نالو 'ٿرڊ ورلڊ ريليف' هو ۽ انهيءَ اداري جي ذريعي بوسنيا جي مسلمانن کي لکين ڊالرن جي امداد ڏني ويئي. القاعده سڄي دنيا مان رضاڪار ڀرتي ڪيا ۽ فوجي تربيت ڪري جهاد جي لاءِ بوسنيا موڪليا. اسامہ بن لادن، پنهنجي اداري الخدمت جي هڪ آفيس ڪروشيا جي گاڊي واري هنڌ زغرب ۾ بہ قائم ڪئي. سوڊان ۾ پنهنجي رهائش جي دوران القاعده جي عالمي اسلامي تنظيمن سان اتحاد ڪيو، انهن ۾ مصر جي 'الجماعة الاسلاميه' ۽ جهاد گروپ الجزائر جو آرمڊ اسلامڪ گروپ، لبيا جو فائٽنگ گروپ، يمن جي تنظيم 'سيف اسلامڪ جنوبي' ۽ شام جي تنظيم 'جما الجهل السوري' شامل آهن.

1993ع ۾ اسامہ بن لادن جي حامي گروپن، نيروبي ۾ آ. سفارتخاني تي حملو ڪرڻ جي رٿابندي شروع ڪئي. اسامہ بن لادن

پنهنجي هڪ انٽرويو ۾ واضح ڪري ڇڏيو تہ صوماليا ۾ آمريڪين جي وحشياڻي حملي جي ڪري ڪين سزا ڏيڻ ضروري هو. مصري نسل جي علي محمد جو چوڻ آهي تہ هو 1993ع جي پڇاڙيءَ ۾ نيروبي ويو تہ جيئن اتي آمريڪي، برطانوي، فرانسي ۽ اسرائيلي نشانن جو جائزو وٺي سگهي، جيئن آمريڪين جي مداخلت جو ڪو بلو ڪري سگهجي.

علي محمد بعد ۾ خرطوم ويو ۽ اسامہ بن لادن سان بہ مليو ۽ آمريڪي سفارتخاني سميت، ٻين ملڪن جي نشانن ۽ عمارتن جي باري ۾ معلومات ۽ تصويرون وغيره ڏنيون (علي محمد جو عدالتي بيان ـ 20 آڪٽوبر 2000ع). تنهن کان سواءِ القاعده جي قيادت ۾ آمريڪا جي خلاف تخريبي ڪاروائين جي ٽيڪنڪ ۽ نوعيت جي باري ۾ اختلاف موجود هئا. 1993ع ۾ القاعده جي ميمبرن ۾ انهيءَ ڳالهہ تي بہ اختلاف هئا تہ ڪي آمريڪا ۾ مصري تنظيم جي روحاني اڳواڻ شيخ عمر عبدالرحمان جي گرفتاري کان پوءِ سعودي عرب ۾ آمريڪي اڏن تي حملا ڪيا وڃن يا نہ. انهيءَ تجويز کي انهيءَ ڪري رد ڪيو ويو، جو انهيءَ ۾ عام شهرين جي مارجي وڃڻ جو امڪان هو، پر سعودي عرب ۾ آمريڪي نشانن تي حملي ڪرڻ ۾ ڪابہ رڪاوٽ نہ هئي. 13 نومبر 1995ع تي آمريڪي فوج جي هڪ عمارت ”نيشنل گارڊ بلڊنگ“ تي رياض ۾ ڪار بم جو ڌماڪو ٿيو. انهيءَ حملي ۾ پنج آمريڪي ۽ ٻہ هندستاني مارجي ويا. ساڳئي سال اپريل ۾ سعودي ٽيليويزن، هڪ ملزم جو بيان نشر ڪيو، جيتوڻيڪ انهن چئني ڏوهارين کي مارڪٽ ڪري بيان ڏيڻ تي مجبور ڪيو ويو هو، پر انهن جا بيان صحيح ٿي معلوم ٿيا.

بم ڌماڪن جي ڏوهارين مان هڪ ڄڻي ٻڌايو تہ هو مصر جي ’اسلامي گروپ‘ سان واسطو ٿو رکي ۽ اسامہ بن لادن جي لکڻين کان متاثر هئو. ٻي ڏوهاري ٻڌايو تہ هن افغان جهاد جي دوران ڌماڪيدار مادي کي استعمال ڪرڻ جي تربيت حاصل ڪئي. ڌماڪي جي چئن ڏوهارين مان ٽي ڄڻا افغان جهاد ۾ حصو وٺي چڪا هئا. انهيءَ جو مطلب اهو ٿيو تہ، سندن واسطو سامہ بن لادن جي ’مڪتب الخدمت‘ سان واڳيل رهي چڪو هو. انهن مان هڪ مصلح الشمراني، سامہ بن لادن جي فاروق بريگيڊ سان لاڳاپيل رهي چڪو هو.

1999ع ۾ عرب ٽيليويزن الجزيره کي ڏنل هڪ انٽرويو ۾ اسامہ بن لادن چيو تہ: ”آئون انهن ماڻهن مان هڪ آهيان، جن قوم کي جهاد لاءِ تيار ڪرڻ لاءِ فتويٰ ڏني. اها فتويٰ ڪجهہ سال اڳ جاري ٿي هئي. الله تعاليٰ جو شڪر آهي تہ تمام گهڻن ماڻهن جهاد جي سڏ تي لبيڪ چيو. انهن ۾ اهڙا ماڻهو بہ شامل آهن، جن کي شهيد جو درجو حاصل ٿيو. انهن مان ڪيترا ماڻهو انهن سرڪيلرن ۽ بيانن کان متاثر ٿيا، جيڪي اسين وقت بوقت جاري ڪندا هئاسين.“

رياض ۾ ڪيل بم ڌماڪن جي ذميدارن کان وڌيڪ پڇا ڳاڇا نہ ڪئي ويئي، جو تہ سعودي حڪومت انهن جا ڪنڌ ڪپي ڇڏيا. انهيءَ کان اڳ جو آمريڪي ڪائنڻ وڌيڪ پڇا ڳاڇا ڪن، اهو ڪيس اتي ئي بند ٿي ويو.

آمريڪي نشانن تي ٻيو حملو 25 جون 1996ع تي ٿيو. هڪ بم ٻاهر بيٺل هڪ ٽرڪ جي پيٽرول جي ٽانڪيءَ ۾ لڳايو ويو. اها ٽرڪ ’دهران‘ ۾ ’الخبر ٽاور ملٽري ڪمپليڪس‘ جي ٻاهر بيهاري ويئي هئي. انهيءَ ڌماڪي جي نتيجي ۾ 19 آمريڪي فوجي مئا ۽ سوين ٻيا زخمي ٿيا. ڌماڪو ايترو تہ طاقتور هو، جو انهيءَ سان ”الخبر ٽاورز“ جي اٺ ماڙ عمارت جو سامهون وارو حصو ڊاٿي ويو. انهيءَ ڌماڪي جا اثر ويهہ ميل پري بحرين ۾ بہ محسوس ڪيا ويا. سعودي حڪومت انهيءَ ڌماڪي جي ذميواري ايران يا انهيءَ جي سرپرستي ڪندڙ هڪ شيعہ تنظيم تي وڌي، پر پوءِ سعودين 600 اهڙن عربن کي سوگهو ڪيو، جيڪي افغان جهاد ۾ حصو وٺي چڪا هئا. جون 2001ع ۾ سعودي حڪومت حزب الله جي 13 اهڙن ميمبرن جي خلاف ڪيس هلايو جن جا ايران سان لاڳاپا هئا. اهي هڙئي شيعا هئا.

1997ع ۾ اسامہ بن لادن سي اين اين سان ڳالهائيندي انهن ماڻهن کي هيرو قرار ڏنو، جيڪي رياض ۽ دهران ۾ بم ڌماڪن جا ذميدار هئا. پر اسامہ بن لادن سنئون سڌو انهن ڌماڪن جي ذميواري قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو. هن چيو:

”آئون انهن ماڻهن جو بيحد احترام ٿو ڪريان، جن اهي (ڌماڪا) ڪيا. اها انهن جي لاءِ وڏي عزت جي ڳالهہ هئي، جن کان آئون محروم رهيس.“

هڪ پاسي اسامہ بن لادن پنهنجي ماڻهن کي فوجي سکيا فراهم ڪرڻ

رهيو هو ۽ ٻي پاسي آمريڪي نشانن تي حملن جي رٿابندي ۽ تياري ڪئي ٻي ويئي. اسامہ بن لادن، سعودي حڪومت جي خلاف اهڙين سرگرمين ۾ پڻ رڌل هو، جن جو مقصد سعودي حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ هو. اسامہ هڪ ”ايڊوائيز اينڊ ريفارميشن ڪميٽي“ (ARC) نالي، جنهن کي آمريڪي حڪومت القاعده جي هٿياربند آپريشن جي توسيع قرار ڏنو. اها ڪميٽي سعودي حڪمرانن جي خلاف مخالف ڌر کي گڏ ڪرڻ جي هڪ ڪوشش هئي. اها ڪميٽي هڪ ياداشت ۾ لکيل اصولن جي روشنيءَ ۾ سرگرم عمل هئي، جيڪا 1992ع ۾ مشهور سعودي اسلام پسندن جاري ڪئي هئي. جولاءِ 1994ع ۾ اسامہ بن لادن، خالد الفوز کي ’اي. آر. سي‘ لنڊن آفيس جو ڊائريڪٽر مقرر ڪيو. لنڊن مان انهيءَ جو جيڪو آئين جاري ڪيو ويو. انهيءَ موجب اها تنظيم پُرامن ۽ تعميري طريقن سان تبديليءَ جي خواهان هئي.

خالد الفوز، پنهنجي لنڊن جي آفيس ۾ مونکي ٻڌايو تہ، ”ايڊوائيز اينڊ ريفارميشن ڪميٽي“ ڪا نئين شئي ڪونهي. اها انهنَ پرچارڪن جي تنظيم آهي، جيڪا ڊگهي عرصي کان تبديليءَ جي لاءِ ڪم ڪري رهي آهي ۽ انهيءَ کي پر امن طور تي ڪم ڪرڻ جي باوجود بہ لڳاتار ڊيڄاريو پيو وڃي. تنهن ڪري هاڻ اسين انهيءَ نتيجي تي پهتا آهيون تہ اسان کي پهرين کان وڌيڪ منظم ۽ متحد ٿيڻ جي گهرج آهي. اهو اسان جو فرض آهي تہ انهيءَ پرامن جدوجهد ۾ نقصان سهندڙن جي مدد ڪريون، جن کي سعودي حڪومت پنهنجي ڏاڍ ۽ جبر جو نشانو بنايو آهي. اسين سندن پونيئرن ۽ گهر وارن جي بہ مدد ڪرڻ ٿا چاهيون.“

خالد الفوز هڪ ڳالهہ تي زور ڏيندي چيو تہ، ”آئون القاعده جي لاءِ ڪم نہ پيو ڪريان. آئون ۽ اسامہ پاڻ ۾ گهرا دوست آهيون.“

اي - آر سيءَ ڪيترائي اعلان جاري ڪيا. 8 مارچ 1995ع تي اعلان نمبر 17 جاري ٿيو، جنهن ۾ سعودي حڪومت کي ڪيترن ئي گناهن جو ڏوهي قرار ڏنو ويو هو. انهن ۾ انسانيت سوز قانون جو استعمال، جيڪي شريعت موجب نہ هئا. سڄي قوم کي بنا ضرورت جي قرضن ۾ جڪڙڻ، وڌندڙ بيروزگاري، شاهي خاندان جي محلن جي اڏاوتن ۽ عيش و عشرت تي خرچ ۽ نار واري جنگ تي 60 ارب ڊالرن جا سرڪاري خرچ بہ شامل هئا. اعلان ۾ شاهہ فهد کان استعيفيٰ ڏيڻ جي گهر ڪئي ويئي هئي.

’آل سعود‘ سعودي عرب تي اڏ صديءَ کان بہ وڌيڪ عرصي کان حڪمران آهي ۽ انهيءَ ڪي سيني خرابين جو ذميوار قرار ڏنو وڃي ٿو. 1994ع ۾ سعودي حڪومت بن لادن جي سيني اثاثن کي منجمند ڪري، سندس شهريت ختم ڪري ڇڏي. جنهن جي نتيجي ۾ اسامہ جي خاندان، سماجي طور تي بهشڪار ڪري ڇڏيو. اسامہ جي ڀاءُ بڪر، جيڪو، خانداني ڪاروبار جو ذميوار هو، تنهن مارچ 1994ع ۾ سعودي سُڌ سماءُ جي ذريعن کي هڪ بيان جاري ڪيو، جنهن ۾ هن اسامہ جي سرگرمين تي افسوس جو اظهار ڪندي، انهي جي مذمت ڪئي هئي.

سعودي حڪومت اسامہ بن لادن کي آل سعود جي خلاف مهم هلائڻ کان روڪڻ جي ڪوشش ڪئي. سعيد الفقيهہ چوي ٿو تہ: مون کي خبر آهي تہ سوڊان ۾ سعودي حڪومت جا ٽي وفد اسامہ سان ملڻ ويا ۽ ڪيس گذارش ڪيائون تہ هو سعودي حڪومت کي نشانو بنائڻ بند ڪري. هنن اسامہ کي چيو تہ، ”تون شوق سان آمريڪا جي خلاف وڙهہ، پر اسان سان جنگ نہ ڪر.“

جواب ۾ اسامہ چيو: ”اوهين منهنجي ماءُ، منهنجي چاچي ۽ منهنجي ڀائرن کي پلي نوَ ڀيرا بہ خرطوم موڪليو ۽ هو مونکي شاهہ فهد سان معذرت ڪرڻ جو چون تڏهن بہ آئون واپس نہ وينديس ۽ پنهنجو ڪم ڪونہ ڇڏينديس.“

انهيءَ دوران سعودي حڪمران ٻيا طريقا بہ استعمال ڪندا رهيا. القاعده جي منحرف جمال الفضل، سعودي عملدارن سان اسامہ بن لادن جي سهڪار تي ڳالهيون ڪيون هيون. پر 1994ع ۾ ڪلاشنڪوفن سان مسلح هڪ گروهہ، خرطوم ۾ اسامہ بن لادن جي گهر تي حملو ڪيو، جيڪو ناڪام رهيو. خيال اهو آهي تہ انهيءَ جي سرپرستي سعودي عملدارن ڪئي هئي.

جڏهن زماني ۾ القاعده جو هيڊ ڪوارٽر سوڊان ۾ هو تہ اُن جون سرگرميون پاڪستان ۽ افغانستان ۾ جاري هيون. پشاور جي پرسان ”حيات آباد“ ۾ القاعده جو هڪ مهمان خانو لڳاتار ڪم ڪري رهيو هو. سرحد پار افغانستان ۾ القاعده جون ڪيتريون ئي فوجي تربيتي ڪئمپون لڳاتار ڪم ڪري رهيون هيون. انهن ۾ ڪئمپ خالد بن وليد، الفاروق، صديق، خلدان، جهاد اول ۽ دارالعطا شامل هيون.

# [6]

الحسيني بہ القاعده جو هڪ ريڪروٽ هو. هو مراڪشي هو، جيڪو فرانس ۾ هڪ ڪيٽرنگ اسڪول ۾ داخل رهيو. 1991ع ۾ هو اٽليءَ مان پاڪستان آيو ۽ اسامہ جي 'مهمان سراءِ' بيت الانصار ۾ ترسيو. انهيءَ کان پوءِ هو افغانستان هليو ويو. جتي هن سختيءَ سان فوجي تربيتي پروگرام ۾ شرڪت ڪئي. انهيءَ سخت فوجي تربيت جي مقابلي ۾ آمريڪي فوجين جي سکيا ڪابہ حيثيت نٿي رکي ۽ انهيءَ جو مذاق اڏائي سگهجي ٿو. انهيءَ فوجي سکيا جي دوران الحسيني جي اک فائرنگ جي آوازن تي کلي. اهو ڪو ٻاهريون حملو ڪونہ هو، پر تربيت هيٺ ماڻهن کي ڪنهن اوچتي حملي سان مقابلي جي سکيا ڏني پي وئي. (ڪيس چيو ويو تہ تون هت سمهڻ نہ آيو آهين). الحسينيءَ کي انهيءَ ڪئمپ ۾ انتهائي جديد هٿيارن جي تربيت ڏني وئي. انهن هٿيارن ۾ آمريڪي ايمہ 16 رائيفل، روسي اي. ڪي 47 ۽ بي. ڪي ۔ سب مشين گن، اسرائيلي يوزي سب مشين گن، ۽ جهاز مار توپون شامل هيون. تنهن ڪانسوا هن دستي بمہ استعمال ڪرڻ جي تربيت ڪلاسن ۾ بہ شرڪت ڪئي. ڪيس سي ٿري، سي فور ۽ ڊائنامائيٽ جي استعمال جي پڻ سکيا ڏني وئي. آخر ۾ هن کي مختلف قسمن جي بارودي سرنگن جهڙوڪ: اينٽي پرسنل مائينز، ٽرڪ ٽوڙ مائينز ۽ ٻٽر فلاءِ مائينز جي تربيت ڏني وئي. تربيت مڪمل ڪرڻ کان پوءِ هو پشاور واپس آيو، جتي القاعده جي هڪ مزمان خاني "بيت السلامہ" ۾ ڪيس القاعده جو ميمبر بنايو ويو.

1990ع جي شروع ۾ پاڪستاني حڪومت مختلف عرب مجاهدن کي هدايت ڪئي تہ هو پنهنجي رجسٽريشن ڪرائين، پر انهن مان ڪيترن ئي پنهنجي رجسٽريشن نہ ڪرائي، رجسٽر ڪرائيندڙن ۾ 1142 مصري، 981

سعودي، 946 يمني، 792 الجزائري، 771 اردني، 326 عراقي، 292 شامي، 234 سوڊاني، 199 لبيائي، 117 تيونسي ۽ 102 مراڪشي شامل هئا. انهن انگن اکرن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ ڪيڏي وڏي تعداد ۾ مختلف عرب ملڪن مان مجاهد پاڪستان ۽ افغانستان آيا هئا.

وچ اوڀر جون حڪومتن، خاص ڪري مصري حڪومت پاڪستان ۾ اسلامي ويڙهاڪن جي سرگرمين جي ڪري گهڻي پريشاني هئي، تنهن ڪري مصري حڪومت پاڪستان تي دٻاءُ وڌو تہ هوءَ عربن جي خلاف ڪريڪ ڊائون ڪري. انهيءَ جي نتيجي ۾ پاڪستاني حڪومت وڏي تعداد ۾ عربن کي ملڪ مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو.

مارچ 1993ع ۾ پاڪستان ۾ 800 عرب مجاهد گرفتار ڪيا ويا. مئي 1993ع ۾ اسامہ بن لادن ٽن سؤ عرب مجاهدن جي سوڊان منتقلي جي سفر جو خرچ برداشت ڪيو. پاڪستاني حڪومت جي ڪارروائين جي باوجود بہ عرب مجاهدن جون سرگرميون جاري رهيون، تنهن ڪري جڏهن مصري حڪومت ڪيترن عرب مجاهدن کي گرفتار ڪري سزائون ڏنيون تہ جواب ۾ 20 نومبر 1995ع تي اسلام آباد ۾ مصري سفارتخاني جي عمارت ۾ ٽرڪ بم جو ڌماڪو ٿيو. جنهن جي نتيجي ۾ 15 ماڻهو مئا ۽ 80 زخمي ٿيا. آمريڪي قانوني ماهرن جي دعويٰ آهي تہ انهيءَ حملي جي القاعده ذميوار هئي. ڇو تہ القاعده ۾ مصري گهڻي تعداد ۾ شامل هئا. بم ڌماڪن جو اسٽائيل، ڪينيا جي آمريڪي سفارتخاني ۾ ٿيل بم ڌماڪي جهڙو هو، جنهن ۾ هڪ آپگهاتي بمبار بارود ۽ دستي بمن سان ڀريل ٽرڪ کڻي وڃي آمريڪي سفارتخاني جي عمارت سان ٽڪرائي هئي. آمريڪي سفارتخاني تي حملي کان ڇهہ مهينا اڳ القاعده جي ميمبرن مصري صدر حسيني مبارڪ کي قتل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، جڏهن هو ايٿوپيا جي گاديءَ جي هنڌ 'اديس ابابا" هڪ ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪرڻ جي لاءِ آيو هو.

مصري سفارتخاني ۾ بم ڌماڪي کان پوءِ پاڪستاني حڪومت 150 عربن کي گرفتار ڪيو. انهن ۾ اسامہ بن لادن جي سروسز آفيس جو ڊائريڪٽر محمد يوسف عباس پڻ شامل هو، جنهن جو تعلق فلسطين سان هو. محمد يوسف عباس اردن مان سعودي عرب هليو ويو هو ۽ 'جهاد مئگزين' ڪڍيو هئائين.

1996ع ۾ آمريڪي ۽ مصري حڪومتن جي سخت دٻاءُ جي نتيجي ۾ سوڊاني حڪومت، اسامہ بن لادن کي، سوڊان ڇڏڻ تي مجبور ڪيو، جيڪو سوڊان مان افغانستان هليو ويو. اسامہ بن لادن کي، سوڊان مان افغانستان وڃڻ جي موڪل ڏيڻ ائين هو، جيئن پهرين مهاڀاري لڙائي جي دوران جرمن هائي ڪمانڊ لينن کي روس موڪلي ڏنو هو.

مئي 1996ع ۾ اسامہ بن لادن پنهنجي ٽن زالن ۽ ڪيترن ئي ٻارن سان گڏ افغانستان آيو، تہ کيس ائين محسوس ٿيو، ڄڻ هو پنهنجي گهر ۾ اچي ويو آهي. هو افغانستان جي ٻاڙي ٻاڙي کان واقف هو ۽ ڏهن سالن تائين لڳاتار انهي ملڪ جي ڀٽريلن ٽڪرين، ريگستانن ۽ وادين ۾ گهمندو رهيو هو. هو طالبان کي ٻڻ گهڻو پسند ڪندو هو، جيڪي انهيءَ زماني ۾ فتح جا جهنڊا جهولائيندا هڪٻئي جي پويان علائقن تي قبضو ڪندا پي ويا.

اسامہ جي لاءِ افغانستان واپس روحاني نقطہ نظر کان بہ اهم هئي. اها هن جي لاءِ پيغمبرِ اسلام حضرت محمد ﷺ جي مڪي کان مديني ڏانهن هجرت وانگر هئي. حضرت محمدﷺ کي مڪي جي ڪافرن جي بي پناھ جبر ۽ زيادتين جي ڪري هجرت ڪرڻي پئي هئي، جيڪي اسلام جي وحدانيت جي خلاف هئا. پيغمبر اسلام، مديني ۾ رهي لڳاتار اٺن سالن تائين ڪفر جي خلاف جهاد ۾ مصروف رهيا. ايستائين جو مڪو فتح ڪيائون ۽ واپس آيا. اسامہ بن لادن اولهہ جي خلاف جهاد ۾ ساڳئي ماڊل کي پنهنجي لاءِ رهنما بنايو. هن جي لاءِ افغانستان ويهين صديءَ جو مدينو هو.

اسامہ بن لادن پهرين جلال آباد جي ويجهو پنهنجو ٺڪاڻو بنايو. جتي ٻهاڙين جي وچ ۾ ڪيترائي مورچا ۽ ٻُجها هنڌ هئا. طالبان جو اڳواڻ ملا محمد عمر، اسامہ جي اچڻ کان هڪدم پوءِ وٽس هڪ وفد موڪليو، جيڪو اهو ٻڌايو ڪٺي پهتو تہ روس جي خلاف افغان جهاد ۾ سندس غير معمولي ڪردار جي ڪري طالبان کيس تحفظ ڏيڻ پنهنجي لاءِ خوشيءَ جو سبب سمجهن ٿا.

نومبر ۾ اخبار 'القدس العربي' جو ايڊيٽر عبدالباري اتوان، اسامہ سان ملڻ جي لاءِ افغانستان آيو ۽ هڪ غار ۾ قائم سندس اڏي تي، ساڻس ملاقات ڪيائون. آئون انهيءَ ملاقات جو تفصيل ڄاڻڻ جي لاءِ اخبار جي آفيس ۾ ويس، جيڪا اولهہ لنڊن ۾ آهي. اتوان ٻڌايو:

"اسامہ بن لادن جي رهائشگاھ ڏاڍي تڪليف واري هئي. هن جو

ڪمرو گاهہ ۽ پن سان ڍڪيل هو. سنڌس ڪمري ۾ سوين ڪتاب هئا، جيڪي گهڻا تڻا اسلامي علمن تي هئا. مونکي بہ گاهہ ۽ پنن واري بستري تي سمهڻو پيو. آئون جنهن ڪمري ۾ سُتس، تنهن ۾ دستي بمن جو ذخيرو هو. آئون مشڪل سان اڌ ڪلاڪ سمهي سگهيس، جو ماڻهن جي گوڙ جي ڪري منهنجي اک کلي پئي. مون اسامہ بن لادن کي ڏٺو. جيڪو ويهن ٽيهن چٽن ۾ گهيريل ويٺو هو. انهن ۾ مصري، سعودي، يمني، ۽ افغان شامل هئا. هتي رات جو ايترو تہ سيءُ هو جو درجہ حرارت نقطہ انجماد کان 15 درجا هيٺ رهندو هو. مونکي اسامہ بن لادن جو پن ڏينهن تائين اوسيئڙو ڪرڻو پيو. هو منهنجي لکڻين کان واقف هو. هو بيحد مخلص ۽ سادي مزاج جو هو ۽ پين کي متاثر ڪرڻ جي ڪوشش نٿي ڪيائين. هن ڪڏهن بہ پاڻ کي هٿ ٺوڪيو اسلامي اڳواڻ طور پروجيڪٽ ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي. هن مونکي ٻڌايو تہ مٿس سعودي حڪومت ڪافي دباءُ وڌو ۽ چاليهہ ڪروڙ ڊالر ڏيڻ جي آڇ ڪئي تہ جيڪڏهن هو سعودي حڪومت کي اسلامي حڪومت جو نمونو قرار ڏيڻ جي لاءِ تيار ٿي وڃي. ظاهر آهي تہ اسامہ بن لادن صاف انڪار ڪري ڇڏيو."

"اسامہ بن لادن جا ساٿي مٿس ساهہ پساهہ ڇڏيندا هئا. هو سنڌس ڏاهپ ۽ اڳواڻيءَ تي مڪمل ڀروسو ڪندا هئا. هو هڪ اهڙو شخص هو، جيڪو ڪروڙين ڊالرن جو مالڪ هئڻ جي باوجود بہ پنهنجو سڀ عيش ۽ آرام قربان ڪري ڇڏيو هو. ۽ انهيءَ سان گڏ پٿريلن غارن ۾ زندگي گذارڻ کي ترجيح ڏني. هو نهايت سادي غذا ۾ انهن سان گڏ شريڪ ٿيندو هو ۽ انهن سان گڏ ويهي ڪاڌو کائيندو هو.

افغانستان واپس ورڻ کان پوءِ اسامہ بن لادن وڌيڪ راسخ العقيده ٿي ويو. هن 23 آگسٽ 1996ع تي 'بيت الحرمين شريفين' جي سرزمين تي قابض آمريڪين جي خلاف اعلان جهاد جاري ڪيو. اها فرينڪلن روزويلٽ جي زماني کان جاري آمريڪي پاليسين جي خلاف هٿيار کڻڻ جي اپيل هئي. انهيءَ ۾ بدعنوان سعودي حڪومت جي اسلام دشمن پاليسين جي مذمت ڪئي ويئي هئي ۽ غير مسلمان سان، مسلمانن جي لاڳاپن تي مسلم اسڪالرن جا تصور پيش ڪيا ويا هئا.

جهاد جي انهيءَ اعلان ۾ بيان ڪيو ويو هو تہ: "مسلمانن کي انهيءَ

ڳالھ جو ادراڪ تي ويو آهي تہ هو يهودين ۽ صليبين (اولھ جي باري ۾ اسامہ جو اصطلاح) جي اتحاد جي حملن جو بنيادي نشانو آهي. انهن ۾ سيني کان وڏو حملو پيغمبر اسلام ﷺ جي وصال کان پوءِ جيڪو آهي، اهو "مقدس مسجدن جي سرزمين تي سندن داخلا جي صورت ۾ ٿيو آهي."

اسامہ بن لادن چيو تہ سرزمين حرمين شريفين ۾ آمريڪين جي داخلا حديثِ نبويءَ جي پڻ بدترين خلاف ورزي آهي. پاڻ سڳورن، وصال کان اڳ فرمايو هو، "جيڪڏهن الله تعاليٰ چاهيو ۽ آئون زنده رهيس تہ انشاءالله تعاليٰ، عرب سرزمين تان يهودين ۽ نصرانين کي ٻاهر ڪڍي ڇڏيندس."

اسامہ بن لادن هڪ ڀيري، آمريڪا جي اُن وقت جي 'سيڪريٽري آف ڊفينس' وليم پيريءَ کي مخاطب ٿي چيو هو، "اي وليم! سڀاڻي توکي خبر پوندي تہ ڪهڙي طرح تنهنجي ماٺهن جي مقابلي ۾ نوجوان ايندا. هڪ ننڍي چمار وارو مجاهد مرڪندو جنگ جي ميدان ۾ لهندو ۽ رت سان نيزو ڳاڙهو ڪري واپس ورندو."

جيتوڻيڪ اهو ترجمو اسامہ جي جذبن جي مڪمل عڪاسي تہ نٿو ڪري، پر انهيءَ ۾ اسامہ جي احساسن جي ترجماني موجود آهي.

اسامہ بن لادن، جهاد جي اپيل ڪندي برادران اسلام کي چيو: "سڄي دنيا ۾ برادران اسلام انهيءَ ڳالھ ڏانهن ڌيان ڏين تہ سرزمين 'حرمين شريفين' ۽ فلسطين جا ٻائر اوهان کي مدد جي اپيل ڪن ٿا. هو اوهان کي درخواست ٿا ڪن تہ اوهين دشمن جي خلاف جهاد ۾، جيڪي اوهان جا بہ دشمن آهن، حصو وٺو ۽ کين جيترو نقصان پهچائي سگهو، پهچايو."

اسامہ بن لادن پنهنجي انهيءَ جهادي اپيل جي آخر ۾ پنهنجي صحيح کان پهرين لکيو هو:

"هندوڪش جبلن، افغانستان جي بلند پهاڙي چوٽين تائين." آمريڪا جي خلاف جهاد جو اهو اعلان، جنهن کي سُڌ سماءُ جي ذريعن سڄي دنيا جي ڪنڊڪڙڇ تائين پهچائي ڇڏيو. هڪ عرب صحافي جي چوڻ موجب "ايپل ميڪنتوش ڪمپيوٽر تي ڪمپوز ڪيو ويو هو."

اسامہ بن لادن پنهنجو پهريون ٽيليويزن انٽرويو جلال آباد جي ويجهو پنهنجي ڳجهي ٺڪاڻي تان ڏنو، جيڪو هن ڪتاب لکڻ جو اصل سبب بڻيو. انهيءَ ۾ بہ اسامہ آمريڪي فوجين تي حملن جي لاءِ پنهنجي عزم کي ورجايو ۽

چيو تہ هو انهن آمريڪي شهرين جي زندگين جي تحفظ جي ضمانت نٿو ڏيئي سگهي، جيڪي سندس رستي ۾ ايندا. انهيءَ انٽرويو جي ٿورن ئي ڏينهن کان پوءِ اسامہ ڏکڻ افغانستان ۾ قندار شهر ۾ منتقل ٿي ويو، جيڪو طالبان جي قائد مُلا محمد عمر جو مرڪز هو.

22- فيبروري 1998ع تي اسامہ، يهودين ۽ صليبن جي خلاف جهاد جي لاءِ 'عالمي اسلامي محاذ' جي جوڙجڪ جو اعلان ڪيو. انهيءَ محاذ ۾ مصر جي جهاد گروپ جو ايمن الظواهري، اسلامي گروپ جو رفاعي احمد طلحہ ۽ پاڪستان ۽ بنگلاديش جي جهادي تنظيمن جا ڪيترائي اڳواڻ شامل هئا. اهي سڀ پهريون ڀيرو هڪ جهنڊي هيٺ گڏ ٿيا هئا.

'عالمي اسلامي محاذ' جي جوڙجڪ جي اعلان، بيحد ڪليدي اهميت ٿي رکي. ڇو تہ انهيءَ جي جوڙجڪ سان القاعده جي عالمي سرگرمين جو بنياد پيو. انهيءَ اعلان ۾ چيو ويو هو.

"جڏهن کان الله رب العزت عربستان جي سرزمين ٺاهي، ريگستان تخليق ڪيا ۽ سمنڊ پکيڙيا. اسان (مسلمانن) تي انهيءَ کان وڌيڪ ڀي ڪا آفت نہ آئي آهي تہ عيسائي طفيلي، ڪيڙن ماڪوڙن جيان اسان جي وطن ۾ گهڙي آيا آهن. اسان جا وسيلا چَٽي رهيا آهن. اسان جو فطري ماحول برباد ڪري رهيا آهن. اسان جي اڳواڻن کي ذليل ڪري رهيا آهن. اهي ئي اهڙيون حقيقتون آهن، جن تي بحث جي ڪابہ گنجائش ڪونهي. ستن سالن کان آمريڪي اسلام جي مقدس عرب سرزمين تي قابض آهن. اسان جا وسيلا چوري ڪري رهيا آهن. عرب اڳواڻن کي پنهنجي اشارن تي نچائي رهيا آهن ۽ پاڙيسرين کي حملن جون ڌمڪيون ڏيئي ڊيڄاري رهيا آهن. نصراني اتحاد جي هٿان عراق جي شهرين جي تباهي ۽ بربادي جي باوجود بہ، جنهن ۾ مرندڙن جو انگ ڏهن لکن کان ٽپي ويو آهي، آمريڪا هڪ ڀيرو ٻيهر مسلمانن جو قتل عام ڪرڻ جي تياري ڪري رهيو آهي. ڇڻ هو هيستائين ڪيل بربادي ۽ ڏکي بائيڪاٽ کان مطمئن ڪونهي. هاڻ هو باقي مسلمانن کي بہ مٽائڻ ٿو چاهي ۽ پاڙي وارن اسلامي ملڪن کي ذليل ۽ خوار ڪرڻ ٿو چاهي. جيتوڻيڪ آمريڪا جا مقصد مذهبي ۽ اقتصادي آهن، پر گڏوگڏ هو يهودي رياست جي مقصدن جي تڪميل بہ ڪرڻ ٿو چاهي. فلسطينين کي پنهنجي گهرن مان ڪڍڻ کان سواءِ عربستان جي مقدس سرزمين تي پنهنجي قبضي کي

مضبوط ڪندي، اُتان جي سيني مسلمانن جو قتل عام ڪرڻ ٿو چاهي. انهي جو سڀ ڪان وڏو ثبوت اهو آهي تہ هو لڳاتار عراق کي تباهہ ۽ برباد ڪري رهيو آهي، جيڪو عرب رياستن ۾ سيني کان وڌيڪ طاقتور آهي. آمريڪا جا اهي سيئي ڏوهہ الله تعاليٰ ۽ سندس رسول پاڪ ۽ مسلمانن جي خلاف کليل جنگ جو اعلان آهن. انهن حقيقتن جي بنياد تي ۽ الله تعاليٰ جي حڪم جي تعميل ۾، سيئي مسلمان الله جي اڳيان جوابده آهن. اسان جو فيصلو هيٺين ريت آهي:

”آمريڪين، سندس اتحادين، پوءِ پلي اهي شهري هجن يا فوجي، انهن تي حملو ڪرڻ ۽ ڪين مارڻ هر مسلمان جي انفرادي ذميداري آهي. الله تعاليٰ جي نالي تي اسين هر مسلمان کي اپيل ٿا ڪريون، جيڪي الله تعاليٰ ۽ سندس سامهون جواب ڏيڻ تي يقين رکن ٿا، تہ هو جتي بہ آمريڪين کي ڏسن، انهن کي مارين. اسين مسلمان اسڪالرن، اڳواڻن ۽ سيني مؤمنن ۽ سپاهين کي اپيل ٿا ڪريون تہ هو شيطاني آمريڪي فوجين ۽ شيطان جي انهن ساٿارين تي حملا ڪن.“

آمريڪي سي آءِ - اي جي هڪ تجزيي نگار انهيءَ اعلان تي تبصرو ڪندي لکيو هو:

”اها فتويٰ انهن گروپن پاران سڀ ڪان پهرين جاري ٿي، جيڪي سڄي دنيا ۾ آمريڪي شهرين تي حملن کي جائز سمجهندا هئا.“

فتويٰ جي جاري ٿيڻ جي ڪجهہ مهينن ڪان پوءِ، آئون اسامہ بن لادن جي لنڊن ۾ رهيل نمائندي خالد الفوز سان مليس. الفوز اهو ڏسي حيران هو تہ انهيءَ فتويٰ تي اينترن سارن ماڻهن صحيحون ڪيون هيون. ڪيس انهيءَ ڳالهہ تي حيرت هئي تہ انهيءَ اعلان ۾ سيني آمريڪين تي حملن جي اپيل ڪئي ويئي هي. سندس ذاتي راءِ اها هئي تہ: ”شهرين کي قتل ڪرڻ اسلامي عمل ڪونهي.“

الفوز جي انهيءِ راءِ جي روشنيءَ ۾ ڪجهہ سوال اُٿاري سگهجن ٿا. اول اهو تہ قرآن مجيد موجب جهاد شروع ڪرڻ جا بنيادي شرط ڪهڙا آهن؟ ڇا عربستان جي سرزمين تان آمريڪي فوجين جي اخراج جي اپيل کي حديث مان درست ثابت ڪري سگهجي ٿو؟ ۽ ڇا جهاد ۾ شهرين کي قتل ڪرڻ درست آهي؟

سهپ اسلام جي ڊگهي ۽ قديم روايت آهي. اسلام جي لفظي معنيٰ 'امن' آهي. هڪ يهودي فلاسافر 'موسي مائمونائڊر' ٻارهين صديءَ ۾ اسپين مان فرار ٿيو ۽ مصر پهچي سلطان صلاح الدين ايوبيءَ جو فزيشن بڻجي ويو. يورپ ۾ جڏهن يهودين تي حملا ٿيا تہ هنن پڇي اچي اسلامي ملڪن ۾ پناهہ ورتي. اهڙي طرح لفظ جهاد جيڪو الهندن ملڪن جي رهاڪن کي پنهنجي ڪنن ۾ بيحد عجيب ٿو لڳي، فقط ڪافرن سان هٿياربند ويڙهہ ڪونهي. اهو لفظ هر مسلمان جي لاءِ خود پنهنجي اخلاقي ڪمزورين کي دور ڪرڻ جي جدوجهد کي بہ ظاهر ٿو ڪري. پيغمبر اسلام حضرت محمد ﷺ خود جهاد جا ٻيئي مفهوم بيان ڪيا آهن ۽ انهن مان هڪ پنهنجي اخلاقي برائين ۽ شيطان جي خلاف جهاد آهي، جيڪو اسلام جي دشمن سان جهاد جي ڀيٽ ۾ افضل آهي.

جيستائين سرزمين عرب تان آمريڪين کي ٻاهر ڪڍڻ جي اپيل جو واسطو آهي تہ اسلامي تاريخ ۾ انهيءَ اپيل جي جواب ۾ ڪئين ڏزن مثال ملن ٿا.

پرنسٽن يونيورسٽي جي وچ اوڀر جي تاريخ جي پروفيسر 'برنارڊ لوئس' ان جو مثال هيئن ٿو ڏي:

"ٻي خليفي راشد حضرت عمر فاروق رضي الله عنه اهو حڪم جاري ڪيو تہ يهودين ۽ نصرانين کي "حجاز مقدس جي سرزمين" مان ڪڍيو وڃي. هي اهو خطو آهي جنهن ۾ مديني ۽ مڪي جا مقدس شهر آباد آهن ۽ حضورﷺ جي حڪم موجب آهي. انهيءَ وقت کان وٺي غير مسلمن کي عربستان جي ٻين خطن ۾ عارضي طور تي رهڻ جي موڪل رهي آهي. جڏهن برطانيہ ۽ فرانس، خلافت عثمانيہ جو پهرين مهاڀاري جنگ کان پوءِ خاتمو ڪيو تہ عراق، مصر، سوڊان ۽ فلسطين ڌار ڌار حصن ۾ ورهائجي ويا. جڏهن تہ نار وارو علائقو ننڍين ننڍين رياستن ۾ ورهائجي ويو. پر الهندن ملڪن انهن رياستن جي اندروني معاملن ۾ ڪابہ فوجي يا سياسي مداخلت نہ ڪئي.

لنڊن ۾ رهندڙ سعودي منحرف ڊاڪٽر سعدالفقيهہ مونکي چيو تہ، "ڪوبہ ساڄهہ وند ماڻهو، سعودي عرب ۾، آمريڪين جي ترسڻ جي حمايت نٿو ڪري سگهي. جيڪڏهن اوهين مسلمان آهيو تہ پوءِ اها اوهان جي ديني ذميداري آهي تہ اوهين اسلام جي مقدس سرزمين تي ڪنهن غير مسلم

فوجيءَ کي ترسڻ جي موڪل نہ ڏيو.“

پر، ڊاڪٽر الفقيھہ، آمريڪين جي خلاف هٿياربند حملن جي تائيد نہ ڪئي، انهيءَ سلسلي ۾ هو اعتدال ۽ توازن جو رويو اختيار ڪرڻ تي زور ڏيئي رهيو هو.

يمن جي هڪ اڳوڻي نائب وزير اعظم عبدالوهاب الاميني چيو، ”سرزمين عرب تي آمريڪي فوجي دستن جي نہ تائيد ڪري سگهجي ٿي ۽ نہ وري تعريف.“

منهنجي ڪيترن ئي برطانوي سفارتڪارن سان ڳالهہ ٻولهہ ٿي ۽ هنن مونکي ٻڌايو تہ هنن جي ڪيترن ئي آمريڪي سفارتڪارن سان ڳالهہ ٻولهہ ٿيندي رهي آهي، جن جو چوڻ آهي تہ عرب سرزمين ۾ آمريڪي فوج جي قيام سان آمريڪا جي خلاف نفرت پکڙي آهي. ماڻهو آمريڪا کي بلڪل پسند نٿا ڪن.

لندن ۾ مسلم معاملن جي قانوني ماهر هڪ وڪيل ’اختر راجہ‘ مونکي چيو:

”سعودي عرب مان نڪري وڃو ۽ اسان جي سرزمين اسان کي واپس ڪري ڇڏيو. جيڪڏهن آءٌ هڪ جهادي گروپ ويٽيڪن سٽي موڪلي ڏيان تہ اوهان کي ڪيئن لڳندو.“

اسامہ بن لادن هزارين آمريڪي شهرين کي مارڻ جي اپيل ڇو ڪئي؟ انهيءَ جو سبب اهو هو تہ هو سڄي دنيا ۾ آمريڪا کي مسلمانن شهرين کي ظلم ۽ تشدد جو نشانو بنائڻ جو ذميدار سمجهي ٿو. 2001ع جي گرمين جي مند دوران وچ اوڀر ۾ ورهائجندڙ مختلف وڊيو ٽيپس ۾ اسامہ بن لادن، اسرائيل کان وٺي عراق تائين مرندڙ هزارين مسلمان شهرين جو ذميدار آمريڪا کي قرار ڏنو آهي. انهن وڊيو ٽيپس ۾ عراق ۾ مرندڙ ٻارن جون تصويرون آهن ۽ چيو ويو آهي تہ ڏهن لکن کان بہ وڌيڪ عراقي ٻارڙا رڳو انهيءَ ڪري ماريا ويا آهن، جو هو مسلمان هئا. انهن وڊيو ٽيپس ۾ آمريڪي صدر ڪلنٽن کي ’قاتل‘ قرار ڏنو ويو آهي. اسامہ بن لادن جو چوڻ آهي تہ آمريڪي شهرين تي حملا انهيءَ ڪري ضروري آهن، جو ڪين بہ انهيءَ ڪڙي ميوي جو ذائقو چکڻ جو موقعو ملي، جيڪو مسلمان شهرين کي کائڻ تي مجبور ڪيو پيو وڃي.

گويا، اسامہ بن لادن جي سڄي جنگ آمريڪا کان بدلو وٺڻ جي لاءِ آهي.

12 مارچ 1998ع تي لڳ ڀڳ چاليهن افغان عالمن جي هڪ ڪانفرنس ٿي، جنهن ۾ نار ۾ آمريڪي فوج جي موجودگيءَ جي مسئلي تي ويچاريو ويو هو. انهن افغان عالمن ڪانفرنس کان پوءِ پنهنجي اعلان ۾ چيو: ”افغانستان جا عالم ۽ اسڪالرز اسلامي شريعت موجب، آمريڪا ۽ سندس حمايتين جي خلاف جنگ جو اعلان ڪن ٿا.“

انهيءَ سال اپريل جي آخر ۾ ڪراچيءَ مان پاڪستاني عالمن پڻ اهڙي قسم جي فتويٰ جاري ڪئي. انهيءَ کان هڪدم پوءِ اسامہ بن لادن، حقيقي هٿياربند جهاد جي لاءِ ڪيترن ئي مذهبي اسڪالرن ۽ عالمن جي پٺڀرائي شروع ڪري ڏني. اسامہ بن لادن جي هڪ مددگار محمد عاطف اهي فتوائون ’خالد الفوز‘ کي لنڊن فيڪس ڪيون. اهي فتوائون لنڊن جي عربي اخبار ’القدس العربي‘ ۾ ڇپيون.

افغان فتويٰ جي ڇئن ڏينهن کان پوءِ اسامہ بن لادن اعلان جنگ جاري ڪيو. انهيءَ ۾ بہ اسامہ ’سرزمين عرب‘ تان آمريڪين کي ڪڍڻ جي لاءِ جهاد تي زور ڏنو ويو هو. هن مشهور مسلم اسڪالر شيخ ابن تيميه جي بيان جو حوالو ڏنو، جنهن چيو هو تہ ”ڪافر دشمن جي خلاف جهاد ۾ حصو وٺڻ هر مسلمان جو فرض آهي. ايمان جي حفاظت کان پوءِ اهڙي دشمن جي خلاف جهاد ڪرڻ اهم فرض آهي، جيڪو دين جو دشمن هجي.“

انهيءَ اعلان جي آخر ۾ اسامہ لکيو:

”اسين الله رب العزت کان دعا ٿا گهرون تہ هو نار ۾ آمريڪي فوجين ۽ فلسطين ۾ سندس اتحادي يهودين کي ۽ سندن مڙني مددگارن کي تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏي.“

اسامہ بن لادن جي اپيل جي حمايت ۾ اهم آواز سعودي عرب ۾ مسجد نبوي جي خطيب ۽ پيش امام پاران اُٿيو. شيخ علي الحديفي پنهنجي جمع جي خطبي ۾ سرزمين عرب مان آمريڪي فوج جي ترت واپسيءَ جي گهر ڪئي، ۽ آمريڪا تي سخت تنقيد ڪئي. انهيءَ تقرير جي وڊيو ٽيپ تمام جلد سڄي اسلامي دنيا ۾ پکڙجي ويئي ۽ انهيءَ جا ترجما پاڪستان ۾ انگريزي ۽ اردوءَ ۾ ورهايا ويا.

هندستان پاران ائٽمي ڌماڪن کان هڪدم پوءِ اسامہ بن لادن مسلمانن تي ائٽمي هٿيارن جي تياريءَ تي زور ڀريو. هن لکيو:

”دنيا گذريل اڱاري تي هندوستان جي ڪيل ٽن زير زمين ائٽمي ڌماڪن جي ڪري سجاڳ ٿي ويئي آهي. اسين مسلم قومن ۽ پاڪستان ۽ خاص طور تي پاڪستاني فوج کي جهاد جي تياري جي اپيل ڪريون ٿا. انهيءَ تياريءَ ۾ هڪ ’نيوڪليئر فورس‘ ضرور شامل هئڻ کپي.“

26 مئي تي اسامہ بن لادن، افغانستان ۾ پنهنجي ’البدر ڪئمپ‘ ۾ هڪ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪيو. هڪ پاڪستاني صحافي اسماعيل خان پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪرڻ لاءِ اسامہ جي آمد کي هيئين بيان ڪيو:

”مون پري ڪان واريءَ جو هڪ ڪڪر ان طرف ايندي ڏٺو. پوءِ انهيءَ مان ٽي ڪارون ظاهر ٿيون. هڪ ڪار مان اسامہ بن لادن قدم ٻاهر رکيا. جڏهن اسامہ ڪار مان ٻاهر نڪتو، تہ اتي موجود ماڻهن نهايت جوش ۽ خروش سان فائرنگ ڪئي. هنن آر - پي - جي ھلايون. اسامہ جي حفاظت جي لاءِ 24 باڊي گارڊ هئا.“

اسامہ بن لادن سان گڏ سندس سينئر صلاحڪار ’ايمن الظواهري‘ ۽ ابو حفص بہ هئا. اسامہ پنهنجي ڳالهہ جي شروعات سعودي عرب ۾ ڪجهہ ڪارڪنن جي گرفتاري سان شروع ڪئي. جن وٽان هڪ آمريڪي اسٽنگر ميزائل ۽ ڪيترائي ايس - اي 7 سام ميزائل مليا هئا ۽ جيڪي گرفتار ڪيا ويا هئا. انهيءَ مان اندازو ٿئي ٿو تہ القاعده وٽ دنيا جو سڀ کان اثرائتو ’جهاز مار‘ هٿيار موجود آهي. انهيءَ پريس ڪانفرنس ۾ اسامہ ’عالمي اسلام محاذ‘ جي قيام جو اعلان ڪيو. اخبار وارن سان ڳالهائيندي اسامہ اهو بہ چيو تہ ڪجهہ هفتن ۾ اوهين سُٺيون خبرون ٻڌندا ۽ انهيءَ پريس ڪانفرنس جي 9 هفتن کان پوءِ آفريقا جي ٻن آمريڪي سفارتخانن ۾ بمن جا ڌماڪا ٿيا.

انهيءَ پريس ڪانفرنس ۾ شيخ عمر عبدالرحمان جا ٻہ پٽ بہ موجود هئا. شيخ عمر عبدالرحمان آمريڪا ۾ جنم قيد جي سزا ڪاٽي رهيو آهي. اسدالله ۽ عاصم عبدالرحمان جون عمريون ويهن پنجويهن جي لڳ ڀڳ هيون. هو پنهنجي پيءُ جي نقش قدمن تي هلي رهيا هئا. هنن پنهنجي پيءَ جي نماز پڙهندي هڪ تصوير پڻ ورهائي. انهيءَ تصوير سان گڏ هڪ ڪارڊ بہ ورهايو ويو، جنهن ۾ يهودين ۽ نصرانين تي حملن جي اپيل ڪئي ويئي آهي.

هڪ ٻي پاڪستاني صحافي رحيم الله يوسف زئي، اسامہ بن لادن کان ڪجهہ ذاتي سوال بہ ڪيا. هن اسامہ کان پڇيو تہ ڇا سندس خاندان اڃا بہ

سندس مدد ڪري رهيو آهي. جواب ۾ اسامہ بن لادن چيو، ”رت پاڻيءَ کان وڌيڪ ڳاڙهو هوندو آهي. آئون پنهنجي دل سان دولت مند آهيان.“

اسامہ بن لادن جي مالي معاملن جي باري ۾ گهڻو ڪجهہ لکيو ويو آهي. آمريڪي حڪومت جي سرڪاري اندازن موجب ’بن لادن گهراڻي‘ جي دولت جو اندازو پنج ارب ڊالر لڳايو ويو هو. بن لادن گهراڻي جي انهيءَ ڪاروبار جي باري ۾ گهٽي ڄاڻ ڪونهي، انهيءَ جو سبب اهو آهي تہ سعودي عرب هڪ بند معاشري وارو ملڪ آهي. ’بن لادن گروپ‘ کان سواءِ، انهيءَ گهراڻي جي ماڻهن جي انفرادي طور تي بہ سيڙپ ڪاري ڪيل آهي. بن لادن گهراڻو سوين فردن تي مشتمل آهي. انهن مان ڪن جي موڙي حڪمران سعودي خاندان جي ڪاروبارن ۾ پڻ لڳل آهي. سعودي گهراڻي جا ماڻهو عام طور تي سيڙپ ڪار طور سامهون نہ ايندا آهن ۽ سندن ٿاڦيل ماڻهو ئي ڪاروبار هلائيندا آهن.

1980ع ۾ بن لادن خاندان ’محمد بن لادن اسٽيٽ‘ قائم ڪئي. انهيءَ اسٽيٽ ۾ اسامہ جي حصي جي ماليت ساڍا ٽي ڪروڙ ڊالر هئي. 1991ع ۾ آمريڪي عملدارن، اُسامہ جي دولت جو اندازو پنجويهہ ڪروڙ ڊالر لڳايو، پر آمريڪي ذريعن موجب تہ اسامہ جو ڪاروبار خوب ڪامياب هو يا وري اهي انگ اکر صحيح نہ هئا.

سوڊان ۾ پنهنجي رهائش جي دوران، اسامہ کي پئسن جي استعمال ۾ پريشانين کي منهن ڏيڻو پيو. 2001ع ۾ ’مين هٽن‘ ۾ آمريڪي سفارتخاني تي بمباريءَ جي ڏوهارين جي بيانن مان اهوئي اندازو ٿئي ٿو. القاعده جي هڪ سابق ميمبر پنهنجي بيان ۾ ٻڌايو تہ، ”اُسامہ بن لادن“ سوڊان ۾ پنهنجي مالي بحران جو ذڪر ڪيو ۽ ٻڌايو تہ سندس سڄي رقم ٻڏي ويئي آهي. هن ٻڌايو تہ انهيءَ زماني ۾ القاعده جي پگهاردار نوڪرن جي پگهارن ۾ پڻ گهٽتائي ڪئي ويئي. 1996ع ۾ اسامہ جي ذاتي پائلٽ، اسامہ کي درخواست ڪئي تہ وٽس پنهنجي پائلٽ لائنس جي مدي وڌائڻ لاءِ پئسا ڪونهن. پر کيس گهربل پئسا نہ ڏنا ويا. پائلٽ کي اهو بہ چيو ويو تہ گروپ سندس زال جي علاج لاءِ 500 ڊالر بہ ادا نٿو ڪري سگهي. 1997ع ۾ هڪ خط ۾ ڪينيا سيل جي هڪ ميمبر کي چيو ويو، جنهن پنهنجي بيمار ماءُ جي عيادت لاءِ وڃڻ ٿي چاهيو، تہ کيس فقط 500 ڊالر ڏنا ويندا.

انهيءَ زماني ۾ اسامہ جي مالي تڪليفن جا بہ سبب هئا. سعودي حڪومت 1994ع ۾ اُسامہ جي شهريت ختم ڪري، سندس سعودي عرب ۾ اثاثا منجمند ڪري ڇڏيا هئا. ٻيو تہ سوڊان ۾ پنهنجي رهڻ جي دوران اسامہ تمام وڏي رقم ڪيترين ئي رٿائن ۾ لڳائي هئي، پر جڏهن 1996ع ۾ ڪيس سوڊان ڇڏڻو پيو تہ اها رقم ٻُڏي ويئي. انهن رٿائن ۾ رستن جي تعمير، اسلامي بئنڪ ۾ سيڙپ ڪاري ۽ ڪيترين ئي زرعي رٿائن ۾ سيڙپ ڪاري شامل هئي. وچ اوپر جي هڪ ذريعي ٻڌايو تہ انهيءَ زماني ۾ اسامہ کي 10 ڪروڙ ڊالرن جو نقصان سهڻو پيو. پر 1996ع ۾ اسامہ جي افغانستان واپسيءَ کان پوءِ ڪيس مختلف ذريعن کان رقمون ملنديون رهيون. پاڪستان ۾ هڪ اولهندي سفارتڪار جو چوڻ آهي تہ اسامہ بن لادن، طالبان کي مختلف اڏاوتي رٿائن جي لاءِ ڪيترا ملين ڊالر ڏنا. انهن ۾ هڪ مسجد جي اڏاوت، هڪ بند ۽ ڪيتريون ئي زرعي رٿائون شامل هيون.

وچ اوپر جي ذريعن موجب سينئر آمريڪي عملدارن ٻڌايو تہ اسامہ بن لادن جي تنظيم القاعده کي سعودي عرب ۽ نار جا دولت مند واپاري ۽ ڪاروباري ماڻهو لڳاتار عطيہ موڪليندا رهيا آهن. انهن مان هڪ ’خالد بن محفوظ‘ بہ آهي، جيڪو اڄڪلهہ هڪ وڏي ’قومي ڪمرشل بئنڪ‘ جي ذريعي اسامہ کي ڪروڙين ڊالرن جي منتقليءَ جي الزام ۾ پنهنجي گهر ۾ نظربند آهي. اهي رقمون اهڙن فلاحي ادارن کي منتقل ڪيون ويون، جن جو واسطو اسامہ بن لادن سان هو.

اسامہ بن لادن کي ملندڙ عطين جي منتقلي جو پتو لڳائڻ انهيءَ ڪري بہ ڏکيو ٿي وڃي ٿو تہ هو پئسن کي رقم ۽ استعمال ڪرڻ لاءِ اهڙين بئنڪن کي استعمال ڪرڻ لاءِ اهڙين بئنڪن کي استعمال نٿو ڪري جيڪي وياجي ڪاروبار ڪن ٿيون. ڇو تہ قرآن شريف ۾ وياج کي حرام قرار ڏنو ويو آهي. انهي جي نتيجي ۾ دنيا جون 99.9 سيڪڙو بئنڪون اُسامہ جي لاءِ استعمال جوڳيون ناهن. اهوئي سبب آهي جو آمريڪي حڪومت اسامہ بن لادن جي اثاثن کي منجمند ڪرڻ جي لاءِ جيڪي قدم کنيا، سي گهڻا تڻا بيڪار ثابت ٿيا ۽ انهن جو اسامہ تي ڪوبہ اثر نہ ٿيو. 11 سيپٽمبر جي حملن کان ڪجهہ هفتن جي اندر ئي آمريڪي صدر بش، اسامہ جي اثاثن کي منجمند ڪرڻ جي لاءِ نوان قدم کنيا، پر اهي قدم بہ ايترا اثرائتا ثابت ٿي نہ سگهيا، جيترا ٿي

سال اڳ صدر ڪلنٽن ڪيا هئا.

اسامہ بن لادن، انهن بئنڪن کي رقمن جي منتقليءَ جي لاءِ استعمال ڪيو، جيڪي اسلامي اصولن موجب بئنڪاري ڪنديون آهن. انهن ۾ دبئي جي 'اسلامي بئنڪ' گڏيل عرب امارات ۾ شامل آهي. جيڪي وياجي ڪاروبار نٿيون ڪن. 1999ع ۾ آمريڪي عملدار، گڏيل عرب امارات ويا ۽ هنن حڪومت تي دٻاءُ وڌو تہ هوءَ انهيءَ بئنڪ جي ذريعي رقمن جي منتقلي کي روڪي. يو - اي - اِي جي حڪومت اڳتي هلي اسامہ جي رقمن جي منتقلي کي روڪڻ لاءِ ڪيترائي قدم کنيا.

سوال آهي تہ اسامہ بن لادن تائين، افغانستان جهڙي ملڪ ۾ اهي رقمون ڪيئن پهچنديون هيون، جيڪو گذريل ويهن سالن کان گهرو لڙائيءَ جو شڪار آهي. جتي ويجهي کان ويجهي بئنڪ بہ ڪيترائي سؤ ميل پري پاڪستان ۾ آهي. افغانستان ۾ 'مني چينجرز' رقمن جي منتقلي جو هڪ غير سرڪاري 'حوالہ سسٽم' قائم ڪري رکيو آهي، جيڪو پاڪستان جي قبائلي علائقن تائين پکڙيل آهي. انهيءَ سسٽم تحت پئسا رڳو پروسي جي بنياد تي وچ اوڀر ۽ ايشيا جي مختلف علائقن کان افغانستان منتقل ٿين ٿا. انهيءَ نظام تحت هر سال ڪروڙين ڊالر اسامہ بن لادن کي منتقل ٿيندا رهيا آهن. انهيءَ نظام کي دنيا جي ڪابہ سگهہ ٽوڙي نٿي سگهي.

جيتوڻيڪ افغانستان گهٽو ٽٽو پرڏيهي دنيا کان ڪٽيل رهيو آهي، پر افغانستان جي گاديءَ واري هنڌ 'ڪابل' ۾ 'مني چينجرن' نهايت جديد سسٽم قائم ڪري رکيو آهي. ڪابل نديءَ سان گڏ هڪ رستي تي ڪيترن ئي ننڍن ننڍن دوڪانن ۾ اهو ڪاروبار نهايت ڪاميابي سان جاري آهي ۽ انهن جا مالڪ افغاني ۽ دنيا جي ٻين ڪرنسين جون وڏيون وڏيون ٿهيون ڪٽيون پلٽي هٽيو ويٺل هوندا آهن. اهي مني چينجرز روسي روبل کي ڇڏي، باقي دنيا جي هر ڪرنسيءَ ۾ ڪاروبار ڪندا آهن. اهو تصور بہ نٿو ڪري سگهجي تہ اسامہ جا ساٿي سيٽلائٽ فون تان ڪال ڪرڻ کان پوءِ، ڪهڙي طرح انهيءَ بازار ۾ پنهنجا پئسا وٺڻ ايندا هوندا. ياد رهي تہ آمريڪي ڪروز ميزائلن انهيءَ بازار کي بہ حملي جو نشانو بنايو هو ۽ ڪيترائي ميزائل اُتي ڪريا هئا. خود مون سيپٽمبر 1998ع ۾ اسامہ بن لادن جي بنهہ پروسي جوڳي ۽ اعليٰ اهلڪار محمد عاطف سان ٽيليفون ڪالن ۽ فيڪس پيغامن جي ڏي

وٺ ڪئي هئي. انهيءَ وقت آئون پشاور ۾ هئس ۽ هو ڪابل پوسٽ آفيس ۾ هو.

پڪ سان اهي پئسا افغانستان جهڙي ملڪ جي لاءِ وڏي اهميت رکندا هئا. جيڪو ايترو تہ غريب آهي، جو عالمي بئنڪ انهيءَ جي اقتصادي ترقي جو ڪوبہ اشارو مرتب نٿي ڪري سگهي ۽ نہ وري ڪا اڳڪٿي ڪري سگهي ٿي. آمريڪا ۽ سعودي عرب، روسين جي خلاف جهاد جي دوران افغانن کي ڇهن ارب ڊالرن جا هٿيار ۽ مالي امداد ڏني هئي. جڏهن روسي افغانستان مان نڪري ويا تہ هتي هٿيارن جو غير معمولي ڪاروبار شروع ٿي ويو. هتي هر معزز افغان هٿياربند هوندو آهي.

اسامہ بن لادن آمريڪا جي خلاف جنهن قسم جي جنگ ۾ مصروف هو، انهيءَ ۾ گهٽي رقم جي گهرج نہ هوندي آهي. 1993ع ۾ 'ورلڊ ٽريڊ سينٽر' ۾ جيڪو ڌماڪو ٿيو، اُهو فقط 3000 ڊالر ماليت جو هو. پر انهيءَ بم ڌماڪي ۾ ڇهہ ماڻهو مئا ۽ 50 ڪروڙ ڊالرن جو نقصان ٿيو، جنهن شخص اهو بم ڌماڪو ڪيو، اهو 1998ع ۾ جڏهن آمريڪا روانو ٿيو تہ وٽس فقط -/12000 ڊالر هئا.

11 سيپٽمبر 2001ع جي حملن تي هڪ انداز موجب ٻن لکن کان پنجن لکن ڊالرن جي وچ ۾ لاڳت آئي هوندي. تخريبڪارن ٻنهہ گهٽ خرچ ڪيو. هو سستين هوٽلن ۾ فقط چاليهہ ڊالر روزانو جي مسواڙ تي ترسيا ۽ سستين هوٽلن ۾ ماني کائيندا رهيا. هنن نہ شراب ٿي پيتو ۽ نہ وري نائيٽ ڪلبن جا شوقين هئا. هنن جو ڪوبہ ذاتي خرچ نہ هو. هنن جيڪو بہ خرچ ڪيو، انهيءَ ۾ جهاز اڏائڻ جي سکيا ۽ مسافر جيٽ فلائيٽ سيموليٽرز سيشن جون فيون شامل هيون.

پر سيني کان اهم ڳالهہ اها آهي تہ ڪوبہ شخص، وڏي کان وڏي رقم کڻي، ڪنهن جهاز کي، ڪنهن عمارت سان ٽڪرائي پنهنجي زندگيءَ جو سودو نٿو ڪري سگهي، نہ وري ڪنهن وڏي رقم سان اهو جذبو ۽ ڊسيپلين خريدي سگهجي ٿو. جنهن جذبي سان 11 سيپٽمبر تي حملو ڪندڙ همراهہ پرپور هئا. انهن مان ڪنهن بہ شخص اهڙي ڪابہ حرڪت نہ ڪئي، جو هو وقت کان اڳ جهلجي پون، نہ ئي وري انهن مان ڪو شخص ڪنهن معمولي ڏوهہ ۾ ئي سزا ڪاٽل هو. آمريڪي سي - آءِ - اي جو هڪ اڳوڻو عملدار،

جيڪو هزارين سي - آءِ - اي جي ايجنٽن جي تربيت ڪندو رهيو هو. اهو 11 سيپٽمبر جي حملو ڪندڙن جي غير معمولي تنظيم، نظم ۽ ضبط ۽ جذبي کي ڏسي حيران آهي. درحقيقت اها اسامہ بن لادن جي غير معمولي صلاحيت آهي تہ هو اهڙن رضاڪارن کي گڏ ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو، جيڪي هر وقت جان ڏيڻ ۽ وٺڻ جي لاءِ تيار رهندا هئا ۽ جن کي شهادت جي خواهش خطرناڪ کان خطرناڪ ڪم ڪرڻ تي تيار رکندي هئي. جن جي لاءِ دنيا جي آرام ۽ عيش جي ڪابہ اهميت نہ هئي.

1998ع ۾ اسامہ بن لادن جي تنظيم پاران آمريڪا جي خلاف جنگ جي دوران انتهائي خوفناڪ حملن جي تياري مڪمل هئي ۽ اسٽيج تيار هو. تنزانيا ۽ ڪينيا ۾ آمريڪي سفارتخانن تي بم ڌماڪا انهيءَ جو هڪ مثال آهي. ڪينيا ۾ بم ڌماڪن کي حملو ڪندڙن ’مقدس ڪعبہ آپريشن‘ قرار ڏنو هو، جڏهن تہ تنزانيا ۾ بم ڌماڪن کي ’الاقصيٰ آپريشن‘ جو نالو ڏنو ويو.

28 مئي تي اسامہ، افغانستان ۾ قيام جي دوران ’اي - بي - سي‘ نيوز کي پنهنجي انٽرويو ۾ واضع طور چيو هو تہ ’سر زمين عرب‘ ۾ آمريڪي فوج جي موجودگي جي ڪري هو آمريڪي فوجين کي مارڻ جي اپيل ڪري رهيو آهي.

”اسين فوجي يونيفارم ۽ آمريڪي شهرين ۾ ڪوبہ فرق نٿا ڪريون. اهي سڀ اسان جو نشانو آهن.“ اسامہ آمريڪين جي لاءِ ڪاري ڏينهن جي اڳ ڪٿي بہ ڪئي آهي. انهيءَ وقت آمريڪي سفارتخانن ۾ بم ڌماڪن جي رٿابندي پنهنجي آخري مرحلي ۾ داخل ٿي چڪي هئي.

ڪينيا آپريشن جي رٿابنديءَ ۾ پنج سال لڳا. 1993ع ۾ نيروبيءَ جي آمريڪي سفارخاني تي حملي جي رٿابندي ’ڊرائنگ بورڊ‘ تي موجود هئي. 1995ع ۾ القاعده جو اردني ميمبر ’محمد عوده‘ پاڪستان مان ڪينيائي بندرگاهہ ممباسا پهتو، تہ جيئن ماهيگيري جو ڪاروبار شروع ڪري سگهي. بلڪل اهوئي طريقو يمن ۾ پڻ اختيار ڪيو ويو ۽ آمريڪي گائيڊڊ ميزائل بردار جنگي جهاز ’يو - ايس - ايس - ڪول‘ تي حملي جي لاءِ ماهيگيري جي موٽر بوٽ استعمال ڪئي ويئي. عوده هڪ مقامي ڪينيائي عورت سان شادي ڪئي. مقامي مٽ مائٽ ٻڌائنس ٿا تہ عوده پنجئي وقت پابنديءَ سان نماز پڙهندو هو. هو تماڪ وغيره بہ نہ ڇڪيندو هو ۽ ٽيلي ويزن بہ نہ ڏسندو

هو. روزاني قرآن پاڪ جي تلاوت پڻ ڪندو هو. عوده 1990ع جي شروع ۾ افغانستان ۾ هٿيارن ۽ ڌماڪيدار مادي جي استعمال جي غير معمولي تربيت حاصل ڪئي هئي. عوده گرفتاري ڪان پوءِ جانچ جي دوران ايف - بي - آئي جي ايجنٽن کي ٻڌايو تہ هن جو ڪينيا سيل اهم رابطن ۾ جيڪي ڪوڊ ورڊز استعمال ڪندو هو. انهن ۾ جهاز جي لاءِ ورڪنگ، هٿيارن جي لاءِ ٽونر، دستي بمن جي لاءِ پٽاٽا ۽ جعلي دستاويزن جي لاءِ گدز شامل هوندا هئا.

القاعده 1990ع جي شروع ۾ هڪ اڳوڻي مصري پوليس آفيسر ابو عبيده البشيريءَ کي ڪينيا جي گروپ جو ملٽري ڪمانڊر ڪري موڪليو. البشيري 1996ع جي بهار جي مند ۾ وڪٽوريہ ڍنڍ ۾ ٻيڙي ٻُڏڻ جي ڪري مري ويو. البشيري جي جاءِ وٺڻ جي لاءِ 1997ع ۾ هارون فاضل کي نيروبي موڪليو ويو. فاضل 1972ع ۾ 'ڪوموروز ٻيٽن' ۾ جنم ورتو هو. هو فقط پندرهن سالن جي عمر ۾ ديني تعليم حاصل ڪرڻ جي لاءِ 'ڪوموروز' ڪان پاڪستان ويو هو. 1994ع ۾ ٻاويهن سالن جي عمر ۾ فاضل هڪ افغان ڪئمپ ۾ فوجي سکيا حاصل ڪئي ۽ انهيءَ ڪان پوءِ ڪينيا هليو ويو. آمريڪي ماهرن موجب، فاضل جيڪو اڃا سوڌو گرفتار ٿي نہ سگهيو آهي ۽ سي - آءِ اي ڪيس سڄي دنيا ۾ ڳولهي رهي آهي. ديني علمن ڪان سواءِ، ٽيڪنالاجي ۾ پڻ مهارت رکندو هو. هو ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي ۾ پڙ هو. هو پنهنجي زبان سواحلي ڪان سواءِ عربي، فرانسيسي ۽ انگريزي زبانون بہ ڄاڻندو هو. دين جو سخت پابند هو ۽ سندس زال مڪمل پردو ڪندي هئي.

نيروبي پهچڻ ڪان پوءِ فاضل، اُسامہ جي هڪ اڳوڻي پرنسل سيڪريٽري وجيهہ الحق سان گڏجي هڪ گهر مسواڙ تي ورتو، وجيهہ سوڊان ۾ اسامہ جو پرنسل سيڪريٽري رهي چڪو هو. مئي 1998ع ۾ فاضل نيروبي جي پسگردائي ۾ هڪ گهر مسواڙ تي ورتو، جتي بم وغيره ناهڻ جو سامان رکيو ويو. هڪ مهيني ڪان پوءِ القاعده جي ٻن ڪارڪنن هڪ نسان ٽرڪ خريد ڪئي، جيڪا بم ڌماڪن ۾ استعمال ٿي.

ڪينيا جي بم ڌماڪن ۾ هڪ ٻيو شخص 'محمد راشد الاوحالي' بہ شامل هو. اسامہ جيان الاوحالي جو لاڳاپو پڻ هڪ دولت مند سعودي گهراڻي سان هو. هو 1977ع ۾ 'يوريول' انگلستان ۾ پيدا ٿيو، جتي سندس پيءُ ايم - اي ڪري رهيو هو. الاوحالي شروع ۾ ئي ديني ماحول ۾ وقت گذاريو. هن

تنڍي هوندي اسامہ جي سروسز آفيس جي شايع ڪيل مئگزين 'جهاد' ۽ هڪ ڪتاب The love and hour of the Martyrs جو مطالعو ڪيو. هن رياض جي اسلامي يونيورسٽيءَ ۾ تعليم حاصل ڪئي. هن بوسينا ۽ چيچنيا جهاد جي لاءِ وڃڻ ٿي چاهيو، پر پوءِ هو فوجي سکيا جي لاءِ افغانستان هليو ويو.

الاوحالي جڏهن 'خلادن ٽريننگ ڪئمپ' (افغانستان) پهتو تہ کيس هدايت ڪئي ويئي تہ هو پنهنجو ڪو بيو نالو رکي. کيس ڪڏهن ڪڏهن اسامہ جي سامهون بہ پيش ٿيڻ جو موقعو مليو، جنهن کيس وڌيڪ تربيت حاصل ڪرڻ جي هدايت ڪئي. کيس هاءِ جيڪنگ ۽ اغوا جي بہ تربيت ڏني ويئي تہ جيئن هو آمريڪي فوجي اڏن ۽ سفارت خانن کي نشانو بنائي سگهي. هن سکيو تہ حفاظتي قدم ڪيئن کنيا وڃن ۽ انٽيلي جنس بابت ڪيئن معلومات گڏ ڪجي. تربيت مڪمل ٿيڻ کان پوءِ هو طالبان ۾ شامل ٿي ويو، جيڪي اترينءَ اتحاد جي خلاف جنگ وڙهي رهيا هئا. هن جنگ جي ميدان ۾ سُٺي ڪارڪردگي ڏيکاري، جنهن جي نتيجي ۾ کيس 'القاعده جي مرڪزن جي مئنيجمينٽ ۽ آپريشن' ۾ خصوصي سکيا جي لاءِ چونڊيو ويو. القاعده جو مرڪز يا سيل ڪيترن ئي حصن ۾ ورهائبو هو، جنهن ۾ جاسوسي، انتظامي، رٿابندي ۽ عمل جا شعبا شامل هئا. کيس اهو بہ سيکاريو ويو تہ پنهنجي نشان جي ڪيئن سائٽ سروي ڪئي وڃي ۽ انهيءَ ڪم ۾ وڊيو ۽ بيا اوزار ڪيئن استعمال ڪيا وڃن.

انهيءَ زبردست تربيت کان پوءِ الاوحالي کي ڪا وڏي ذميداري سونپڻ جو فيصلو ڪيو ويو. اهو آفريقا ۾ آمريڪا جي خلاف شهادت جو مشن هو. سندن هڪ ويڊيو فلم بہ ناهي ويئي. هن دعويٰ ڪئي تہ هو 'حرمين شريفين جي آزادي جي فوج' طرفان پاڻ کي شهادت جي لاءِ پيش ڪري ٿو. هن 26 مئي تي ٿيل اُسامہ جي پريس ڪانفرنس ۾ پڻ شرڪت ڪئي، جنهن ۾ اسامہ بن لادن اينڊڙ ڪجهہ هفتن ۾ سٺي خبر ملڻ جي اڳڪٿي ڪئي هئي. انهيءَ پريس ڪانفرس ۾ اسامہ پاران ملنڊڙ ڌمڪين جي ڪري آمريڪي اسٽيٽ ڊپارٽمينٽ 12 جون تي هڪ وارننگ جاري ڪئي، جنهن ۾ چيو ويو هو:

"اسين انهن ڌمڪين تي سنجيدگيءَ سان ويچاري رهيا آهيون ۽ آمريڪا وچ اوير ۽ ايشيا ۾ آمريڪي انتظامي آفيسن ۾ سيڪيورٽي وڌائي رهيو آهي." الاوحالي، 2 آگسٽ تي نيروبي پهتو، يعني بم ڌماڪن کان پنج

ڏينهن اڳ. انهيءَ وقت ڪينيا سيل جا اڳواڻ افغانستان وڃڻ جي رٿابندي ڪري رهيا هئا.

”بم ڌماڪن ۾ حصو وٺندڙ هل ٽاپ هوٽل ۾ گڏ ٿيا. الاوحالي انهيءَ شخص سان بہ مليو، جيڪو انهيءَ آپگهاتي آپريشن ۾ سائڻ شهادت جي خواهش رکي شامل ٿيو هو. اهو هڪ نوجوان سعودي هو، هن جو نالو عظام هو، بيئي هڪٻئي کي افغانستان ۾ قيام کان وٺي سڃاڻندا هئا. 4 آگسٽ تي ٻنهي گڏجي سفارتخاني جو جائزو ورتو. 5 آگسٽ تي بم ڌماڪن کان ٻہ ڏينهن اڳ 'اخبار الحيات' جي قاهرا آفيس ۾ جهاد گروپ جي اڳواڻ ايمن الظهواهري جو هڪ فيڪس پيغام مليو، ۽ جيڪو القاعده ۾ شامل ٿي چڪو هو. انهيءَ پيغام ۾ چيو ويو هو تہ جلدئي آمريڪي مفادن کي حملي جو نشانو بنايو ويندو، ڇو تہ آمريڪا، جهاد گروپ جي هڪ اهم ميمبر کي البانيا مان نيڪالي ۽ مصر جي حوالي ڪرڻ ۾ مدد ڪئي هئي. اهو واقعو جون ۾ ٿيو هو.

بم 7- آگسٽ تي صبح جو سادي ڏهين ۽ يارهين بجي جي وچ ۾ ڦاٽڻ جي لاءِ سيٽ ڪيو ويو هو تہ جيئن مسلمان جيڪي ڪينيا جي آباديءَ جو ٿيو حصو آهن، نماز جي لاءِ مسجدن ۾ گڏ ٿين (هتي ليکڪ نماز جو وقت غلط لکيو آهي ٻنهي ٽائيمن دوران ڪابہ نماز نہ پڙهبي آهي. مترجم) عظام جي ذميواري اها هئي تہ هو گاڏيءَ کي ڊرائيو ڪري سفارتخاني جي عمارت ۾ وٺي وڃي. الاوحالي کي سيڪيورٽي گارڊ کي چوڻون هو تہ هو دروازو کولي ڇڏي تہ جيئن گاڏي پوئينءَ پاسي پارڪنگ لاٽ ۾ نشاني جي وڏ ۾ وڏ ويجهو پارڪ ڪري سگهجي.

پنهنجي نشاني جي ويجهو پهچڻ تائين الاوحالي ۽ عظام رجزيہ شعر پڙهندا رهيا، جڏهن گاڏي سيڪيورٽي گارڊ جي ويجهو پهتي تہ الاوحالي ٽپ ڏيئي ڳاڏيءَ مان هيٺ لٿو، پر پنهنجو پستول اندر وساري آيو. هاڻ هو فقط ديسي قسم جي دستي بمن سان مسلح هو. هن رڙ ڪري گارڊ کي دروازو کولڻ جو حڪم ڏنو. جڏهن گارڊ دروازو کوليو تہ هن دستي بم اڇلڻ شروع ڪري ڏنا ۽ گاڏيءَ کي جيترو ممڪن ٿي سگهيو عمارت جي ويجهو پهچائي ڇڏيائين. پوءِ هو گاڏي کان پري ڀڄي ويو، ڇو تہ گاڏي جي ويجهو رهڻ شهادت کان وڌيڪ خودڪشي ڪرڻ برابر هو. گاڏيءَ ۾ لڳل ٽي - اين -ٽي ڌماڪيدار مادو، المونيم نائٽريٽ تي مشتمل بم سوين پائونڊ وزني هو، جنهن

کي مصري ماهر عبدالرحمان تيار ڪيو هو. هو سفارتخاني جي عمارت ۽ انهيءَ جي پسگردائي کان چڱي طرح واقف هو. آمريڪي سفارتخاني جي اها عمارت ويهہ لک آبادي واري انهيءَ شهر جي انتهائي ڳتيل علائقي ۾ هئي. ويجهو ئي هڪ ريلوي اسٽيشن بہ هئي، جتي لڳاتار مسافرن جي اچ وڃ جاري رهندي هئي. شهر جي مختلف حصن کان مسافرن کي ريلوي اسٽيشن تائين آڻڻ جي لاءِ بسون بہ هتي اينديون هيون. رستن ۾ گهٽين ۾ هلي ڦري سامان وڪڻندڙ گهوريئڙن جو بہ وڏو هُجوم هو ۽ اهو ڌماڪو ڏينهن جي وچين حصي ۾ ٿيٺون هو.

اهو بم سادي ڏهين بجي ڦاٽو. ڌماڪي جي تباهہ ڪاريءَ جو ذڪر ڪندي آمريڪي حڪومت جي وڪيل عدالت جي سامهون چيو، "جيڪي ماڻهو انهيءَ ڌماڪي ۾ مرڻ کان بچي ويا، سي انڌا ضرور ٿيا هوندا."

آمريڪا سفارتخاني جو هڪ ملازم فرينڪ پرسيل سفارتخاني ۾ مواصلاتي فرضن جي ادائيگي تي مقرر هو. ڏهين بجي کان پوءِ هو فيڪس مشينن ۾ پيدا ٿيندڙ ڪن مسئلن تي ٿيندڙ هڪ اجلاس ۾ شريڪ هو. هن دري مان ٻاهر ڏٺو تہ ڪجهہ ماڻهو هيڏانهن هوڏانهن ڀڄي ڊڪي رهيا هئا ۽ فائر ڪريڪرن جي ڦاٽڻ جهڙا آواز ٻڌڻ ۾ پي آيا. اهي انهن دستي بمن جا ڌماڪا هئا، جيڪي الاوحالي اڇليا هئا. انهي کان پوءِ هن هڪ وڏي ڌماڪي جو آواز ٻُڌو، "ڌماڪي سان گڏ مون کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ آئون فضا ۾ اُڏي رهيو هجان. ڪجهہ سيڪنڊن تائين آئون اهو سوچيندو رهيس تہ شايد منهنجو موت اچي ويو آهي. آئون اچلجي هڪ پٽ سان ٽڪرايس. مون ڏٺو تہ ڇت اُڏي ويئي هئي. مون اُٿي بيهڻ جي ڪوشش ڪئي، جڏهن آئون اُٿي بيٺس تہ مون کي پنهنجي اکين تي يقين ئي نہ آيو. مون پيٽين تي رت ۽ گوشت جا ٽڪرا ڇهٽيل ڏٺا، منهنجي هڪ ٻانهن غائب هئي ۽ جاڙي ٽٽي پيئي هئي."

سفارتخاني جو 53 سالن جي عمر جو ملازم سيمي گنگا هڪ پاسي واري عمارت ۾ هو. هن چيو تہ هڪ ٻئي جي پويان بہ ڌماڪا ٿيا ۽ پوءِ مون پاڻ کي ملبي جي هڪ ڍگ ۾ دٻيل ڏٺو. هن جون ٽنگون ٽٽي ويون هيون. هو ملبي ۾ اهڙي طرح دٻجي ويو هو، جو ڪيس ٻن ڏينهن کان پوءِ ڳولهيو ويو.

انهيءَ ڏينهن آمريڪي سفير پنهنجي آفيس ۾ موجود نہ هئي. هو 'ڪو آپريٽو بئنڪ' ۾ ڪينيا جي واپار واري وزير سان گڏ هڪ اجلاس ۾ شريڪ

هئي. هن جو نالو بشل نيل هو ۽ هوءَ ڪيترائي پيرا آمريڪي ايجنسين جو ڌيان اڻ پورن حفاظتي بندوبستن ڏانهن ڏياري چڪي هئي. بشل نيل 24 ڊسمبر 1997ع تي ڪنهن تخريبي ڪارروائي جي امڪانن تي ڌيان ڏيارڻ لاءِ واشنگٽن پيغام موڪلي چڪي هئي. انهيءَ پيغام ۾ چيو ويو هو تہ سفارتخاني جي عمارت بنهہ غير محفوظ آهي. بشل نيل ٻيو خط اپريل 1998ع تي آمريڪي سيڪريٽري آف اسٽيٽ ميڊيلن البرائيٽ کي موڪليو.

انهن ڌماڪن سان بشل نيل جي وارننگ درست ثابت ٿي. هن ڌماڪن جو آواز ٻڌو تہ ڪجهہ دير جي لاءِ ٻي حس ۽ حرڪت ٿي ويٺي رهي. ٻي ڌماڪي کان پوءِ هو ٻاهر نڪتي تہ ماڻهو هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙي رهيا هئا. انهن ڌماڪن ۾ 213 ڪينيائي ۽ آمريڪي رهاڪو مئا.

ڪينيا ۾ آمريڪي سفارتخاني ۾ بم ڦاٽڻ کان 9 منٽ پوءِ ڪجهہ سؤ ميل پري ڏکڻ اوڀر ۾ ٻي آمريڪي سفارتخاني جي ٻاهر هڪ ٻيو زوردار بم ڌماڪو ٿيو. اهو تنزانيا جو شهر 'دارالسلام' هو. تنزانيا جي بم ڌماڪن جي رٿابندي ڪجهہ مهينا اڳ ڪئي ويئي هئي. انهي ڌماڪي ۾ جن پنجن ڄڻن حصو ورتو، انهن مان فقط خلقان خميس محمد ئي جهلجي سگهيو.

تنزانيا ۾ آمريڪي بم ڌماڪن جو ڏوهاري خلقان خميس محمد 1973ع ۾ تنزانيا جي ساحل جي ويجهو هڪ ڳوٺ ۾ پيدا ٿيو. هو هڪ غريب هاري گهراڻي سان واسطو رکندو هو. ننڍي وهيءَ ۾ هو پنهنجي ڀاءُ جي "گروسري اسٽور" ۾ ڪم ڪرڻ جي لاءِ 'دارالسلام' هليو ويو. 21 سالن جي عمر جو ٿيندي ئي هن ايترا پئسا گڏ ڪري ورتا ۽ هو افغانستان هليو ويو، تہ جيئن هو فوجي تربيت حاصل ڪري سگهي ۽ بعد ۾ هو بوسنيا يا چيچنيا وڃي جهاد ۾ شرڪت ڪري سگهي. جيتوڻيڪ هو افغانستان جي سخت سردي جو عادي نہ هو، پر اتي هڪ پاسي ديني تعليم حاصل ڪئي ۽ ٻئي پاسي فوجي سکيا بہ ورتي. هن زمين کان فضا ۾ مار ڪندڙ سام ميزائل هلائڻ ۽ ڌماڪيدار مادن کي استعمال ڪرڻ بہ سکيو. تربيت مڪمل ڪرڻ کان پوءِ کيس چيچنيا يا بوسنيا وڃڻ جي موڪل نہ ملي. کيس چيو ويو تہ هو تنزانيا هليو وڃي ۽ جيڪڏهن سندس گهرج پئي تہ کيس گهرايو ويندو. هو 1995ع ۾ واپس تنزانيا آيو ۽ عوده وانگر ماهي گيريءَ جو ڪاروبار ڪرڻ لڳو، انهي دوران هو صوماليا ۽ تنزانيا جي وچ ۾ سفر بہ ڪندو رهيو.

1998ع ۾ جڏهن اسامہ آمريڪا جي خلاف جهاد جو اعلان ڪيو تہ خميس محمد، هڪ شخص حسين سان رابطو ڪيو. خميس محمد آفريقا ۾ القاعده جي تخريبي ڪارروائين جي لاءِ هڪ مثالي شخص هو. جيتوڻيڪ هو اسامہ کي هڪ قائد ۽ اسڪالر تصور ڪندو هو، پر هن ڪڏهن بہ اسامہ سان ذاتي ملاقات نہ ڪئي. هن بي - بي - سي، سي - اين - اين تان اسامہ جي اها اپيل ٻُڌي تہ مسلمان آمريڪي نشانن تي حملا ڪن. جيتوڻيڪ سندس فوجي سکيا افغانستان ۾ تي هئي، پر ڪيس انهيءَ جي ڪابہ خبر نہ هئي تہ القاعده ڇا آهي.

سي - آءِ - اي جي هڪ اڳوڻي فوجي آفيسر ڊاڪٽر جيرالڊ پوسٽ جي خميس محمد جي ڪيس دوران سندس نفسياتي تجزيو ڪيو. هو لکي ٿو: 'خميس محمد کي مسجدن جون اُهي تصويرون ڏيکاريون ويون، جن ۾ بوسنيا ۽ چيچنيا ۾ ظلم جو شڪار ٿيندڙ مسلمان عورتن، ٻارن ۽ مردن کي ڏيکاريو ويو هو. ڪيس چيو ويو تہ هو مظلوم مسلمان جي مدد واسطي تيار ٿي وڃي. ان وقت تائين هو ڪو گهڻو مذهبي انسان نہ هو. مسجد جي ٻاهر هن جي زندگي بلڪل مختلف هئي. پر جڏهن هو افغانستان ويو تہ سندس فوجي تربيت سان گڏ نظرياتي ۽ ديني تربيت بہ ٿي. خميس محمد جو چوڻ آهي تہ، القاعده جي سينئر ميمبرن ڪيس اهو نہ ٻڌايو تہ تنزانيا ۾ سندس اصل نشانو ڪهڙو هئڻ کپي؟ ۽ اها ڳالهہ گهڻي حد تائين صحيح پڻ آهي. القاعده فقط نظرياتي ۽ فوجي تربيت ڏيندي آهي. باقيٰ ڪم اُن جا ڪارندا خود انجام ڏيندا آهن. تنهن ڪري خميس محمد کي بم جي جزن جي ٽرانسپورٽيشن جي ذميداري ڏني وئي. ڪيس اهو گهر بہ حاصل ڪرڻو هو، جتي بم ٺاهڻ جو ڪم ٿيڻو هو. جيڪو گهر حاصل ڪيو ويو، انهي جون ڀتيون ڪافي بلند هيون. ڪوبہ ٻاهران اهو ڏسي اندازو نٿي لڳائي سگهيو تہ اندر ڪهڙو ڪم پيو ٿئي. (انهيءَ قسم جو هڪ گهر عدن (يمن) ۾ آمريڪي گائيڊڊ ميزائل بردار جهاز يو - ايس - ايس ڪول تي حملي جي لاءِ پڻ حاصل ڪيو ويو هو. جتي بم ٺاهيو ويو هو) خميس محمد کي اها ذميواري بہ ڏني وئي تہ هو پنهنجي گروپ جي قائدين جي لاءِ مشروبات وغيره جو بندوبست ڪري.

بم ٽي - اين - ٽي جي 400 يا 500 پيڪٽن تي مشتمل هو. پيڪٽ سودا جي ٽِن جي سائيز جو هو. انهن پاڪيٽن کي ڪاٺ جي هڪ ڪريٽ ۾ رکيو

ويو هو. ٽي - اين - ٽي جي پيڪٽس سان آڪسيجن ايسي ٽيليٽ سيلنڊرز تار جي ذريعي ڳنڍيل هئا. انهن سان ٽرڪ جي ٻن بيٽرين سان هڪ سؤ جي لڳ ڀڳ ڊيٽونيٽرز ملايا ويا هئا. انهي سلسلي ۾ القاعده جي مصري ماهرن جون خدمتون حاصل ڪيون ويون. مصري ماهر عبدالرحمان اها خدمت ڪنهن مال يا معاوضي جي لاءِ نہ پر ثواب ڪمائڻ جي لاءِ انجام ڏني.

حملي کان ڪجهہ ڏينهن پهرين ٻہ ٺاهيندڙ سيل جا چارئي ميمبر ’حسين‘ سميت شهر کان ٻاهر هليا ويا. رٿابنديءَ جو اهو اسلوب ڪينيا ۽ عدن ۾ پڻ ڏسڻ ۾ آيو. خميس محمد جو ڪم انهيءَ شخص جي مدد ڪرڻ هو، جيڪو انهيءَ آپگهاتي بم کي سفارتخاني جي عمارت تائين ڪٽي ويو. انهي شخص کي مقامي زبان نہ ايندي هئي ۽ مصري هو. خميس محمد انهيءَ بم وهڪيل ۾ سوار هو، جيڪا حقيقت ۾ گوشت نيندڙ هڪ ريفريجريٽر ٽرڪ هئي. خميس محمد کي سفارتخاني جي عمارت کان ڪجهہ پرڀرو لهي وڃڻو هو.

اهو بم نيروبي جي ڌماڪي کان 9 منٽ پوءِ ٺيڪ 10 وڳي 39 منٽن تي ڦاٽو. سفارتخاني جي مترجم جسٽيناميڊو بيلو ٻڌايو:

”مون وچ جهڙي ڪڙڪيدار آواز سان گڏ تيز روشنيءَ جو جهمڪو ڏٺو. انهيءَ ڌماڪي جو آواز پندرهن منٽن تائين ڪنهن نموني ٻُرائيندو رهيو. مون کي ائين لڳو چڻ آئون ڪو خواب ڏسي رهيو هجان.“

انهيءَ بم ڌماڪي ۾ مرندڙ ٻارهن تنزانيائي رهاڪو هئا. ڌماڪي ۾ ڪوبہ آمريڪي نہ مُئو. عربي ٽيليويزن الجزيره جون 1999ع ۾ اُسامہ جو انٽرويو نشر ڪيو، جنهن ۾ آمريڪي سفارتخانن ۾ بم ڌماڪن جي باري ۾ اسامہ چيو، ”خدا جو شڪر آهي تہ اهي ڌماڪا ڪامياب ٿيا. انهن سان آمريڪين لبنان ۽ اسرائيل ۾ هٿين خالي مسلمانن جي قتل جو مزو چکيو.“

اهو شخص، جيڪو جمعي جي ڏينهن 7 آگسٽ 1998ع جي صبح جو ڪراچي ايئر پورٽ جي اميگريشن سيڪشن ۾ گهڙيو. اهو نار مان ايندڙ هزارين بين ماڻهن جهڙو هو. محمد عوده ڌماڪي کان هڪ ڏينهن اڳ نيروبي کان روانو ٿيو. هن دبئيءَ مان جهاز بدلايو ۽ ڪراچي پهچي ويو. ڪراچي پهچي هن سُک جو ساهہ کنيو، پر هن جي پاسپورٽ تي لڳل تصوير صحيح نہ

هئي. انهيءَ ۾ هڪ شخص ڏاڙهيءَ سان ڏيکاريو ويو هو، جڏهن تہ عوده ڪجهہ ڏينهن اڳ ڏاڙهي ڪوڙي هئي. انهي جو مقصد اهو هو تہ هو گهٽ مذهبي نظر اچي. هڪ پاڪستاني ذريعي ٻڌايو.

”پهرين تہ عوده کي فارغ ڪيو ويو هو. پر سپروائيزر جڏهن پيهر پاسپورٽ تي نظر وڌي تہ اهو اصلي يمني پاسپورٽ هو. پر تصوير نہ ٿي ملي. واسطيدار آفيسر عوده کي روڪي پڇا ڳاڇا شروع ڪئي. انهيءَ دوران بي - بي - سي تان بمباريءَ جي خبر اچي ويئي. آفيسرن عوده کان پڇيو.

”ڇا تون دهشتگرد آهين؟“ اهڙي صورتحال ۾ گهٽو ڪري ماٺهو اهوئي جواب ڏيندا آهن تہ هو دهشتگرد ناهي. پر عوده ڪوبہ جواب ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. هن اميگريشن آفيسر کي ڪنوينس ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ شروع ڪئي تہ جيڪو ڪجهہ ٿيو اُهو بلڪل اسلام موجب هو. انهي کان پوءِ عوده کي پاڪستاني انٽيلي جنس جي حوالي ڪيو ويو.

پاڪستان جي سُڌ سماءُ واري وزير مشاهد حسين مرڪندي مون کي چيو، ”اسان جي اميگريشن عملدارن سٺي ڪارڪردگي ڏيکاري. هاڻ ڪانئس اسان جا سيڪيورٽي عملدار پڇا ڳاڇا ڪندا ۽ هو پڪ سان اعتراف ڪري وٺندو.“

عوده کان اها پڇاڳاڇا آمريڪا جي حق ۾ ويئي. بعد ۾ اها القاعده جي خلاف تحقيقات ۾ ڏاڍي مددگار ثابت ٿي. آمريڪي عملدار هڪدم انهيءَ نتيجي تي پهچيٰ ويا تہ انهن بم ڌماڪن جي پويان القاعده ئي هئي.

جنهن هفتي عوده کي پاڪستان ۾ گرفتار ڪيو ويو، هڪ آمريڪي ايجنسي Liber - elite جا ميمبر هزارين ميل پري اولهہ ۾ اٽلي ۾ گڏ ٿي رهيا هئا. اها تقريب در حقيقت سُڌ سماءُ ۽ سياست جي انضمام جي سلسلي ۾ هئي. جيڪا اٽلي جي ڳاڏي جي هنڌ روم کان ٻاهر هڪ قديم ڳوٺ ’ٽريوگنو‘ ۾ ٿي رهي هئي. هتي جا اُتانهان پهاڙي سلسلا بيسانو ڊينڊ سان ملي رهيا هئا. انهيءَ اجلاس ۾ آمريڪا جي اهم ماڻهن جهڙوڪ: ميڊيلين البرائيٽ، جان - ايف - ڪينيڊي جونيئر، سندس زال ۽ ڪيرولين بيسٽ کي بہ شرڪت ڪرڻي هئي. ٽائم وارنر جو چيف ايگزيڪيوٽو جيرالڊ ليون بہ هتي موجود هو. ڪين آمريڪي سفارتخانن ۾ بم ڌماڪن جي خبر هتي ئي پئي. البرائيٽ جيڪا اجا مس ڪانفرنس روم ۾ پهتي هئي. تنهن خبر پوڻ تي روبن

کي سڏي معذرت ڪئي ۽ واپس آمريڪا رواني ٿي ويئي. انهي دوران تقريب جاري رهي. جيڪا دراصل سي - اين - اين جي ڪرسٽينا، ايمن پور ۽ اسٽيٽ ڊپارٽمينٽ جي پبلڪ رليشنز جي صلاحڪار ۽ ميڊيلين البرائيٽ جي دوست جيمي روبن جي شادي جي سلسلي ۾ ڪوٺائي هئي.

روبن جي ويجهي دوست، صدر ڪلنٽن جي اسپيچ رائٽر جورڊن ٿيمگني ٻڌايو تہ انهيءَ تقريب ۾ شريڪ سيئي مهمان انهي ڳالهہ تي سهمت هئا تہ آمريڪي سفارتخانن تي بم ڌماڪن ۾ اسامہ بن لادن جو هٿ آهي. سيئي انهي ڳالهہ تي سهمت راءِ هئا تہ اسامہ کي جهلڻ ڏاڍو ڏکيو آهي، انهيءَ تقريب ۾ شريڪ هڪ اهم مهمان شيستان هو. جيڪو پوءِ آمريڪي اسٽيٽ ڊپارٽمينٽ جي ڪائونٽر ٽيررزم جي آفيس ۾ ڪو آرڊينيٽر مقرر ٿيو. هو ريپبلڪن ۽ ريٽائرڊ آرمي ليفٽيننٽ ڪرنل هو. هن جو بہ اهوئي چوڻ هو تہ انهن ڌماڪن جي پويان اسامہ بن لادن جو هٿ آهي.

ايندڙ ٻن سالن تائين شيستان پنهنجي پوري سگهہ سان اسامہ بن لادن جي گرفتاري ۽ ڪيس آمريڪي انصاف جي ڪٽهڙيءَ ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو. پر اهو سوال پنهنجي جاءِ تي آهي تہ ڪيس ايترو يقين ڇو هو تہ اسامہ ئي انهن ڌماڪن جو ذميدار آهي. انهيءَ وقت تائين اسامہ کي اها شهرت حاصل نہ ٿي هئي، جيڪا اڄ آهي. پر اسامہ آمريڪي حڪومت جي دلچسپي جو محور بنجي چڪو هو. سندس نالو پهريون ڀيرو 1993ع جي ’ورلڊ ٽريڊ سينٽر‘ جي ڌماڪن ۾ ورتو ويو. هو انهن هڪ سؤ ڄڻن ۾ شامل هو، جيڪي انهي ڌماڪن جي سلسلي ۾ جانچ جي لاءِ گهربل هئا. آمريڪي پراسيڪيوٽر چيو تہ في الحال اسين اهو چئي نٿا سگهون تہ انهيءَ سازش ۾ اسامہ جو ڪيترو حصو آهي. تنهن کان سواءِ انهيءَ وقت اسامہ دهشتگردي جي موضوع تي ڪانگريس جي ٽاسڪ فورس جي ريڊار اسڪرين تي نہ هو.

1995ع ۾ شيخ عمر عبدالرحمان ۽ سندس نون ساٿين جي ڪيس ۾، جيڪو نيو يارڪ شهر جي ’لينڊ مارڪ‘ کي ڌماڪي سان اُڏائڻ جي سازش جي سلسلي ۾ قائم ڪيو ويو هو. آمريڪي پراسيڪيوٽر، شاهد کان پڇيو تہ ڇا هو اسامہ بن لادن کي سڃاڻي ٿو؟ 1996ع ۾ نيو يارڪ ۾ اسامہ جي باري ۾ تحقيقات جي لاءِ آمريڪي اٽارنيءَ جي آفيس ۾ هڪ گرانڊ جيوري جو قيام عمل ۾ آيو. ايف - بي - آئي جي ايجنٽن اسامہ جي خلاف تحقيقات شروع

ڪئي. شروع ۾ اسامہ تي معمولي الزام لڳايا ويا، جيڪي آمريڪي فوجين جي خلاف حملن جي سلسلي ۾ هن جي بيانن بابت هئا. سي - آءِ - اي ٻہ ڪيترن ئي سالن تائين اسامہ تي خاص ڌيان ڏنو. واشنگٽن مان سي - آءِ - اي هيڊ ڪواٽرز طرف وڃڻ جي لاءِ پوٽومڪ درياءَ اُڪري جارج واشنگٽن پارڪ وي طرف وڃڻو ٿو پوي. آمريڪا جي ٻين رستن جي ڀيٽ ۾ اهو رستو غير معمولي فطري حسن سان مالا مال آهي. هتي ٻنهي طرفن خوبصورت وڻن جو هڪ ڊگهو سلسلو آهي. فقط پندرهن منٽن جي ڊرائيوريءَ کان پوءِ اوهين لينگي، مرجينا پهچي ويندا، جتي سي - آءِ - اي جو هيڊ ڪواٽر آهي، پر اهو ڪنهن کي بہ احساس نٿو ٿئي تہ هتي دنيا جا خطرناڪ ماڻهو موجود آهن. اتان اوهين 'پارڪ وي' طرف گهمندا تہ هڪ ئي سيڪيورٽي بوٿ تي پهچي ويندا. هتي اوهان کي ڊرائيونگ لائسنس ڏيکارڻ جو چيو ويندو. جيڪڏهن اوهان جو ڪنهن کان ملاقات جو وقت ورتل آهي تہ انهيءَ لائسنس مان اوهان کي مدد ملي ويندي. انهي ڳالهہ کان مطمئن ٿيڻ کان پوءِ تہ اوهين ڪي دهشتگرد نہ آهيو، سيڪيورٽي گارڊ اوهان کي اندر گهڙڻ جي اجازت ڏيئي ڇڏيندا. سي - آءِ - اي جي هيڊ ڪواٽر جي عمارت اندران ڪنهن يونيورسٽيءَ جي سائنس پارڪ جهڙي نظر ٿي اچي.

سرد جنگ جي خاتمي کان پوءِ سي - آءِ - اي جي پاليسين ۾ غير معمولي تبديليون ٿيون آهن. هاڻي اها ايجنسي نون مقصدن جي حاصلات لاءِ سرگرم آهي ۽ اها ايجنسي اڳ کان وڌيڪ آزاد ۽ خودمختيار آهي (هتي عمارت جي گرائونڊ فلور تي اوهين گفٽ اسٽور تان سي - آءِ - اي جا ڪافي مگ، چاٻين جا ڇلا ۽ ٻيون يادگار شيون خريد ڪري سگهو ٿا.) گذريل ڏهن سالن جي دوران سي. آءِ. اي جو گهڻو ڌيان منشيات جي سمگلنگ ۽ دهشتگردي ڏانهن رهيو آهي. انهيءَ تبديليءَ جو سڀ کان وڏو فائدو سي. آءِ. اي جي ڪائونٽر ٽيررسٽ سينٽر (C.T.C) کي پهتو آهي، جيڪو 1996ع ۾ قائم ٿيو ۽ جنهن جي بجيٽ هڪ ارب ڊالر سالياني آهي.

شروع ۾ سي - آءِ - اي جي ماهرن جو خيال هو تہ اسامہ بن لادن هڪ معمولي تخريبڪار آهي، جيڪو دنيا جي مختلف حصن ۾ آمريڪا جي خلاف تخريب ڪاريءَ جي مالي سرپرستي ڪري ٿو ۽ انهيءَ جو ڪو آپريشنل ڪردار ڪونهي. پر ورلڊ ٽريڊ سينٽر تي پهرين حملي کان پوءِ اهو تصور

تبديل ٿي ويو. جو تہ تفصيلي تحقيقات جي دوران اسامہ بن لادن جو نالو بار بار اُڀري سامهون آيو. خاص ڪري سعودي عرب ۾ آمريڪي فوجين تي حملي جو ڪيس ئي ذميدار ٺهرايو ويو. تنهن ڪري سي - ٽي - سي، سائٽس منهن ڏيڻ جي لاءِ هڪ ڌار يونٽ ناهڻ جو فيصلو ڪيو. ٻين يونٽن جي اُبتڙ ’بن لادن ٽاسڪ فورس‘ کي سي - آءِ - اي جي اوورسيز اسٽيشن طور ڪم ڪرڻ جي موڪل ڏني ويئي ۽ انهيءَ جي لاءِ اهو ضروري نہ هو تہ هو هر مسئلي يا مشوري يا هدايت جي لاءِ واشنگٽن سان رابطو ڪري.

سي - ٽي - سي جو ادارو دهشتگردي ۽ تخريب ڪارن جي باري ۾ ڊيٽا جو تجزيو ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪم بہ ڪندو هو. انهيءَ ۾ سي - آءِ - اي جي ڊائريڪٽوريٽ آف آپريشنز جي سينئر آفيسرن جون خدمتون حاصل ڪيون ويون هيون، ۽ بن لادن جي نيٽ ورڪ جي باري ۾ جيڪا معلومات گڏ ٿيندي هئي، تنهن کي انهيءَ تنظيم جي خلاف جوابي دهشتگرديءَ جي لاءِ استعمال ڪيو ويندو هو. سي - ٽي - سي پنهنجي تحقيقات جي دوران ٻين بہ ڪيترين ئي ايجنسين جو سهڪار بہ حاصل ڪيو. جهڙوڪ: سي - ٽي - سي، ايف - بي - آئي سان گڏجي ڪم ڪندي رهي. سي - ٽي - سي ۾ اهڙن ڪيترن ئي آفيسرن جون خدمتون حاصل ڪيون ويون، جيڪي ٻهرين اُيف - بي - آئي ۾ ڪم ڪري چڪا هئا. ايف - بي آئي کي سي - ٽي - سي ۾ اثرائتي نمائندگي ڏني ويئي. اهڙي طرح نيشنل سيڪيورٽي ايجنسي (اين - ايس - اي) کي بہ سي - ٽي - سي ۾ نمائندگي حاصل هئي، جيڪا سڄي دنيا ۾ ٽيليفون تي ٿيندڙ ڳالهہ ٻولهہ کي ٻڌڻ ۽ انهيءَ جو ريڪارڊ رکڻ ۾ شهرت رکندي آهي.

سي - ٽي - سي جي مشاورتي ادارن ۾ ٻين ايجنسين کان سواءِ فيڊرل ايوي ايشن ايجنسي، ڊپارٽمينٽ آف ڊفينس، اسٽيٽ ڊپارٽمينٽ، بيورو آف الڪحل، ٽوبيڪو ۽ فائر آرمز کي بہ نمائندگي حاصل هئي. ايترين سهوليتن جي هوندي بہ اسامہ بن لادن جي نيٽ ورڪ جي باري ۾ معلومات حاصل ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم هو. 1970ع ۽ 1980ع وارن ڏهاڪن ۾ آمريڪي ايجنسيون شام، لبيا ۽ ايران جي سرپرستيءَ ۾ ڪم ڪندڙ تخريبڪارن ۽ دهشتگردن جي باري ۾ معلومات گڏ ڪنديون هيون. انهن ۾ ’ابو ندال آرگنائيزيشن‘ بيحد مضبوط ساخت جي هئي ۽ انهي جو مضبوط ۽ منظم تنظيمي رڪارڊ

موجود هو. تنهن ڪري انهيءَ جي باري ۾ هر قسم جي معلومات موجود هئي. انهيءَ جي پيٽ ۾ اسامہ بن لادن جو نيٽ ورڪ آزاد، خودمختيار، گهڻ نسلي ۽ قومي گروپن تي ٻڌل هو، جيڪا ڪن معاملن ۾ هڪ ٻئي کان بہ مختلف ۽ متضاد هئا. هن جي تنظيم اهڙي هئي، جنهن ۾ گهڙڻ سولو ڪونہ هو، پر آمريڪا جي حڪومت، القاعده جي ڪن سابق ميمبرن جون خدمتون مخبر طور حاصل ڪري ورتيون. پنهنجي ڪنهن سيڪريٽ ايجنٽ کي انهن جي صفن ۾ موڪلڻ جي پيٽ ۾ مخبرن کان ڪم وٺڻ وڌيڪ سولو ۽ محفوظ هو. اهو ڪم ان وقت وڌيڪ ڏکيو ٿي پوندو هو، جو اسامہ جا ساٿي انتهائي سخت مذهبي ۽ تقويٰ جا پابند هئا. ڪنهن غير مسلم جي لاءِ انهن جي صفن ۾ رهڻ ۽ پاڻ کي لڪائي رکڻ ممڪن نہ هو. هڪ آمريڪي سيڪريٽ ايجنٽ ٻڌايو تہ هو سيڪيولر تنظيمن سان گڏ ڪم ڪندي، انهن سان گهلي ملي ويندو هو. ڇو تہ هو سڀ شرابي هئا ۽ آءُ انهن سان آزادانہ شرڪت ڪندو هئس، پر اسامہ جي ماڻهن سان پاڻ کي لڪائڻ ممڪن نہ هو. ڇو تہ اسامہ جا ماڻهو سخت مذهبي هئا. اسامہ جي تنظيم القاعده ۽ انهيءَ سان لاڳاپيل ٻين تنظيمن ۾ ٻاهرين ماڻهن تي ڀروسو نہ ڪيو ويندو هو ۽ ڪين سدائين شڪ جي نگاهہ سان ڏٺو ويندو هو.

سي - آءِ - اي ۽ ايف - بي - آءِ، اسامہ جي باري ۾ ڊگهي عرصي کان تحقيقات ڪري رهي هئي، پر اوڀر آفريقا جي آمريڪي سفارتخانن ۾ بم ڌماڪن ۾ اسامہ جي هٿ هئڻ جي شڪ جو هڪ سبب اهو بہ هو تہ اسامہ جي ڪينيا سيل جي باري ۾ اڳ ۾ ئي معلومات هئي. هڪ سال کان انهن جي سرگرمين تي نظر رکي پئي ويئي ۽ نيروبيءَ ۾ امڪاني بم ڌماڪن جي وارننگ اڳ ۾ ئي ملي چڪي هئي. 21 آگسٽ 1997ع تي آمريڪي سفارت خانن تي حملن کان پورو هڪ سال پهرين ايف - بي - آئي جي هڪ ايجنٽ، ڪينيائي پوليس جي هڪ آفيسر سان گڏجي، نيروبي ۾ وجيهہ الحق جي گهر جي جهڙتي ورتي. اتان ڪين هڪ ايپل پاجر بوڪ (ڪمپيوٽر) ڪيترائي ايڊريس بڪس ۽ ڊائريون مليون. سي - آءِ - اي جي هڪ ڪمپيوٽر ٽيڪنيشن، ڪمپيوٽر جي هارڊ ڊرائيو جي ڪاپي ناهي. انهن مان هڪ خط بہ مليو، جيڪو القاعده جي ڪينيا سيل جي هڪ ميمبر ميل ڪيو هو. انهيءَ خط مان سيل جي موجودگيءَ جي تصديق ٿئي ٿي. خط

جي متن مان خبر پوي ٿي تہ خط لکندڙ آمريڪي سفارتخانن تي حملن جي پروگرام کان واقف هو. پر کيس اها خبر نہ هئي تہ کيس ڪينيا ۾ ڪهڙو مشن انجام ڏيڻو آهي. هن جو شمار فقط عمل ڪندڙن مان هو. رٿابندي ڪرڻ سندس ڪم نہ هو.

نيروبي جي بم ڌماڪن کان 9 مهينا اڳ هڪ مصري مصطفيٰ محمود سعيد احمد، سفارتخاني جي عمارت ۾ گهڙيو ۽ هن انٽيليجنس آفيسرن کي ٻڌايو تہ کيس هڪ منصوبي جي خبر آهي، جنهن ۾ سفارتخاني جي عملي جو ڌيان هٽرائڻ لاءِ دستي بم استعمال ٿيندا، تہ جيئن هڪ 'ٽرڪ بم' سفارتخاني جي زير زمين پارڪنگ گئراج ۾ پهچي سگهي. القاعدده جو اهو حملو عين منصوبي موجب ٿيو. سعيد احمد ڪينيا ۾ 'بن لادن' ڪمپني جو نوڪر هو. تنهن ڪري سندس فراهم ڪيل اهو اطلاع اهميت رکندو هو، پر آمريڪي انٽيليجنس ايجنسين، سعيد احمد جي اطلاع کي بيڪار تصور ڪيو. چو تہ انهيءَ زماني ۾ آمريڪا جي مختلف نشانن تي حملن جون ڌمڪيون عام ڳالهہ هئي.

پاڪستان ۾، عوده جي گرفتاري کان سواءِ، آمريڪي ايجنسين کي هڪ ٻيو فائدو 'محمد الاوحالي' پاران ڪينيا ڌماڪن ۾ خودڪشي نہ ڪرڻ جي فيصلي جي ڪري ٿيو. هن پنهنجي جان بچائڻ کي ترجيح ڏني ۽ پنهنجي معمولي زخمن جو علاج ڪرائڻ لاءِ نيروبي جي اسپتال ۾ هليو ويو. جنهن جي نتيجي ۾ 12 آگسٽ تي کيس ڪينيائي پوليس گرفتار ڪري ورتو. سندس گرفتاري سڃاڻپ جي اڻ پورن ڪاغذن جي ڪري عمل ۾ آئي. کيس فوري طور ايف - بي - آئي جي ايجنٽن جي حوالي ڪيو ويو. هڪ هفتي جي جانچ ۽ پڇاڳاڇا کان پوءِ هن بم ڌماڪن ۾ پنهنجي ڪردار جي باري ۾ اعتراف ڪري ورتو.

الاوحالي ۽ عوده جي گرفتاري ۽ ڏوهہ کي مڃڻ سان انهن بم ڌماڪن ۾ القاعده جي ڪردار جي نشاندهي ٿئي ٿي. آمريڪي عملدار انهي فيصلي تي پهچي ويا تہ 'اسامہ بن لادن' جي خلاف جوابي ڪارروائي ضروري آهي. ان کي هنن 'آپريشن انفنائيٽ ريچ' جو نالو ڏنو. پر حقيقت ۾ انهي کي 'آپريشن انفنائيٽ اوور ريچ' چيو وڃي تہ چڱو ٿيندو. انهيءَ ۾ اسامہ بن لادن ۽ سندس بابت نشانن تي حملا شامل هئا.

انهيءَ آپريشن ۾ القاعده جي باري ۾ آمريڪي انٽيلي جنس جي ڪمزورين کي بہ نظر ۾ رکيو ويو ۽ گڏوگڏ اسامہ بن لادن ملٽري نيٽ ورڪ تي حملن کي محدود رکڻ جي سفارش ڪئي ويئي.

11 سيپٽمبر جي حملن کان پوءِ بش انتظاميا جي آفيسرن بہ 'آپريشن انفنائيٽ ريچ' کي نظر ۾ رکندي جوابي حملن جي رٿابندي ڪئي.

# [ 8 ]

20 آگسٽ 1998ع جي هڪ صاف شفاف ۽ گرم صبح جو ميساچوسٽس جي ڪنڌيءَ وٽ "مارٿاوائن يارڊ هيٽ" ۾ وائيٽ هائوس جي پريس ڪور هئي. فقط ٽي ڏينهن اڳ صدر ڪلنٽن، مونيڪا ليونسڪي ڪيس ۾ پنهنجو بيان رڪارڊ ڪرائي چڪو هو ۽ مونيڪا سان پنهنجي ناجائز لاڳاپن جي باري ۾ آمريڪي عوام کي گمراهہ ڪرڻ تي معافي گهري چڪو هو. هاڻ هو انهيءَ تفريحي هيٽ تي گرمين جون موڪلون گذارڻ جي لاءِ آيو هو. هتي اخباري رپورٽرن کي ڪا وڏي خبر ملڻ جي اميد نہ هئي، تنهن ڪري صحافين جو هڪ گروپ پريس ڪور ۾ بي فڪريءَ سان هڪ فلم ڏسڻ ويهي رهيو، جنهن جو نالو Wag the Dog هو. انهيءَ فلم ۾ آمريڪا جو صدر هڪ اهڙي ملڪ جي خلاف فرضي جنگ وڙهي ٿو، جنهن جي باري ۾ دنيا کي ڪابہ خبر ڪونهي. انهيءَ جنگ جو اصل مقصد عوام جو ڌيان صدارتي بدعنوانين تان هٽائڻ هو.

اٽڪل هڪ بجي ڌاري، صدر ڪلنٽن جي ترجمان 'مڪ ڪري'، اخبار وارن کي ٻڌايو تہ صدر ڪلنٽن قومي سلامتي جي باري ۾ اهم اعلان ڪرڻ وارو آهي.

ٺيڪ ٻين بجي اخبار وارن کي ٻڌايو ويو تہ آفريقا ۾ آمريڪي سفارتخانن ۾ بم ڌماڪن جي جواب ۾ افغانستان ۽ سوڊان ۾ اسامہ بن لادن جي اڏن تي ڪروز ميزائلن سان حملو ڪيو ويو آهي. انهيءَ اعلان کان هڪدم پوءِ صدر ڪلنٽن وائيٽ هائوس موٽي ويو، جت 'اوول آفيس' مان ڪيس قوم کي خطاب ڪرڻو هو.

"اسان جو نشانو تخريبڪار آهن." آمريڪي صدر ڪلنٽن چيو، "اسين

اسامہ بن لادن جي سرپرستيءَ ۾ هلندڙ بنياد پرست ۽ انتهاپسند مسلمانن جي نيٽ ورڪ کي نشانو بنائڻ ٿا چاهيون. اسامہ بن لادن شايد سڄي دنيا ۾ بين الاقوامي تخريبڪاريءَ جو سڀ کان وڏو سرپرست ۽ منتظم آهي. اڄ صبح جو آمريڪا، افغانستان ۾ دهشتگردي جي سهوليت ۽ ڍانچي تي لڳاتار حملا ڪيا. اسان جي فوجن سڄي دنيا ۾ دهشتگردي جي سڀني کان وڌيڪ اثرائتن اڏن کي نشانو بنايو آهي. انهن اڏن ۾ اسامہ بن لادن جو نيٽ ورڪ شامل آهي. جيڪو سڄي دنيا ۾ دهشتگردن جي تربيتي ڪئمپ طور خدمتون انجام ڏيئي رهيو آهي. اسان وٽ اهو يقين ڪرڻ جي لاءِ ثبوت موجود آهن تہ اڄ دهشتگرد مسلمان اڳواڻن جو هڪ ميڙ ٿيڻ وارو هو، تنهن ڪري اهي حملا ضروري هئا. اسان جي فوج سوڊان ۾ اسامہ بن لادن جي نيٽ ورڪ سان لاڳاپيل هڪ فئڪٽريءَ تي بہ حملو ڪيو. انهيءَ فيڪٽريءَ ۾ ڪيميائي هٿيار سازيءَ جي لاءِ مواد تيار ڪيو ويندو هو."

اسامہ بن لادن جي نيٽ ورڪ تي آمريڪي حملا انتهائي اهميت جا حامل هئا. انهيءَ کان اڳ ڪلنٽن انتظاميا صدام حسين ۽ سوبوڊان ميلو سيوڪ (سربيا) جي اڏن تي بہ حملا ڪيا هئا. اڳ ۾ حملا اهڙن ملڪن تي ڪيا ويا هئا جن جا اڳواڻ آمريڪا سان جنگ جي حالت ۾ هئا. هاڻ هڪ فرد ۽ انهيءَ جي ساٿين کي ٻن اهڙن خودمختيار ملڪن ۾ نشانو بنايو ويو هو، جتي القاعده جا اڏا هئا.

آمريڪا جي 1976ع جي ايگزيڪيوٽو آرڊر موجب ڪابہ آمريڪي حڪومت ڪنهن (دشمن يا مخالف) شخص جي قتل جو حڪم ڏيئي نٿي سگهي. اهوئي سبب آهي تہ آمريڪا فقط اسامہ بن لادن جي نيٽ ورڪ ۽ انهي جي ڍانچي تي حملن جو اعلان ڪيو، ۽ جيتوڻيڪ انهيءَ وقت ظاهري طرح اسامہ کي ئي نشانو بنايو ويو هو. پر حيرت ۾ وجهندڙ ڳالهہ اها آهي تہ آمريڪي صدر بلڪل انهيءَ مهل حملي ڪرڻ جو حڪم ڏنو، جڏهن القاعده جي اڳواڻن جو هڪ اجلاس ٿيڻو هو. (جنهن ۾ لازمي طور تي اسامہ کي بہ شرڪت ڪرڻي هئي).

هڪ سينئر پاڪستاني آفيسر مونکي ٻڌايو تہ، انهن حملن جي لاءِ آمريڪا پاڪستان کي خبردار ڪرڻ جي بہ تڪليف نہ ڪئي. جڏهن تہ انهن حملن ۾ پاڪستاني حدن کي استعمال ڪيو ويو هو. آفيسر چيو تہ آمريڪي

ساموندي جنگ ٻيڙي جا جهاز پاڪستاني ساموندي حدن جي ويجهو چرپر ڪندا رهيا هئا. ۽ انهيءَ کان اڳ اپريل ۾ هنن ميزائل فائر ڪرڻ جا تجربا پڻ ڪيا هئا. ميزائل فائر ڪرڻ کان هڪدم پوءِ آمريڪي فوجي جنرل پاڪستاني عملدارن کي اطلاع ڏنو تہ آمريڪا پاڪستان کي، افغانستان تي ڪيل حملن جي لاءِ سندس سرزمين جي استعمال ڪرڻ جو اطلاع فقط انهيءَ ڪري ڏيئي رهيو آهي، جو متان پاڪستاني اهو نہ سمجهن تہ هندستان، حملو ڪري ڏنو آهي.

هڪ سينئر آمريڪي عملدار، ڪلنٽن انتظاميہ جي انهن ڪارروائين جو تفصيل ٻڌايو. حملن ٿيڻ کان پوءِ جي هڪ هفتي جي اندر 14 آگسٽ تي آمريڪي عملدارن اهو طئي ڪري ورتو تہ اسامہ بن لادن ئي، اوڀر آفريقا ۾ آمريڪي سفارتخانن ۾ بم ڌماڪن جو ذميدار آهي ۽ کيس سزا ڏيڻ ضروري آهي. صدر ڪلنٽن جي صلاحڪارن ٻڌيو تہ سندن سامهون ڪجهہ رستا هئا يعني اسامہ جي خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي يا مٿس فوجي حملو ڪيو وڃي يا ٻئي طريقا استعمال ڪيا وڃن. هنن صدر کي صلاح ڏني تہ انٽيلي جنس جي اطلاعن موجب اسامہ بن لادن، نون حملن جي رٿابندي ڪري رهيو آهي. صلاحڪارن چيو تہ 20 آگسٽ تي افغانستان ۾ اسامہ بن لادن جي نيٽ ورڪ جي هڪ ڪانفرنس ٿيڻ واري آهي ۽ اهو حملي ڪرڻ جو بنهہ مناسب وقت آهي. صدر ڪلنٽن کي خبر هئي تہ مٿس Wag the Dog قسم جي تنقيد ٿيندي، پر هن حملن ڪرڻ جو فيصلو ڪيو.

انهيءَ موقعي تي سي - آءِ - اي ۽ پينٽاگون، نشانن جي هڪ فهرست ٺاهي. ڇهريون نشانو اوڀر افغانستان ۾ اسامہ جي ڪئمپ هئي. خوست جي پرسان ڪئمپ ڪمپليڪس جيڪو ڇهن اڏن تي مشتمل هو. انهيءَ ۾ البدر ڀهرين، البدر ٻي، الفاروق، خالد بن وليد، ابو جندال ۽ سلمان فارسي ڪئمپون شامل هيون. انهي ڪمپليڪس ۾ مجموعي طور تي 600 مجاهد تربيت هيٺ هئا. سوڊان ۾ جنهن فئڪٽريءَ کي نشانو بنايو ويو، اها مبينہ طور تي هڪ ڪيميڪل پلانٽ هئي.

افغانستان جون ڪئمپون ڪيترن ئي سالن کان فوجي تربيت جي لاءِ القاعده جي استعمال هيٺ هيون. آمريڪي ميزائلن جي حملن کان هڪدم پوءِ آئون پاڪستان ۾ اسلامي قانون جي هڪ شاگرد سيف الله گوندل سان

مليس، جيڪو 1992ع ۾ خوست ۾ فوجي تربيت حاصل ڪري چڪو هو. هن ٻين پاڪستاني شاگردن سان گڏ هڪ پندرهن ڏينهن جو ڪورس ڪيو، جنهن ۾ صبح جو ديني تعليم ڏني ويندي هئي ۽ منجهند کان پوءِ فوجي سکيا ڏني ويندي هئي. هن مون کي فوجي سکيا بابت تصويرون بہ ڏيکاريون، جيڪي 1997ع ۾ پاڪستاني صحافين ڪڍيون هيون.

افغانستان تي ميزائلن جي حملن ۾ ويهارو کن ماڻهو مُئا. انهن ۾ افغانن کان سواءِ پاڪستاني بہ شامل هئا، جن ۾ القاعده جا ڇهہ ڪارڪن بہ هئا. تن مان ٽي يمني، ٻہ مصري ۽ هڪ ترڪ هو. انهيءَ مان اندازو ٿئي ٿو تہ اها ڪئمپ گهڻ قومي ۽ گهڻ نسلي استعمال ۾ هئي، پر اهو حملو انهيءَ لحاظ کان ناڪام ثابت ٿيو تہ اسامہ ۽ سندس ساٿين هڪدم پنهنجون جڳهيون بدلائي ڇڏيون. پر آمريڪي انٽيلي جنسن جا اطلاع اهي ئي هئا تہ اسامہ سميت القاعدہ جي قيادت 20 آگسٽ تائين ڪئمپ ۾ موجود هئي (ٿي سگهي ٿو تہ اهو غلط اطلاع پاڪستاني حڪومت جي ذريعن ڏنو هجي ۽ ممڪن آهي تہ القاعده جي قيادت کي بہ اطلاع ڪري ڇڏيو هجي).

اصل ڳالهہ اها هئي تہ حملن کان ڪجهہ ڏينهن اڳ پاڪستان مان آمريڪي سفارتي عملي جي روانگي ۽ ڪابل مان مڙني پرڏيهين جي نيڪاليءَ جي ڪري، اسامہ بن لادن جا ماڻهو خبردار ٿي ويا. محمد عوده ايف - بي - آئي جي ايجنٽ کي پڇاڳاڇا جي دوران ٻڌايو، ”6 آگسٽ 1998ع تي اوڀر آفريقا ۾ آمريڪي سفارتخانن ۾ بم ڌماڪن کان هڪ ڏينهن پهرين افغانستان مان اها خبر آئي تہ، ”اسين پنهنجون سيئي ڪئمپون خالي ڪري رهيا آهيون، ڇو تہ آمريڪا پاران جوابي حملي جو خطرو آهي.“

القاعده جي قيادت کي بروقت اهو احساس ٿي ويو هو تہ آمريڪا جي جوابي ڪارروائي، سندن ڪئمپن ۾ اسپيشل فورسز جي حملن جي شڪل ۾ نہ هوندي ۽ نہ وري آمريڪي فضائيا سندن ڪئمپن تي ڪمانڊو حملا ڪندي. ڪين اهو بہ خدشو نہ هو تہ ڪو آمريڪي جهاز بم وسائيندا. پر انهيءَ جو سبب اهو هو تہ پينٽاگون پنهنجي فوجين جي مارجڻ کان بچڻ ٿي چاهيو. تنهن ڪري هن سوين ميل پري عربي سمنڊ ۾ آمريڪي جنگي جهازن تان ڪروز ميزائل اڇلائڻ جو فيصلو ڪيو. هوڏانهن اسامہ بن لادن بہ خوست ۾ موجود نہ هو. اسامہ 26 مئي تي خوست ۾ هڪ پريس ڪانفرنس کي خطاب

ڪيو هو ۽ انهيءَ ڪان پوءِ ڏينهن پوءِ اي - بي - سي نيوز کي (آفريقا ۾ آمريڪي سفارتخانن تي بم ڌماڪن کان 9 ڏينهن اڳ) هڪ تفصيلي انٽرويو ڏنو هو. اسامہ بن لادن ايترو تہ ذهين ماڻهو آهي جو هن 16 مئي تي ئي هڪ پاڪستاني صحافي کي چئي ڇڏيو هو تہ، "اهو اطلاع مليو آهي تہ آمريڪا منهنجي اڏن تي حملن جي رٿابندي ڪري رهيو آهي. تنهن ڪري آئون گهڻو محتاط آهيان."

هڪ افغان رپورٽر، جيڪو هڪ اولهہ جي نيوز ايجنسي لاءِ ڪم ڪندو هو، حملن کان هڪ ڏينهن پوءِ ڪئمپ ۾ پهتو. هن ٻڌايو تہ اُتي ڪافي تباهي ٿي هئي. سيئي عمارتون ۽ مسجد بہ تباهہ ٿي ويون هيون، پر ڪئمپ ۾ سٺ ستر ماڻهو مرڻ کان بچي ويا هئا. انهن ماڻهن اهو ڄاڻڻ کان پوءِ تہ هو اولهہ جي نيوز ايجنسيءَ جو نمائندو آهي، مٿس حملو ڪري ڏنو ۽ سندس سيٽلائٽ فون ۽ ڪئميرا ڀڃي ڇڏي. رپورٽر ٻڌايو تہ ماڻهو ايتري تہ ڪاوڙ ۾ هئا، جو مون کي ائين لڳو تہ هو مون کي جيئرو نہ ڇڏيندا ۽ قتل ڪري ڇڏيندا. پر طالبان جي مداخلت تي سندس جان بخشي ٿي.

آمريڪا جي ڇڏيل ميزائلن مان ٽي ڪروز ميزائل ڦاٽي نہ سگهيا. افغان ۽ پاڪستاني ذريعن موجب انهن کي طالبانن پنهنجي قبضي ۾ وٺي ڇڏيو ۽ چين انهن کي خريد ڪري ورتو. چين انهن ڪروز ميزائلن کي کولي ريورس انجنيئرنگ جي ذريعي انهن جي ٽيڪنالاجي سمجهڻ ٿي چاهي. جڏهن اخبارن ۾ اهي خبرون ڇپيون تہ طالبان نہ تہ انهن تي ڪو تبصرو ڪيو، ۽ نہ وري ڪا ترديد ڪئي.

ڪروز ميزائلن جي حملن کان پوءِ مون هڪ 19 سالن جي پاڪستاني مجاهد حبيب احمد جو انٽرويو ڪيو، جيڪو ڪافي سڙي ويو هو. آئون ساڻس، پشاور جي هڪ اسپتال ۾ مليس، جتي هو علاج هيٺ هو. هن ٻڌايو تہ، "هڪ محدود علائقي ۾ پنجاهہ جي لڳ ڀڳ ڪروز ميزائل ڪريا. اسين نماز کان پوءِ قرآن پاڪ جي تلاوت ڪري رهيا هئاسين. تلاوت کان پوءِ اجا سمهڻ جي لاءِ ليٽياسين ئي مس جو اسان هڪ وڏي ڌماڪي جو آواز ٻڌو. مسجد مان ٻاهر نڪري آياسين. اسان ڪئمپ تي ميزائل ڪرندي ڏٺا. انهي مهل ڪئمپ ۾ ڪافي ماڻهو موجود هئا، جيڪي زخمن جي ڪري ڪنجهي رهيا هئا. بمن هر شئي تباهہ ڪري ڇڏي هئي. قرآن پاڪ بہ شهيد ٿي ويا،

اسين انهيءَ حملي تي حيران هئاسين.“

حبيب احمد ٻڌايو تہ هو هن ڪئمپ ۾ قرآن شريف جي تعليم حاصل ڪرڻ جي لاءِ آيو هو. هن خالد بن وليد ڪئمپ ۾ تعليم حاصل ڪئي، جنهن جي سرپرستي اسامہ بن لادن ڪندو هو ۽ جنهن جو انتظام ’حرڪت المجاهدين‘ جي هٿن ۾ هو، جيڪا جهادي تنظيم هئي. جيتوڻيڪ آمريڪي ڪروز ميزائلن جي حملي جو مقصد اسامہ بن لادن ۽ سندس ساٿين کي نقصان پهچائڻ هو، پر جاني نقصان فقط مقامي افغانن جو ٿيو. اها ڪئمپ، پٿر، گپ ۽ گاري سان ٺهيل هئي، بلڪل ائين جيئن افغان ڳوٺ هوندا آهن. حملن جي ٻن هفتن جي اندر ئي هڪ پاڪستاني صحافي رحيم الله يوسف زئي انهن ڪئمپن ۾ ويو ۽ هن ٻڌايو تہ ڪئمپون ٻيهر تعمير ٿي ويون آهن.

آمريڪي پاليسي سازن جو اهو خيال بہ غلط ثابت ٿيو تہ انهن ڪروز ميزائلن جي حملن سان اسامہ بن لادن کي نقصان پهچائي يا ڊيڄاري سگهجي ٿو. هو ۽ سندس ساٿي ٽن سالن تائين لڳاتار روسين سان وڙهندا رهيا. مهڙ وارن مورچن تي وڙهندي هو روسي گن شپ هيلي ڪاپٽرن جو نشانو رهيا، پر هو ڪڏهن بہ فرار نہ ٿيا. اسامہ پنهنجي ساٿين ۽ ٻين مسلمانن کي اپيل ڪندو رهندو هو تہ هو جهاد جي لاءِ تيار ٿي وڃن. انهيءَ سلسلي ۾ هو پنهنجو مثال پيش ڪندو هو.

”هڪ ڀيرو، آئون روسين کان فقط ٽيهہ ميٽر پري هئس ۽ هو مون کي جيئرو جهلڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. مونتي بمباري ڪئي ويئي، پر مون کي الله جي رحمت سان ايترو سڪون نصيب ٿيو، جو مون کي گولين جي بوڇاڙ ۾ ننڊ اچي ويئي.“ اسامہ جي دوست خالد الفوز مون کي ٻڌايو تہ، ”ڪروز ميزائلن جا حملا اسامہ ۽ سندس ساٿين جي لاءِ ڪا بہ اهميت نٿا رکن. ڇو تہ هو روسين پاران اسڪڊ ميزائلن جا حملا برداشت ڪرڻ جو عادي هئا. انهيءَ قسم جا ماڻهو، انهن حالتن مان ڀرپور لطف وٺندا آهن.“

جيڪڏهن افغان ڪئمپن تي حملا ناڪام ثابت ٿيا تہ ٻي طرف سوڊان ۾ ڪيميڪل فئڪٽري تي حملو پڻ هڪ انٽيلي جنس فيليوز يا ناڪامي ثابت ٿيو. ائين ٻي محسوس ٿيو تہ ڄڻ اهو 1999ع جي ’ڪوسوو‘ جي جنگ جي دوران بلغراد ۾ چيني سفارتخاني تي بمباريءَ جي ريهرسل هئي.

اٽڪل هڪ ڊزن ڪروز ميزائلن، خرطوم جي ’الشفاء پلانٽ‘ کي

مٿيءَ جي ڊگ ۾ بدلائي ڇڏيو. سوڊان جي اطلاعات واري وزير کي Wag the Dog قسم جا رابطا قائم ڪرڻ ۾ ڪا تڪليف ڪانہ ٿي ۽ هن ٽيليويزن تي ڪلنٽن کي 'ثابت ٽيل ڪوڙو' ۽ 'هڪ هزار رنن جو يار' رکڻ وارو شخص قرار ڏنو.

هڪ آمريڪي عملدار، سوڊان تي حملن جو جواز هيئن فراهم ڪيو: "اسامہ بن لادن سوڊان ۾ پنهنجو ذاتي ڪاروبار ۽ ڪمپنيون قائم ڪيون ۽ سوڊان ۽ عراق جي وچ ۾ فوجي سهڪار وڌائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. انهيءَ پلانٽ جو مئنيجر، اسامہ جي هڪ اڱوٺي گهر ۾ رهندو هو ۽ انهن جي حفاظت سوڊاني فوج ڪندي هئي. سي ـ آءِ ـ اي هڪ ايجنٽ سوڊان موڪليو، جنهن انهيءَ پلانٽ جي پرسان مٽيءَ جا نمونا گڏ ڪري آمريڪا موڪليا، جن جي تپاس مان ڪيميائي مادي EMPTA جي ذرڙن جي موجودگيءَ جي خبر پئي. انهيءَماديءَ جو اُتي سواءِ انهيءَ جي ٻيو ڪوبہ ڪم نہ هو تہ اهو 'اعصابي گئس' VX ناهڻ ۾ ڪم آندو ويندو هو. آفيسر چيو تہ انهيءَ نموني جي ڪيميائي تجزيي سان اسان کي يقين ٿي ويو تہ اُتي ڪيميائي هٿيار ناهيا پيا وڃن. اسامہ بن لادن گڏريل چئن سالن کان ڪيميائي هٿيار گڏ ڪرڻ جي ڪوشش ۾ هو. تنهن ڪري اسان وٽ سوڊان تي حملي ڪرڻ کان سواءِ ٻي ڪا واهہ ئي نہ هئي."

آمريڪي عملدار جي انهيءَ بيان جي ذريعي سوڊان تي حملي کي جائز ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. ڇو تہ اهو پلانٽ سوڊان جو فوجي صنعتي ڪمپليڪس هو ۽ اسامہ ۽ عراق جو گڏيل منصوبو هو، پر اهي دليل بي وزن هئا. آمريڪي بيان ۾ اڻ ڳڻيون خاميون هيون.

شاهدين مان خبر پوي ٿي تہ اهو هڪ دواسازي جو عام پلانٽ هو. بوسٽن يونيورسٽي جي ڪيمسٽري جي پروفيسر نامر ٽوليٽبن، انهيءَ پلانٽ مان حاصل ڪيل مٽيءَ جي ٽيرهن نمونن جا مختلف ليبارٽرين ۾ تجزيا ڪرايا. انهن تجزين جي نتيجي ۾ EMPTA جي ڪابہ ثابتي نہ ملي. پر Ibuprof on جي هئڻ جون شاهديون مليون.

سوڊان جي انهيءَ پلانٽ ۾ ملڪي گهرجن جون 50 سيڪڙو دوائون تيار ڪيون وينديون هيون. واپاري ۽ معزز ماڻهو اُتي جا دورا ڪندا رهندا هئا. تباهيءَ کان اڳ هڪ برطانوي صنعتڪار 'پيٽر ڪوڪ برن' بہ انهيءَ پلانٽ

جو دورو ڪيو هو ۽ انهيءَ جو بہ اهوئي چوڻ هو تہ اهو هڪ معمولي پلانٽ هو. سيني کان اهم ڳالهہ اها هئي تہ انهيءَ پلانٽ تي ڪوبہ فوجي پهرو نہ هو. نہ وري ڪنهن قسم جا هٿياربند گارڊ هئا ۽ نہ وري انهيءَ پلانٽ ۾ ڪو اهڙو هنڌ هو، جتي ماڻهن جي وڃڻ تي پابندي هجي. پر هڪ آمريڪي ڪيميڪل انجنيئر هينري بوب چيو تہ انهيءَ پلانٽ کي ڀنهي مقصدن جي لاءِ استعمال ڪري سگهجي ٿو. هتي دوائون بہ ٺهي سگهن ٿيون ۽ ڪيميائي هٿيار بہ. سوڊان ۾ جرمنيءَ جي سفير انهيءَ بمباريءَ بابت پنهنجي حڪومت کي پيغام موڪليو تہ آمريڪا انهيءَ پلانٽ تي حملو ڪري غلطي ڪئي آهي. هڪ برطانوي اخبار نهايت دلچسپ سرخي هنئي:

"Whoops what a cocu up!"

اهو الزام پڻ ڪل جوڳو آهي تہ اهو پلانٽ اسامہ بن لادن سان واسطو رکندو هو. صلاح ادريس، جنهن حملي کان ڪجهہ مهينا اڳ 28 ملين ڊالرن ۾ اهو پلانٽ خريد ڪيو هو. چيو تہ هن جو اسامہ سان ڪوبہ ڪاروباري يا ڪو ٻيو لڳ لاڳاپو نہ رهيو آهي ۽ هو زندگيءَ ۾ ڪڏهن اسامہ سان مليو بہ ناهي. ادريس، عالمي شهرت يافتہ فرمِ "Koroll Associates" جون خدمتون حاصل ڪيون، تہ جيئن پنهنجي ڳالهہ کي صحيح ثابت ڪري سگهي. ڪوول تحقيقات کان پوءِ فقط هڪ همراهہ عبدالباسط حمزه جو پتو لڳايو، جيڪو سوڊاني فوج ۾ ڪرنل هو ۽ جنهن جو ذاتي اڏاوتي ۽ ٽيلي ڪميونيڪيشن بزنس هو.

آمريڪي حڪومت جو موقف بيحد ڪمزور ۽ واهيات هو. حملي جي وقت تائين، آمريڪي حڪومت کي اها خبر ڪونہ هئي تہ اهو پلانٽ ادريس خريد ڪيو آهي. انهيءَ پلانٽ جو اڳوڻو مالڪ بعبود هو، جيڪو يمني نسل جو هو، تنهن ڪري هنن جا خانداني لاڳاپا هئا. بعبود يمن جي ’حضرموت‘ علائقي جو رهاڪو آهي. انهيءَ ۾ حيرت جي ڪا ڳالهہ ڪونهي تہ بعبود جا، اسامہ سان بہ ڪاروباري واسطا هئا. پر بعبود 1990ع واري ڏهاڪي ۾ سوڊان جي انتهائي مالدار ماڻهن مان هو. انهيءَ پلانٽ جا عراق سان پڻ ڪاروباري نوعيت جا لاڳاپا هئا. هتي جانورن جي علاج لاءِ دوائون تيار ڪيون وينديون هيون، جيڪي باقاعده گڏيل قومن جي منظوريءَ سان عراق موڪليون وينديون هيون. گڏيل قومن جنوري 1998ع ۾ انهيءَ جي باقاعده منظوري ڏني هئي. خرطوم ۾، جنهن شخص، اسامہ جو گهر مسواڙ تي ورتو هو، اُهو اسامہ

جي سوڊان مان بي دخليءَ کان پوءِ، ’الشفاء پلانٽ‘ جو جنرل مئنيجر بڻجي ويو هو، پر اهو فقط اتفاق ٿي هو. سوڊان ۾ ڪاروباري معززين جو تعداد بنهہ محدود آهي. تنهن ڪري اسامہ سان هر وڏي ڪاروباريءَ جا ڪي نہ ڪي واپاري لاڳاپا ضرور رهيا هوندا.

’مانيٽري انسٽيٽيوٽ سينٽر فار نان پرايفريشن اسٽڊيز‘ جي هڪ اسڪالر ۽ محقق، الشفاء پلانٽ جي اپياس ۾ لکيو:

”اهو ممڪن آهي تہ ڪنهن وقت بنهہ معمولي مقدار ۾ الشفاء پلانٽ ۾ VX ڪيميائي مادو تيار ڪيو ويو هجي يا ٻاهران آندو ويو هجي. پر اثرائتين شاهدين مان خبر پوي ٿي تہ انهيءَ پلانٽ ۾ ڪيميائي هٿيارن جي تياريءَ جو ڪو ڪم نہ ٿيو آهي.“

عراقي هٿيارن جي تياريءَ جي پروگرام جي تحقيقات ڪندڙ گڏيل قومن جي هڪ اڳوڻي اهلڪار مون کي ٻڌايو تہ، ”اسين سوڊان ۾ لڳاتار عراقي ايجنسين جي نگراني ڪندا رهيا آهيون. اسان وٽ عراقين جي هڪ مڪمل فهرست موجود آهي، جيڪي سوڊان ايندا ويندا رهيا آهن، جيڪڏهن پلانٽ جو ڪو واسطو عراقين سان هجي ها تہ اها ڳالهہ اسان جي نظرن کان لڪل نہ رهي ها.“

سيني کان وڏي ڳالهہ اها تہ آمريڪي حڪومت، ’الشفاء پلانٽ‘ ۾ ڪيميائي هٿيارن جي تياريءَ بابت گڏيل قومن جي تحقيقات ۾ ڪابہ دلچسپي نہ ورتي، جڏهن تہ ٻي طرف آمريڪا، عراق تي اهو الزام لڳائيندي لڳاتار، بمباري ڪندو رهيو تہ عراق گڏيل قومن جي ٽيم سان سهڪار نہ پيو ڪري ۽ آمريڪا اهو بہ الزام هڻندو هيو تہ عراق گڏيل قومن جي انسپيڪٽرن کي تحقيقات جون سهولتون نہ پيو ڏئي.“

حملن کان هڪدم پوءِ، آمريڪا، هڪ آمريڪي بئنڪ ۾ ادريس جي 24 ملين ڊالرن جي رقم روڪي ڇڏي، تہ هن جا دهشتگردن سان لاڳاپا آهن. اهو اڪائونٽ اٺن مهينن کان پوءِ بحال ڪيو ويو، پر انهن کان پوءِ بہ آمريڪي عملدار اهو چوندا رهيا تہ ادريس جي اڪائونٽن جي بحالي جو مقصد اهو ڪونهي تہ ڪو هو معصوم آهي، يا سندس دهشتگردن سان لاڳاپا ڪونهن، يا هو ڪيميائي هٿيار تيار نہ پيو ڪري. جيتوڻيڪ آمريڪي حڪومت کي هن جي خلاف واهيات ڪارروائيءَ تي معذرت ڪرڻ کپي ها، پر انهيءَ جي بدران

آمريڪي حڪومت سندس ڪردار تي گند اڇلڻ جو ڪوبہ موقعو هٿان نہ ڇڏيو.

آمريڪي ڪروز ميزائلن جا حملا جيتوڻيڪ خراب نموني ناڪام ويا، پر پاڪستان ۾ مقرر هڪ آمريڪي سفارتڪار مون کي ٻڌايو تہ، "انهن حملن سان آمريڪي مقصد پورا ٿي ويا آهن. آمريڪي مقصد انهيءَ کان سواءِ ٻيا ڪجهہ بہ نہ هئا تہ اسين دنيا کي ٻُڌائي ڇڏيون تہ اسان جي پهچ ڪيستائين آهي. اهي حملا انهيءَ ڳالهہ جي علامت هئا تہ اسان سان ڦٽائي اوهين سدائين پريشانين جو شڪار رهندا."

انهن حملن جي نتيجي ۾ اهم ۽ وڏا واقعا ٿيا. جهڙوڪ: هن کان اڳ اسامہ بن لادن مسلم دنيا ۾ گهٽو ڪونہ سڃاتو ويندو هو. پر حملن کان پوءِ سندس عالمي شهرت ۽ حيثيت جو تعين ٿيو. آمريڪي حملن کان ڪجهہ ڏينهن پوءِ جڏهن آئون پاڪستان ويس تہ مون ڏٺو تہ اسامہ بن لادن جي باري ۾ بہ ڪتاب اسلام آباد جي اسٽالن تي وڪرو ٿي رهيا هئا. پاڪستان ۾ نوَن ڄميل ٻارن جا نالا بہ وڏي فخر سان 'اسامہ' رکيا پي ويا. ۽ اسامہ اسلامي دنيا جو هيرو بڻجي چڪو هو. مولانا سميع الحق، جيڪو پاڪستان جو سڀ کان وڏو مدرسو هلائي ٿو، تنهن ٻڌايو تہ، "انهن آمريڪي حملن اسامہ بن لادن کي سڄي عالم اسلام جي هڪ زنده علامت بنائي ڇڏي آهي. هڪ اهڙو سورمو ۽ هيرو، جنهن نهايت بهادري سان مسلمانن جي دشمن کي للڪاريو. جيڪو ايترو تہ مڙس ماڻهو آهي، جنهن عالمي طاقت جي خلاف آواز اٿاريو. هو سڄي اسلامي دنيا جو هيرو آهي ۽ کيس هيرو بنائيندڙ اصل ۾ آمريڪا ئي آهي."

# [9]

نومبر 1986ع ۾ علي محمد، آمريڪي فوج ۾ ٽيهن سالن جي اسسٽنٽ تي ملازم ٿيو. سندس پهرين ذميداري جيڪا کيس ڏني ويئي هئي، آمريڪي فوج جي ڳجهي اسپيشل فورسز جي هيڊ ڪوارٽر فورٽ بريگ ’اتر ڪيرولينا‘ ۾ سپلائي ڪمپني هئي. آمريڪي اسپيشل فورسز ۾ تربيت هيٺ اهي فوجي جان - ايف - ڪينيڊي اسپيشل وارنٽر سينٽر ۾ سائيڪولاجيڪل آپريشن جهڙن مضمونن جي ڪلاسن ۾ شريڪ ٿيندا هئا. علي محمد ايترو ته ذهين ۽ محنتي هو، جو هو فقط هڪ سال جي عرصي ۾ ئي سارجنٽ ٽيچنگ سيمينارن ۾ خود ليڪچر ڏيئي رهيو هو.

آمريڪي اسپيشل فورسز جي فوجين کي خطرناڪ ترين مشقن جي تڪميل جي لاءِ موڪليو ويندو آهي. نار جي جنگ جي دوران اُهي فوجي عراق جي اندر پري پري تائين موڪليا ويا ۽ هنن آمريڪي بمبار جهازن جي نشانن جي نشاندهي ڪئي. انهن کي ورلڊ ٽريڊ سينٽر تي 11 سيپٽمبر تي حملن کان هڪدم پوءِ افغانستان ۾ پڻ لاٿو ويو. تنهن ڪري ’فورٽ بريگ‘ دنيا جو اهو آخري هنڌ ٿي سگهي ٿو، جتي اسامہ بن لادن جو ڪو ڪارندو ملي سگهيو ٿي. پر پوءِ خبر پئي ته علي محمد، اسامہ بن لادن جي تنظيم القاعده ۾ انتهائي اهميت جو حامل هو.

اها القاعده جي وڏي ڪاميابي هئي ته هوءَ آمريڪي ادارن ۽ معاشري جي اندر گهڻو پري تائين پهچ رکندي هئي. گذريل ويهن سالن جي دوران آمريڪا القاعده جي انتهائي اهم مشن جي لاءِ هڪ مرڪز بنجي ويو هو. هتي القاعده جا عطيا گڏ ڪيا ويندا هئا. رضاڪار مجاهدن جي ڀرتي ڪئي ويندي هئي ۽ انهن جي تربيت ڪئي ويندي هئي.

علي محمد، انهيءَ ڳالهہ جو روشن مثال آهي تہ ڪهڙي طرح اسامہ جي ايجنٽن آمريڪي فوج جي انتهائي ڳجهن ادارن ۾ پهچ رکي ٿي. علي محمد جي زندگي 1952ع ۾ مصر ۾ سندس پيدائش کان وٺي 1998ع ۾ آمريڪا ۾ سندس گرفتاريءَ تائين، حيرت ۾ وجهندڙ واقعن جو هڪ مثال آهي تہ ڪهڙي نموني 1990ع جي ڏهاڪي ۾ القاعده جا ماڻهو، پاڻ کي آمريڪي معاشري ۾ مضبوط ڪندا رهيا ۽ نهايت صبر ۽ سهپ سان پنهنجي رٿائن تي عمل ڪندا رهيا. ايستائين جو 11 سيپٽمبر 2001ع جو تباهہ ڪندڙ واقعو ٿيو.

علي محمد، هڪ نهايت غير معمولي ماڻهو هو. اسڪندريہ مصر ۾ ابتدائي تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ هو ملٽري اڪيڊمي قاهره ۾ داخل ٿيو، جتي هن 13 سال فوجي خدمتون انجام ڏنيون ۽ 1971ع کان 1984ع تائين ميجر جي عهدي تائين ترقي ڪئي.

علي محمد اسڪندريہ يونيورسٽي مصر ۾ نفسيات جو شاگرد بہ رهيو ۽ هن 1980ع ۾ انهيءَ سبجيڪٽ ۾ گريجوئيشن بہ ڪئي. 1980ع ۾ هو سي - آءِ - اي جي مخبر طور ڪم ڪرڻ لڳو. پر ڪجهہ عرصي کان پوءِ سي - آءِ - اي کيس 'ناقابل اعتبار جوڳو' قرار ڏيئي سائس لاڳاپا ختم ڪري ڇڏيا. ان وقت علي محمد مصر جي الجهاد گروپ جو ڳجهو ميمبر بنجي چڪو هو.

1984ع ۾ مصري فوج مان رٽائرمينٽ وٺڻ کان پوءِ علي محمد مصر جي هوابازي واري ڪاتي جي 'ڪائونٽر ٽيررازم' ڪاتي ۾ نوڪري اختيار ڪئي. انهيءَ جي ٻي سال هو آمريڪا هليو ويو. اُتي هو ڪيترن ئي مهينن تائين بي روزگار رهيو. نيٺ ڪيس 'سني ويل ڪيلفورنيا' ۾ آمريڪن پروٽيڪٽو سروسز ۾، سيڪيورٽي آفيسر طور نوڪري ملي ويئي. انهيءَ دوران هن هڪ آمريڪي ميڊيڪل ٽيڪني شيئن 'لنڊاسانڪير' سان شادي بہ ڪئي. انهي شاديءَ ۽ فوج ۾ رجسٽريشن جي نتيجي ۾ سندس آمريڪي شهريت حاصل ڪرڻ جي حق ۾ واڌارو ٿي ويو ۽ هن جي لاءِ آمريڪي شهريت حاصل ڪرڻ سولي ٿي ويئي. آمريڪي پاسپورٽ هن جي لاءِ وچ اوير جو سفر ۽ چرپر جي سهوليت ٿي فراهم ڪئي.

آمريڪي اسپيشل فورسز جي مرڪز ۾ هن جو رڪارڊ ٻڌائي ٿو تہ هو غير معمولي طور تي ذهين ۽ محنتي شخص هو. پنهنجي مادري زبان عربي کانسواءِ انگريزي، فرينچ ۽ عبراني (يهودين جي زبان) بہ ڳالهائي ٿي سگهيو.

هن اسلامڪ اسٽڊيز ۾ پي ايچ ڊي ڪرڻ جي لاءِ رجسٽريشن بہ ڪرائي. هو هڪ غير معمولي پيشہ ور سپاهي بہ هو. هن آمريڪي پيراٽروپر (ڇاتہ بردار) ۾ اِنرولمينٽ ڪرائي ۽ فزيڪل فٽنيس ۾ غير معمولي اعليٰ ڪارڪردگيءَ جو مظاهرو ڪيو. هن جا آفيسر هن جي صلاحيتن کي ڏسي حيران ۽ مطمئن هئا. هن جو رڪارڊ شاندار هو. هو هڪ انتهائي ذميدار، منظم ۽ بهترين سپاهي هو.

ڪيس هڪ استاد جي حيثيت سان 'اسپيشل ويلفيئر سينٽر' ۾ وچ اوڀر جي معاملن ۾ مهارت حاصل ڪرڻ جو موقعو مليو. هن سيمينار ڊائريڪٽر جي حيثيت سان وچ اوڀر جي سياست، تاريخ، ثقافت ۽ هٿياربند فوج جي باري ۾ ڪلاسن ۽ ليڪچرن جي تياريءَ ۾ مدد ڪئي. هن جو سپروائيز نارول ڊي اٽڪن چوي ٿو تہ علي محمد هڪ انتهائي ذهين شخص ۽ بهترين سپاهي هو، جيڪڏهن اسان کي اسلام تي ڪو ليڪچر ڏيڻو هوندو هو تہ آئون اهو ليڪچر پاڻ ڏيڻ جي بدران، ڪيس ڏيڻ جو موقعو فراهم ڪندو هئس. علي محمد مختلف نوعيت جي ملٽري بريفنگ کي انگريزي مان عربي ۽ عربيءَ مان انگريزي ۾ ترجمو ڪندو هو ۽ هن وچ اوڀر جي موضوع تي شاگردن جي لاءِ وڊيو ٽيپس جي مڪمل سيريز تيار ڪئي هئي. هو 'اسپيشل وارنيئر سينٽر' ۾ پنهنجي غير معمولي اهليت ۽ قابليت جي ڪري شاگردن ۽ ڪيڊٽن ۾ بيحد پسند ڪيو ويندو هو. ملٽري رڪارڊ موجب هن ايليٽ سوويت اسپيشل فورسز جي يونٽن کي، افغانستان ۾ مقرري کان اڳ ڪيترائي غير معمولي ليڪچر ڏنا ۽ رهنما ڪلاسن جي اهتمام جو بندوبست ڪيو. انهيءَ جو سبب اهو هو تہ، انهيءَ جي مهارت ۾ ذاتي تجربي جو عمل دخل بہ هو. نيٺ هن فوج مان موڪل جي درخواست ڏني تہ جيئن هو افغانستان وڃي، روسين جي خلاف جهاد ۾ حصو وٺي سگهي. هن اُسامہ بن لادن سان گڏجي جهاد ۾ حصو وٺڻ تي چاهيو.

علي محمد، جيڪي وڊيو ٽيپس تيار ڪيون هيون، تن ۾ هو ڊارڪ بزنس سوٽ پاتل نظر ٿو اچي. سندس ٺاٺي ۽ لباس ڪيس انتهائي فضيلت پريو انسان تي ظاهر ڪري. ڪيس ڏسي ڀرپور تاثر اهو ٿو ٺئي تہ هو انتهائي سگهاري طبيعت جو مالڪ ۽ ذهين انسان آهي. هن جو قد 6 ڇهہ فوٽ هڪ انچ ۽ وزن 190 پائونڊ هو، جنهن سان هن جي طبيعت جي حاڪمانہ تاثر ۾

واڌارو ٿيو ٿي. سيني کان اهم ڳالهہ اها هئي تہ هن وچ اوڀر تي پنهنجي ڏنل ليڪچرن ۾ جن نظرين جو اظهار ڪيو، اهي بهترين انگريزيءَ ۾ آمريڪا جي پاليسيءَ جي عين موجب هئا.

اهڙيءَ ئي هڪ وڊيو ٽيپ ۾ سپروائيزر ’ڊي اٽڪن‘ ڪائنس پڇي ٿو تہ، ”اسرائيل عرب دنيا جي لاءِ خطرو ڇو آهي؟“

اهو سوال ٽن فوجين کان ڪيو ويو هو، جنهن جو جواب علي محمد هي ڏنو:

”اهو ٺيڪ لکن ماڻهن جو مسئلو ڪونهي، پر درحقيقت اسرائيل والار پسنديءَ واري پاليسيءَ تي عمل ڪري رهيو آهي.“

”ڇا توهان واقعي انهيءَ تي يقين رکين ٿو؟“ ڊي اٽڪن ڪائنس پڇيو.

”ها بلڪل! آئون انهيءَ تي يقين رکان ٿو. اسرائيل وچ اوڀر ۾ اسان جي فوجي بقا ۽ زندگيءَ جي لاءِ خطرو آهي.“ علي محمد چيو، ”اهو ئي سبب آهي جو اُتي امن قائم ٿي نٿو سگهي. اسين امن جي حالت کي قبول ڪري نٿا سگهون. ڪنهن بين الاقوامي ڪانفرنس جو ڪوبہ فائدو ڪونهي. انهيءَ معاملي تي ڪابہ ڳالهہ ٻولهہ ٿي نٿي سگهي-“

علي محمد جي چئن فوجي سپروائيزرن جو چوڻ آهي تہ هن پنهنجي اسلامي عقيدن کي ڪڏهن بہ لڪائڻ جي ڪوشش نہ ڪئي. هن انهيءَ ڳالهہ کي بہ نہ لڪايو تہ هن لبنان ۾ اسرائيل جي مخالف مليشيا کي فوجي سکيا ڏني، پر هن جي نظرين جي ڪري سپروائيزر پريشان نہ هئا. ڊاڪٽر بي اٽڪن چوي ٿو تہ، ”آئون لڳاتار انن سالن تائين اٽڪل روزانو علي محمد کان اهو ٻڌندو رهيس تہ آمريڪا جون پاليسيون غلط آهن.“

علي محمد جي باس ليفٽيننٽ ڪرنل رابرٽ اينڊرسن کي ڪجهہ مصري عقيدن جي باري ۾ پريشاني هئي. اينڊرسن، علي محمد سان مصر ۽ اسرائيل جي وچ ۾ ٿيل امن ناهہ تي، مصر جي صدر انور السادات جي پاليسين تي ڳالهايو. انورالسادات کي 1981ع ۾ قتل ڪيو ويو. اينڊرسن چوي ٿو:

مون کيس چيو تہ ”انورالسادات سچو محب وطن مصري آهي.“ علي محمد مون تي هڪ سرد نگاهہ وڌي ۽ چيو، ”نہ! کيس وڃڻو پوندو. هو هڪ سازشي آهي.“

اينڊرسن ٻڌايو تہ، ”علي محمد اهو مڃيو تہ سنڌس واسطو مصري

فوجي ملازمت جي دوران انهيءَ مصري يونٽ سان هو، جنهن جي ذريعي انورالسادات کي ماريو ويو.“

اينڊرسن کي وڏيڪ پريشاني اها هئي تہ علي محمد 1988ع ۾ پنهنجي موڪلن کي غير قانوني طور تي، سويت يونين جي خلاف جهاد ۾ شموليت جي لاءِ استعمال ڪيو.

اينڊرسن چيو، ”علي محمد هڪ آمريڪي فوجي هو، ڪيس افغانستان وڃڻ جي لاءِ پنهنجي ڪمانڊر ڪان موڪل وٺڻ جي ضرورت هئي ۽ هو جيڪڏهن اسان کان موڪل گهري ها تہ اسين ڪيس اها نہ ڏيون ها. جڏهن هو واپس وريو تہ وٽس افغانستان جو هڪ فوجي حڪمت عمليءَ جو نقشو بہ هو. هن پاڻ سان گڏ رشين اسپيشل فورسز جي بيلٽ بہ آندي هئي، جيڪا هن مون کي سوکڙي طور ڏني. هن مون کي ٻڌايو تہ هن خود هڪ روسي فوجيءَ کي ماريو ۽ اهو بيلٽ انهيءَ جو هيو.“

اينڊرسن، علي محمد جي سياسي نظرين جي ڪري ڪافي پريشان هو. هو غير قانوني طور تي افغانستان ويو هو، تنهن ڪري اينڊرسن کي هن جي باري ۾ بہ انٽيليجنس رپورٽون تهرائيون پيون. پر هن جي خلاف ڪا بہ ڪارروائي نہ ٿي ۽ ’فورٽ بريگ‘ جي ترجمان مون کي ٻڌايو تہ هاڻ انهن انٽيليجنس رپورٽن جو ڪوبہ ڪُر پير نٿو ملي سگهي. اينڊرسن جو خيال هو تہ علي محمد کي انهيءَ وقت تائين آمريڪي ويزا ملي نٿي سگهي، جيستائين سي ـ آءِ ـ اي يا آمريڪي اسٽيٽ ڊپارٽمينٽ هن جي ڪاغذن تي صحيح نٿي ڪري. آئون حيران آهيان تہ هن شخص کي آمريڪي سي ـ آءِ ـ اي جي مدد کان سواءِ آمريڪا ۾ داخل ٿيڻ جي موڪل ملي ئي نٿي سگهي. جڏهن تہ سي ـ آءِ ـ اي جو چوڻ آهي تہ هن جو علي محمد سان نهايت مختصر وقت جي لاءِ رابطو رهيو. بوسٽن گلوب لکيو تہ علي محمد انٽيلي جنس جي مقصدن لاءِ ويزا ۾ رعايتن جي سهوليت کي استعمال ڪيو. انهيءَ جو مطلب اهو آهي تہ آمريڪي سي ـ آءِ ـ اي ئي هن جي آمريڪا ۾ داخلا جي ذميدار آهي.

علي محمد 1989ع ۾، نهايت عزت ڀري نموني آمريڪي فوج جي نوڪري ڇڏي، پر سندس فوجي معاملن ۾ مداخلت ختم نہ ٿي. هن درآمد ۽ برآمد جو ڪاروبار شروع ڪيو ۽ انهيءَ دوران هو لڳاتار افغانستان ايندو ۽ ويندو رهيو. هو نيو يارڪ ۾ اسلامي رضاڪارن کي فوجي سکيا بہ ڏيندو هيو.

انهن رضاڪارن جو واسطو ’الخليفہ ريفيوجي سينٽر‘، بروڪ لين سان هو. انهيءَ ريفيوجي سينٽر کي، افغان ريفيوجي سروسز، انڪارپورٽيڊ طور رجسٽر ڪرايو ويو هو. اهو ادارو 1987ع ۾ افغانستان تي روسي حملي جي نتيجي ۾ بي گهر ٿيندڙ افغان پناهگيرن جي امداد جي لاءِ قائم ڪيو ويو هو. هڪ افغان آمريڪن نجات خليلي، جيڪو 1980ع واري ڏهاڪي ۾ افغان مهاجرن جي لاءِ عطيا گڏ ڪرڻ ۾ اڳيرو رهيو هو، تنهن ڪڏهن بہ الخليفہ سينٽر جو نالو نہ ٻُڌو هو. الخليفہ عربي زبان جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ ’جدوجهد‘ آهي. پر انهي اداري جو افغان مهاجرن سان ڪوبہ واسطو نہ هو. در حقيقت اهو آمريڪا ۾ رضاڪارن جي ڀرتي جو ادارو هو، جن کي روس جي خلاف وڙهڻ جي لاءِ افغانستان موڪليو ويندو هو. انهيءَ اداري جي ذريعي 200 آمريڪي جوان افغانستان ويا.

علي محمد جي دوستن ۾ هڪ شخص السيد نصير بہ هو، جيڪو مصري نسل جو آمريڪ هو. هن جو واسطو ’الخليفہ تنظيم‘ سان هو. مٿس، مين هٽن جي هڪ هوٽل ۾، 1990ع ۾، هڪ يهودي انتهاپسند ’رابي مير ڪهاني‘ (Rabi Meir Kahane) کي قتل ڪرڻ جي سازش ۾ ملوث هئڻ جو ڪيس ٺهيو. علي محمد، نصير کي هٿيارن جي استعمال ۽ فيلڊ سروائيول ٽيڪنڪس سيکاريون. يهودي رابي ڪهاني جي قتل کان پوءِ پوليس، نصير جي نيوجرسيءَ جي اپارٽمينٽ مان آمريڪي فوج جا ڪجهہ دستاويز هٿ ڪيا، جيڪي ڪيس علي محمد ڏنا هئا. انهن مان ڪن تي جان - ايف - ڪينيڊي اسپيشل وار فيئر سينٽر، اسپيشل فورسز ايريارن لکيل هو. انهن دستاويزن کي عربي زبان ۾ ترجمو ڪيو ويو هو ۽ انهن جو واسطو فوجي تربيت سان هو، پر انهن ۾ اهو ميمورينڊم ۽ يادداشتون پڻ شامل هيون، جيڪي وچ اوڀر ۾ آمريڪي فوج جي موجودگي سان واسطو رکنديون هيون.

نصير جي اپارٽمينٽ مان بم سازي جا مينول بہ نڪتا جن ۾ ورلڊ ٽريڊ سينٽر تي حملن جي رٿابندي بہ هئي. بدقسمتيءَ سان جانچ ڪندڙ انهن دستاويزن کي انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري نہ سگهيا ۽ اهو 1993ع کان پوءِ بہ ممڪن ٿي نہ سگهيو. علي محمد، الخليفہ سينٽر ۾ مختلف ويڙهاڪن کي فوجي تربيت ڏيئي رهيو هو. اهي ويڙهاڪ مصر، سعودي عرب، ڪينيا، يوگنڊا، تنزانيا، گڏيل عرب امارتن، مراڪش، سوڊان، پاڪستان، افغانستان

۽ صوماليا سان واسطو رکندا هئا. علي محمد خود بہ انهن سيني ملڪن جا دورا ڪيا. هو 1991ع ۾ افغانستان ويو ۽ اسامہ بن لادن جي سوڊان منتقليءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. سيپٽمبر 1992ع ۾ هو ٻيهر افغانستان ويو. هن پيري سندس مقصد، اوير افغانستان ۾ خوست جي علائقي ۾ القاعده جي ڪمانڊرن جي خصوصي فوجي سکيا ۾ حصو وٺڻ هو. هن القاعده جي ميمبرن کي جاسوسي، نگراني Surveillance وغيره ٽيڪنڪس سيکاريون ۽ ٻڌايون تہ ڪيئن ڳجهين ڪئمرائن کي آپريٽ ڪيو وڃي ٿو. نقشن ۽ بليو پرنٽس کي ڪيئن پڙهايو ويندو آهي. 1993ع ۾ هي چمڙي جي ڪاروبار جي آڙ ۾ ڪينيا ويو، جتي هن نيروبيءَ ۾ آمريڪي سفارتخاني جي عمارت جو معائنو ڪيو ۽ پوءِ افغانستان وڃي اها رپورٽ اسامہ کي ڏنائين. 1994ع ۾ جڏهن اسامہ بن لادن تي سوڊان ۾ قاتلانہ حملو ٿيو تہ علي محمد ٻيهر سوڊان ويو ۽ اسامہ جي باڊي گارڊن جي تربيت ڪيائين. انهيءَ سال اسامہ، علي محمد کي جبوتي موڪليو، تہ جيئن هو اتي فرانسيسي فوجي اڏن ۽ آمريڪي سفارتخاني جي عمارت جو معائنو ڪري سگهي.

1992ع کان وٺي 1997ع جي دوران، علي محمد لڳاتار دنيا جي ملڪن جو پنهنجي جهادي سرگرمين جي ڪري سفر ڪندو رهيو. انهيءَ دوران سندس مستقل رهائش 'سانتا ڪلارا' ڪئليفورنيا ۾ هئي. انهيءَ اپارٽمينٽ جي مالڪيائيءَ ٻڌايو تہ هن علي محمد کي نهايت نيڪ، نرم دل شخص ڏٺو. 1996ع ۾ علي محمد ۽ سندس زال 'سڪرامنٽو' منتقل ٿي ويا. جتي هو 'ويلي ميڊيا' نالي هڪ اداري ۾ نوڪري ڪرڻ لڳو. اُتي هو ڪمپيوٽر نيٽ ورڪ سپورٽ اسپيشلسٽ طور ڪم ڪندو رهيو. اهو ادارو موسيقي ۽ رڪارڊن جو هول سيل وڪرو ڪندو هو. آگسٽ 1998ع ۾ سندس 'سڪرامنٽو' جي اپارٽمينٽ جي جهڙتي ورتي ويئي. جتان اهڙا دستاويز مليا، جن ۾ جارحانہ حملن جي ٽيڪنڪ، فوجي ۽ سرڪاري نشانن جي نگراني، تخريبڪاري جو آپريشن ۽ ڌماڪيدار مادن جي استعمال جا تفصيل هئا.

حيرت ۾ وجهندڙ ڳالهہ اها هئي تہ هڪ پاسي علي محمد القاعده جي لاءِ ڪم ڪري رهيو هو تہ ٻي پاسي آمريڪي حڪومت جي مختلف ادارن ۽ ايجنسين کي بہ نوڪرين جون درخواستون موڪليندو رهيو. 1993ع ۾ هن آمريڪي حڪومت جي 'ڊپارٽمينٽ آف ڊفينس' جي لاءِ ڪم ڪندڙ هڪ

ڪمپني ۾ گارڊ طور خدمتون سرانجام ڏيڻ جي لاءِ ڪليئرنس حاصل ڪئي.
هن ايف - بي - آئي جي نوڪريءَ جي لاءِ پنهنجي انٽرويو ۾ هن بيورو جي انٽرويو ڏيندڙن کي پنهنجي غير معمولي ذهانت ۽ قابليت جي ڪري ڪافي پريشان ڪيو. هن اهو به چيو ته بن لادن گروپ سعودي حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. هڪ ٻي انٽرويو ۾، جيڪو هن ايف - بي - آئي جي ايجنٽن کي ڏنو. هن اهو مڃيو ته هن اسامہ بن لادن جي ذاتي محافظن کي فوجي سکيا ڏني هئي. آگسٽ 1998ع ۾ هڪ ايف - بي - آءِ جي ايجنٽ سان ٽيليفون تي ڳالهائيندي علي محمد اها دعويٰ ڪئي ته ڪيس خبر آهي ته ڪينيا ۽ تنزانيا ۾ بمن جا ڌماڪا ڪنهن ڪيا آهن، پر اهو انهن جا نالا نہ ٻڌائيندو. سيپٽمبر 1998ع ۾ علي محمد کي انهيءَ الزام ۾ گرفتار ڪيو ويو ته هو آمريڪين کي مارڻ جي القاعده جي سازش جو حصو آهي. علي محمد پاڻ کي اسامہ جي انتهائي ويجهن ماڻهن ۾ ڳڻيندو هو، پر حقيقت ۾ ائين نہ هو، پر اها ڳالهہ چٽي هئي ته هو انهن مقصدن لاءِ جان ڏيئي شهادت جي درجي تي فائز ٿيڻ جو خواهشمند هو. پر سندس گرفتاريءَ، سندس اهي مقصد پورا ٿيڻ نہ ڏنا. علي محمد ڪهڙي ڪيڏ ڪيڏي رهيو هو؟ هڪ پاسي هو آمريڪي فوج ۾ ملازم هو ۽ ٻي پاسي هو القاعده جي لاءِ به ڪم ڪري رهيو هو. خير، هو جيڪو به هو، آمريڪي جانچ ڪندڙن ڪيس اوڀر آفريقا جي آفريڪي سفارتخانن ۾ ٿيندڙ بمن جي ڌماڪن جي سازش ۾ اسامہ جي ملوث هئڻ ۾ مرڪزي شاهد جو درجو ڏنو.

بروڪلين جي 'الخليفہ' سينٽر جي لاءِ ڪم ڪندڙ مسلمان ڪيس اعلانيہ طور 'دي سروسز آفيس' چوندا هئا. 'دي سروسز آفيس' اهو نالو هو، جيڪو اسامہ جي سرپرستيءَ ۾ هلندڙ ادارن جي لاءِ مخصوص هو، جتي رضاڪارن جي ڀرتي ڪان وٺي، انهن جي رهائش ۽ تربيت جا ابتدائي مرحلا طئي ٿيندا هئا. بروڪلين آرگنائيزيشن به اسامہ بن لادن جي تنظيم جي مرڪزي آمريڪي شاخ ۽ القاعده جي سرگرمين جو مرڪز بنجي ويئي. جڏهن ته اٽلانٽا، ڪنٽڪي ۽ نيو جرسيءَ جون شاخون بروڪلين آفيس جي ماتحت ڪم ڪنديون هيون.

مثلابي جي مددگارن ۾ هڪ جمال الفضل هو، جيڪو 1986ع ۾ اسٽوڊنٽ ويزا تي آمريڪا آيو. هتي هن هڪ آمريڪي عورت سان شادي

ڪئي. بعد ۾ هو القاعده ۾ شامل ٿي ويو. سندس ٻيو مددگار محمود ابو حليمہ هو، جيڪو 1993ع جي ورلڊ ٽريڊ سينٽر جي بمبارن مان هڪ هو.

مثلابيءَ، 1990ع ۾ مصري عالم شيخ عمر عبدالرحمان کي آمريڪا ۾ ترسڻ ۾ ڪافي مدد ڪئي. هن، بروڪلين جي 'برج ايريا' ۾ شيخ عمر عبدالرحمان جي لاءِ هڪ گهر بہ حاصل ڪيو. پر اها سندس غلطي هئي. جڏهن شيخ سينٽر سان لاڳاپيل مسجد ۾ پنهنجو تبليغي ڪم شروع ڪيو تہ 'الخليفہ' جي عطين کي خرچ ڪرڻ تي ٻنهي ۾ اختلاف پيدا ٿي پيا.

جڏهن روسي افغانستان مان موٽي ويا تہ ان وقت عطين جي چڱي موچاري رقم سينٽر جي اڪائونٽ ۾ موجود هئي. هڪ مصري شاگرد سعدالدين ابراهيم، جنهن جي سؤٽ جي شادي، مثلابي سان ٿي هئي، تنهن ٻڌايو تہ ٻنهي ۾ اختلاف ڪافي شديد هئا. مثلابي بيحد اصول پسند ماڻهو هو ۽ هن عطين جي رقم، عطيو ڏيندڙن جي صلاح ڪانسواءِ خرچ ڪرڻ نٿي چاهي. جو تہ روسين جي خلاف جهاد ختم ٿي چڪو هو. پر شيخ عبدالرحمان جي نظر ۾ جهاد جاري هو ۽ شيخ عمر، مثلابي جي تصورن کي صحيح تصور نہ ڪندو هو. اهائي ڳالهہ ٻنهي جي وچ ۾ تڪرار جو ڪارڻ بڻيل هئي.

شيخ عبدالرحمان چاهيو ٿي تہ انهيءَ مرڪز تي گڏ ٿيل عطيا هاڻ مصري حڪمرانن جي خلاف جهاد جي لاءِ خرچ ڪيا وڃن، جڏهن تہ مثلابي چاهيو ٿي تہ اها رقم هاڻ افغانستان تي سياسي ڪنٽرول جي لاءِ وڙهندڙ 'اسلامي جهاد گروپ' کي ڏني وڃي. انهن اختلافن جو نتيجو اهو نڪتو، جو شيخ عبدالرحمان جي حامين پاران مثلابيءَ تي مالي بدعنوانين جا الزام بہ هنيا ويا.

پهرين مارچ 1991ع تي مثلابيءَ کي قتل ڪيو ويو. هن جي قتل جي جانچ ٿي، پر اهو ڪيس اڄ تائين حل ٿي نہ سگهيو آهي. انهيءَ کان اڳ مثلابيءَ پنهنجي زال ۽ ٽن سالن جي ڌيءُ کي مصر موڪلي ڏنو هو ۽ هو پاڻ پاڪستان وڃڻ جي تيارين ۾ هو، پر موت کيس مهلت نہ ڏني.

مثلابي جي موت کان پوءِ 'الخليفہ سينٽر' تي اسامہ بن لادن جي حامين جو ڪنٽرول ٿي ويو. انهن ۾ 'وجيهہ الهيج' بہ شامل هو. الهيج هڪ آمريڪي شهري هو، جيڪو تسڪن کان نيو يارڪ آيو هو، هو 1960ع ۾ ڪيٿولڪ عيسائي گهراڻي ۾ پيدا ٿيو. هو آمريڪا اچڻ کان اڳ اسلام قبول ڪري

چڪو هو. 1978ع ۾ ’لافيئٽ لوزيانہ‘ ۾ آباد ٿيو. هو ’يونيورسٽي آف لوزيانہ‘ ۾ اربن پلاننگ جو شاگرد هو. سندس پروفيسرن جو چوڻ هو تہ الهيج ڪڏهن بہ پنهنجي سياسي نظرين جو ڪليل نموني اظهار نہ ڪندو هو. هن ائين سالن جو عرصو پنهنجي اعليٰ تعليم مڪمل ڪرڻ ۾ لڳايو، پر ڊگري ملندي ئي هو افغان جهاد ۾ شرڪت جي لاءِ پاڪستان پهچي ويو. اُتي هو هڪ سعودي فلاحي اداري ”مسلم ورلڊ ليگ“ جي لاءِ ڪم ڪرڻ لڳو. پشاور يونيورسٽي جي هڪ شاگرد اسماعيل مونڪي ٻڌايو تہ الهيج بيحد خاموش طبع، سنهي پر ڪمزور جسم جو مالڪ هو، ۽ هو ڪٿي بہ ويڙهاڪ يا مجاهد نظر نہ ايندو هو. پنهنجي ڪاٻي ٻانهن جي معذوريءَ جي ڪري هن جنگ ۾ حصو نہ ورتو.

الهيج 1995ع ۾ هڪ آمريڪي عورت ’ايريل ري‘ سان شادي ڪئي، جيڪا مسلمان ٿي چڪي هئي. ڇوڪريءَ جي ماءُ ’ميرين برائون‘ بہ اسلام قبول ڪيو هو. هوءَ هڪ سرڪاري اسپتال ۾ نرس طور ڪم ڪندي هئي. ميرين برائون ٻڌايو تہ سندس ڌيءَ انهيءَ شاديءَ ۾ ڏاڍي خوش هئي. هوءَ هڪ خوبصورت عورت هئي. الهيج هڪ وفادار ۽ محبت ڪندڙ مڙس، مهربان پيءُ ۽ نيڪ ناني هو، پر اربن پلاننگ ۾ ڊگري رکڻ جي باوجود بہ ڪيس ڪا سُٺي نوڪري ملي نہ سگهي، هو ڊنڪن ۽ ڊونٽس جهڙن ادارن ۾ ڪسٽودين يا ڪيب ڊرائيور طور نوڪري ڪرڻ تي مجبور ٿي پيو هو. شادي کان پوءِ سندس پهريون پُٽ ڄائو تہ الهيج ڪوئٽا منتقل ٿي ويو. ڪوئٽا، آمريڪي شهر ٽسڪن سان ملندڙ هو، تنهن ڪري ’الهيج‘ کي پسند هو. الهيج جي سس، مسز برائون بہ پاڪستان هلي ويئي. مسز برائون ڪوئٽا جي هڪ اسپتال ۾ ڏيڍ سال تائين ميٽرن طور ڪم ڪيو. الهيج، عبدالله عظام جي لاءِ ڪم ڪري رهيو هو. هو لڳاتار افغانستان جو سفر ڪندو رهيو ۽ ٻارن جي لاءِ ڪتاب افغانستان نيندو هو.

1987ع ۽ 1990ع جي وچ ۾ الهيج، بروڪلين جي ’الخليفہ سينٽر‘ جا بہ ڪيترائي دورا ڪيا ۽ مٿلابي جي قتل کان پوءِ ڪجھ عرصي تائين هو اهو مرڪز هلائيندو رهيو. اُتي ئي سندس ملاقات انهن ٽن ماڻهن سان ٿي، جن تي ’مين هٽن‘ جي ’لينڊ مارڪ‘ کي ڌماڪي سان اُڏائڻ جو الزام هو. 1993ع ۾ ’ورلڊ ٽريڊ سينٽر‘ يم ڌماڪي جي سلسلي ۾ ’الهيج‘ جو نالو بہ سامهون آيو. جڏهن هڪ جوابدار، ٻيا ڳاڃا ڪندڙن کي ٻُڌايو تہ هن الهيج کان بندوق

خريد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. اُن وقت الهيج سوڊان ۾ هو ۽ اسامہ بن لادن جي پرسنل سيڪريٽري طور ڪم ڪري رهيو هو.

1996ع ۽ 1997ع جي وچ ۾ الهيج، آرلنگٽن ۽ ٽيڪساس جي وچ ۾ سفر ڪيو، جتي هو 'لون اسٽار ٽائرز' ۾ مئنيجر طور ڪم ڪندو رهيو. انهيءَ دوران هو نيروبي، ڪينيا بہ ويو. ٽيڪساس ۾ رهندڙ هڪ دوست ٻڌايو، "آئون فقط ايترو ٿو ڄاڻان تہ هو آفريقا ۾ فلاحي ڪم ڪري رهيو هو. چو تہ اسين ٻيئي اڪثر انهيءَ موضوع تي ئي ڳالهائيندا هئاسين." الهيج هڪ تنظيم Help Africa People جي نالي سان قائم ڪئي، جيڪا هڪ مليريا ويڪسي نيشن پروگرام هلائيندي هئي. هن ڪجهہ ٻيا ڪاروبار بہ ڪيا، جن ۾ گهٽو ڪامياب ني نہ سگهيو. انهن ڪمن ۾ درآمد ۽ برآمد، هيرن جي واپار ۽ اٺ پکي جي گـوشت جو ڪاروبار بہ شـامل هو. ڪيس جي دوران هڪ اهڙي تصوير بہ پيش ڪئي ويئي، جنهن ۾ هو هڪ اٺ پکيءَ تي سوار هو.

آمريڪي ٻچاڳاچا ڪندڙن ۽ استغاثہ موجب، الهيج ٽائرن جي وڪري، اُٺ پکيءَ جي سواري ۽ فلاحي ڪمن کان سواءِ، ٻيو ڪجهہ بہ ڳجهي نموني ڪري رهيو هو. هن القاعده جو ڪينيا سيل قائم ڪيو، جتي هارون فاضل سان گڏجي هن هڪ گهر ورتو. هارون فاضل، نيروبي جي آمريڪي سفارتخاني ۾ ٿيندڙ بم ڌماڪي ۾ مرڪزي ڪردار ادا ڪيو. مٿس، اسامہ بن لادن جي خلاف تحقيقات ڪندڙ جيوري جي سامهون شاهدي جي دوران گمراهہ ڪندڙ بيان ڏيڻ جو الزام بہ هئيو ويو. جون 2001ع ۾ آمريڪي عدالت جي فيصلي موجب مٿس لڳايل سيئي الزام صحيح ثابت ٿيا.

1993ع ۾ 'ورلڊ ٽريڊ سينٽر' تي ٿيندڙ بم ڌماڪا، درحقيقت اٺ سال پوءِ 11 سيپٽمبر جي بم ڌماڪن جي ريهرسل هئي. 1993ع جي بم ڌماڪن ۾ ملوث ڌوهارين جو واسطو بہ 'الخليفہ سينٽر بروڪلين' سان هو. جيئن مٿي ٻڌايو ويو آهي. هڪ ڌوهاري محمد ابو حليمہ، جيڪو 1990ع ۾ افغانستان ۾ وڙهندو رهيو هو، مثلابي جي مددگارن مان هڪ هو. مثلابي جي مخالف شيخ عمر عبدالرحمان تي 1993ع ۾ ورلڊ ٽريڊ سينٽر تي بم ڌماڪن ۾ ملوث هئڻ جي سازش جو الزام هو. 2001ع جي گرمين جي مُند ۾ جاري ٿيندڙ القاعده جي هڪ ٽيپ موجب، اسامہ بن لادن، شيخ عمر عبدالرحمان کي آمريڪي جيل ۾ ضمير جو قيدي قرار ڏنو. اسامہ چيو هو:

”اسان کي خبر پئي آهي تہ هو (شيخ عمر عبدالرحمان) بيمار آهي. آمريڪي سائس سنو ورتاءُ نہ پيا ڪن.“

مجموعي طور تي، اسامہ بن لادن جو روحاني استاد عبدالله عظام بہ انهن هنڌن جو دورو ڪندو رهندو هو. هو عطين ۽ رضاڪارن جون خدمتون حاصل ڪرڻ جي لاءِ مختلف مسجدن ۾ ليڪچر ڏيندو هو. 1998ع ۾ انهن تقريرن جي هڪ وڊيو ٽيپ موجب هن سوين ماڻهن جي هڪ ميڙ جي سامهون چيو:

”هڪ اسلامي معاشري جي قيام جي لاءِ رت ۽ شهادت واحد رستو آهي.“

’الخليفہ سينٽر‘ آمريڪا ۾، جنت الفردوس تائين پهچ حاصل ڪندڙ خواهشمند مسلمانن جي لاءِ هڪ جمپنگ پوائنٽ بنجي ويو هو. اها آفيس بروڪلين جي اٽلانٽڪ ايونيو ۾ موجود ٽي ماڙ عمارت جي ٻي ماڙ تي هئي جڏهن تہ هيٺ ’ڪنگ فو چائنيز ريسٽورانٽ‘ هئي. 1987ع ۾ پنهنجي رهائش جي دوران انهيءَ مرڪز کي مصطفيٰ مثلابي هلايو، جيڪو هڪ پڪو مصري مسلمان هو. مصطفيٰ مثلابي هڪ ڪيمسٽ هو، جيڪو 1990ع ۾ نيو يارڪ آيو. هتي هن اليڪٽريڪل جو ڪاروبار شروع ڪيو.

رمزي يوسف جنهن کي ٽريڊ سينٽر تي حملي جو آپريشنل ڪمانڊر چيو وڃي ٿو، تمام گهڻ الخليفه سينٽر ايندو هو. پر هن جا القاعده سان ويجها لاڳاپا هئا. جڏهن هو سيپٽمبر 1992ع ۾ پشاور کان نيو يارڪ آيو تہ بم ڌماڪن کان ٿورو اڳ هو احمد عجاج سان مليو. احمد عجاج، ڪينيڊي ايئرپورٽ تي اميگريشن جي قانونن جي خلاف ورزي جي ڏوهہ ۾ جهليو ويو هو. عجاج وٽان هڪ پستول بہ مليو هو، جنهن ۾ ڌماڪيدار ماڏن ۽ انهن جي استعمال جون ترڪيبون هيون. انهيءَ جي ٽائيٽل جو ترجمو The Basic Rule ڪيو ويو هو. جيڪو غلط هو. پر جڏهن ٽريڊ سينٽر جي ڪيس ۾ پيش ڪيو ويو تہ ’نيو يارڪ ٽائمز‘ انهن جو درست ترجمو شايع ڪيو يعني القاعده بمعنيٰ بنياد.

يوسف رمزي ۽ اسامہ بن لادن جي وچ ۾ هڪ ٻيو دلچسپ رابطو يا لاڳاپو يوسف جو چاچو زاهد شيخ هو، جيڪو هڪ فلاحي اداري ’مرسي انٽرنيشنل ريليف‘ جو ريجنل مئنيجر هو. انهيءَ اداري جي 1990ع واري

ڍاڪي ۾ پشاور ۾ آفيس هئي. ’مرسي انٽرنيشنل‘ جي نيروبي شاخ ’القاعده‘ سان گڏجي ڪم ڪندي هئي ۽ انهيءَ بن لادن ۽ علي محمد کي پنهنجا سڃاڻپ ڪارڊ جاري ڪيا هئا. 1997ع ۾ وجيهہ الهيج جي گهر تي پوليس جي ڇاپي کان پوءِ انهيءَ جا دستاويز ۽ مرسي انٽرنيشنل نيروبي جي آفيس ۾ منتقل ڪيا ويا. هڪ پاڪستاني انگريزي مئگزين ’هيرالڊ‘ 1993ع ۾ لکيو تہ زاهد شيخ هڪ ’اسلامڪ ڪو آرڊي نيشن ڪائونسل‘ هلائي ٿو. اها ڪائونسل عظام قائم ڪئي هئي، جيڪو اسامہ جو روحاني رهنما هو ۽ انهيءَ ڪائونسل جو ڪم ٻارهن مختلف فلاحي ادارن جي وچ ۾ رابطو رکڻ هو.

رمزي يوسف جي باري ۾ افغانستان ۾ بہ شاهديون مليون آهن. اها ڳالهہ ونسٽ ڪينسٽرادو چئي آهي، جيڪو 1988ع کان وٺي 1990ع جي وچ واري عرصي ۾، سي - آءِ - اي جي ’ڪائونٽر ٽيررسٽ سينٽر‘ جو سربراهہ رهيو آهي. هو چوي ٿو تہ، يوسف رمزيءَ ورلڊ ٽريڊ سينٽر آپريشن جي لاءِ ڪجهہ ماڻهن جون خدمتون حاصل ڪيون ۽ ڪين ذميداري سونپي پاڻ گم ٿي ويو. هي اهوئي طريقو هو جيڪو آفريقا ۾ آمريڪي سفارت خانن ۽ يمن ۾ آمريڪي جهاز ڪول تي حملن جي لاءِ اختيار ڪيو ويو.

1993ع جي بم ڌماڪن کان پوءِ رمزي يوسف ٻن سالن تائين بلڪل غائب رهيو. انهيءَ دوران هو ٿائلينڊ، فلپائن ۽ پاڪستان ۾ گهمندو رهيو. القاعده ۽ الخليفہ سينٽر جي هڪ ڪارڪن جمال الفضل، آمريڪي سفارتخانن ۾ بم ڌماڪن جي سلسلي ۾ ٽينڊڙ ڪيس جي ڪارروائي جي دوران پنهنجي شاهديءَ ۾ ٻڌايو تہ هن رمزي يوسف کي ’سده‘ جي فوجي تربيتي ڪئمپ ۾ 1989ع ۽ 1991ع جي وچ ۾ ڏٺو هو. ’سده‘ جي تربيتي ڪئمپ، پارا چنار جي قبائلي علائقي ۾، ڪرم ايجنسي ۾ هئي ۽ افغانستان جي سرحد جي ويجهو هئي. انهيءَ ڪئمپ جو واسطو عبدالرسول سياف سان هو، سياف اسامہ جي ويجهن دوستن مان هو. رمزي يوسف، بعد ۾ هڪ فيڊرل ايجنٽ کي ٻڌايو تہ هن ڪئمپ ۾ ڇهن مهينن تائين سکيا حاصل ڪئي ۽ اهو سکيو تہ بم ڪيئن ناهبو آهي؟ رمزي يوسف، بعد ۾ خود ڌماڪيدار مادن جي استعمال جو انسٽرڪٽر بنجي ويو هو. هو پنهنجي ٽائيم بمن ۾ ڪيسيو (Casio) جون گهڙيون استعمال ڪندو هو، جيڪا القاعده جي هڪ سڃاڻپ هئي.

رمزي يوسف، 1990ع جي شروع ۾ فلپائن ۾ رهيو، جتي سندس

رابطو هڪ فلپائني نئين مسلمان ٽيل دهشتگرد اڳواڻ ابو سياف سان ٿيو. چيو وڃي ٿو تہ ابو سياف کي مالي امداد، اسامہ جو سالو 'محمد خليفه' ڏيندو هو. هڪ آمريڪي ايجنٽ موجب، رمزي يوسف ۽ خليفہ هڪئي زماني ۾ فلپائن ۾ هئا، پر خليفہ انهيءَ ڳالهہ کان انڪار ٿو ڪري تہ هو ڪڏهن رمزي يوسف سان مليو هو.

رمزي يوسف جي فلپائيني ساٿين ۾ هڪ 'ولي خان امين شاه' هو، جنهن هٿيارن جي ڪئمپن ۾ فوجي سکيا حاصل ڪئي هئي. اسامہ بن لادن کي، امين شاهہ چڱي طرح ياد هوندو، چو تہ امين شاهہ جو ذڪر اسامہ، اي - بي - سي نيوز کي هڪ انٽرويو ۾ بہ ڪيو هو. اسامہ چيو هو، "هن امين شاهہ جي عرفيت شينهن آهي. اسين سٺا دوست آهيو. اسين هڪئي خندق ۾ روسين جي خلاف وڙهندا رهيا آهيون." رمزي يوسف جي ساٿين ۾ هڪ ٻيو عبدالحڪيم مراد آهي. عبدالحڪيم مراد هڪ پاڪستاني آهي، جنهن آمريڪا ۾ ڪمرشل پائلٽ طور سکيا حاصل ڪئي. عبدالحڪيم مراد، جهلجڻ کان پوءِ فلپائيني پوليس کي ٻڌايو تہ هن آمريڪي جهاز اغوا ڪرڻ کان سواءِ ورجينيا ۾ سي - آءِ - اي جي هيڊ ڪوارٽر تي جهاز ڪيرائڻ جي بہ رٿابندي ڪئي هئي.

رمزي يوسف جو پتو، فلپائيني پوليس کي اتفاق سان پيو هو. چو تہ منيلا جي هڪ اپارٽمينٽ ۾ بم ٺاهڻ جي هڪ تجربي ۾ ڌماڪو ٿيو هو. هن جي اپارٽمنٽ مان دونهو ٻاهر نڪرڻ لڳو ۽ ڪيس تڙ تڪڙ ۾ اُتان ڀڄڻو پيو. پر اپارٽمنٽ ۾ سندس ڪمپيوٽر رهجي ويو، جنهن جي هارڊ ڊسڪ مان آمريڪي ايجنٽن کي 11 جيٽ جهازن کي اغوا ڪرڻ ۽ 'پوپ جان پي' کي قتل ڪرڻ جا تفصيل ملي ويا. رمزي يوسف کي هڪ سال کان پوءِ اسلام آباد ۾ ايف - بي - آئي جي ايجنٽن اسلام آباد ۾ جهليو. هن جي قبضي مان ٻين شين کان سواءِ اسامہ بن لادن جي مهمان خاني جو پتو بہ مليو.

ابو سياف ۽ رمزي يوسف جي وچ ۾ تعلق جون وڌيڪ شاهديون اپريل 2000ع ۾ مليون، جڏهن ابو سياف گروپ، ڏکڻ فلپائن جي هڪ ٻيٽ ۾ پنجاهہ ماڻهن کي يرغمال بنائي ورتو ۽ هڪ آمريڪي جيل مان رمزي يوسف جي آزاديءَ جو مطالبو ڪيو، جيڪو هاڻ 240 سال قيد جي سزا ڪاٽي رهيو آهي.

القاعده جي آمريڪي ميمبرن ۾ انهن جا مڪمل تفصيل هن ڪتاب ۾ بيان ڪرڻ ممڪن ڪونهن، پر هتي رڳو ڪن اهم ميمبرن جو ذڪر ڪيو پيو وڃي تہ هو ڪيئن ڪافرن جي انهيءَ ملڪ ۾ زندگي گذاري رهيا هئا. انهن مان هڪ رجب علي هو. جيڪو 'اورلينڊو فلوريڊا' ۾ مختلف نوعيت جون نوڪريون ڪندو رهيو. هن ڊزني لينڊ، ميجڪ ڪنگڊم، شيرٽن هوٽل ۽ ويلز فارگو بئنڪ ۾ نوڪريون ڪيون. هن ٽئڪسي ڊرائيور طور پڻ ڪم ڪيو. 1989ع ۾ هو پشاور هليو ويو تہ جيئن روسين جي خلاف جهاد ۾ هو حصو وٺي سگهي. ڇئن سالن کان پوءِ هن هڪ آمريڪي جهاز جي خريداري ۾ مدد ڪئي. اهو جهاز القاعده جا ميمبر سوڊان کڻي ويا. رجب علي، نارمن، اوڪلاهاما ۾ قائم هڪ فلائٽ اسڪول ۾ جهاز اڏائڻ جي سکيا پڻ حاصل ڪئي ۽ لائسنس حاصل ڪيو. هو 1990ع جي وچ ۾ نيروبي هليو ويو ۽ القاعده جي لاءِ پائلٽ طور ڪم ڪندو رهيو. بعد ۾ هو وجيهہ الهيج سان رابطي ۾ آيو. کيس 1999ع ۾ گرفتار ڪيو ويو. هن پوليس سان سهڪار ڪرڻ کان نابري واري. پر القاعده سان تعلق رکڻ جي ڪري هن جي سدائين سخت نگراني ڪئي ويندي رهي.

اسامہ بن لادن جي آمريڪي ساٿين مان هڪ ٻيو 'رئيض حجازي' هو. جيڪو 1969ع ۾ ڪئليفورنيا ۾ پيدا ٿيو. هو ڪئليفورنيا اسٽيٽ يونيورسٽي جي هڪ سڪرامنٽو ڪئمپس ۾ زير تعليم رهيو. اُتي ئي هو اسلامي جهاد جي نظرين کان متاثر ٿيو ۽ فوجي تربيت جي لاءِ خوست، اوڀر افغانستان هليو ويو. 1997ع ۾ هو واپس آيو. انهيءَ زماني ۾ هو بوسٽن ۾ ٽئڪسي ڊرائيور طور ڪم ڪندو رهيو. پوءِ هو اردن هليو ويو، جتي هن نئين "ٻہ هزاري" تقريبن جي موقعي تي، عمان ۾ عيسائين جي سڳورن هنڌن جي زيارت ڪندڙ سياحن تي بم اڇلائڻ جو منصوبو ٺاهيو. پر اردني پوليس اها سازش ناڪام بنائي ڇڏي. کيس آڪٽوبر 2000ع ۾ شام ۾ گرفتار ڪيو ويو ۽ اردن آندو ويو، پر هن پڇاڙيءَ تائين پنهنجي ڏوهہ جو اعتراف نہ ڪيو ۽ پنهنجي معصوميت تي زور ڀريندو رهيو.

هن ڪتاب جي ترتيب وقت، القاعده جا ڪيترائي آمريڪي آفريقي ميمبر اهڙا هئا، جن جي سڃاڻپ تي نہ سگهي هئي. هڪ پائلٽ حسيني فرنستاؤ هو، جنهن آمريڪي سفارتخانن جي بم ڌماڪن جي تحقيقات جي

دوران ڪيترن ئي آفريقي آمريڪن جو ذڪر ڪيو. پاڪستاني صحافي ’حامد مير‘ بہ ٻن اهڙن آمريڪي آفريقين جو ذڪر ڪيو آهي، جن سان هو مئي 1998ع ۾ افغانستان ۾ مليو، جڏهن هو اسامہ جو انٽرويو ڪرڻ ويو هو.

11 سيپٽمبر 2001ع جا حملا، القاعده پاران آمريڪي سرزمين تي جهاد جي پهرين ڪوشش نہ هئي. آمريڪي عملدارن موجب القاعده نئين هزاري (2000ع) جي شروع ۾ بہ بم ڌماڪن جا ڪيترائي پروگرام رٿيا هئا. انهيءَ سازش جو ڦاٽ تڏهن ٿاتو، جڏهن 14 ڊسمبر 1999ع تي ڪئنادا مان آمريڪا ۾ داخل ٿيندي هڪ ٽيهہ سالن جي الجزائري احمد ريسام کي گرفتار ڪيو ويو. جڏهن ريسام جي ڪار بحري جهاز مان نڪتي تہ آمريڪي ڪسٽمز انسپيڪٽر ڊيانا ڊين نوٽ ڪيو تہ ڊسمبر جي سخت سردي جي هوندي بہ احمد ريسام جا هٿ ڏڪي رهيا هئا ۽ جسم مان پگهر وهي رهيو هئس. جڏهن کيس روڪيو ويو تہ هن ڪار مان لهي ڀڄڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ٻين ڪسٽمز ايجنٽن کيس جهلي ورتو ۽ سندس ڪار مان 130 پائونڊ ڌماڪيدار مادو نڪتو. مانٽريال ۾ ريسام جي فليٽ جي جهڙتي ورتي ويئي تہ اتان ڪئليفورنيا جو نقشو مليو، جنهن ۾ ٽن هوائي اڏن تي نشان لڳل هئا. اهي لاس اينجلس، لانگ بيچ ۽ اونٽاريو جا هوائي اڏا هئا. سندس گرفتاري کان پوءِ عملدارن خيال ڪيو تہ هن ويسٽ ڪوسٽ جي لينڊ مارڪس، جهڙوڪ فرانس آمريڪا بلڊنگ، سان فرانسسڪو يا اسپيس فيڊل يا اسٽيل جي عمارتن کي بم ڌماڪن سان اڏائڻ ٿي چاهيو. ريسام اسٽيل جي هڪ هوٽل ۾ ڪمرو بہ بوڪ ڪرائي رکيو هو، جيڪو اسپيس فيڊل جي ويجهو هو. اسپيس فيڊل تي امڪاني بم ڌماڪن جو اطلاع ملندي ئي حڪومت ’نئين هزاريءَ‘ جون تقريبون ملتوي ڪري ڇڏيون.

گرفتار ٿيڻ کان ڏيڍ سال پوءِ تائين ريسام پنهنجي اصل نشاني جي باري ۾ ڪجهہ بہ نہ ٻڌايو. پر جڏهن اپريل 2001ع ۾ مٿس دهشتگردي جو الزام مڙهيو ويو تہ کيس خطرو محسوس ٿيو تہ کين 130 سال قيد جي سزا ملندي، تہ هن عملدارن سان سهڪار ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو. هن ٻڌايو تہ هو ’لاس اينجلس انٽرنيشنل ايئرپورٽ‘ کي تباهہ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. آمريڪي عملدارن انهيءَ رٿابنديءَ کي يمن ۾ آمريڪي بحري جهاز ۽ اردن ۾ مختلف نشانن تي حملن جي سازش قرار ڏنو.

ريسامر بين الاقوامي دهشتگرد بنجڻ جي لاءِ ڏکهو رستو اختيار ڪيو. هن 1988ع ۾ الجزائر جي هڪ هائي اسڪول مان ابتدائي سَنَدَ حاصل ڪئي. تنهن کان پوءِ هو ڪورسيڪا هليو ويو، جتي هو انگورن جي باغن ۾ انگور چونڊڻ ۽ تفريح گاهن ۾ رنگ روغن ڪرڻ جو، ڪم ڪندو رهيو. 1994ع ۾ هو مانٽريال هليو ويو. جتي هو 'امداد ۽ خيرات تي پلجندو رهيو.

ريسامر تي مختلف ڏوهن ۾ ملوث هئڻ جو الزام بہ هو. پر بعد ۾ سندس زندگيءَ ۾ تبديلي آئي ۽ هو مسجدن ۾ وڃڻ لڳو. 1998ع ۾ هو افغانستان هليو ويو. هن خلدان جي ڪئمپ ۾ فوجي تربيت حاصل ڪئي. هو هڪ فلسطيني مجاهد ابو زبيده سان مليو. ابو زبيده کي برطانوي ۽ آمريڪي ايجنسيون 'چيف ريڪروٽز' قرار ڏين ٿيون. هو اردن ۾ تفريحي هنڌن تي بم ڌماڪن جي سازش ۾ 'ڪو آرڊي نيٽر' بہ هو.

ريسامر خلدان ڪئمپ ۾ ڪيترن ئي مهينن تائين تربيت حاصل ڪئي. انهي ڪئمپ ۾ تربيت هيٺ ماڻهن ۾ عربن کان سواءِ، جرمن، سوئيڊش، فرانسيسي، ترڪ ۽ چيچين بہ شامل هئا. محمد اسدالاوحالي ۽ آمريڪي مجاهد رئيض حجازي بہ انهيءَ ڪئمپ ۾ سکيا حاصل ڪئي هئي. ريسامر القاعده جا تربيتي سبق ۽ مشقون ڪيون، جن ۾ مختلف قسمن جي هٿيارن ۽ ڌماڪيدار مادن جي استعمال جي تربيت بہ شامل هئي. هن بم سازيءَ ۾ استعمال ٿيندڙ اليڪٽرونڪ سرڪٽري جي خصوصي ڪلاسن ۾ پڻ شرڪت ڪئي. ڪيس ايئرپورٽس، ريلوي لائنن، فوجي تنصيباتن وغيره تي حملن جي تربيت ڏني ويئي. تنهن کان سواءِ ڪيس دوبدو مقابلو ڪرڻ بہ سيکاريو ويو. هتي سکيا وٺندڙ ماڻهن کي ناڪام آپريشنن ۾ ناڪاميءَ جي سببن ۽ ڪامياب آپريشن جا تفصيل بہ ٻڌايا ويندا آهن. جهڙوڪ: 1995ع ۾ ايٿوپيا ۾ مصر جي صدر حسني مبارڪ جي قتل جي سازش ناڪام ٿيڻ جا سبب بيان ڪيا ويا ۽ اهڙي طرح 1983ع ۾ بيروت ۾ آمريڪي فوجي بيرڪن تي ٽرڪ بمن جي ڪامياب حملن جا تفصيل ٻڌايا ويا. انهن ڏينهن ۾ القاعده جا ماهر سائنائيڊ جي ڪيميائي زهر جي استعمال تي تجربا ڪري رهيا هئا.

ڪئمپ ۾ ريسامر جو هڪ الجزائري ساٿيءَ سان اهو پروگرام طئي ٿيو. تہ هو ڪئناڊا ۾ ملندا، جو تہ ڪئناڊا مان آمريڪا ۾ داخل ٿيڻ سولو هوندو آهي. ريسامر جيان ڪجهہ ٻين گروپن، يورپ، نار ۽ اسرائيل ۾ حملن

جي رٿابندي ڪئي.

فيبروري 1999ع ۾ ريسام، القاعده جي هڪ اهلڪار کان 12000 ڊالر وصول ڪري، مانٽريال پهتو. وٽس بم سازيءَ جو مينوئل ۽ ڌماڪيدار مادن جي استعمال جي لاءِ پوسٽرز مٽيريل ۽ هيڪوامن وغيره جي سپلائي بہ هئي. گرمين جي موسم جي دوران، ريسام ۽ سندس هڪ ساٿي ڪئناڊا ۾ گڏجي هڪ اسرائيلي نشاني تي حملي جي رٿابندي ڪري رهيا هئا، پر بعد ۾ هن پروگرام بدلائي ڇڏيو ۽ آمريڪا ۾ مختلف ٽارگيٽس کي نشانو بنائڻ جو فيصلو ڪيو. انهيءَ دوران ريسام، مانٽريال ۾ انهن سيني الجزائرين جي لاءِ رابطي جو فرد هو، جيڪي افغانستان ۾ فوجي سکيا حاصل ڪري رهيا هئا. انهن مان هڪ الجزائري ابو دوها بہ هو، جيڪو لنڊن ۾ رهيل هو. (جولائي 2001ع ۾ آمريڪين ابو دوها تي پيهر فرد جرم لاڳو ڪئي تہ هن القاعده جي سرگرمين ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. برطانوي پوليس، سندس لنڊن اپارٽمنٽ مان بم سازي جو سامان هٿ ڪيو. اهو بم سازيءَ جو سامان بلڪل اهڙو ئي هو، جهڙو ريسام جي ڪار مان مليو هو. تنهن کان سواءِ ڪيترائي جعلي پاسپورٽ بہ سندس انهيءَ اپارٽمنٽ مان مليا.)

ريسام نومبر ۽ ڊسمبر 1999ع جو وڏو حصو وينڪوفر ۾ گذاريو، هو هڪ هوٽل ۾ ٽڪيل هو. هن 'ڪاسيو' گهڙين کي ٽائيم مشين طور استعمال ڪندي چار ٽائمنگ ڊيوائس ٺاهيا. بم سازي جي ٻي سامان ۾ يوريا، نائٽرڪ ايسڊ ۽ سلفيورڪ ايسڊ شامل هو، جيڪي مقامي فرٽيلائيزر اسٽور تان خريد ڪيا ويا. هن تمام گهٽ مقدار ۾ آر ڊي ايڪس (RDX) ۽ ايڇ ايم ٽي ڊي بہ ٺاهيا، جيڪي بيحد اثرائتا ڌماڪيدار مادا هئا ۽ بم جي شدت کي وڌائڻ جي ڪم ايندا هئا. ريسام اهو سڀ سامان پاڙي جي هڪ ڪار ۾ رکيو ۽ وڪٽوريا برٽش ڪولمبيا ويو، جتان هو واشنگٽن وڃڻ جي لاءِ هڪ بحري جهاز ۾ چڙهيو. هو اهو سوچي پريشان هو تہ ڪئناڊا جي سرحد کان وٺي لاس اينجلس تائين رستي جي ذريعي سفر ۾ ڌماڪيدار مادو، جهٽڪن جي ذريعي ڦاٽي تي سگهيو. هن فيصلو ڪيو تہ جڏهن هو آمريڪا ۾ داخل ٿيندو تہ هو رستي تي سفر ڪرڻ بدران ٽرين جي ذريعي سفر ڪندو.

اهو اتفاق هو تہ ريسام سرحد پار ڪرڻ کان اڳ ۾ ئي جهلجي پيو ۽ ايئن ڪرسمس جي موقعي تي سياحن جي موجودگيءَ ۾ لاس اينجلس ۾

هڪ وڏي تباهي ۽ بربادي رڪجي ويئي. ريسام جي گرفتاريءَ مان ثابت ٿئي ٿو تہ القاعده آمريڪا جي خلاف سڄي دنيا ۾ ڪهڙين سرگرمين ۾ مصروف آهي ۽ افغانستان جي سرزمين جو انهيءَ سڄي مهم ۾ مرڪزي ڪردار آهي. دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ هزارين ماڻهو جهاد جي تربيت حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڏگهو سفر ڪري افغانستان پهچندا رهيا هئا. جنهن وقت ريسام، لاس ايجنلس ۾ ڌماڪن جي تياري ڪري رهيو هو تہ آئون افغانستان وڃي رهيو هئس. منهنجي ان سفر جو مقصد اهو ڄاڻڻ هو تہ طالبان اسامہ بن لادن ۽ سندس تنظيم کي ڪيئن ڇوٽ ڏيئي رکي آهي؟ انهن جون سرگرميون ڪهڙيون آهن؟ طالبان جو ڪهڙو ڪردار آهي؟

آئون ڊسمبر 1999ع ۾ طالبانن جي اسلامي تحريڪ ۽ اسامہ بن لادن جي باري ۾ وڌيڪ معلومات حاصل ڪرڻ جي لاءِ افغانستان ويس. 1996ع ۾ جڏهن طالبان، ڪابل تي قبضو ڪيو تہ آمريڪي اسٽيٽ ڊپارٽمنٽ انهيءَ جو آدرياءُ ڪيو هو ۽ اعلان ڪيو هو تہ طالبان جي اسلامي شريعت ۽ اسلامي قانون جي تصور ۾ ڪابہ ڳالهہ اعتراض جوڳي ڪونهي. آمريڪا پاران طالبان جي انهيءَ حمايت جا ڪيترائي سبب بيان ڪيا ويا آهن. انهن ۾ اهم اهو آهي تہ آمريڪي طالبان جي باري ۾ ڪجهہ بہ نہ ڄاڻندا هئا. 1989ع ۾ آمريڪا، ڪابل ۾ پنهنجو سفارتخانو بند ڪري ڇڏيو هو. جڏهن آئون ڪابل ويس تہ مون ڏٺو تہ ڪابل ۾ آمريڪي سفارتخاني جي عمارت فقط ڪنڪريٽ جو هڪ ڍڳ هئي. انهيءَ جي چئني طرفن وڻ ۽ ٻوٽا مُري آيا هئا. جن جي بي ترتيب واڌ، آمريڪا جي افغانستان جي پاليسي جو افسوسناڪ منظر پيش ڪري رهي هئي. 27 سيپٽمبر 2001ع تي آمريڪي سفارتخاني جي انهيءَ عمارت کي مظاهرين جي هڪ گروپ باهہ لڳائي ڇڏي.

آمريڪا، افغانستان ۾ استحڪام جي قيام واسطي فقط پاڪستاني اطلاعن تي انحصار ڪرڻ تي مجبور هو. تنهن ڪري آمريڪي افغانستان ۾ هر انهيءَ گروپ کي گلي سان لڳائڻ جي لاءِ تيار هئا، جيڪو اُتي امن و امان ۽ استحڪام جو ماحول پيدا ڪري سگهي. آمريڪي عملدار تہ انهيءَ ڳالهہ کان بہ واقف هئا تہ هڪ آمريڪي انرجي فرم Un Coal افغانستان مان ڪيترن ئي ارب ڊالرن جي ماليت جي پائپ لائين وڇائڻ جي لاءِ ٽينڊر داخل ڪري رهي آهي، جيڪا لائين وچ ايشيا جو تيل ۽ گئس هندي وڏي سمنڊ تائين نيئي ها.

اها هڪ اهڙي رٿا هئي، جنهن ۾ ايران مداخلت ڪري نٿي سگهيو. يونڪولجي مقصدن ڪي، پاڪستان ۾، اڳوڻي آمريڪي سفير رابرٽ اوڪلي اڳيان وڌايو. طالبان جي اقتدار ۾ اچڻ سان انهيءَ منصوبي جي اڳيان وڌڻ جي راهہ هموار ٿيندي نظر آئي. اها بہ توقع ڪئي پئي ويئي تہ طالبان منشيات جي خلاف، سخت قدم کڻندا. جيئن هنن شروع ۾ اعلان ڪيو هو. پر 1997ع ۾ طالبان جي باري ۾ آمريڪي تصور مٽيءَ ۾ ملندا نظر آيا. آمريڪا جي سيڪريٽري آف اسٽيٽ ميڊيلين البرائٽ، پنهنجي پاڪستاني دوري ۾ اعلان ڪيو تہ، "هاڻ اها ڳالهہ چٽيءَ طرح پڌري ٿي ويئي آهي تہ اسين طالبان جي خلاف آهيون. انهيءَ جو سبب طالبان جو عورتن ۽ ٻارن سان سلوڪ آهي."

افغانستان ۾ داخل ٿيڻ جو سولو رستو، پاڪستان وٽي وڃي ٿو. پاڪستان دنيا جي انهن ٽن ملڪن مان هڪ هو، جيڪي طالبان حڪومت کي تسليم ڪندا هئا. ٻيا بہ ملڪ سعودي عرب ۽ گڏيل عرب امارتون (U.A.E) هئا.

طالبان جي اقتدار ۾ اچڻ ۾ پاڪستان جي اسلامي جماعتن ۽ انتهائي سگهاري اداري آئي - ايس - آئي اهم ڪردار ادا ڪيو. اهو تہ چئي نٿو سگهجي تہ 'طالبان تحريڪ' پاڪستان ۾ جنم ورتو، پر اها ڳالهہ صحيح آهي تہ اهو اهڙن مذهبي شاگردن جو گروهہ هو، جنْ پاڪستان جي ديني مدرسن ۾ تعليم حاصل ڪئي ۽ 1994ع ۾ قنڌار تي قبضو ڪري ورتو، پر جڏهن طالبان زميني فتحون شروع ڪيون تہ پاڪستان جي فوجي ۽ مذهبي حلقن هڪدم انهن جي سرپرستي شروع ڪري ڏني ۽ اهڙي طرح افغانستان ۾ هلندڙ گهرو ويڙهہ ۾ طالبان جي حيثيت هڪ ڪاميابي حاصل ڪندڙ گهوڙي جي ٿي ويئي، جنهن جون واڳون پاڪستاني تنظيمن ۽ آئي - ايس - آئي جي هٿن ۾ هيون. بينظير ڀٽو جي حڪومت جو وزير داخلا نصيرالله بابر، شروع واري زماني ۾ طالبان جو شروعاتي صلاحڪار هو ۽ پاڪستان جو هڪ مذهبي اڳواڻ مولانا فضل الرحمان بہ طالبان جي حمايت ۾ اڳيرو هو.

آئون 1998ع ۾ هڪ آمريڪي عملدار جي اها ڳالهہ ٻُڌي حيران رهجي ويس، جڏهن هن ٻڌايو تہ طالبان جي 30000 ٽيهہ هزار فوجين مان ڏهہ هزار پاڪستاني آهن. افغانستان تي پاڪستان جي اثر رسوخ ۽ بالادستيءَ جو اهو حال هو، جو افغانستان جي ٽيليفون جو نظام پاڪستاني ٽيليفون ايڪسچينج

جو محتاج هو. طالبان کي جيڪا فوجي قوت ۽ استحڪام حاصل ٿيو، اهو بہ پاڪستان جي مدد کان سواءِ حاصل ٿي نٿي سگهيو.

1999ع جي هڪ صبح جو آئون واشنگٽن ۾ پاڪستاني سفارتخاني جي آفيس ۾ گهڙيس تہ جيئن پاڪستاني ويزا حاصل ڪري سگهان. ويزا جي درخواست جو طريقو ئي انهيءَ ملڪ جي انتظاميہ جي درست حالت جي نشاندهي ڪرڻ جي لاءِ ڪافي هو. پاڪستاني سفارت خانو هڪ وڏي عمارت ۾ آهي. پريس اتاشيءَ جي آفيس ۾ اوسيئڙو ڪندي مون هڪ چاتل سڃاتل چهرو ڏٺو. هن ٻڌايو تہ ڪيس اڃ نوڪريءَ مان ڪڍيو ويو آهي. مون کي انهيءَ شخص جو نالو ياد آيو. هو 'ملڪ' هو. مون جڏهن گذريل سال ويزا جي درخواست ڏني هئي تہ هو انهيءَ آفيس ۾ موجود هو، پر فوج جي اقتدار سنڀالڻ کان پوءِ ڪيس برطرف ڪيو ويو هو. جنرل پرويز مشرف، نواز شريف حڪومت کي هٽائي اقتدار ۾ آيو هو. اها طالبان جي لاءِ سُٺي خبر هئي.

مون 'ملڪ' کان پڇيو "سندس ايندڙ پروگرام ڪهڙو آهي؟ ڇا هو هاڻ پاڪستان هليو ويندو." هن وراڻيو تہ، "نہ! پاڪستان پهچڻ شرط مون کي جيل موڪليو ويندو."

مون کيس گذريل سال واري ڳالهہ ٻولهہ ياد ڏياري. هن منهنجي هڪ سوال جي جواب ۾ چيو هو، "پاڪستان جي حڪومت ڪنهن بہ وقت راسخ العقيده ۽ انتهاپسند مذهبي ماڻهن جي قبضي ۾ اچي سگهي ٿي. چيو تہ اهو اڃا بہ ممڪن آهي. فوج ۾ اهڙن آفيسرن جو هڪ وڏو تعداد موجود آهي، جيڪي پڪا پختا ۽ انتها پسند مسلمان آهن، پر هاڻوڪو ليڊر جنرل پرويز مشرف بلڪل راسخ العقيده ڪونهي. هو سيڪيولر آهي. پر سندس حڪومت جو تختو ڪنهن بہ وقت اونڌو ڪري سگهجي ٿو."

جيتوڻيڪ 'ملڪ' کي نوڪريءَ مان ڪڍيو ويو هو، پر سندس مون سان رويو دوستاڻو هو. هو خاص روايتي پاڪستاني هو ۽ هر ممڪن طريقي سان منهنجي خدمت چاڪري ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. آئون جڏهن 'هوائي جهاز' ۾ سوار ٿي پاڪستان وڃي رهيو هئس تہ منهنجي ذهن ۾ پاڪستان ۽ اسرائيل جي وچ ۾ دلچسپ هڪجهڙايون گهمي رهيون هيون.

ٻيئي ملڪ مذهبي بنيادن تي قائم ٿيا هئا. هڪ ملڪ ٺهندي ڪنڊ ۾ مسلمانن جي ڏار وطن طور ۽ ٻيو فلسطين ۾ 'يهودين' جي لاءِ. ٻنهي جي قيام

جو ذميوار برطانيا کي سمجهيو ويو، پر اسرائيل جي قيام جي لاءِ يهودين کي اهڙيون قربانيون ڏيڻيون نہ پيون، جيتريون مسلمانن ڏنيون. ورهاڱي کان هڪدم پوءِ ڏهہ لک مسلمان هندن ۽ سکن جي هٿان ماريا ويا. هاڻ پيئي ملڪ، پهرين ئي ڏينهن کان وٺي، هڪٻئي جي خلاف هٿيار سنڀاليو ويٺا آهن. ٻنهي ملڪن ۾ مذهبي پارٽين کي پنهنجي ڪمزور ووٽ بئنڪ کان قطع نظر گهڻي طاقت حاصل آهي.

منهنجو جهاز پاڪستان ۾ لٿو تہ رمضان جو مهينو هو. هن مهيني ۾ هر طبقي ۽ زندگي جي هر شعبي سان واسطو رکندڙ پاڪستاني روزا رکندا آهن. منهنجي هوٽل جي ڪمري ۾ ٽنهي ٽي - وي چينلن تان سعودي عرب جي شهر مڪي ۾ قائم 'ڪعبة الله شريف' جو طواف ڏيکاريو پئي پيو.

اهو ڊسمبر جو صبح هو ۽ چڱي موچاري سردي هئي. پر ٻنپهرن ڌاري موسم بهتر ٿي ويئي. هوا تيز هئي ۽ وڻن تان سُڪل پنا ڇڻي ڪِري رهيا هئا. شام جو رستن تي ٽريفڪ تمام گهڻي هوندي آهي. ڇو تہ هر شخص افطار کان پهرين گهر پهچڻ چاهيندو آهي. ڊرائيور رستن تي چرين وانگر گاڏيون هلائيندا آهن. افطار کان پوءِ رستا ويران ٿي ويندا آهن.

پاڪستان ۾، اسلامي بخار جي باوجود، سيڪيولر سائيڊ بہ گرما گرم نظر ٿي اچي. بڪ اسٽالن تي هر قسم جا فحش ڪتاب وڪري لاءِ نظر اچن ٿا، جيڪو ڪنهن ترقي يافتہ سيڪيولر ملڪ جو مزاج آهي. ٽيليويزن چينل ايشين ايم ٽي وي تي هندوستاني ماڊيريٽر وي جي، پنهنجن چاهيندڙن جا خط پڙهي ٻڌائي رهي آهي. ڪيبل ٽي وي چينل تي 'پاميلا اينڊرسن' جي فحش فلم هلي رهي هئي. اهو ڏسي مون کي احساس ٿيو تہ پاڪستاني ٻن مختلف ۽ متضاد دنيائن ۾ رهن ٿا.

آئون اسلام آباد جي يو - اين - او ڪلب ۾ ويس جتي پرڏيهي نظر اچن ٿا. سوئمنگ پول جي ويجهو هڪ نوٽس بورڊ تي لکيل هو:

Topless for women is not an option."

اسلامي ويڙهاڪن جي حملن جي ڊپ سبب، اهو ڪلب هر رات جو سادي ڏهين ڌاري بند ڪيو ويندو آهي. 1999ع ۾، آمريڪن سفارتخاني، يو اين او ڪمپائونڊ ۽ آمريڪي ڪلچرل سينٽر تي راڪيٽن جا حملا ٿيا هئا. ڪلب جي مئنيجر مون کي ٻڌايو تہ "اسلامي ويڙهاڪ اڌ رات ڌاري ڪنهن بہ اهڙي عمارت تي راڪيٽ وسائين ٿا، جتي نئين سال جون تقريبون ٿينديون

هجن. تنهن ڪري مون پنهنجي ڪلب ۾ نئين سال جون تقريبون منسوخ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي.“

اهي اسلامي ويڙهاڪ، اسامہ بن لادن جا شيدائي آهن. جيتوڻيڪ ڪين عوام جي ووٽن جي حمايت حاصل ڪونهي، پر هڪ وڏو طبقو چڻ اسامہ جي پوڄا تو ڪري. هڪ پاڪستاني صحافي ’حامد مير‘ مون کي ٻڌايو تہ اسامہ بن لادن پاڪستان ۾ ڪنهن بہ سياسي اڳواڻ کان وڌيڪ مقبول آهي. 2001ع جي بهار جي مند ۾، پشاور جي ٻاهر اسلام پسندن جو هڪ وڏو ڪنوينشن ٿيو، جنهن ۾ هزارين ماڻهن شرڪت ڪئي. انهيءَ ڪنوينشن ۾ شرڪت ڪندڙن جي لاءِ اسامہ هڪ هيري جي حيثيت رکي ٿي. هتي مون اسامہ جون وڏيون وڏيون تصويرون ڏٺيون.

اسامہ بن لادن، پاڪستان جي ديني مدرسن ۾ بہ گهڻو مقبول آهي. جنرل ضياءالحق، ديني مدرسن جي خصوصي طور تي سرپرستي ڪئي هئي، تہ جيئن افغانستان ۾ روس جي خلاف جهاد جي لاءِ سستا سپاهي ميسر ٿي سگهن ۽ جنرل ضياءالحق پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب رهيو. پر سندس پاليسي آمريڪا ۽ سيڪيولر دنيا کي ڏاڍي مهنگي پئي. انهن مدرسن اهڙن ويڙهاڪن جي فوج تيار ڪري ڇڏي، جيڪا سيڪيولر ازم جي خلاف سڀ کان وڏو عالمي خطرو بنجي چڪي آهي.

انهن ديني مدرسن مان پڙهي نڪتل ڪتابين کي اها بہ خبر نہ هوندي آهي تہ باقي دنيا ۾ ڇا پيو ٿئي؟ زندگي ڪيڏي نہ تيز رفتار آهي؟ ٽيڪنالاجي ڪيتري ترقي ڪئي آهي؟ اهي ڪتابي فقط قرآن پاڪ حفظ ڪن ٿا يا ديني علمن کان واقفيت حاصل ڪن ٿا. گهڻن ڪتابين کي اها بہ خبر نہ هوندي آهي تہ انهن ديني علمن کي دنيا ۾ ڪيئن لاڳو ڪجي؟ جنرل ضياءالحق جي دور ۾ اهي مدرسا سڄي پاڪستان ۾ پکڙجي چڪا هئا. 1987ع ۾ صوبي پنجاب جي ديني مدرسن ۾ ڪتابين جو تعداد ٻن لکن کان بہ وڌيڪ هو ۽ سيني کان وڌيڪ رضاڪار مجاهد طالبان جو حصو انهن ئي مدرسن جا ڪتابي بنيا.

سيني کان وڌيڪ مشهور ديني مدرسو ’جامع دارالعلوم حقانيه‘ آهي، جيڪو پشاور جي پرسان آهي. انهيءَ جو سربراهہ مولانا سميع الحق آهي. انهيءَ مدرسي ۾ ڪتابين جو تعداد 2800 هو، جيڪي گهڻا تڻا پاڪستاني هئا. پر انهن ۾ افغانستان ۽ وچ ايشيا جي نين آزاد ٿيل جمهوريتن سان واسطو رکندڙ

شاگردن جو تعداد بہ ڪيترائي ڏزن هو.

آئون مولانا سميع الحق سان پشاور جي هڪ پرسڪون علائقي جي گهر ۾ مليس. سائس ڳالهائيندي مون کي اندازو ٿيو تہ دنياوي علم جي حساب سان هو هڪ معمولي قسم جو ڳوٺاٽو ملئون هو، جيڪو خوش قسمتيءَ سان هيڊ ماستر بنجڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو هو. هن جي سفيد ڏگهي ڏاڙهي هئي ۽ سندس منهن تي هر وقت مرڪ ٿي رهي، پر پنهنجي سادگيءَ جي باوجود بہ هو انتهائي اهم ماڻهو هو. وٽس فنڊن جي ڪابہ کوٽ نہ هئي. هو سڄي دنيا جا دورا ڪندو رهندو هو. هو هڪ اهڙي نيٽ ورڪ يا لنڪ جي حيثيت رکندو هو، جنهن پاڪستاني مذهبي جماعتن کي طالبان سان جوڙي رکيو هو. مولانا سميع الحق، جميعت العلماءِ اسلام جي هڪ گروپ جو اڳواڻ هو ۽ پاڪستان جي سينٽ جو ميمبر بہ رهي چڪو هو. هن جي ديني مدرسي مان پڙهي نڪتلن مان اٺ ڄڻا طالبان جي ڪابينا جا ميمبر هئا. هو اسامہ بن لادن کي بيحد پسند ڪندو هو ۽ 1990ع واري ڏهاڪي ۾ سندس اسامہ سان مسلسل ملاقاتون ٿينديون رهنديون هيون. مولانا سميع الحق جي هڪ ساٿيءَ ٻڌايو تہ جڏهن سي ـ اين ـ اين کي ڏنل، اسامہ جو انٽرويو نشر ٿيو تہ مولانا فرانس ۾ هو ۽ هن اهو انٽرويو پئرس جي هوائي اڏي تي هڪ پئسينجر لائونج ۾ ٽيلي ويزن تي ڏٺو ۽ لطف اندوز ٿيو. مولانا سميع الحق مون کي ٻڌايو تہ ڪهڙي طرح سندس مدرسو ترقي ڪري هن مقام تي پهتو آهي.

”ورهاڱي کان اڳ منهنجو پيءُ هڪ اهم ديني مدرسي جو استاد هو. ورهاڱي کان پوءِ هو پشاور آيو ۽ هڪ ننڍو ديني مدرسو قائم ڪيائين. انهيءَ مدرسي ۾ ڪوبہ ڪتابي، ڪابہ في ادا نہ ڪندو هو. مدرسي جا سيئي خرچ سرنديءَ وارن مسلمانن جي مالي مدد سان پورا ٿيندا هئا. ديني تعليم حاصل ڪندڙن ۾ افغانستان جي غريب شاگردن جو بہ وڏو تعداد شامل هو، جيڪي غربت جي ڪري پنهنجي ٻارن کي تعليم واسطي هتي موڪلي ڏيندا هئا. جتي ديني تعليم سان گڏ کين ٽن ويلن جي ماني بہ ملي ويندي هئي.“

سج لهي رهيو هو ۽ ويجهي باغيچي ۾ نمازي سانجهيءَ جي نماز پڙهڻ جي لاءِ گڏ ٿي رهيا هئا. اهو منهنجي لاءِ سدائين هڪ انوکو تجربو رهيو آهي. مسلمان ڏينهن ۾ ڪيترائي ڀيرا گڏجي نماز پڙهندا آهن. اولهندن ملڪن ۾ اها

اجتماعيت ختم ٿي چڪي آهي. مولانا نماز پڙهائڻ جي لاءِ ٻاهر هليو ويو.

جڏهن هو نماز پڙهي واپس آيو ته مون پڇيو ”سندس اسامہ بن لادن جي باري ۾ ڪهڙي راءِ آهي؟“ جواب ۾ هن چيو، ”آئون نٿو سمجهان ته هو ڪو جارحيت پسند يا جارحانہ ارادن جو حامل شخص آهي. هو نہ دهشتگرد آهي ۽ نہ وري تخريبڪار. الله تعاليٰ مسلمانن کي تيل ۽ گئس جي دولت سان نوازيو آهي، پر آمريڪي مسلمانن جي سيني وسيلن تي قابض ٿيڻ ٿا چاهين. آمريڪي ناانصافيءَ کان ڪم وٺي رهيا آهن.“

مولانا سميع الحق چيو، ”جهڙي طرح روسين افغانستان ۾ پنهنجون فوجون لاٿيون هيون تہ اسان انهن جي خلاف جهاد ڪيو هو. اهڙي طرح آمريڪا، پنهنجون فوجون سعودي عرب ۾ لاٿيون آهن ۽ اسامہ بن لادن انهن جي خلاف جهاد جو اعلان ڪيو آهي.“

اسان جي ڳالهہ ٻولهہ جي پڄاڻيءَ تي مون مولانا سميع الحق کان پڇيو تہ ڇا سندس خيال ۾ طالبان، افغانستان ۾ جيڪي پاليسيون لاڳو ڪيون آهن، سي پاڪستان ۾ بہ لاڳو ٿيڻ کپن. پاڪستان ۾ سيڪيولر حلقا انهيءَ ڳالهہ جي ڪري پريشان آهن تہ هتي بہ طالبانائزيشن جو عمل جاري رهي. افغانستان ۾ طالبان، شاگردياڻين جي تعليم تي پابندي هٽي چڏي آهي. ٽيليويزن نشريات بند ڪئي ويئي آهي. اسلامي تعزيرات لاڳو ڪيا ويا آهن، جن ۾ چورن کي هٿ وڍڻ جي سزا ڏني ويندي آهي.

مالاڪنڊ جي قبائلي علائقي ۾ مقامي عالمن مڪمل شريعت جي نفاذ جو اعلان ڪيو. اهو اسلامي موڊ هاڻي سڄي پاڪستان تي طاري ٿيندو پيو وڃي. هڪ انگريزي رسالي ’نيوز لائين‘ 1998ع ۾ راءِ عامہ جي هڪ سروي ڪئي، جنهن موجب 57 سيڪڙو ماڻهن مڪمل اسلامي شريعت جي لاڳو ٿيڻ جي مڪمل حمايت ڪئي. اهوئي سبب آهي تہ ان وقت پاڪستاني آئين ۾ وزير اعظم نواز شريف، شريعت موجب تبديليون آڻڻ جي تجويز پيش ڪئي هئي. مون مولانا سميع الحق کان سوال ڪيو تہ اوهان جي خيال ۾ پاڪستان جو آئيندو ڇا آهي؟ مولانا ڪجهہ ترسي، پوءِ چوڻ شروع ڪيو، ”پاڪستان ۾ طالبانن جي مقبوليت تيزيءَ سان وڌي رهي آهي، ڇو تہ ماڻهو ڪرپشن ۽ مالي بدعنوانين کان بيزار ٿي چڪا آهن. پاڪستان ۾ ڪاٻہ جمهوريت ڪونهي. بنيادي حقن جو ڪوبہ خيال نٿو رکيو وڃي. عوام کي، هن بدعنوان نظام

تحت پيڙهيو پيو وڃي ۽ آمريڪا انهيءَ نظام ۾ ڪابہ تبديلي نٿو چاهي. تنهن ڪري اها تبديلي پرامن طور اچي نٿي سگهي. جيڪڏهن آمريڪا اسان جي پنهنجي اقتصادي، سياسي ۽ عدالتي نظام ۾ تبديلي پسند نٿو ڪري تہ پوءِ انهيءَ جو ردعمل اهوئي ٿيندو، جيڪو افغانستان ۾ ٿيو هو."

اسلام آباد واپسيءَ کان پوءِ آئون پنهنجي هوٽل جي ڪمري ۾ افغانستان جي سفر جي باري ۾ اسٽيٽ ڊپارٽمينٽ جي جاري ڪيل تازين هدايتن کي پڙهي رهيو هئس، جن ۾ واضح طور لکيل هو تہ: "آمريڪين کي نهايت سولائيءَ سان نشانو بنائي سگهجي ٿو. کين اغوا ڪري ۽ قري سگهجي ٿو. افغانستان جي ڪنڊڪڙڇ ۾ پنجاهہ کان سٺ لک بارودي سرنگون پکڙيل آهن، تنهن ڪري جيڪي آمريڪي رهاڪو، هن وارننگ جي باوجود بہ افغانستان ۾ ترسڻ جو فيصلو ڪن ٿا، سي پنهنجي بچاءُ ۽ حفاظت جو خاص خيال رکن. ڇو تہ افغانستان ۾ ڪنهن بہ وقت اوچتو ڪابہ ڪارروائي ٿي سگهي ٿي."

ٻي ڏينهن صبح جو بانگ جو آواز ٻُڌي منهنجي اک کلي. ناشتي کان پوءِ آئون افغانستان جي سفارت خاني ويس. جتي ڪارا پٽڪا ٻڌل طالبان عملدار ويزا جي درخواستن جو ڍگ ڪٽيو ويٺا هئا. آئون هڪ آفيسر جي سامهون ويهي رهيس، جنهن جو نالو انجنيئر عبدالڪبير هوتاڪي، ٿرڊ سيڪريٽري لکيل هو.

"آئون اوهان جي ڪهڙي خدمت ڪري سگهان ٿو؟" هن نهايت صاف انگريزيءَ ۾ مون کان پڇيو. مون جواب ۾ چيو تہ، "آئون افغانستان جي ويزا حاصل ڪرڻ ٿو گهران."

هن پڇيو تہ "آئون افغانستان ڇو ٿو وڃڻ گهران؟" مون چيو تہ، "آئون اسلامي تحريڪن تي هڪ ڪتاب لکي رهيو آهيان." هن وري پڇيو، "تون ڪهڙين جماعتن تي ڪتاب لکڻ ٿو چاهين." مون ٻڌايو تہ "منهنجو موضوع مصري جهادي گروپ الجهاد ۽ اسامہ بن لادن آهن." هاڻ هوتاڪيءَ ڪنڌ مٿي ڪنيو ۽ نهايت تيز ۽ چيندڙ نظر مون تي وڌائين ۽ چيائين، "پر اهي گروپ تہ آمريڪا دشمن آهن؟"

جواب ۾ آئون رڳو مُرڪيس. هو ڳالهائيندو رهيو، "اوهان جي پبلشر کي، اسان کي هڪ درخواست موڪلڻ کپي تہ جيئن اوهان کي افغانستان جي

ويزا جاري ڪري سگهجي. درخواست اچڻ جي ڏهن ڏينهن ڪان پوءِ يا شايد ٽن هفتن ڪان پوءِ اها درخواست منظور ٿي سگهي ٿي."

مقرر تاريخ تي جڏهن آئون پنهنجي ويزا ڪٽڻ ويس تہ دريءَ جي پويان ويٺل شخص چيو، "ويزا جي في ٽيهہ ڊالر ادا ڪريو."

مون پڇيو، "ڇا آئون روپين ۾ ادا ڪري سگهان ٿو؟"

"نہ"، هن چيو، "فقط ڊالر."

طالبان، آمريڪا کي بلڪل پسند نٿا ڪن، پر هو ڊالر جي سگهہ کان واقف آهن. جڏهن آئون پنهنجي ويزا جي وصوليءَ جو انتظار ڪري رهيو هئس تہ اُتي ڊسپلي ڪيل انهن هدايتن کي پڙهي رهيو هئس، جيڪي افغانستان جو دورو ڪندڙ صحافين جي لاءِ هيون. انهن ۾ لکيل هو تہ پهرين اوهين پاڻ کي پرڏيهي وزارت ۾ رجسٽر ڪرايو. اوهين ڪابل ۾ فقط هوٽل انٽر ڪانٽينينٽل ۾ رهي سگهو ٿا. پنهنجي رهنمائيءَ جي لاءِ اوهان کي حڪومت پاران هڪ گائيڊ مهيا ڪيو ويندو. تنهن کان سواءِ هڪ ڊرائيور بہ هوندو. پنهنجي لاءِ ڊالرن ۾ ادائيگي ڪرڻي پوندي. هدايتن ۾ وڌيڪ لکيل هو:

"جيئرين شين جا فوٽو ڪڍڻ ۽ فلم ٺاهڻ جي منع آهي." انهيءَ دوران منهنجي پاسپورٽ تي ويزا جي مهر لڳي ويئي. ويزا آفيسر مرڪندي منهنجو پاسپورٽ واپس ڪيو ۽ چيو، "اوهين وڃي سگهو ٿا."

افغانستان وڃڻ کان اڳ آئون "دي نيوز" جي پشاور جي نمائندي ۽ ٽائمز جي خاطو رحيم الله يوسف زئي سان مليس. رحيم الله جي آفيس صحافين، مقامي سياستدانن ۽ زندگيءَ جي هر شعبي سان واسطو رکندڙن سان پري پئي هئي. هو نهايت صبر ۽ تحمل سان مرڪندي، هر شخص جو آڌرڀاءُ ڪري رهيو هو. هو پڪو مسلمان هو ۽ نماز جو وقت اچڻ تي ڳالهہ ٻولهہ کي اڌ ۾ ڇڏي نماز جي لاءِ اُٿي ويندو هو. منجهس بہ خوبيون اهڙيون هيون، جيڪي عام طور تي اخبار نويسن ۾ نہ هونديون آهن. سخاوت ۽ صفائي - رحيم الله پنهنجي ڳوٺ جو پهريون شخص هو، جنهن گريجوئيشن ڪئي هئي. هو هر جمعي جي ڏينهن پنهنجي ڳوٺ ويندو هو، جيئن ماڻهن جا مسئلا ٻڌي سگهي. آئون هميشه اهو سوچي حيران ٿيندو هئس تہ هو ايترو مصروف هوندي بہ ايترا ڪم ڪيئن ٿو ڪري.

مون کي ڏسي هن نهايت گرم جوشيءَ سان منهنجو آڌرڀاءُ ڪيو. اسين

بيئي پاڪستان ۾ ايندڙ فوجي انقلاب تي ڳالهائڻ جي لاءِ بي چين هئاسين. انقلاب کان پوءِ پهريون گرفتار ٿيندڙ شخص نواز حڪومت جي سُڌ سماءُ وارو وزير مشاهد حسين هو. هو نواز حڪومت جي اهم پرزن ۾ مٿانهون هو. آئون مشاهد حسين کان اڳ ۾ انٽرويو ڪري چڪو هئس ۽ کيس گهڻو پسند ڪندو هئس. هو نهايت سمارٽ ۽ ڪليل ذهن وارو شخص هو. منجهس اهڙيون خوبيون هيون، جيڪي عام پاڪستاني سياستدانن ۾ نہ هيون. هو هڪ اخبار جو ايڊيٽر رهي چڪو هو ۽ ان وقت هو رحيم الله جو باس هو. رحيم الله يوسف زئي چيو تہ فوج مشاهد حسين کي سڀ کان پهرين انهيءَ ڪري گرفتار ڪيو، تہ جيئن فوجي انقلاب جي خلاف ڪا عالمي پروپئگنڊائي مهم هلي نہ سگهي. جو تہ مشاهد حسين چاڻي ٿو تہ فوجي حڪومت جي خلاف ڪيئن پروپيگنڊائي مهم هلائي سگهجي ٿي.

فوج پنهنجي حڪومت هلائڻ جي لاءِ ڪيترن ئي نالي وارن پاڪستانين جون خدمتون حاصل ڪيون. رحيم الله يوسف زئي کي بہ چيو ويو تہ تون بہ فوجي حڪومت جي پاليسي ساز پينل ۾ شامل ٿي وڃ. پر رحيم الله يوسف زئي انڪار ڪري ڇڏيو. اسان طالبان جي باري ۾ بہ ڳالهايو. رحيم الله جي طالبان جي حلقن ۾ غير معمولي رسائي هئي. انهيءَ جو سبب اهو هو تہ هو هڪ سٺو ۽ ڪامياب اخبار نويس هو، پر انهيءَ جو اصل سبب اهو هو تہ هو پٺاڻ هو ۽ طالبان جي قيادت بہ پٺاڻ هئي. حقيقت ۾ رحيم الله يوسف زئي، انهن ڪجهہ صحافين مان هڪ آهي، جيڪي طالبان اڳواڻ ملان عمر جو انٽرويو ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا. رحيم الله يوسف زئي ٻڌايو تہ، ملان عمر پرڏيهين کان ائين بچڻ جي ڪوشش ٿو ڪري، جيئن طاعون کان پڇبو آهي. هو طالبان جو خزانو ٻارهين صديءَ جي قديم بادشاهن وانگر استعمال ڪري ٿو. رحيم الله يوسف زئي ٻڌايو تہ، "ملا عمر جي ڪمري ۾ هڪ صندوق آهي، جنهن تي لڳل تالي جي چابي ملا عمر جي ڪيسي ۾ رهندي آهي. هو ضرورت مندن کي انهيءَ مان رقم ڪڍي ڏيندو رهندو آهي."

رحيم الله منهنجي انهن خدشن جي تائيد ڪئي تہ طالبان، اسامہ بن لادن کي پسند نٿا ڪن. يوسف زئي چيو تہ هن خود طالبان جي نجي حلقن ۾ ماڻهن کي اسامہ تي تنقيد ڪندي ٻڌو آهي. انهن مان ڪيترا ماڻهو چون ٿا تہ جنگ ختم ٿيڻ کان پوءِ بہ اسين اسامہ جي سارسنڀال ڪرڻ تي مجبور آهيون.

ڪن جو چوڻ آهي تہ طالبان خود بہ اعتدال پسند ۽ انتها پسند، ٻنهي حلقن ۾ ورهايل آهن. اعتدال پسند طالبان اولهہ سان لاڳاپا رکڻ چاهين ٿا. جڏهن تہ انتها پسند طالبان اولهہ جي سخت خلاف آهن. اعتدال پسندن جي لاءِ اسامہ مٿي جو سور آهي.

رحيم الله يوسف زئيءَ منهنجي افغانستان جي دوري جي ڪاميابيءَ لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو. افغانستان وڃڻ جي لاءِ مون اهوئي رستو اختيار ڪيو، جيڪو ٻہ سال اڳ اسامہ سان ملڻ جي لاءِ اختيار ڪيو هوم ۽ آئون هڪ ڀيرو ٻيهر جلال آباد جي اسپرنگ هار هوٽل ۾ ترسيس. مون کي اهو ڊيسڪ ڪلارڪ ياد هو، جنهن سان آئون ٻهريون ڀيرو بہ مليو هئس. هاڻي هن بيحد ڏکي ڏاڍهي وڌائي ڇڏي هئي، جنهن جو مقصد مقامي قيادت سان نباهہ ڪرڻ هو. هن مون کان فقط هڪ رات ٽڪڻ جو ڪرايو 80 ڊالر وصول ڪيو، جيڪو هڪ عام افغانيءَ جي سڄي مهيني جي ڪمائي جي برابر آهي. هو پوءِ منهنجي ڪمري ۾ پڻ آيو ۽ مون کان وڌيڪ ڊالر يا پائونڊ ڪڍڻ جي ڪوشش ڪيائين.

ٻي ڏينهن صبح جو مون ڪابل ڏانهن سفر شروع ڪيو. ٽالسٽائي هڪ ڀيرو لکيو هو تہ، ”سکيا ستابا گهراڻا، هڪٻئي سان هڪجهڙائي رکندا آهن ۽ ناراض ۽ ناخوش گهراڻا پاڻ ۾ ملندڙ جلندڙ هوندا آهن.“ اها ڳالهہ قومن جي باري ۾ پڻ چئي سگهجي ٿي. افغانستان جو شمار پڻ ڪنهن خوشحال قوم ۾ نٿو ٿئي. 1970ع ۾ شايع ٿيل هڪ گائيڊ بوڪ موجب جلال آباد کان ڪابل جو سفر اڍائي ڪلاڪن جو آهي، پر 1970ع کان پوءِ ٿيندڙ لڳاتار جنگين انهيءَ رستي کي تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏيو آهي. انهيءَ تي ڪيترا ڪڏا ۽ ڪوٻا ٺهي ويا آهن. تنهن ڪري رستي تي پوڙها ۽ جوان انهن ڪڏن کي بجريءَ سان پرڻ جي لاءِ بيٺا هوندا آهن تہ جيئن اُتان لنگهندڙ گاڏين جي مسافرن يا مالڪن کان ڪجهہ خرچي ملي سگهي.

اسين جڏهن ڪابل ۾ داخل ٿياسين تہ اسان کي اهرو ئي منظر نظر آيو، جهڙو ٻي مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ برسٽن جو هو يا جيڪو حشر چچينا جي گاديءَ جي هنڌ گروزني جو هو، جڏهن روسين ٻيو ڀيرو انهيءَ خوبصورت شهر کي تباهہ ڪيو. انهيءَ ۾ ڪا حيرت جي ڳالهہ ڪونهي تہ پارڙا جڏهن ڪابل ۾ جنگ واري راند کيڏندا آهن تہ هو وات مان آمريڪي پارڙن وانگر

بينگ بينگ (Bang Bang) جو آواز نہ ڪيندا آهن، پر انهيءَ جي بدران هو ٺڪ ٺڪ ٺڪ جا آواز ڪيندا آهن. ڇو تہ هو انهن آوازن ۾ ئي پلجي جوان ٿيا آهن.

ڪابل ۾ رمضان بيحد مختلف هو. هڪ اهڙي ملڪ ۾ جتي لکين ماڻهو غربت جي انتهائي حد تائين هجن ۽ رات جو بکيا سمهڻ تي مجبور هجن، اُتي روزي جي اهميت وڏي وجهي ٿي. ڪابل ۾ رات جو نوين بجي ڪرفيو جهڙي صورتحال هوندي آهي. ائين بجي کان طالبان رستن تي واٽهڙن کي چيڪ ڪرڻ شروع ڪندا آهن. اهي اکين ۾ سرمون پائيندا آهن، جنهن ڪري سندن اکيون جهنگلي ٻليءَ وانگر ڀوائتيون نظر ايندڙيون آهن.

طالبان پنهنجو سخت گير اسلام سڄي افغانستان ۾ لاڳو ڪيو. مردن کي پنهنجي ڏاڙهي ڪوڙائڻ جي موڪل نہ هئي. عورتن کي سخت پردي ۾ رهڻو پيو ۽ هو پنهنجي محرم رشتي دار کان سواءِ گهر کان ٻاهر نڪري نٿي سگهيون. گهرن جي مالڪن کي حڪم ڏنو ويو تہ هو پنهنجي گهرن جي ٻاهرين درين جي شيشن تي ڪارو رنگ ڪن تہ جيئن ڪو سندن گهرن ۾ جانچي نہ سگهي. طالبان، ايران جي مخالفت انهيءَ ڪري ڪئي تہ اُتي عورتن کي نوڪري ڪرڻ، ووٽ ڏيڻ ۽ سياسي عهدا قبول ڪرڻ جي اجازت ڏني ويئي هئي. طالبان پنهنجن انهن طريقن جي حمايت ۾ اهو دليل ڏنو تہ اهو سڀ افغان ثقافت آهي، پٺاڻ يا افغان ٻهاڪو آهي تہ، "عورت يا تہ گهر جي اندر رهندي آهي يا قبر ۾."

1967ع ۾ هڪ جاپاني سيلانيءَ لکيو هو تہ 'ڪابل هڪ بين الاقوامي شهر آهي. جتي مرد مغربي انداز جا سوٽ پائين ٿا.' اُن زماني ۾ پاڪستان ۾ ڪا عورت مني اسڪرٽ پائي بازار ۾ گهمڻ جو تصور بہ نہ ٿي ڪري سگهي. پر ڪابل ۾ عورتون فيشن ايبل بازارين ۾ مني اسڪرٽس پائي گهمنديون هيون.

طالبان ڪيترن ئي سالن تائين، عورتن جي تعليم تي پابندي لاڳو ڪري رکي. انهيءَ جو سڀ کان وڏو نقصان اهو ٿيو تہ عورتن ۽ ٻارن جي مرضن ۽ بيمارين جي سڃاڻپ ۽ علاج جي سڄي ذميداري مرد ڊاڪٽرن تي اچي پيئي. هزارين عورتون رڳو انهيءَ ڪري موت جو شڪار ٿي ويون، جو ڪين علاج جي لاءِ مرد ڊاڪٽرن کي نہ ڏيکاريون ويون. نيٺ تنگ ٿي، 1999ع

۾ طالبان محدود تعداد ۾ ڊاڪٽر ۽ نرس عورتن کي شهري اسپتالن ۾ پريڪٽس ڪرڻ جي اجازت ڏني. هرات ۾ ’ورلڊ فوڊ پروگرام‘ تحت هڪ ساله ميڊيڪل ڊگري پروگرام شروع ڪيو ويو، جنهن ۾ 100 جي لڳ ڀڳ افغان عورتن شرڪت ڪئي. قندار ۾ مرد ڊاڪٽرن کي انهيءَ ڳالهہ جي موڪل ڏني ويئي تہ هو عورت مريضن جو علاج ڪري سگهن ٿا. 1997ع ۾ ’ورلڊ فوڊ پروگرام‘ تحت ڪابل ۽ مزار شريف ۾ 49 بيڪريون قائم ڪيون ويون، جتي رڳو عورتون ملازم هيون. اهي عورتون گهٽو ڪري بيواهون هيون، جيڪي افغان جهاد جي دوران پنهنجي مردن جي شهادت سبب بي گهر ۽ بي آسرا رهجي ويون هيون.

آئون ڪابل ۾ رهندڙ واحد يهوديءَ سان بہ گڏيس. هن جو نالو ’اسحاق ليوي‘ هو. هن جي ڏاڙهي اڇي هئي ۽ کيس هڪ وڏو هيٽ پاتل هو. سندس عمر سٺ سال هئي. هو حرات ۾ ڄائو ۽ هاڻ 25 سالن کان ڪابل ۾ رهيل آهي. 1979ع ۾ روس جي حملي کان اڳ ڪابل ۾ سٺ کن يهودي گهراڻا آباد هئا. اسحق ليويءَ جا چار پُٽ، هڪ ڌيءُ ۽ سندن اولاد، سيئي ٻين يهودي گهراڻن وانگر اسرائيل منتقل ٿي ويا ۽ هو اڪيلو رهجي ويو. هن پاڻ کي رابي ٿي ڇيو ۽ ڪابل شهر ۾ واحد ’توريت‘ وٽس هو. کيس مئي 1999ع ۾ گرفتار ڪيو ويو ۽ طالبان جي وزارت سندس پاڪ ڪتاب ’توريت‘ جي آخري جلد بہ ڪانئس کسي ورتي. پوءِ کيس آزاد ڪيو ويو. مون ڪانئس پڇيو تہ هو اڃا تائين ڪابل ۾ ڇو ترسيل آهي. هن وراڻيو هي گهر منهنجي پيءُ جي ملڪيت آهي، جيڪڏهن آئون اهو ڇڏي هليو ويس تہ طالبان ان تي قبضو ڪري وٺندا. (2001ع ۾ هن اسرائيلي حڪومت کي درخواست موڪلي هئي تہ کيس اسرائيل اچڻ جي موڪل ڏني وڃي.)

طالبان تي شيعن جي قتل عام جو الزام بہ آهي. ’ايمنسٽي انٽرنيشنل‘ موجب آگسٽ 1998ع ۾ طالبان سوين هزاره شيعن کي قتل ڪيو. مون طالبان جي جيلن جو معائنو ڪرڻ تي چاهيو. تنهن ڪري، پل چرخي جيل ويس. جيل جي اسسٽنٽ ڪمانڊر ملا خان جان، گيٽ تي منهنجو آدرڀاءُ ڪيو ۽ ٻڌايو تہ هن گذريل ڏيڍ مهيني کان اها ذميداري سنڀالي آهي. مزاحيہ مولويءَ، جنهن مون کي جيل ۾ گهمڻ ڦرڻ جي مڪمل آزادي ڏني، جيلر گهٽ ۽ ’فادر ڪرسمس‘ وڌيڪ ٿي لڳو.

جيل جي وڏي اڱڻ ۾ مون سوين قيدين کي چڪي پيهندي ڏٺو. بظاهر اهي قيدي سُٺي حالت ۾ هئا ۽ ساڻن ڪابہ بدسلوڪي نہ ڪئي ويئي هئي. انهيءَ جيل ۾ قيدين جو تعداد 1800 سؤ هو. جن کي چئن ڀاڱن ۾ ورهايو ويو هو.

(1) سياسي قيدي، (2) جنگي قيدي (گهڻا تڻا اترينءَ اتحاد وارا)،

(3) عام ڏوهاري ۽ (4) اهي قيدي جيڪي شريعت جي پابندي نہ ڪرڻ تي جهليا ويا هئا. سياسي ۽ جنگي قيدين جي اڪثريت هئي. هڪ سياسي قيديءَ ٻڌايو تہ هو ٻارهن مهينن کان قيد ۾ آهي. آئون شريعت جي خلاف ورزي ڪندڙ پندرهن قيدين سان مليس. انهن ۾ هڪ پوڙهو شخص هو. جنهن کي شراب پيئڻ تي اڍائي مهينا قيد جي سزا ملي هئي.

طالبان پنهنجي ڪيترن ئي قانونن ۽ پاليسين ۾ نرمي ڪري ڇڏي هئي. پر هو اسامہ بن لادن جي معاملي ۾ ڪابہ ڳالهہ ٻُڌڻ جي لاءِ تيار نہ هئا. اها ڳالهہ ڪابل ۾ منصوبابنديءَ واري وزير قاري دين محمد حنيف بہ واضح ڪري ڇڏي هئي. قاري دين محمد نون سالن جي عمر ۾ قرآن پاڪ حفظ ڪرڻ شروع ڪيو ۽ ٻارهن سالن جي عمر ۾ مڪمل حفظ ڪري ورتو، پر قاري صاحب افغانن کي غربت مان ڇوٽڪارو ڏيارڻ جي لاءِ ڪجهہ بہ ڪري نہ سگهيو.

"اسين زخميل ماڻهو آهيون." قاري دين محمد چيو، "گڏيل قومن افغانستان تي جيڪي پابنديون لڳائي رکيون آهن. انهن جو تمام گهڻو نقصان ٿيو آهي. انهن پابندين جي نتيجي ۾ اناج جون قيمتون ٻيڻيون ٿي ويون آهن."

اسامہ بن لادن جي باري ۾ قاري دين محمد چيو، "اهو معاملو تہ سج جيان روشن آهي. اسين پنهنجي روايتن تي قائم آهيون. هو (اُسامہ) دهشتگرد ڪونهي. هو مجاهد آهي. اولهہ هن تي هرويرو الزام هڻي رهيو آهي. اسامہ اسان جو مهمان آهي. مهمان نوازي اسان جي قديم روايت آهي."

طالبان قيادت يقينن، پٺاڻ قبائلين جي قديم روايت 'پختون ولي' تي عمل ڪري رهي آهي. پختون وليءَ جو بنيادي تصور 'ميلمہ سيتا' ۽ "نناواتي' تي آهي. 'ميلمه سيتا' جو مطلب اهو آهي تہ بنا ڪنهن معاوضي جي هر مهمان جي مزماني ۽ خاطر تواضع ڪئي وڃي ۽ 'نناواتي' جو مطلب پناهہ ڏيڻ آهي. طالبان جي قيادت، اسامہ کي پناهہ ڏيئي 'نناواتي' جي روايت

تي عمل ڪري رهي آهي. ’تناواتي‘ جي معنيٰ اها آهي تہ ڪنهن شخص کي مرڻ گهڙيءَ تائين پناهہ ۽ تحفظ فراهم ڪرڻ آهي.

1998ع ۾ هڪ پاڪستاني اخبار جي رپورٽ موجب ’تناواتي‘ جي روايت اجا تائين جيئري آهي. هڪ ضعيف قبائلي اڳواڻ پنهنجي ضلعي نما حويلي جي تباهي تہ برداشت ڪئي، پر پنهنجي پناهہ ۾ موجود شخص کي گورنر جي حوالي نہ ڪيو. طالبان بہ اهڙي طرح پناهہ وٺندڙ اسامہ بن لادن کي تحفظ فراهم ڪري رهيا آهن. جهڙي طرح وچينءَ اونداهي دور ۾ عيسائي پادري پنهنجي ديول ۾ پناهہ وٺندڙ ماڻهن جي حفاظت ڪندا هئا.

مون افغان پرڏيهي وزارت جي مولوي حفيظ الله سان بہ ڳالهہ ٻولهہ ڪئي. مولوي حفيظ چيو:

”اسين آمريڪين کي پسند ڪريون ٿا، پر اسين البرائيٽ، ڪلنٽن ۽ ڪوهن کي ٻڌائڻ ٿا چاهيون تہ اوهين هن خطي ۾ پنهنجي مستقل جي مفادن کي داءُ تي لڳائي رهيا آهيو. اسان تي لڳندڙ پابنديون، انهن افغانن کي بہ طالبان جي حمايت ڪرڻ تي مجبور ڪيو آهي، جيڪي حڪومت جا مخالف آهن. اسين هڪ قوم جي حيثيت سان گاهہ کائي جيئرا رهي سگهون ٿا. اسان کي پيپسي ڪولا جي گهرج ڪونهي. اسان کي گهيري هاڻ وڙهڻ تي مجبور ڪيو پيو وڃي.“

”بي مهاڀاري جنگ جي دوران بہ افغانستان تي اتحادين جو دٻاءُ رهيو هو. جو تہ افغانن پنهنجي ملڪ ۾ رهندڙ سوين جرمنن کي پناهہ ڏني هئي ۽ کين اتحادين جي حوالي ڪرڻ کان نابري واري هئي. اُهي مسلمان نہ هئا. پر اسان سندن تحفظ ڪيو.“

طالبان جي فيصلن ڪرڻ جو طريقو بلڪل لڪيل هوندو آهي، پر آخري فيصلي جو اختيار مُلا عمر جو هوندو آهي. ملا عمر جيڪو پاڻ کي پيغمبر اسلام جيءَ موئي مبارڪ (جوراب) جو محافظ چوي ٿو. اهو جوراب مبارڪ قنڌار ۾ رکيل آهي ۽ گذريل هڪ صدي جي دوران فقط ٽي ڀيرا عوام جي ڏسڻ لاءِ کوليو ويو آهي. ملا عمر پبلسٽيءَ جو شوقين ڪونهي ۽ هن تمام گهٽ انٽرويو ڏنا ۽ هو ڪابل بدران قنڌار ۾ رهڻ کي ترجيح ٿو ڏي. هن جو طاليان جي حڪومت ۾ ڪوبہ سرڪاري عهدو ڪونهي، پر هو اميرالمؤمنين سڏرائي ٿو. سندس چوڻ آهي تہ، ”اسامہ بن لادن کي آمريڪا

جي حوالي ڪرڻ اسان جي لاءِ ايترو ئي ڏکيو آهي، جيترو اسلام جي ڪنهن رڪن کان ڦرڻ.“

اسامہ بن لادن جي طالبان جي معزز مهمان هئڻ کان سواءِ، هڪ حيثيت اتحاديءَ جي بہ آهي. جيڪو ڪيترن ئي سالن کان لڳاتار فنڊز ۽ افرادي قوت جي شڪل ۾ طالبان جي مدد ڪري رهيو آهي. 1996ع ۾ اسامہ، طالبان کي ٽيهہ لک ڊالر ان وقت ڏنا، جڏهن هو ڪابل تي حملي جي تياري ڪري رهيا هئا. ايسوسيئيٽيڊ پريس جي نمائندي ۽ هڪ افغان صحافيءَ مون کي ٻڌايو تہ هن 1997ع ۾ ڪابل جي اُتر پاسي حملو ڪندڙ طالبانن سان، اسامہ جي ٽن سؤ عرب مجاهدن کي ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي وڙهندي ڏٺو، جيڪي جنگ ۾شريڪ هئا. هو، جديد هٿيارن سان هٿياربند هئا ۽ وٽن ٽئنڪون بہ هيون. 1999ع ۾ اسامہ بن لادن جي 505 بريگيڊ جا 400 عرب مجاهد، اترينءَ اتحاد جي خلاف طالبان جي حملن ۾ شامل هئا.

اُترينءَ اتحاد جو پرڏيهي وزير ڊاڪٽر عبدالله هڪ اهڙو شخص آهي، جيڪو اسامہ جي فوجي صلاحيتن کان چڱي طرح واقف آهي. ڊاڪٽر عبدالله سان منهنجي ملاقات سيپٽمبر 2000ع ۾ واشنگٽن جي ’مي فلاور‘ هوٽل جي لابيءَ ۾ ٿي. ڊاڪٽر عبدالله عبدالله ٻڌايو تہ اسامہ بن لادن جو 505 بريگيڊ ڪابل جي اُتر ۾ اُترينءَ اتحاد جي فوجن سان وڙهندو رهيو آهي. هن جي انٽيلي جنس ٽيم، اسامہ بن لادن جي ساٿين جا ٻہ ريڊيو پيغام بہ جهليا، جن ۾ هو قندوز جي علائقي ۾ فوجن جي چرپر بابت هدايتون ڏيئي رهيو هو. ڊاڪٽر عبدالله، اسامہ جي 505 بريگيڊ جي عرب فوجن جي باري ۾ چيو تہ هو بهترين ويڙهاڪ آهن ۽ هنن جا حوصلا غير معمولي طور تي بلند آهن.

ڊاڪٽر عبدالله عبدالله چيو تہ اسامہ جا عرب مجاهد، جنگ جي دوران، هٿيار ڦٽا ڪرڻ تي، موت کي ترجيح ڏين ٿا. 1999ع ۾ ’چاريڪار‘ جي محاذ جي ويجهو ڇهن عرب مجاهدن، جيڪي چئني طرفن کان گهيرجي چڪا هئا، آخر ۾ هٿيار ڦٽا ڪرڻ بدران دستي بمن سان پاڻ کي ماري ڇڏيو.

ڊاڪٽر عبدالله، اترينءَ اتحاد جي مارجي ويل ڪمانڊر احمد شاهہ مسعود جو ساٿي هو. احمد شاهہ هڪ پيشه ور سپاهي هو. جڏهن تہ ڊاڪٽر عبدالله هڪ پيشه ور سفارتڪار آهي. آئون سائٽس مليس تہ ڪيس نهايت نفيس قسم جي نيري جيڪٽ، سفيد شرٽ ۽ سلور ڪف لنڪس پاتل هو. ڊاڪٽر

عبدالله پيشي جي لحاظ کان اکين جو ماهر ۽ آئي سرجن آهي. هو 1985ع ۾ احمد شاهہ جي فوج ۾ شامل ٿيو، جيڪو پنجشير ماٿريءَ ۾ روسين جي خلاف وڙهي رهيو هو. ڊاڪٽر عبدالله پنجشير ۾ هڪ ميڊيڪل يونٽ قائم ڪيو. انهيءَ زماني ۾ روسين پنجشير ۾ احمد شاهہ مسعود جي مورچن تي وڏو حملو ڪيو هو. پنجشير کان پوءِ ڊاڪٽر عبدالله، احمد شاهہ مسعود جي سيڪريٽريءَ جي حيثيت سان ڪم ڪرڻ لڳو. بعد ۾ هو پرڏيهي وزير ٿيو. 9 سيپٽمبر 2001ع تي احمد شاهہ.مسعود جي قتل کان پوءِ ڊاڪٽر عبدالله، افغانستان ۾ آمريڪي انٽيلي جنس جي آپريشن ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. هن اسامہ بن لادن جي خلاف آمريڪي ايجنسين جي ڪاروائين ۾ بہ ڀرپور مدد ڪئي. تنهن کان سواءِ اتحادن جي بمباريءَ جي دوران بہ سرگرم رهيو.

اسامہ بن لادن ۽ ملا عمر جي وچ ۾ لاڳاپن جي نوعيت ڪهڙي آهي؟ سياسي خلقن ۾ اهو افواهہ گردش ڪندو رهيو آهي تہ ٻنهي جي وچ ۾ لاڳاپن ۾ شاديءَ جي ذريعي مضبوطي ۽ استحڪام پيدا ٿيو. چيو وڃي ٿو تہ ملا عمر، پنهنجي هڪ ڌيءَ جي شادي اسامہ بن لادن سان ڪئي آهي. پر طالبان عملدار سدائين انهيءَ جي ترديد ڪندا رهيا آهن (اسامہ بن لادن چوٿين ۽ آخري شادي 2000ع ۾ ڪئي. اسلامي شريعت ۾ چار شاديون ڪرڻ جي اجازت آهي. آخري زال يمني اتس.) چيو وڃي ٿو تہ طالبان 1998ع ۾ سعودي حڪومت سان هڪ ڳجهو ناهہ ڪري ورتو هو تہ اسامہ بن لادن کي سعودي حڪومت جي حوالي ڪيو ويندو. پر آفريقا ۾ آمريڪي سفارتخانن ۾ بم ڌماڪن ۽ افغانستان تي آمريڪي ڪروز ميزائلن جي حملن جي ڪري، انهيءَ ناهہ تي عمل ٿي نہ سگهيو.

فيبروري 1999ع ۾ طالبان ۽ اسامہ بن لادن جي وچ ۾ ڪن مامرن تي اختلافن جون خبرون بہ سامهون آيون. ملا عمر، اسامہ کي هدايت ڪئي تہ هو آمريڪا جي خلاف ڌمڪيءَ وارا بيان بند ڪري. ملا عمر ڊسمبر 1998ع ۾ اسامہ جي جاري ڪيل آمريڪا دشمن بيانن تي ناراض هو. طالبان، اسامہ کان سيٽلائٽ فون جي سهوليت بہ واپس وٺي لاٿي. تنهن کان پوءِ اسامہ بين الاقوامي سڌ سماءُ جي ذريعن کي انٽرويو ڏيڻ بند ڪري ڇڏيا. انٽرويوز جي بدران اسامہ جون تقريرون ويڊيو ٽيپ جي شڪل ۾ جاري ڪيون ويون ۽ عرب سُڌسماءُ جي ذريعن تان اهي نشر ڪيون ويون.

جون 2001ع ۾ ملا عمر چيو تہ، اسامہ بن لادن جي جاري ڪيل فتوائن کي ڪالعدم تصور ڪيو وڃي. چو تہ اسامہ کي فتوئا جاري ڪرڻ جو ڪوبہ ديني اختيار حاصل ڪونهي. پر اُن وقت تائين افغان عالم، سعودي عرب ۾، آمريڪي فوج جي موجودگيءَ جي خلاف پنهنجي فتوئا جاري ڪري چڪا هئا. طالبان، افغانستان ۾ اسامہ بن لادن جي فوجي تربيتي ڪئمپن کي بند ڪرڻ يا انهن جي خلاف ڪارروائي ڪرڻ ۾ ڪابہ دلچسپي نہ ورتي. انهن ڪئمپن ۾ استعمال ٿيندڙ هٿيار طالبان کان ئي خريد ڪيا ويندا هئا. هڪ افغان صحافي مون کي ٻڌايو تہ هو پشاور، ڪوئٽا ۽ لاهور ۾ مختلف ديني مدرسن ۾ زيرِ تعليم پاڪستانين سان مليو، جيڪي 1999ع ۾ فوجي سکيا جي لاءِ ڪابل آيا هئا. فوجي تربيت حاصل ڪندڙن ۾ سڀ کان گهڻا پاڪستاني هئا. ٻين قوميتن ۾ چيچين، ڪشميري، آزبڪ، تاجڪ، بنگلاديشي، مصري، الجزائري، لبيائي، يمني، چيني، يوغور، جرمني، ۽ آفريقي آمريڪن شامل هئا.

مون آمريڪي عملدارن، پاڪستاني ۽ افغاني ذريعن سان ڪيل انٽرويوئن جي ذريعي حاصل ڪيل معلومات جي بنياد تي اندازو لڳايو تہ 2000ع ۾ افغانستان ۾ هڪ ڊزن کان بہ وڌيڪ فوجي تربيتي ڪئمپون ڪم ڪري رهيون هيون. گڏيل قومن جو هڪ عملدار، جيڪو باقاعدگيءَ سان افغانستان جا دورا ڪندو رهندو آهي، مون کي ٻڌايو تہ عرب ۽ چيچين مجاهدن جي هڪ ڪئمپ جلال آباد کان ويهہ ڪلوميٽر ڏکڻ ۾ موجود آهي. جتي ڊگهي عرصي تائين اسامہ بن لادن خود بہ ترسيل رهيو.

اترينءَ اتحاد جي ڊاڪٽر عبدالله، مختلف بين الاقوامي ڪئمپن جي نشاندهي ڪئي ۽ ٻڌايو تہ انهن مان هڪ ڪئمپ ’خوست‘ جي ويجهو هئي، جنهن کي آگسٽ 1998ع ۾ آمريڪي ڪروز ميزائلن تباهہ ڪري ڇڏيو هو. پر بعد ۾ اها ٻيهر تعمير ڪئي ويئي. ٻي ڪئمپ، جلال آباد ۾ ’هده‘ جي پرسان هئي، جيڪا سڌي سنئين اسامہ بن لادن جي نگرانيءَ ۾ هئي. ٽين ڪئمپ ڪابل ۾ ’چهارسياب‘ جي هنڌ تي هئي، جيڪو ڪنهن زماني ۾ گلبدين حڪمت يار جي قبضي ۾ رهيو هو. مون 1993ع ۾ انهيءَ ڪئمپ جو دورو ڪيو ۽ انهيءَ کي فوجي مقصدن جي لاءِ مناسب ڀاتو. انهيءَ ۾ مجاهدن جي ترسڻ جي لاءِ وڏيون وڏيون بيرڪس موجود هيون. چوٿين ڪئمپ ڏکڻ

وچ افغانستان ۾ هئي، جيڪا ارزگان جي هنڌ تي هئي.

1999ع ۾ پاڪستاني عملدار، جيڪي ڪڏهن بہ طالبان جي فوجي تربيتي ڪئمپن تي تنقيد نہ ڪندا هئا. تشويش محسوس ڪرڻ لڳا. چو تہ سندن خيال هو تہ انهن ڪئمپن مان سکيا ورتل ڪي ماڻهو پاڪستان ۾ شيعہ - سني فسادن جو سبب بنجي رهيا آهن. نواز شريف، پنهنجي حڪومت جو تختو اونڌو ٿيڻ کان هڪ هفتو اڳ چيو هو، ”اسان وٽ انهي ڳالهہ جا پڪا ثبوت آهن تہ افغانستان ۾ فوجي تربيتي ڪئمپن ۾ اهڙا ماڻهو بہ سکيا وٺي رهيا آهن، جيڪي پاڪستان ۾ ماڻهن کي قتل ٿا ڪن.“

جون 2000ع ۾ پاڪستان جي فوجي حڪومت طالبان کي 18 فوجي ڪئمپن جي هڪ فهرست ڏني، جتي پاڪستاني ويڙهاڪن کي فوجي تربيت ڏني ويندي هئي. پاڪستان جي شڪايت تي، طالبان، ڪابل جي ويجهو اهڙيون بہ ڪئمپون بند ڪري ڇڏيون. پر مقامي ماڻهن جو چوڻ هو تہ انهن ڪئمپن کي اُتر ۾ منتقل ڪيو ويو آهي ۽ جتي انهن کي اترينءَ اتحاد جي خلاف جنگ ۾ استعمال ڪيو ويو.

جنوري 2000ع ۾ افغانستان جي پرڏيهي وزير وڪيل احمد متوڪل، سي - اين - اين کي ڏنل انٽرويو ۾ چيو، ”اسان کي فوجي ڪئمپون ناهڻ يا ماڻهن کي فوجي سکيا ڏيڻ جي ڪابہ ضرورت ڪونهي. اهڙيون ڪئمپون پاڻ مرادو بند ٿي چڪيون آهن.“ پر طالبان انهن فوجي ڪئمپن کي بند نہ ڪيو ۽ آمريڪي صدر جارج ڊبليو بش چيو تہ هو خود انهن جي خلاف ڪارروائي ڪندو.

2001ع ۾ اعتدال پسندي جا آثار ظاهر ٿيڻ جي باوجود بہ طالبان تي عملي طور تي انتها پسندن جو ڪنٽرول رهيو. ملا عمر، ملڪ ۾ انهن سيني مجسمن کي ٽوڙڻ جو حڪم ڏنو، جيڪي صدين کان اُتي موجود هئا ۽ جاندار شڪل سان مشابهت رکڻ جي ڪري غير اسلامي قرار ڏنا ويا. 2000 سال اڳ افغانستان ٻُڌ ڌرم جي پوئلڳن جي ڪنٽرول ۾ رهيو هو. تنهن ڪري اتي ٻُڌ ثقافت سان واسطو رکندڙ هزارين مجسما موجود هئا. انهن ۾ بہ مجسما ٽڪرين ٽُڪي ٺاهيا ويا هئا ۽ ٽين ۽ پنجين صدي عيسوي سان واسطو رکندا هئا. 1970ع جي ڏهاڪي تائين اهي مجسما پرڏيهي سيلانين جي خاص دلچسپيءَ جو مرڪز رهيا هئا. مارچ 2001ع ۾ طالبان فوجين ڌماڪيدار مادن ۽ توپ خاني جي گولن سان اهي تباهہ ڪري ڇڏيا. افغانستان جي هندن کي

هدايت ڪئي ويئي تہ هو پيلا ڪپڙا پائن ۽ پنهنجي گهرن تي پيلا نشان هڻن تہ جيئن سندن سڃاڻپ ٿي سگهي تہ هو غير مسلم ۽ هندو آهن. ڪِن چيو ويو تہ جيڪڏهن هو ائين نہ ڪندا تہ مسلمانن سان گڏ رهي نہ سگهندا.

طالبان پرڏيهي امدادي ايجنسين جي لاءِ بہ افغانستان ۾ رهڻ ڏکيو بنائي ڇڏيو. آگسٽ 2001ع ۾ طالبان 24 امدادي ڪارڪنن کي عيسائيت جي تبليغ جي الزام ۾ گرفتار ڪري ورتو. افغانستان ۾ غير ملڪين جي لاءِ انهيءَ ڏوهہ جي سزا ملڪ بدري ۽ مقامي افغانين جي لاءِ موت جي سزا هئي. سيپٽمبر 2001ع ۾ طالبان واضح طور تي اعلان ڪيو تہ هو اسامہ بن لادن کي آمريڪا جي حوالي نہ ڪندا. انهيءَ وقت افغانستان ۾ جهادي تحريڪ پوري عروج تي هئي. خاص طور تي ڪشمير مان هٿياربند ويڙهاڪن جو هڪ وڏو تعداد هٿيارن ۽ گولا بارودن جي استعمال جي سکيا لاءِ افغانستان ۾ قائم اسامہ جي ڪئمپ ۾ اچي رهيو هو. ازبڪستان، تاجڪستان ۽ ڪرغيزستان مان بہ وڏي تعداد ۾ مقامي مجاهد فوجي سکيا جي لاءِ انهن ڪئمپن ۾ اچي رهيا هئا. وچ اوڀر جي ملڪن مان خاص ڪري مصر سان واسطو رکندڙ افغان عرب آمريڪي فوجي مرڪزن ۽ نشانن تي حملن جون تياريون ڪري رهيا هئا. ورلڊ ٽريڊ سينٽر ۽ پينٽاگون تي حملن سان اها ڳالهہ ثابت ٿي ويئي تہ افغانستان ۾ قائم، اسامہ بن لادن جون ڪئمپون ۽ انهن جو نيٽ ورڪ آمريڪا جي سلامتيءَ جي لاءِ سڀ کان وڏو خطرو بنجي چڪو آهي.

# [ 10 ]

هڪ يمني چوٽي آهي تہ، ”ايمان بہ يمني هجي، شعور بہ يمني هجي.“

اسامہ بن لادن يمني جهادي تنظيمن جي حوالي سان چيو هو، ”ڪافرن جا مٿا هر طرف اڇلبا رهن ۽ انهن جا عضوا چوڌاريءَ پکڙجندا رهن. اسلام جي فتح جو ڏينهن اچي پهتو ۽ يمن ۾ اسان جون تازيون سوڀون جاري رهنديون“ (اها ڳالهہ اسامہ بن لادن 2001ع ۾ القاعده جي هڪ وڊيو ٽيپ ۾ ريڪارڊ پنهنجي تقرير ۾ چئي هئي. اها تقرير يمن ۾ آمريڪي بحري جنگي جهاز ’ڪول‘ تي ڪامياب حملي جي آدرياءُ ۾ ڪئي ويئي هئي.)

اهو 12 آڪٽوبر 2000ع جو صبح هو. بہ يمني پنهنجي نسان ٽرڪ ۾ ’عدن‘ جي بندرگاهہ جي ويجهو سمنڊ جي ساحل تي پهتا. انهيءَ نسان ۾ 500 کان 700 پائونڊ ڌماڪيدار مادو لڏيل هو. ڪين انهيءَ ڳالهہ جي خبر هئي تہ سندن مقصدن ۾ ڪاميابي جا امڪان گهٽ آهن، ڇو تہ آمريڪي بحري جنگي جهاز ’ايس - ايس - ڪول‘ کي فقط هڪ ڪلاڪ جي لاءِ پيٽرول وٺڻ جي لاءِ لنگرانداز ٿيڻو هو. هنن هڪ ٻارهن سالن جي يمني ڇوڪري کي ڪجهہ رقم ڏني تہ هو سندن ٽرڪ جو خيال رکي ۽ خود پندرهن منٽن جي لاءِ سمنڊ جي سير لاءِ نڪري ويا تہ جيئن اهو معلوم ڪري سگهن تہ ڪول ڪهڙي هنڌ تي لنگرانداز ٿيل آهي. هنن جهاز جي عملي کي عرشي تي بيٺل ڏٺو ۽ پوءِ انهن ڏانهن ڏسي هٿ لوڏي سندن آدرياءُ ڪيو. انهيءَ کان پوءِ جهاز سان ٽڪرائجندڙ بارود کي تيلي ڏني. ڌماڪي سان آمريڪي بحري جنگي جهاز جي فولادي ڍانچي ۾ 40 x 60 فوٽن جو سوراخ ٿي پيو ۽ 17 آمريڪي ملاح مُئا ۽ 39 زخمي ٿيا. جڏهن تہ انهيءَ حملي ۾ انهيءَ جهاز کي 25 ڪروڙ ڊالرن جو نقصان پهتو.

انهيءَ کان اڳ ڪنهن بہ ’جهادي گروپ‘ سڌو سنئون آمريڪي جنگي جهاز تي حملي جي جرئت نہ ڪئي هئي. تنهن ڪري انهيءَ حملي پينٽاگون کي لوڏي ڇڏيو. گذريل ڏهن سالن جي دوران يمن جي سرزمين طاقتور اسلامي ويڙهاڪن کي لڳاتار اجهو جي دعوت ڏيئي رهي هئي. انهيءَ جي ڪري ملڪ ۾ طوائف الملوڪي جي ڪيفيت هئي ۽ مرڪزي حڪومت بيحد ڪمزور هئي. ملڪ جي ڏورانهن جابلو علائقن ۾ اهڙين ڪئمپن جي تعمير آسان هئي، جتي فوجي تربيت ڏيئي سگهجي. تنهن ڪانسواءِ يمن، خاص طور تي نهايت اهم هنڌ تي هو ۽ هتان آمريڪي ۽ برطانوي نشانن تي حملا ٿي پي سگهيا. يمن جي پڪن مسلمانن، افغانستان وانگر يمن کي بہ هڪ بنياد پرست رياست ۾ بدلائڻ ٿي چاهيو. افغانستان تہ چئني طرفن کان خشڪيءَ ۾ گهيريل هو، پر يمن نهر سوئيز جي ڪري نهايت اهم علائقي ۾ هو. يمن هڪ اهڙو هنڌ هو، جتي اولهہ جي خلاف ڪابہ تحريڪ اُڀارڻ بيحد سولي هئي.

آئون يمن پهتس تہ يمني حڪومت صنعا جي اُتر ۾ اولهہ جي صحافين کي اغوا ڪندڙ مجاهدن تائين پهچائڻ جي لاءِ پين سهولتن سان گڏ مون کي هٿياربند محافظ بہ ڏنا. اهي محافظ اڌ ڊزن يمني فوجي هئا. جيڪي هڪ ٽويوٽا پڪ اپ ۾ سوار هئا. انهيءَ پڪ - اپ جي فرش تي هڪ ڳري مشين گن ڪُتل هئي. يمني فوجي زرد ۽ ڀوري ريگستاني يونيفارم ۾ هئا. يمن ۾ منهنجو سڀ کان وڏو مسئلو انهن مان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ هو. ڇو تہ هو منهنجي آزادانہ چرپر ۾ رڪاوٽ هئا. آئون انهن کي دوکو ڏيڻ ڪانسواءِ يمني قبائلي سردار شيخ محمد بن شجيعه سان ملاقات ڪري نہ ٿي سگهيس. هن جو علائقو سعودي عرب جي ريگستان ’ربع الخالي‘ جي ويجهو يمن جي حدن ۾ هو ۽ اتي هن هڪ وڏو ريگستاني قلعو ٺاهيو هو. هو انهن ڪجهہ ماڻهن مان هڪ هو، جيڪي اسامہ بن لادن جي باري ۾ ڪجهہ معلومات فراهم ڪري ٿي سگهيا.

سعده جي هنڌ تي پهچي مون پنهنجي محافظ فوجين کان موڪلايو. هو سمجهي رهيا هئا تہ اسين اُتي موجود هڪ سياحتي هنڌ جي سير جي لاءِ وڃي رهيا آهيون. انهن فوجين جي روانو ٿيندي ئي شجيعہ جا هٿياربند محافظ اچي ويا ۽ هنن مون کي پنهنجي حفاظت ۾ وٺي لاٿو. ۽ پنهنجي گاڏيءَ ۾ ويهاري روانا ٿي ويا. اسين اوڀر طرف لڳاتار سفر ڪندا رهياسين، اسان جي آسپاس،

خشڪ جابلو ٽڪرين ۽ انهن پٿريلن ڪڏن ۽ ڪاهين ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ هو. رستي ۾ اسان کي ڪابہ جيئري شئي نظر نہ آئي.

اوچتو اسان جي مٿن تي بہ زوردار ڌماڪا ٿيا. بن شجيعہ جي هڪ گن مين، جيڪو لارينس آف عربيه جي فلمي ڪردار عمر شريف جهڙو هو، پنهنجي ڪلاشنڪوف سنڀالي ۽ گاڏي مان ٻاهر ٽپ ڏنائين. انهيءَ سان گڏ ڊرائيور بہ لهي ويو. ان جي هٿ ۾ بہ هڪ پستول ۽ هڪ رائفل هئي. هڪ ڦڪي رنگ جي هٽڊي پڪ اپ اسان جي ويجهو اچي بيٺي ۽ انهيءَ مان ٽي سخت چهري وارا ماڻهو ٻاهر نڪتا. هنن جي بندوقن جا رخ اسان جي طرف هئا. ٻنهي پاسن کان سخت ۽ کهري لهجي ۾ تيز تيز آواز ۾ ڳالهہ ٻولهہ ٿي. بعد ۾ هڪ شخص ٻڌايو تہ هو پنهنجي ڪجهہ ساٿين جي لاءِ ٿورو اڳيان ٿائين لفٽ گهري رهيا هئا، پر منهنجي مترجم ٻڌايو تہ هو اسان کي اغوا ڪرڻ جي لاءِ آيا هئا، پر جڏهن ڪين اندازو ٿيو تہ سندن مهاڏو هر لحاظ کان هٿياربند ۽ خطرناڪ ماڻهن سان آهي تہ هنن ارادو بدلائي ڇڏيو.

نون مهمانن پنهنجا هٿيار بہ اسان کي پيش ڪيا تہ جيئن اسين مٿن اعتبار ڪريون. پر اسان جي ساٿي عمر شريف اهو چئي انڪار ڪري ڇڏيو تہ انهيءَ جو فيصلو هاڻ معزز شيخ ڪندو. ڇو تہ اهو معاملو وڏي بہ سگهي ٿو. انهيءَ خطي ۾ اهڙن معاملن جا فيصلا بندوق جي ناليءَ سان ٿيندا آهن. يمن ۾ منهنجي مشن جي شروعات اهڙي تہ سنسني خيز انداز ۾ ٿي، جنهن جو آئون تصور بہ ڪري نٿي سگهيس. يمن جي تاريخ اغوا ۽ دهشتگرديءَ جي واقعن مان ڀري پئي آهي. مرڪزي حڪومت جو ڏورانهن پهاڙي ۽ ريگستاني علائقن تي عملي طور ڪوبہ ڪنٽرول ڪونهي.

يمن گذريل 25 سالن کان شديد گهرو لڙائي جي وڪڙ ۾ آهي. هتي ٽي وڏا هٿياربند گروپ هڪٻئي سان مهاڏو اٽڪائيندا رهيا آهن. انهن ۾ ڪميونسٽ، قومپرست ۽ اسلامي ويڙهاڪ شامل آهن. انهن ۾ آخري وڏي جنگ 1994ع ۾ وڙهي ويئي.

80 لکن جي آباديءَ واري هن ملڪ ۾ سادا ڇهہ ڪروڙ هٿيار ورهايا ويا. هڪ انگريزي فلم Rules of Engagment ۾، جيڪا آمريڪي بحري جهاز ڪول تي حملي کان ڪجهہ هفتا اڳ جاري ڪئي ويئي. انهيءَ ۾ سيموئيل ايل جيڪسن مرڪزي ڪردار ادا ڪيو ۽ مٿس سوين يمني شهرين جي قتل

جو الزام لڳو. انهيءَ فلم ۾ ڏيکاريو ويو هو تہ يمني شهرين جو هڪ گروهہ صنعا ۾ آمريڪي سفارتخاني جي عمارت کي گهيري ۾ وٺي ٿو لائي. درحقيقت اها ’هالي ووڊ‘ جي فلمي ضرورت هئي، نہ تہ صنعا ۾ آمريڪي سفارت خانو ڪنهن پراڻي محل ۾ قائم ڪونهي ۽ نہ وري انهيءَ جي چوڌاري ڪو اهڙو مظاهرو ممڪن آهي. آمريڪي سفارتخاني جي عمارت، حقيقت ۾ صنعا جي گهٽين جي اندر ڪنهن وڏي شاهراهہ کان گهڻو پري مٿاهين قلعي وانگر پٿرين جي پويان محفوظ آهي. پر يمن ۾ Rules of Engagment جي صورتحال جي عڪاسي انهيءَ مان ٿئي ٿي تہ آمريڪي جنگي جهاز ڪول تي حملي کان پهرين، برطانوي سفارتخاني جي ٻاهرين پٽ کي بم جي ڌماڪي سان اُڏايو ويو هو. اهو ڌماڪو، جيئن تہ صبح جو ڇهين بجي ٿيو هو، تنهن ڪري ڪوبہ زخمي نہ ٿيو. جنوري 2001ع ۾ يمن ۾ آمريڪي سفير جي جهاز کي عراق سان همدردي رکندڙ هڪ شخص اغوا ڪري ورتو، پر انهيءَ شخص تي قابو پاتو ويو.

جون 2001ع ۾ ايف - بي - آئي جي انهن ايجنٽن کي يمن مان وڃڻو پيو، جيڪي آمريڪي بحري جنگي جهاز ’ڪول‘ تي حملي جي جانچ ڪري رهيا هئا ۽ آمريڪي سفارتخانو بہ بند ڪيو ويو، ڇو تہ اسلامي ويڙهاڪن پاران حملي جو خطرو هو. يمني پوليس 10 ڄڻن کي گرفتار ڪيو، جن جو واسطو اسامہ بن لادن سان هو. هنن وٽان بم ناهڻ جو سامان، دستي بم ۽ آمريڪي سفارت خاني جي عمارت جي آسپاس جو نقشو مليو.

يمن سدائين پراچين دور سان واسطو رکندڙ وسندين، پراسرار آبادين، کنڊرن ۽ آثارن جي ڪري سيلانين جي دلچسپيءَ ۽ ڌيان جو مرڪز رهيو آهي. صنعا جو قديم شهر مٽي جي سرن سان ٺهيل ’مني اسڪائي اسڪريپرز‘ تي مشتمل آهي. اهي عمارتون ٻارهن ماڙ آهن، انهن کي اڇي چُن سان سجايو ويندو آهي. هر عمارت جي آخري ماڙ تي هڪ ڪمرو هوندو آهي، جيڪو ’مفراج‘ سڏبو آهي، جتي ماڻهو منجهند جي ماني کان پوءِ آرام ڪندا آهن ۽ قت سان شغل ڪندا آهن. ”قت“ جا ساوا پتا هلڪو نشو ڪندڙ ۽ سرور ڏيندڙ آهن.

صنعا جي گهٽين ۾ پراڻي دور جا منظر نظر اچن ٿا. هر هنڌ لوهار وڻا مختلف اوزار ٺاهيندا نظر ايندا آهن. ترن جو تيل ڪڍندڙ گهاڻا، جن کي اُٺ

هلائيندا آهن. اڌ اونداهي گهٽين ۾ دڪان، جن کي ميڻ بتين سان روشن ڪيو ويندو آهي. پراڻا هٿيار ۽ ٽوٽي دار پستول، سچا موتي وڪرو ٿي رهيا هوندا آهن. مرد نهايت خوبصورت سجايل پٽيون ٻڌيو پيا هلندا آهن، جن ۾ چاقو ۽ پستول ٽنگيل هوندا آهن. منهنجو مترجم جيڪو ڊنڊي جي لحاظ کان هڪ اخبار ۾ ويب ماسٽر هو، ڪا سؤ سال پراڻي نهيل ۽ گلن چٽن سان سينگاريل پٽي پايو پي گهميو. جنهن ۾ سندس خنجر سان گڏ پيجر به لڙڪي رهيو هو.

آئون جڏهن يمن پهتس تہ رمضان شريف شروع ٿي رهيو هو. جيئن ئي سانجهي ٿي هر مسجد مان ”الله اڪبر ـ الله اڪبر“ جا آواز بلند ٿيڻ لڳا. ماڻهو سحري جو سامان خريد ڪرڻ جي لاءِ بازارين ۾ ڪاهي پيا. رمضان جي مهيني ۾ يمن ۾ ڪم جو وقت بدلجي ويندو آهي. دڪان منجهند جو کلندا آهن ۽ رات جو ٽين بجي تائين کليل هوندا آهن. رات جو ٻارهين بجي صنعا ائين لڳندو آهي ڄڻ ’مين هٽن‘ هجي. ’شاپنگ مال‘ ۾ سنگ مرمر جي فرش تي يمني عورتون، ڪارين چادرين ۾ يا برقعن ۾ ڪولڊ ڊرنڪس پيئنديون نظر اينديون آهن. مرد پنهنجي وات ۾ ’قت‘ دٻائي هيڏي هوڏي ايندي ويندي نظر ايندا آهن. مون جڏهن پهريون ڀيرو ”قت“ استعمال ڪئي تہ انهيءَ جو ذائقو گاهہ جهڙو لڳم. پر انهيءَ ۾ ”مارٽيني“ جهڙي تيزي هئي. انهيءَ ۾ ڪا حيرت جي ڳالهہ ڪونهي تہ يمن ۾ وزير اعظم کان وٺي عام ڳوٺاڻي تائين هر شخص ”قت“ چٻاڙيندو هجي.

آمريڪي بحري جنگي جهاز ’ڪول‘ تي حملي کان ڇهہ هفتا پوءِ آئون صنعا ۾ هئس. پر قديم شهر صنعا جي رستن تي گهمندڙ ماڻهو مون کي خوش آمديد چئي رهيا هئا. جيتوڻيڪ يمن تمام گهڻو غريب ملڪ آهي، پر انهي جي رستن تي مرسڊيز ۽ ٽويوٽا ڪارن جو ٽريفڪ جام ٿو رهي. انهيءَ مان پتو پوي ٿو تہ هر گهراڻي جو ڪونہ ڪو فرد ريال ڪمائي رهيو آهي. يمن ۾ 1978ع کان وٺي ليفٽيننٽ جنرل علي عبدالله صالح اقتدار ۾ آهي. پارليامينٽ ۾ ’جماعت اصلاح پارٽي‘ سڀني کان وڏي پارٽي آهي، جيڪا قبائلي اسلامي مزاج جي حامل آهي. تنهن کان سواءِ قومپرست ۽ سوشلسٽ پارٽيون بہ آهن.

يمن، اسامہ بن لادن جي سرگرمين جو اهم مرڪز رهيو آهي ۽ افغان جهاد جي دوران سڀني کان وڌيڪ رضاڪار يمن جا هئا. جڏهن روسي افغانستان

مان موٽي ويا تہ اهي رضاڪار يمن آيا تہ سندن آڌرڀاءُ ڪيو ويو. جڏهن تہ مصر، شام ۽ اردن واپس ايندڙ رضاڪارن کي گرفتار ڪري جيلن ۾ وڌو ويو. 1991ع ۾، افغان جهاد جي آزموده يمني عربن اتر يمن جي پهاڙن ۾ هڪ جهادي ڪئمپ قائم ڪئي جيڪا 'سعده' جي وسندي جي ويجهو هئي. اسامہ بن لادن جي مالي مدد سان يمن جي ڏکڻي بيابان ۾ بہ هڪ فوجي تربيتي ڪئمپ قائم ٿي.

افغان عرب مجاهدن پهريون ڀيرو 1992ع ۾ يمن ۾ آمريڪي فوجي نشانن تي حملو ڪيو. عدن جي ٻن هوٽلن جي ٻاهر بم ڌماڪا ٿيا. انهن هوٽلن ۾ لڳ ڀڳ هڪ سؤ آمريڪي فوجي ٽڪيل هئا، جيڪي صوماليا وڃي رهيا هئا. القاعده صوماليا ۾ آمريڪي فوج جي آمد کي اسلام دشمن ۽ صوماليا دشمن قرار ڏنو هو. انهن بم ڌماڪن ۾ هڪ آسٽريلوي سيلاني ۽ هڪ مقامي رهاڪو مارجي ويا، پر ڪوبہ آمريڪي مئو يا زخمي نہ ٿيو. انهن حملن کان پوءِ پينٽاگون اعلان ڪيو تہ هو صوماليا آپريشن جي لاءِ يمن کي استعمال نہ ڪندو. اسامہ بن لادن سي - اين - اين کي انٽرويو ڏيندي يمن جي حملن جو حوالو هيئن ڏنو، "جيڪڏهن آمريڪا جو خيال آهي تہ هو ويٽنام، بيروت، عدن ۽ صوماليا ۾ پنهنجي شڪست کي وساري سگهي ٿو تہ هو هتي واپس اچي ڏسي." انهيءَ للڪار کي آمريڪين پنهنجي لاءِ حقيقي خطرو تصور ڪيو.

يمن ۾ هڪ اولهہ جي سفارتڪار ۽ هڪ سينئر يمني آفيسر موجب، جنهن شخص صنعا جي هوٽل ۾ بم ڌماڪا ڪيا؛ اُهو طارق الفضلي هو. طارق الفضلي ابيان جي سلطان جو پٽ هو. 1967ع ۾ سوشلسٽن ڏکڻ يمن مان برطانيا کي ڌڪي ڪڍيو، جيڪو سؤ سالن کان عدن تي قبضو ڪريو ويٺو هو. انهي وقت عدن جو نواب الفضلي جو پيءُ هو، جيڪو بادشاهت کان محروم ٿيڻ کان پوءِ سعودي عرب هليو ويو ۽ طارق الفضلي سعودي عرب ۾ ئي پلجي نپجي وڏو ٿيو. هوش سنڀالڻ کان پوءِ طارق الفضلي افغانستان هليو ويو، جتي هو ٻن سالن تائين ڪميونسٽن جي خلاف جهاد ۾ شريڪ رهيو. اُتي ئي سندس ملاقات اسامہ بن لادن سان ٿي ۽ ٻنهي جي وچ ۾ گهرا لاڳاپا قائم ٿيا. 1989ع ۾ روسين جي افغانستان مان واپسي کان پوءِ الفضلي، افغان عربن جي اڳواڻ جي حيثيت سان يمن آيو. انهن افغان عربن جي گروپ جي حيثيت

ڪنهن تنظيم ڪان وڌيڪ هڪ جهڙو ذهن رکندڙ هٿياربند ويڙهاڪن جهڙي هئي. اسامہ بن لادن انهي گروپ کي ڏکڻ يمن ۾ سوشلسٽن جي حڪومت جي خاتمي لاءِ مالي مدد ڏني.

1992ع ۾ هوٽل ۾ بم ڌماڪي کان پوءِ حڪومت الفضلي جي گرفتاري جي لاءِ هڪ بکتر بند بريگيڊ روانو ڪيو. الفضلي، عدن جي پرسان 'مراڪشا' ٽڪرين ۾ پنهنجي قلعي جهڙي حويلي ۾ هو. الفضلي هٿيار ڦٽا ڪيا. الفضلي جي هڪ نائب جمال النهضي تي بہ انهن بم ڌماڪن جو الزام هو، پر يمني حڪومت پنهي کي رعايت ڏيڻ تي مجبور هئي. الفضلي هينئر يمن جي صدر جي ذاتي چونڊيل 'صلاحڪار ڪونسل' جو ميمبر آهي ۽ سندس ڀيڻ جي شادي صدر صالح جي خاندان سان واسطو رکندڙ هڪ جنرل علي محسن الاحمر سان ٿي آهي. جڏهن تہ النهضي، صنعا جو هڪ ڪامياب ڪاروباري شخص ۽ يمن جي حڪمران جماعت جي مستقل ڪميٽي جو ميمبر آهي.

يمن ۾ هوٽل جي ٻاهر بم ڌماڪن مان ظاهر ٿيو تہ يمن جي افغان گروپن جو ڇا پروگرام آهي.

1992ع ۾ اسامہ بن لادن جي تنظيم القاعده پاران هڪ فتويٰ جاري ڪئي ويئي، جنهن ۾ آمريڪي فوجي نشانن تي حملن جي اپيل ڪئي ويئي هئي. 1990ع جي ڏهاڪي ۾ يمن جي سياسي حالتن جو عرب افغانن کي پورو فائدو ٿيو. 1990ع تائين يمن ٻن حصن ۾ ورهايل هو. اُتر ۾ عرب جمهوريہ يمن ۽ ڏکڻ ۾ مارڪسٽ عوامي جمهوريہ يمن. 1994ع ۾ اُتر يمن، ڏکڻ يمن جي خلاف جنگ ڇيڙي ڇڏي. شيخ عبدالماجد زندانيءَ، جيڪو ناليرو اسلامي اسڪالر ۽ اسلام پسند اصلاح پارٽي جو باني هو، تنهن افغان عربن کي ڏکڻ يمن جي خلاف جنگ جي لاءِ راضي ڪيو. افغان جهاد جي دوران شيخ عبدالماجد زنداني، يمن ۾ يمني مجاهد رضاڪارن کي ڀرتيءَ ۾ بہ اهم ڪردار ادا ڪيو هو. انهي جنگ ۾ اُتر يمن کي سوڀ ملي. افغان عربن جا جٿا جڏهن ڏکڻ يمن جي گاديءَ جي هنڌ عدن ۾ داخل ٿيا تہ هنن ڏکڻ يمن جي شراب سازيءَ جي اڪيلي ڪارخاني کي ساڙي خاڪ ڪري ڇڏيو. اتر يمن، ڏکڻ يمن تي سوڀ جي لاءِ افغان عربن جو ٿورائتو هو ۽ انهيءَ ڪري هنن گڏيل يمن ۾ انهن کي اهم عهدا ڏنا. فتح کان پوءِ افغان عربن جا اڳواڻ جهڙوڪ: شيخ الزنداني ۽ طارق الفضلي، صدر صالح جي حڪومت ۾ شامل ٿي ويا.

شيخ زنداني جي ترجمان ۽ هڪ صحافي سعيد ثابت جي لاءِ عربستان جي سر زمين ۾ آمريڪي فوجن جي آمد ڪا اهميت نہ ٿي رکي. هن جو خيال هو تہ فقط مڪو ۽ مدينو سڳورا هنڌ آهن ۽ اُتي آمريڪي فوجن جي اچڻ جي مخالفت ڪرڻ ڪپي. اهڙي طرح سعيد ثابت جو چوڻ هو تہ "اصلاح پارٽي جمهوريت تي عمل جي پابند هئي. پر جمهوريت تي زور ڏيڻ جي ڪري اصلاح پارٽي افغان عربن ۾ غير مقبول ٿي ويئي."

آئون يمن جي سابق نائب وزير اعظم عبدالوهاب انيسي سان مليس، جنهن مون کي چيو تہ، "اصلاح پارٽي هڪ جمهوري پارٽي آهي ۽ يمن جي لاءِ گهڻ پارٽي نظام ئي مناسب آهي."

1995ع ۾ يمني جهادين ۽ افغانستان وچ ۾ لاڳاپا جاري رهيا. 1999ع ۾ پينٽاگون جي هڪ اڳوڻي انٽيلي جنس تجزيي نگار، اترينءَ اتحاد جي قيد ۾ ڪيترن ئي طالبان فوجين جا انٽرويو ڪيا. انهن ۾ بہ يمني بہ هئا، جيڪي ڪجهہ مهينا اڳ فوجي سکيا جي لاءِ افغانستان آيا هئا. انهيءَ انٽرويو ۾ انهن يمني رهاڪن چيو تہ هو آمريڪين کي قتل ڪرڻ جي لاءِ دنيا جي ڪنهن بہ حصي ۾ وڃڻ جي لاءِ تيار آهن. جڏهن 1998ع ۾ آمريڪا، افغانستان تي ڪروز ميزائلن سان حملا ڪيا تہ اوير افغانستان ۾ اسامہ بن لادن جي هڪ ڪئمپ تي حملي ۾ مرندڙن ۾ ٽي يمني رهاڪو بہ شامل هئا.

1997ع ۾ اسامہ بن لادن نهايت نهايت سنجيدگي سان پنهنجا فوجي مرڪز افغانستان مان، يمن، منتقل ڪرڻ تي ويچاري رهيو هو. اسامہ اخبار 'القدس العربي' کي هڪ انٽرويو ۾ چيو تہ يمن جا هٿياربند قبائلي پهاڙي هنڌ ۽ آلودگي کان پاڪ آزادي صاف سٿري هوا، اهڙا سبب آهن، جن کيس اهو سوچڻ تي مجبور ڪيو. اسامہ بن لادن، جن يمني قبائلي اڳواڻن سان صلاح مصلحت ڪئي هئي، تن ۾ شيخ بن شجيعہ بہ شامل هو، جنهن جو آئون انٽرويو ڪرڻ جي لاءِ وڃي رهيو هئس.

بن شجيعہ جي قلعي تائين پهچڻ کان اڳ اسان جو واسطو قبائلي اغوا ڪندڙن سان ٿيو. جابلو رستو هاڻ سفيد ريگستاني رستي ۾ بدلجي رهيو هو ۽ هتان کان عربستان جي 'ربع الخالي' ريگستان جي شروعات ٿي ٿي. نيٺ اسين هڪ گارڊ ٽاور تائين پهتاسين، جنهن کان اڳتي بن شجيعہ جو ڪوٽ هو. انهيءَ ڪوٽ جي اندر هڪ مسجد ۽ ڪيترائي گهر نظر اچي رهيا هئا. جن ۾

شجيعہ جون ڪيتريون ئي زالون، 20 پٽ ۽ 20 ڌيئرون رهنديون هيون. قبائلي روايت آهي تہ ڪوبہ ڪم تيستائين شروع نٿو ٿئي، جيستائين پُڳل دُنبي، ڪڪڙ، سلاد ۽ يمني ماکي جي دعوت نہ ٿي ٿئي. شيخ منهنجي خدمت چاڪري ۾ ڪابہ ڪسر نہ ڇڏي. شيخ سان گڏ سندس لڳ ڀڳ ويهہ ڪن محافظ بہ هئا، جيڪي خاڪي جيڪٽن، اڇن جبن ۽ عمامن ۾ هئا. انهن جي ويجهوئي سندن هٿيار رکيل هئا. تنهن کان پوءِ اسان کي شجيعہ جي ديوان ۾ نيو ويو. ديوان انهي هنڌ کي چيو وڃي ٿو، جتي ماڻهو گڏجي ويهي ڳالهيون مهاڙيون ڪن. اهو ڪمرو، ڪنهن فوٽ بال جي ميدان جيڏو وڏو هو ۽ انهيءَ جي ڪرسٽل جي ڇت ۾ فانوس لڙڪي رهيا هئا. اُتي پهچي شيخ چوڻ شروع ڪيو، ”صدر جي صنعا ۾ اهميت هوندي پر هتي منهنجي حڪومت آهي.“

انهيءَ علائقي ۾ بن شجيعہ ايترو تہ مضبوط ۽ سگهارو آهي جو هو ٻين سردارن سان پنهنجون نجي جنگيون وڙهندو آهي، پر حڪومت انهيءَ ۾ دخل نٿي ڏيئي سگهي. انهيءَ وقت بہ سندس هڪ ٻي قبيلي سان جنگ هلي رهي هئي. اها جنگ 18 مهينن کان هلندڙ هئي ۽ انهيءَ جو فيصلو مارٽر گنن، راڪيٽن ۽ توپن سان ٿيڻو هو. انهيءَ جنگ ۾ هيستائين 80 کن ماڻهو مري چڪا هئا.

شيخ مون کي ٻُڌايو تہ هو اسامہ بن لادن سان بہ ٽي ڀيرا سعودي عرب ۾ ملي چڪو آهي. اهي ملاقاتون 1991ع ۾ اسامہ جي سعودي عرب مان بي دخلي ۽ سوڊان منتقلي کان ٿورين ٿيون هيون. شجيعہ چيو تہ هو اسامہ بن لادن جو هڪ عالم ۽ سعودي حڪمرانن جي مخالف شخصيت طور بيحد احترام ٿو ڪري. پر جڏهن اسامہ، جهاد جي لاءِ فندن، رضاڪارن ۽ هٿيارن جي اپيل ڪئي تہ ڪانئس صبر نہ ٿيو ۽ هن کان جيترو ممڪن ٿي سگهيو، اهو ڪيو. شجيعہ ٻڌايو تہ هو انهن ويهن قبائلي شيخن ۾ شامل آهي، جن 1997ع جي شروع ۾ صنعا ۾ اسامہ بن لادن سان ملاقات ڪئي هئي. انهيءَ اجلاس ۾ سعودي ۽ يمني عالمن جا ٻہ بہ نمائندا پڻ موجود هئا ۽ اهو اجلاس ٽي ڪلاڪ جاري رهيو. عالمن، اسامہ بن لادن ۽ سندس مقصدن جي تشهير جي لاءِ اپيل ڪئي ۽ گڏوگڏ سعودي عرب جي سرحد سان لڳ يمني پهاڙن ۾ جهادي مرڪزن جي قيام واسطي وسيلن جي فراهمي جي ڳالهہ بہ ڪئي. انهيءَ موقعي تي قبيلن جي سردارن چيو، ”اسين اوهان کي يمني فرد طور قبول ڪريون ٿا ۽ اوهان سان هر ممڪن سهڪار ڪنداسين. پر ٻين ملڪن

سان ڪنهن جنگ ۾ اوهان جو ساٿ نہ ڏيندا سين."

جيتوڻيڪ شجيعہ ڪافي سهپ ۽ توازن جو مظاهرو ڪيو، پر يمن ۾ آمريڪا مخالف جذبا عام آهن. انهيءَ جو هڪ مثال ڊسمبر 1998ع ۾ عدن جي پرسان اولهہ جي سورهن سيلانين جو اغوا آهي. انهن سيلانين ۾ ٻارهن برطانوي، ٻہ آسٽريلوي، ٻہ آمريڪي (هڪ نرس، هڪ پوسٽل ورڪز، يونيورسٽيءَ جا ڪيترائي ليڪچرار، هڪ استاد ۽ زيروڪس ڪارپوريشن جو هڪ مئنيجر) شامل هئا. اهي هڙئي سيلاني ڪرسمس جون موڪلون گذارڻ جي لاءِ يمن آيا هئا.

يمن ۾ اغوائن جي واردات کي هڪ صنعت جي حيثيت حاصل آهي. 1996ع ۽ 2000ع جي وچ ۾ 150 ماڻهن کي يرغمال بڻايو ويو. جن ۾ 122 پرڏيهي هئا. اهي سڀئي معاملا خير ۽ خوبيءَ سان نبري ويا. يرغمالين سان سٺو ورتاءُ ڪيو ويو ۽ کين پئسن يا ڪن مقامي مطالبن جي منظوريءَ جي بدلي ۾ آزاد ڪيو ويو. پر 1996ع جي انهيءَ واقعي ۾ تشدد کان سواءِ اغوائن جي واردات جي روايت ٽٽي ويئي. اغوا ڪندڙ تنظيم جو نالو 'اسلامڪ آرمي آف عدن' هو. اُن جي تربيت القاعده ڪئي هئي. جڏهن يرغمالين کي ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي تہ سيڪيورٽي فورسز ۽ اسلامڪ آرمي جي وچ ۾ سخت خونريزي جنگ ٿي، جيڪا ٻن ڪلاڪن تائين جاري رهي. انهيءَ جنگ جي نتيجي ۾ چار يرغمالي ۽ ٽي ويڙهاڪ مارجي ويا.

اسلامڪ آرميءَ جي انهيءَ ڪارروائي سان دنيا جون نظرون يمن ۾ قائم جهادي گروپن تي کپي ويون ۽ يمني حڪومت ۽ ويڙهاڪن جي وچ ۾ رابطا بہ منظرعام تي آيا.

ويڙهاڪن جو سربراهہ ۽ رٿابندي ڪندڙ 32 سالن جو زين العابدين المحضر هو، جنهن کي ابو حسان جي نالي سان سڃاتو ويندو هو. (خالد المحضر، ابو حسان قبيلي جو هڪ فرد ۽ مائٽ هو ۽ هن 11 سيپٽمبر جي حملي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هو.) ابو حسان خود، افغانستان ۾، روس جي خلاف، اسامہ بن لادن سان گڏ جهاد ڪندو رهيو. هن 1997ع ۾ 'اسلامڪ آرمي آف عدن' قائم ڪئي هئي. 1998ع ۾ جڏهن آفريڪا ۾ آمريڪي سفارتخانن ۾ بم ڌماڪا ڪيا ويا تہ 'اسلامڪ آرمي آف عدن' انهن ڌماڪن جي آجيان ڪئي هئي، جڏهن ابو حسان تي اولهہ جي سياحن کي يرغمال

بنائڻ جي الزام ۾ ڪيس داخل ڪيو ويو تہ هن اولهہ جي سياحن کي باندرن ۽ سوئرن جو نسل قرار ڏنو. هن اهو بہ چيو تہ، جيڪڏهن سندس پستول جام نہ ٿئي ها تہ هو هڪ اڌ وڌيڪ گوري کي قتل ڪري ها.

اغوا جي انهي واردات ۾ ملوث هڪ ٻي اهم شخصيت، هڪ مصري ابو حمزو هو. يمني عملدارن موجب هو ئي انهي واردات جو اصل دماغ هو. پر پنهنجي اسٽائيل ۾ هو فقط ميڊيا ايڊوائزر تي لڳو. ابو حمزو، يمن ۾ نٿي رهيو. هو لنڊن ۾ 'فنس بري پارڪ' جي مسجد جو پيش امام هو. برطانيا ۾ رهندڙ سعودي عرب ۽ ٻين عرب ملڪن جون مخالف شخصيتون ۽ اڳواڻ هن کي شهرت جو بکيو شخص قرار ڏيندا هئا. جيڪو نہ تہ اسلامي اسڪالر ۽ نہ وري ڪا اهم سياسي شخصيت هو. پر ڪڏهن ڪڏهن اهڙا لطيفا بہ جيءَ کي جوکي ۾ وجهندڙ ثابت ٿيندا آهن.

آٺون نومبر 1999ع ۾ ابو حمزي سان مليس. هن جي مسجد اڻويهہ صديءَ جي قديم گهرن جي وچ ۾ هئي. مسجد جي وڏي هال ۾ هڪ نوٽيس بورڊ لڳل هو، جنهن تي چيچينا جي مسلمانن جي امداد جي لاءِ چندي ۽ عطين جي اپيل هئي. نوٽس بورڊ تي لکيل هو:

"روسي اسان جي ياٺرن کي ڪيميائي هٿيارن جي ذريعي ماري رهيا آهن." هڪ وڏي ميز تي مختلف ٽيپ وڪري جي لاءِ رکيل هئا. انهن مان ڪن جا عنوان ڏيان جوڳا هئا -"Never feel sorry for wicked America" "Why Jihad" بہ ٽيپ ابو حمزي جي تخليق هئا. ابو حمزي کي افغانن جيان سلوار قميض پاتل هئي ۽ ڪيس اوني ڪپڙي جي پوري رنگ جي ٽوپي پاتل هئي. اهم ڳالهہ اها هئي تہ سندس هڪ اک جي ماٺڪيءَ حرڪت نہ ٻي ڪئي. هن جا هٿ افغانستان ۾ هڪ بارودي سرنگ جي ڌماڪي ۾ ڪٽجي ويا هئا. ڪرائي جي اڳيان، ڪڏهن ڪڏهن هو هڪ 'هُڪ' پائيندو هو ۽ جيمز بانڊ جي ڪنهن فلم جو ولين لڳندو هو.

ابو حمزي، 1958ع ۾ مصر جي 'اسڪندريہ' شهر ۾ جنم ورتو. هو ويهن سالن جي عمر ۾ برطانيا جي برائيٽن يونيورسٽي ۾ سول انجنيئرنگ پڙهڻ ويو. هن 1986ع ۾ گريجوئيشن ڪئي. جڏهن هو شاگرد هو تہ سندس ملاقات مصري جهادي تحريڪ جي روحاني رهبر شيخ عمر بن عبدالرحمان سان ٿي. ابو حمزي، شيخ عمر کي مجاهدن جي لاءِ تقليد جوڳو قرار ڏنو.

1990ع واري ڏهاڪي ۾ هن هڪ اولهندي عورت سان شادي ڪئي، جيڪا اڳتي هلي طلاق تي ختم ٿي. انهيءَ مان فقط هڪ پُٽ ٿيس، جنهن جو نالو 'محمد' رکيو ويو. 1987ع ۾ ابو حمزا، افغان جهاد جي اهم اڳواڻ عبدالله عزام سان مليو. هن عبدالله عزام کي جهاد جي اهم شخصيت قرار ڏنو. افغان جهاد کان متاثر ٿي ابو حمزي 1989ع کان 1993ع تائين جو عرصو افغانستان ۾ گذاريو.

ابو حمزي، افغانستان جي شهر جلال آباد ۾ رهائش اختيار ڪئي. هو ننگرهار صوبي جو چيف انجنيئر بنجي ويو، اُتي اڏاوتي ڪمن ڪانسواءِ، انهيءَ علائقي کي بارودي سرنگن کان صاف ڪرڻ جي ذميداري بہ سنڀالي ورتائين. هو 1993ع ۾ هڪ بارودي سرنگ جي ڦاٽڻ جي ڪري زخمي ٿيو. تنهن کان پوءِ هو لنڊن آيو ۽ انهي مسجد ۾ پيش امام طور ڪم ڪرڻ لڳو، هتي هن پنهنجي تنظيم قائم ڪئي جنهن جو نالو 'سپوٽرز آف شريعه (SOS)' هو.

'سپورٽرز آف شريعه' جي پنهنجي هڪ ويب سائٽ بہ آهي، جنهن تي لکيل آهي تہ 'جهاد هر مسلمان جي لازمي ذميداري آهي'. انهي سائٽ تي هڪ ڊسڪشن گروپ ۾ هڪ سوال جي جواب ۾ هن ٻڌايو تہ، "طالبان سان ملڻ جو مقصد انهيءَ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ هو تہ جهاد جي لاءِ تربيت حاصل ڪئي وڃي ۽ جهاد ۾ شرڪت ڪئي وڃي، ڪانئس سوال ڪيو ويو تہ طالبان سان هڪ سال گذارڻ جو آمريڪا ۾ (سڪي موجب) خرچ ڪيترو آهي تہ انهيءَ جي جواب ۾ هن چيو:

"پاڪستان جي ٽورسٽ ويزا جي لاءِ درخواست ڏيو، جيڪو 90 ڏينهن جي لاءِ جاري ٿئي ٿو. اُتي اوهين ڪنهن عرب مسلمان کي ڳولهيو، جيڪو اوهان کي افغانستان پهچڻ ۾ مدد ڏيندو. انهيءَ تي مجموعي طور تي 2000 ڊالر بہ خرچ نہ ٿيندا."

پنهنجي لنڊن واري مسجد جي آفيس ۾ ابو حمزي مون کي ٻڌايو تہ هو 1995ع جي لڳ ڀڳ بوسينائي مسلمانن جي مدد لاءِ بوسنيا ايندو ويندو رهيو آهي. جتي سرب مسلمانن جو قتل عام ڪري رهيا هئا. هن پنهنجو گهڻو وقت بوسنيا ۾ زينيڪا جي علائقي ۾ گذاريو، جتي هزارين عرب مسلم رضاڪار جهاد جي لاءِ آيا هئا. 1997ع يا 1998ع ۾ هن يمن ڏانهن ڌيان ڏريو. آمريڪا، يمن ۾ هڪ فوجي اڏو قائم ڪرڻ ٿي چاهيو. ابو حمزه، اسلام پسندن کي انهي اڏي جي خلاف متحرڪ ڪرڻ ۾ حصو ورتو.

ابو حمزي ٻڌايو تہ، ”اسان افغانستان مان واپس ايندڙ عرب يمني مجاهدن سان رابطو ڪيو، جن جو واسطو اُتر ۾ ڏکڻ يمن سان هو.“ انهيءَ دوران ابو حمزو هڪ سيٽلائٽ ٽي وي چينل تي پڻ آيو ۾ هن يمن ۾ جهاد جي اپيل ڪئي. انهي دوران ابو حمزي جا ٻين يمني ويڙهاڪن جهڙوڪ: ابو حسان سان رابطا قائم ٿيا. شايد انهي جي ڪري صنعا ۾ اولهہ جي سياحن جي اغوا جو ماسٽر مائينڊ يمني حڪومت ابو حمزي کي قرار ڏنو.

1998ع ۾ يمن ايندڙن ۾ ايشيا ۽ وچ اوڀر جي برطانوي مسلمان واسين جو اولاد بہ شامل هو. ابو حمزي جا انهن سان بہ رابطا ٿيا. انهن ۾ سندس پُٽ محمد، سندس ناٺي ۽ هڪ ٻيو شخص بہ شامل هو، جيڪو سندس تنظيم (SOS) جو پريس آفيسر هو. اهي اٺ برطانوي نوجوان جن جون ڄمارون 17 کان 33 سالن جي وچ ۾ هيون، مڊ لينڊريا لنڊن ۾ پلجي نپجي وڏا ٿيا هئا. انهن نوجوانن ’بزنس اسٽڊيز‘ ڪمپيوٽر ۽ اڪائونٽس وغيره ۾ ڪورسز ڪيا هئا. انهن مان ڪي انشورنس سان لاڳاپيل هئا. هو يمن ۾ پنهنجي خاندان وارن سان ملڻ ۽ عربي زبان ۾ مهارت حاصل ڪرڻ جي لاءِ آيا هئا.

24 ڊسمبر 1998ع تي عدن جي ويجهو هڪ رستي تي يمني پوليس هڪ ڪار کي روڪيو، انهيءَ ڪار ۾ ٽي نوجوان سوار هئا، جيڪي برطانيا مان آيا هئا. ڪانئن ڀڄا ڳاڇا ڪان پوءِ سندن گهر تي ڇاپو هنيو ويو، جتي هو ترسيل هئا. ڇاپي جي نتيجي ۾ سندن رهائش گاهہ تان جيڪو سامان مليو، انهيءَ موڪلون گذارڻ جي پروگرام جي ناڪار ڪري ڇڏي. انهيءَ سامان ۾ بارودي سرنگون، راڪيٽ لانچر، ڪمپيوٽرز، ڳجهن نياپن آڻڻ ۽ نيڻ جا اوزار، آڊيو ڪيسٽون ۽ ابو حمزي جي تنظيم ايس ـ او ـ ايس جا وڊيو نڪتا. يمني عملدار انهيءَ نتيجي تي پهتا تہ انهن برطانوي نوجوان جو واسطو ابو حسان جي تنظيم ’اسلامڪ آرمي آف عدن‘ سان آهي، جيڪي ڪرسمس جي’موقعي تي عدن ۾ تخريبي ڪارروائين جي رٿابندي ڪري رهيا هئا. انهن جي تخريبي ڪاروائين ۾ هڪ اينجليڪن چرچ، برطانوي قونصل خانو، آمريڪي دي مائننگ ٽيم ۽ موون پڪ اپ هوٽل (جتي ڇهہ سال اڳ بم ڌماڪا ٿيا هئا.) وغيره تي حملا شامل هئا. يمن ۾ مون کي هڪ اولهہ جي سفارتڪار ٻڌايو تہ انهن برطانوين ابو حسان سان ملاقات بہ ڪئي هئي.

برطانوي حڪومت جو موقف اهو هو تہ انهن نوجوانن سان انصاف نہ

ٿيو آهي، جن مان پنج نوجوان يمن جي مختلف جيلن ۾ ٽن کان ستن سالن جي قيد جون سزائون ڀوڳي رهيا آهن. صفائي وارن وڪيلن چيو تہ انهن نوجوانن کي ڏوهہ مڃڻ لاءِ تشدد جو نشانو بنايو ويو ۽ يمني صدر ڏوهہ ثابت ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي انهن کي ڏوهاري قرار ڏيئي ڇڏيو هو. انهن ڪاروائين جو نتيجو جوابي تخريبي قدمن جي صورت ۾ نڪتو.

29 ڊسمبر تي سومر جي ڏينهن، صبح جو اولهہ جي سياحن جي هڪ گروپ کي ڀهاڙي ريگستان مان لنگهندي اغوا ڪيو ويو. حقيقت ۾ اها ڪاروائي پنهنجي ساٿين جي گرفتاري ۽ مٿن تشدد جو بدلو وٺڻ جي لاءِ ڪئي ويئي هئي. اغوا ڪندڙ بزرڪا، ڪلاشنڪوف رائفلن ۽ آر - بي - جي سان مسلح هئا. انهن جو تعداد ويهہ هو. هنن ٽويوٽا لينڊ ڪروزرن جي هڪ قافلي کي ويران بيابان ۾ حرڪت ڪندي ڏٺو ۽ موقعي مان فائدو ورتو. انهن جي اڳواڻ ابو حسان انهن جي بدلي ۾ پنهنجن پنجن برطانوي ساٿين کي آزاد ڪرائڻ ٿي چاهيو. اغوا ٿيندڙن ۾ هڪ ميري ڪوئين بہ هئي، جيڪا راڪيسٽر، نيو يارڪ جي زيروڪس ڪارپوريشن جي نائب صدر هئي. هوءَ پراڻي دؤر جون قديم پراسرار اڏاوتون ڏسڻ آئي هئي.

بعد ۾ مون سان ڳالهائيندي ميري ڪوئين چيو، ”اسان کي انهيءَ ڏينهن تي سؤ ڪلوميٽر صحرائي سفر ڪرڻو هو. اسين پنجن ٽويوٽا فورويل ڊرائيوَ گاڏين ۾ هڪ ريگستاني رستي تي سفر ڪري رهيا هئاسين، جو اسان جي گاڏين کي رستي ۾ روڪيو ويو. فائرنگ جو آواز ٻڌي اسان کي احساس ٿيو تہ ڪا گڙٻڙ آهي. پر اسان کي خبر نہ پئي تہ ڇا ٿيو آهي. رائفلن سان هٿياربند ماڻهن گاڏين کي گهيري ۾ وٺي لاٿو ۽ اسان کي ريگستان طرف وڃڻ تي مجبور ڪري رهيا هئا. اسان جون گاڏيون ويهن منٽن تائين هلنديون رهيون جو نيٺ اسين هڪ نخلستان ۾ اچي پهتاسين.“

ميري ڪوئين مٽيريل سائنس ۾ پي ايچ - ڊي آهي. هن ٻڌايو تہ اغوا ڪندڙن جو تعداد 18 جي لڳ ڀڳ هو. هو انتهائي بي چين ۽ ڇڪتاڻ واري صورتحال ۾ نظر ٿي آيا. انهن مان هڪ جي هٿ ۾ سيٽلائيٽ فون بہ هئي. هڪ شخص انگريزي ۾ ڳالهائي رهيو هو اُن ٻڌايو تہ اسان کي انهيءَ ڪري اغوا ڪيو ويو آهي، جو يمني عملدارن، سندن ڪجهہ برطانوي ساٿين کي گرفتار ڪيو آهي. هن اهو بہ چيو تہ هو ويجهڙ ۾ آمريڪي آپريشن ڊيزرٽ

فوڪس جي خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن. 17 ڊسمبر تي آمريڪا 400 ڪروز ميزائل ۽ 600 بم عراقي نشانن تي ڪيرايا هئا. هن چيو تہ جيتوڻيڪ اوهين انهن حملن جا ذميدار ڪونہ آهيو، پر اوهان جون حڪومتون انهن جون ذميدار آهن. اغوا ڪندڙ انهيءَ ڳالهہ تي بلڪل خوش نہ هئا تہ، ”سياحن جي انهيءَ گروپ ۾ فقط بہ آمريڪي هئا.“

اٽڪل چوويهن ڪلاڪن گذرڻ ڪان پوءِ سياحن جي آزاديءَ لاءِ ڪاروائي شروع ٿي ويئي. ڪوئين ٻڌايو تہ هن ڳولين جي هلڻ ۽ بمن جي ڦاٽڻ جا آواز ٻُڌا. اها ڪارروائي بہ ڪلاڪ ڪن جاري رهي. اغوا ڪندڙن اسان کي هڪدم هيومن شيلڊ طور استعمال ڪرڻ شروع ڪيو. هڪ اغوا ڪندڙ کي گولي لڳي ۽ هو زخمي ٿي ڪريو تہ مون سندس ڪلاشنڪوف تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

يمني حڪومت، جنهن هن ڪان اڳ اغوا جي وارداتن کي ڪڏهن بہ سنجيدگيءَ سان نہ ورتو هو، هاڻ ڪاروائي ڪرڻ تي مجبور ٿي پئي. پر هن يمن ۾ اولهہ جي سفارتڪارن کي اعتماد ۾ نہ ورتو تہ هوءَ ڇا ڪرڻ واري آهي (اولهہ جا سفارتڪار انهي طريقي ڪار ڪان بيحد مايوس ٿيا، انهيءَ جو سبب اهو هو تہ يمني فوج کي ان قسم جي آپريشن جو اڳواٽ ڪوبہ تجربو نہ هو.) لڳ ڀڳ ٻن سؤ يمني فوجين باقاعده اغوا ڪندڙن جي ٺڪاڻي تي حملو ڪيو. يمني حڪومت جو چوڻ هو تہ اغوا ڪندڙن فائرنگ شروع ڪري ڇڏي. پر بچي ويندڙ مغوي ڪجهہ ٻي ڪهاڻي ٿا ٻڌائين. جڏهن يمني فوج فائرنگ شروع ڪئي تہ ابو حسان پنهنجي نائب اسامہ المصري کي چيو تہ هو ڪنهن بہ هڪ يرغمالي عورت کي ماري انهيءَ جو لاش باهر اڇلائي. اسامہ المصريءَ جو واسطو مصر جي الجهاد گروپ سان هو ۽ هو القاعده جو اهم ميمبر هو. بدقسمتيءَ سان انهي ويڙهہ ۾ المصري مارجي ويو. جيڪڏهن هو جيئرو جهلجي ها تہ مصر جي الجهاد گروپ ۽ اسامہ بن لادن جي پاڻ ۾ لاڳاپن تي روشني پئي ٿي سگهي. الجهاد گروپ ۽ اسامہ بن لادن، هڪ سال اڳ گڏيل طور تي سيني آمريڪين کي مارڻ جي اپيل ڪئي هئي.

انهيءَ آپريشن ۾ جيڪي مغوي مئا، تن ۾ ٽي برطانوي ۽ هڪ آسٽريلوي سياح شامل هو. انهن ۾ برطانيا جي ڊرهم يونيورسٽي جو فزڪس جو ليڪچرار بہ شامل هو. سندس زال ڪلير مارسٽن جيڪا يونيورسٽي ۾

پروفيسر هئي، سخت زخمي تي. هڪ اسڪاتس طبي ڪارڪن ارٿ وليوست کي هڪ اغوا ڪندڙ گولي هڻي ماري ڇڏيو. اغوا ڪندڙ، يرغمالين کي هيومن شيلڊ طور استعمال ڪيو، جنهن جي نتيجي ۾ هڪ انگريز پرائمري اسڪول ٽيچر مارڪيٽ وائيٽ هائوس، يمني فوج جي فائرنگ ۾ اچي مارجي ويئي.

آپريشن مڪمل ٿيڻ کان پوءِ ابو حسان ۽ سندس ٻن ساٿين جي خلاف جنوري 1999ع ۾ ڪيس شروع ٿيو. ابو حسان پنهنجي ڏوهہ کان انڪار نہ ڪيو. هن ٻڌايو تہ سياحن جو اغوا ڪان پوءِ، سندس فوج، عدن ۾ برطانوي ۽ آمريڪي نشانن تي حملن جو پروگرام ٺاهيو هو. تنهن کان سواءِ سندس پروگرام ۾ هڪ ديول تي حملو ڪرڻ بہ شامل هو. سندس انهيءَ اعتراف جو سجو نقصان سندس برطانوي ساٿين تي ٿيو، جيڪي هاڻ مختلف يمني جيلن ۾ سزائون ڀوڳي رهيا آهن. جيتوڻيڪ مٿن فقط انهن حملن جي منصوبابنديءَ ۾ شرڪت جو الزام هو، جيڪي ٿي نہ سگهيا.

انهيءَ آپريشن جي نتيجي ۾ ڪيترائي سوال پيدا ٿيا. ڇهريون هي تہ يمني حڪومت ۾ شامل اسلام پسندن ۽ ابو حسان جي وچ ۾ ڪهڙو لاڳاپو هو؟ ڪيس جي دوران ٽوئر ڪمپني جي ڊرائيور پنهنجي شاهديءَ ۾ ٻڌايو تہ ابو حسان، جنرل علي محسن الاحمر کي سيٽلائٽ فون جي ذريعي ڪال ڪئي هئي. جنرل علي محسن يمني صدر جو مائٽ هو. هن جا اسامہ سان ذاتي لاڳاپا هئا ۽ هو 1980ع واري ڏهاڪي ۾ افغانستان ۾ اسامہ سان ملي چڪو هو. اغوا جي واردات جي دوران ابو حسان، صدر جي انهيءَ مائٽ سان ڳالهائڻ جي ضرورت ڇو محسوس ڪئي هئي؟ هڪ ٻي ڊرائيور ٻڌايو تہ ابو حسان، پنهنجي سيٽلائٽ فون جي ذريعي هڪ ٻي اڻ ڄاتل شخص کي بہ فون ڪئي، جيڪو شايد هن آپريشن جو انچارج هو. هن فون تي چيو، ”اسان اهي شيون حاصل ڪري ورتيون آهن، جن جو آرڊر ڏنو ويو هو. 1600 ڪارٽن، برطانوي ۽ آمريڪي.“ ياد رهي تہ انهن سياحن جو تعداد 16 هو. هڪ مقامي قبائلي اڳواڻ ٻڌايو تہ اغوا ڪندڙن کيس چيو تہ، ”اسان نهايت مٿين سطح تي رابطو قائم ڪري رکيو آهي.“ ابو حسان يقيني طور تي پنهنجو سيٽلائٽ فون، لنڊن ۾ ابو حمزي سان رابطي جي لاءِ استعمال ڪيو ۽ چيو تہ يمني حڪومت مان انهيءَ معاملي ۾ انهي رويي جي توقع نہ رکي وڃي، جيڪو رويو

هوءَ عام اغوائن جي سلسلي ۾ اختيار ڪندي آهي. معاملي جا تفصيل هاڻ ڪڏهن بہ منظرِ عام تي اچي نہ سگهندا، ڇو تہ ابو حسان ڪان ڪنهن اولهہ جي ايجنسي ڪي پڇا ڳاڇا جو موقعو ملي نہ سگهيو ۽ ڪيس يمني حڪومت، آمريڪي بحري جهاز ’يو - ايس - ايس ڪول‘ تي حملي کان پورو هڪ سال اڳ موت جي سزا ڏيئي ڇڏي.

ڊسمبر 1998ع ۾ آمريڪا ۽ يمن جي حڪومتن جي وچ ۾، آمريڪي بحري جنگي جهاز ’ڪول‘ کي عدن جي بندرگاهہ تي ’ٻارڻ‘ جي فراهمي جي جيڪا ڳالهہ ٻولهہ ٿي، ان جو بہ انهيءَ سان ڪوبہ واسطو نہ هو. آگسٽ 1998ع ۾ يمن ۾ آمريڪي سفارت خاني تي بم ڌماڪي جي هڪ ڏوهاري محمد الاوحالي، آمريڪي پڇاڳاڇا ڪندڙن کي ٻڌائي ڇڏيو هو تہ هاڻ اسامہ بن لادن، يمن ۾ آمريڪي بحري جنگي جهاز تي حملي جو پروگرام ٺاهي رهيو آهي. الاوحالي يمن کان ئي افغانستان ويو هو ۽ اسامہ بن لادن سان مليو هو ۽ پوءِ واپس ڪينيا آيو هو. جتي ٽن مهينن کان پوءِ آمريڪي سفارت خاني تي حملو ٿيو. آمريڪي ايجنسين کي الاوحاليءَ جي بيان کان پوءِ حرڪت ۾ اچي وڃڻ کپي ها. الاوحاليءَ واضح نموني اهو ٻُڌائي ڇڏيو هو تہ 1998ع ۾ ابو حسان جي ماٿهن کان بہ وڌيڪ منظم اسلامي ويڙهاڪ آمريڪي هنڌن کي نشانو بنائڻ وارا آهن ۽ اهي حملا سياحن جي اغوا جي وارداتن کان بہ وڌيڪ خطرناڪ هوندا.

آمريڪي هنڌن تي حملن جو اڳواڻ بہ هڪ افغان عرب مجاهد هو، جيڪو اسامہ بن لادن وانگر يمني نسل جو هو، پر اسامہ وانگر سعودي عرب ۾ ڄائو هو. هڪ آمريڪي پڇا ڳاڇا ڪندڙ، جيڪو ’يو - ايس - ايس - ڪول‘ تي حملي جي تحقيقات ڪري رهيو هو، ٻڌايو تہ اُن شخص جو نالو محمد عمر الحرزئي هو.

شروع ۾ ويڙهاڪن آمريڪي بحري جنگي جهاز تي حملي ۾ راڪيٽ پروپيلڊ گرينيڊ استعمال ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. پر پوءِ اهو ختم ڪيو ويو. ڇو تہ راڪيٽ پروپيلڊ گرينيڊ انهي جنگي جهاز کي گهڻو نقصان رسائي نہ ٿي سگهيو. تنهن کان پوءِ هنن ڌماڪيدار بارود ۽ بمن سان ڀريل موٽر بوٽ استعمال ڪرڻ تي ويچاريو. ويڙهاڪن سي – 4 مادو؟ حاصل ڪيو، جيڪو انتهائي تيزيءَ سان ڌماڪو ڪندڙ مٽيريل هو. اهو مادو سي - 4 - دنيا ۾ آگرين تي

ڳڻڻ جيترا ملڪ ئي استعمال ڪندا هئا. انهن ۾ ايران ۽ آمريڪا بہ شامل هئا. هڪ اڳوائي انٽيليجنس آفيسر جو چوڻ آهي تہ يو - ايس - ايس - ڪول تي حملي ۾ ”واٽر پروف - سي 4“ استعمال ڪيو ويو هو، جيڪو لڳ ڀڳ 1975ع ڌاري آمريڪي رياست ٽينيسي (Tennessee) ۾ تيار ڪيو ويو هو.

جيتوڻيڪ آمريڪا ۽ يمن جي وچ ۾ باقاعده معاهدو ڊسمبر 1998ع ۾ ٿيو هو. پر انهي کان اڳ آمريڪي جهاز ’عدن‘ جي بندرگاهہ تي ’ٻارڻ‘ وٺندا رهيا هئا. تنهن ڪري اسلامي ويڙهاڪن وٽ پنهنجي ڪارروائي جي رٿابنديءَ لاءِ ڪافي وقت هو. هنن نهايت اطمينان سان ماهي گيريءَ جي ٻيڙين ۾ عدن جي بندرگاهہ جي حالتن جو جائزو ورتو، جيڪي هر وقت هيڏانهن هوڏانهن ايندي ويندي رهنديون هيون.

’يو - ايس - ايس - ڪول‘ تي حملي جي ڪاميابي کي سمجهڻ جي لاءِ اوهان کي عدن جي بندرگاهہ جي جاگرافي ٻيهڪ سمجهڻي پوندي. اهو دنيا جي ڪجهہ انتهائي غير معمولي بندرگاهن مان هڪ آهي. بندرگاهہ سان گڏ پاڻي ۾ واري جا ننڍا ٻيٽ آهن. جن تي جابلو ٽڪريون بيٺل آهن. بندرگاهہ جي بلڪل ويجهو گهرو سمنڊ آهي. بندرگاهہ خشڪي جي ٻن ٽڪرن ۾ ورهايل آهي، جيڪي ڪنهن ڪيڪڙي جي چنبي وانگر هڪٻئي سان ملن ٿا. انهن مان هڪڙو ٽڪرو ’لٽل عدن‘ سڏبو آهي، جيڪو قديم نموني جي گهرن تي مشتمل آهي، جن مان ڪي انگريزي طرز اڏاوت جا حامل آهن ۽ برطانيا 1839ع ۾ عدن تي قبضي کان پوءِ اڏيا هئا. برطانيا عدن تان 1967ع ۾ قبضو ڇڏيو. ٻيو حصو ’پراپر عدن‘ سڏبو آهي ۽ اهوئي اصل بندرگاهہ آهي. برطانوي انهيءَ کي ”اسٽيمر پوائنٽ“ سڏيندا آهن. اسلامي ويڙهاڪن ’لٽل عدن‘ جو علائقو بم سازي ۽ ٻوٽس جي تجربن وغيره جي لاءِ استعمال ڪيو. انهيءَ مقصد جي لاءِ هڪ گهر حاصل ڪيو ويو، جنهن جي چوڌاري پنج فوٽ اوچي ڀت اڏي ويئي تہ جيئن سندن سرگرميون ڳجهيون رهي سگهن. ”اسٽيمر پوائنٽ“ جي بلنديءَ تي هنن هڪ اهڙو گهر بہ حاصل ڪيو، جتان پيٽرول ٽينڪس نظر ايندا هئا، جيڪي آمريڪي جهازن ۾ ٻارڻ ڀرڻ جي لاءِ استعمال ٿيندا هئا.

اُتي ويجهو ئي هڪ وڏي ڪمپائونڊ ۾ اسامہ بَن لادن جي گهراڻي سان واسطو رکندڙ ڪمپني ”بن لادن انٽرنيشنل لميٽيڊ“ جي آفيس بہ هئي. بن

لادن فئملي عدن ايئرپورٽ تعمير ڪري رهي هئي. عدن ايئرپورٽ 1994ع جي گهرو لڙائي ۾ تباهہ ٿي ويو هو، جنهن ۾ افغان عرب رضاڪارن بہ حصو ورتو هو ۽ ڪميونسٽن تي حملو ڪري کين ٻاهر ڪڍيو هو.

ڪنهن آمريڪي بحري جنگي جهاز تي حملي جي پهرين ڪوشش 3 جنوري 2000ع تي ٿي. اهو 27 رمضان المبارڪ ۽ قدر جي رات هئي، جڏهن پيغمبرِ اسلام حضرت محمد ﷺ تي پهريون ڀيرو وحي نازل ٿي هئي. انهيءَ موقعي تي ديني اهميت کي نظر ۾ رکندي، جيڪڏهن حملو ناڪام ٿي وڃي ها يا بم ڌماڪا ڪندڙ پاڻ بہ مارجي وڃي ها تہ شهادت جي مٿاهين درجي تي فائز ٿئي ها. پر اها ٻيڙي جيڪا ڌماڪيدار مادن سان ڀريل هئي، سا سمنڊ ۾ ٻُڏي ويئي. ڪوبہ شخص ڪونہ مُئو. آمريڪي بحري جنگي جهاز The Sullivans انهيءَ جو نشانو هو، پر اهو حملي ۾ بچي ويو. پر آمريڪي ايجنسين کي انهيءَ حملي جو ڪو تصور بہ نہ هو.

’ڪائونٽر ٽيررازم‘ جي آمريڪي ڪو آرڊينيٽر رچرڊ ڪلارڪ، واشنگٽن پوسٽ کي ٻڌايو تہ اهو بحري جنگي جهاز عين انهيءَ وقت ’پارڻ‘ وٺڻ جي لاءِ ’عدن‘ جي بندرگاهہ ۾ لنگرانداز ٿيو، جڏهن اردن جي اسلامي ويڙهاڪن ’عمان‘ جي ’ريڊيسن‘ هوٽل ۾ بم جو ڌماڪو ڪرڻ ٿي چاهيو. اها هوٽل اولهہ جي سياحن سان ڀريل هئي. پر هٿياربند جي اڳواٽ گرفتاريءَ جي ڪري اها سازش ناڪام ٿي ويئي. عين انهيءَ وقت اسامہ بن لادن ۽ سندس ٻيا ساٿي قنڌار، افغانستان جي هڪ ديني مدرسي ۾ گڏ ٿيل هئا. انهن جي اجلاس جي ڪارروائي جو وڊيو ٽيپ ’جهاد ميڊيا‘ ناهي. اها وڊيو ٽيپ آمريڪي ايجنسين جي لاءِ ڪيترين ئي ڳالهين جي لحاظ کان اهم هئي.

انهيءَ وڊيو ٽيپ ۾ اسامہ بن لادن جي چيلهہ سان ’جمبيہ‘ لڙڪيل هو. جمبيہ هڪ يمني خنجر آهي، جيڪو انهيءَ کان اڳ اسامہ جي تصويرن ۾ ڪڏهن بہ نظر نہ آيو. انهيءَ وڊيو ٽيپ ۾ اسامہ سان گڏ سندس هڪ نائب ڊاڪٽر ايمن الظواهري بہ موجود هو، جيڪو مصر جي ’جهاد گروپ‘ جو سربراهہ هو. انهيءَ موقعي تي ڊاڪٽر ايمن چيو، ”لفظن جو گهڻو استعمال ٿيو، هاڻ عمل جو وقت آهي. ڪافرن جي انهن طاقتن جي خلاف جيڪي مصر، يمن ۽ سعودي عرب ۾ سرگرم عمل آهن.“

انهيءَ وڊيو ٽيپ ۾ اسامہ بن لادن چيو:

”هن بخشش واري رات اسين عهد ٿا ڪريون تہ سڀني هنڌن تان يهودين ۽ عيسائين کي ڌڪي ٻاهر ڪينداسين.“ (شايد اهو ٽيپ رمضان جي مهيني ۾ تيار ڪيو ويو هو ۽ 3 جنوري تي جڏهن 27 رمضان المبارڪ هو، آمريڪي بحري جنگي جهاز ’دي سيلونز‘ تي حملي جي رٿابنديءَ کي آخري شڪل ڏني ويئي.) جيستائين منهنجو خيال آهي تہ اسامہ بن لادن پنهنجي حملن جي تياري مختلف تاريخن کي ذهن ۾ رکي ڪندو هو. مئي 1998ع ۾ هن افغانستان ۾ هڪ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪيو، جنهن ۾ هن اعلان ڪيو تہ ايندڙ هفتن ۾ هڪ سٺي خبر اچڻ واري آهي. فقط نون هفتن ڪان پوءِ آفريقا ۾ آمريڪي سفارتخانن جي عمارتن ۾ بم ڌماڪا ٿيا.

جنوريءَ ۾ جڏهن ويڙهاڪن جي ٻيڙي ڌماڪيدار مادن سميت پاڻيءَ ۾ ٻڏي ويئي تہ هو عدن مان هليا ويا ۽ پوءِ وڌيڪ سٺي رٿابنديءَ سان واپس آيا. هن ڀيري سندن اڳيان پراڻيون غلطيون هيون ۽ انهن مان سکي بي داغ رٿابندي ڪئي ويئي. محمد عمر الحرزئي عدن اچڻ جو وعدو پورو ڪيو. لاڳاپيل ماڻهن جي تربيت ڪئي. پئسا ورهايا ويا. پنهنجو ڪم پورو ڪرڻ ڪان پوءِ عمر الحرزئي افغانستان هليو ويو. ٻيا بہ ڪيترائي ماڻهو افغانستان هليا ويا. جيڪي ماڻهو عدن ۾ ترسيا، انهن جو تعداد ٻہ هو ۽ هو پنهنجي جانين جو سودو ڪري چڪا هئا. انهن مان هڪ عبدالله المسون هو. هن 1997ع ۾ ’لهيج‘ مان پنهنجا رهائشي ڪاغذ ٺهرايا هئا. ’لهيج‘ عدن ڪان ڪجهہ فاصلي تي هڪ ڳوٺ هو، جيڪو اسلامي ويڙهاڪن جو مرڪز هو. هن جو اصل نالو ’حسان سعيد عوده الخمري‘ هو. هو يمني هو. سندس عمر 29-30 سال هئي. هو ’حضر موت‘ جو رهاڪو هو. واضح رهي تہ اسامہ جو بہ ’حضرموت‘ سان ئي واسطو هو. هڪ تصوير ۾ خمري انهيءَ بوٽ کي رجسٽر ڪرائيندي نظر اچي ٿو، جيڪا پوءِ ’ڪول‘ تي حملي ۾ استعمال ٿي. ڪيس عينڪ پاتل ۽ گهاٽي ڏاڙهي هيس. ٻيو شخص جنهن جي سڃاڻپ ٿي نہ سگهي، اهو بہ نسلي طور تي يمني هو، پر سعودي عرب ۾ آباد ٿي چڪو هو. انهيءَ رٿا ۾ ٻيا بہ ڪيترائي ماڻهو شامل هئا. جمال البدادي، افغانستان ۾ اسامہ بن لادن جي فوجي ڪئمپن ۾ سکيا حاصل ڪئي. ڪيس يمني حڪومت گرفتار ڪيو. مٿس الزام هو تہ هن انهيءَ واردات جي لاءِ اوزار خريد ڪيا هئا. فهد القوسو جي ڊيوٽي ’اسٽيمر پوائنٽ آبزرور پوسٽ‘ تي هئي. ڪيس ڪوڊ

نمبر 101010 ميسيج ڪرڻو هو. جنهن ۾ ’ڪول‘ تي بمن سان حملن ڪرڻ جي هدايت هئي. پر هو عين موقعي تي سمهي رهيو ۽ پنهنجي ذميداري ادا نہ ڪيائين.

آمريڪي جنگي جهاز تي حملي ۾ جيڪي آمريڪي ملاح هئا، تن جون عورتون 24 کان 35 سالن جي وچ ۾ هيون. انهن جي گهٽائي وڊليف، نارٿ ڪيرولينا، ريڪس، جارجيا، ڪنگزول، ٽيڪسٽائل، پورٽ لينڊ ۽ نارٿ ڊڪوٽا سان واسطو رکندي هئي. ’ڪول‘ جنهن هنڌ تي لنگر انداز هو، اُتان کان اڌ ميل پري عبدالعزيز حڪيم، پنهنجي خانداني ’بوڪ شاپ‘ تي ڪم ڪري رهيو هو.

هن جي دڪان ۾ قديم رسالن ۽ ڪتابن جو وڏو ذخيرو هو. اهي ڪتاب انهيءَ دور جا يادگار هئا، جڏهن انگريزن جي حڪومت هئي. 1960ع ۾ برطانيا جي انتظام هيٺ اهو بندرگاهہ دنيا جي مشهور بندرگاهن مان هڪ هو. انهي دڪان ۾ ’ڪماندو‘ مئگزين جا پراڻا پرچا بہ موجود هئا. جن ۾ نازي جرمني جي نعرن تي مشتمل فيچر شايع ٿيندا هئا. ,Surrender or die English Pig Dog ـ جڏهن يو ـ ايس ـ ايس ـ ڪول سان موٽر بوٽ ٽڪرائي ۽ ڌماڪو ٿيو تہ انهيءَ ڌماڪي جي لهر ايتري تہ طاقتور ۽ شديد هئي جو حڪيم جي وڪٽورين اسٽائيل جي قديم عمارت جون دريون پڇي پيون. اتان کان بہ ميل پري هڪ ٽئڪسي ڊرائيور ٻڌايو تہ ڪيس ائين محسوس ٿيو چڻ زلزلو آيو هجي.

1993ع جي ورلڊ ٽريڊ سينٽر جي بم ڌماڪن ۽ 1995ع جي ’اوڪلاهاماسٽي‘ جي فيڊرل بلڊنگ تي ٿيندڙ حملن وانگر هينئر بہ اهوئي سمجهيو ويو تہ يو ـ ايس ـ ايس ’ڪول‘ ۾ ڌماڪا ڪنهن حادثي جو نتيجو آهن. يمني حڪومت تہ حملي جي ڪيترن ئي ڏينهن تائين اهو مڃڻ کان انڪار ڪندي رهي تہ اهي ڌماڪا ڪنهن تخريب ڪاريءَ جو نتيجو آهن. ٻي طرف واشنگٽن ۾ آمريڪي عملدار انهيءَ ڌماڪي جي خبر ٻڌي سجاڳ تہ ٿيا، پر سرڪاري طور تي انهيءَ نوعيت جي باري ۾ متضاد بيان جاري ٿيندا رهيا. ٽئن ڏينهن کان پوءِ اهو ڪيس نيو يارڪ آفيس ايف ـ بي ـ آئي کي منتقل ڪري ڇڏيو. ايف ـ بي ـ آئي کي ورلڊ ٽريڊ سينٽر ۽ آفريقي سفارتخانن جي ۾ ڌماڪن جي ڪري اسلام دهشتگردي ۽ جهادي تحريڪن جي باري ۾

گھٽو تجربو ھو. تنھن ڪري نيو يارڪ ايف - بي - آئي جا ڪيترائي آفيسر يمن روانا ٿيا، جيڪي ڪيترن ئي سالن کان اسامہ بن لادن تي ڪم ڪري رھيا ھئا.

آئون ڪول تي حملي کان ڪجھہ مھينا پوءِ 'عدن' پھتس ۽ انھيءَ ئي 'گولڊ مھر' ھوٽل ۾ ٽڪيس، جتي اٺ سال اڳ اسامہ بن لادن جي ساٿين بم ڌماڪا ڪيا ھئا. انھن حملن ۾ 'گولڊ مھر' ھوٽل جون چوٽون ماڙ تباھہ ٿي ويو ھو. پر انھيءَ عرصي ۾ انھيءَ جي مرمت ۽ نئين سر اڏاوت ٿي چڪي ھئي. جڏھن آئون ھوٽل جي ويجھو پھتس تہ انھيءَ وقت مون کي سخت مايوسي ٿي، جڏھن سيڪيورٽي وارن منھنجي ٽئڪسيءَ کي روڪي ورتو. پڇا ڪرڻ تي خبر پئي تہ 'ڪول' تي حملي جي تحقيقات ڪرڻ واري آمريڪي ٽيم جو مرڪز ھتي ئي آھي، تنھن ڪري جانچ پڙتال ڪئي پئي وڃي.

ھوٽل جي لابيءَ ۾ ھڪ ڇوڪري 'نيو يارڪ سب وي سيڪيورٽي' جي 'بيس بال ڪيپ' پائي، ھڪ ٿلهي متاري ايف - بي - آئي جي ايجنٽ سان ڳالھائي رھي ھئي. آئون حادثاتي طور تي ھڪ غلط منزل تي پھچي ويس، جتي مڪمل جنگي لباس ۾ ھڪ آمريڪي ميرين منھنجو آڌر ڀاءُ ڪيو. انھيءَ مان اندازو ٿيم تہ آمريڪي جاڳي چڪا آھن ۽ کين احساس ٿي ويو آھي تہ يمني اسلامي ويڙھاڪن جو حقيقي خطرو ڪھڙو آھي ۽ ھو انھن جو نشانو آھن. پر انڪوائري جي شروع ۾ ئي ايف - بي - آئي ۽ يمني پوليس جي وچ ۾ اختلاف پيدا ٿي پيا. ايف - بي - آئي دنيا جي انتھائي اعليٰ سکيا ورتل ۽ جديد ترين جاسوسي جي اوزارن سان ھٿياربند ھئي. انھي جي مقابلي ۾ يمني پوليس جو ڪم اڳوات طئي ٿيل مفروضن تي ٻڌل ڪنھن جوابدار کي ڪُٽي سَٽي ڏوھہ ميڙائڻ جو تجربو ھو.

1995ع ۽ 1996ع ۾ سعودي عرب ۾ آمريڪي فوجي ٺڪاڻن تي جيڪي حملا ٿيا، انھن جي نتيجي ۾ 24 آمريڪي فوجي مئا. انھن حملن جي تحقيقات ۾ سعودي عرب آمريڪي عملدارن سان ڪوبہ سھڪار نہ ڪيو ۽ 1995ع ۾ بم ڌماڪن جي چئن ڏوھارين جي خلاف سعودي عرب ۾ ڪيس ھليو. بعد ۾ کين سزائون ٻڌائي، سندن ڪنڌ ڪپيا ويا. 1996ع جي بم ڌماڪن جي ڏوھارين سان بہ اھوئي ٿيو. يمن ۾ صورتحال اھا ھئي تہ پارليامينٽ ۾ 0 سيڪڙو سيٽن تي اصلاح پارٽي جو قبضو ھو. جڏھن تہ يمني عوام جي

گهٽائي هر قسم جي آمريڪي فوج مداخلت يا اڏن جي خلاف هئي.

يمن جي هڪ اڳوڻي نائب وزير اعظم الانيسي، آمريڪي بحري جهاز ڪول تي حملي تي پنهنجو ردعمل هيئن ظاهر ڪيو:

”آمريڪي جهاز ڪول تي حملي جو ڪوبہ سبب نہ هو. مون کي انهيءَ حملي تي افسوس سان گڏ حيرت بہ تي آهي، پر انهيءَ حملي جي ذميداري آمريڪا تي عائد ٿئي ٿي. جيڪو وچ اوڀر جي معاملن ۾ غير ذميدارانہ پاليسيون اختيار ڪري ويٺو آهي. اهو فقط فلسطين يا اسرائيل جي باري ۾ آمريڪي پاليسين جو مسئلو ڪونهي. پر مجموعي طور تي آمريڪي پاليسيون اهڙيون آهن. آمريڪا جي فوجي موجودگي ڪٿي بہ پسند نہ تي ڪئي وڃي. جيئن تہ آمريڪا اها پاليسي جاري رکيو اچي. تنهن ڪري اهڙن حملن سان ڪيس واسطو پوندو رهندو.“

هڪ هفتي کان پوءِ ايف - بي - آئي جو هڪ ڊائريڪٽر ’لوئي فريہ‘ يمن آيو ۽ هن يمني عملدارن جي سهڪار جي آجيان ڪئي. هڪ پريس ڪانفرنس ۾ هن ٻُڌايو تہ ’ڪول‘ جو ڌماڪو هڪ ٻيڙيءَ تي ڌماڪيدار مادو ڦاٽڻ جو نتيجو هو. انهيءَ جي جواب ۾ هڪ رپورٽر چيو، ”اوهان جو مطلب آهي تہ انهيءَ موٽر بوٽ ۾ هڪ بم فٽ هو، جيڪو ’ڪول‘ سان ٽڪرايو.“

يمني عملدارن، جن جوابدارن کان پڇا ڳاڇا ڪئي، انهيءَ رپورٽ جو انگريزي ترجمو ايف - بي - آئي جي ايجنٽ کي ڏنو ويو. اها رپورٽ لڳ ڀڳ سٽ کان هڪ سؤ جي ويجهو اکين ڏٺن شاهدن جي بيانن تي مشتمل هئي. هڪ ناهہ تحت يمني حڪومت ايف - بي - آئي جي ايجنٽن کي انهن اکين ڏٺن شاهدن کان وڌيڪ پڇا ڳاڇا ڪرڻ جي موڪل ڏيئي ڇڏي. ستن مهينن کان پوءِ جون 2001ع ۾ ايف - بي - آئي جا ايجنٽ يمن مان واپس آمريڪا وڃڻ تي مجبور ٿي پيا، انهي جو اصل سبب اهو هو تہ ڪين اسلامي ويڙهاڪن پاران لڳاتار قتل جون ڌمڪيون ملي رهيون هيون. پر ايف - بي - آئي انهي جو سبب اهو ٻڌايو تہ يمني پوليس ۽ هنن جي وچ ۾ طريقيڪار تي اختلاف هو.

اپريل 1999ع ۾ اسٽيٽ ڊپارٽمينٽ، دهشتگرديءَ جي عالمي اسلوب تي (Patterns of Global Terrorism) جي نالي سان هڪ رپورٽ جاري ڪئي. انهيءَ ۾ يمن جي باري ۾ بيان ڪيو ويو هو تہ يمن جي حڪومت وڏي تعداد ۾ پرڏيهي مجاهدن کي يمن مان نڪرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو هو. رپورٽ ۾

’اسلامڪ آرمي آف عدن‘ جو ذڪر بہ هو، جيڪا اولهہ جي سيلانين جي اغوا ۾ ملوث هئي.

2000ع ۾ اسٽيٽ ڊپارٽمينٽ، ٻي رپورٽ جاري ڪئي، جنهن ۾ يمني حڪومت پاران ڪيل مختلف قدمن جو ذڪر هو، رپورٽ ۾ اهو ٻڌايو ويو هو تہ يمن جا ڏورانهان هنڌ، اسلامي ويڙهاڪن جي لاءِ جنت بنيل آهن. انهن اسلامي هٿيار بند گروپن ۾ مصر جو ’اسلامي جهاد‘ بہ شامل آهي، جيڪو اسامہ بن لادن جي تنظيم ’القاعده‘ ۾ ضم ٿي ويو هو.

يمن ۾، آمريڪي سفير باربرا ڪي بودين تي اعتراض ڪيو ويو تہ هن يمن ۾ اسامہ بن لادن جي سرگرمين کان واقف هئڻ جي باوجود بہ يمن سان آمريڪي بحري جنگي جهازن کي تيل جي فراهمي جي معاهدن تي صحيحون ڪيون. آمريڪي بحري جهاز کي تيل جي فراهمي جي سهوليت حاصل ڪرڻ جي لاءِ عدن جي چونڊ غلط نہ هئي. عدن هڪ قدرتي بندرگاهہ هو. انهي خطي ۾ انهيءَ بندرگاهہ کان ويجهو ڪو ٻيو سٺو بندرگاهہ نہ هو. بحرِ قلزم ۽ سوئيز نهر جي وچ ۾ هئڻ جي ڪري انهيءَ جي اهميت ڪافي وڌي ٿي وڃي. انهيءَ سبب جي ڪري برطانيا عدن تي سؤ سالن تائين پنهنجو قبضو برقرار رکيو. 1970ع ۽ 1980ع جي وچ ۾ جڏهن ڏکڻ يمن تي سوشلسٽن جي حڪومت هئي تہ انهيءَ خطي ۾ روسي اثر ڪافي گهرا هئا ۽ عدن جي بندرگاهہ روسي جهازن کي تيل فراهم ڪرڻ جو ڪم ڪندي هئي.

جڏهن نار واري لڙائي شروع ٿي تہ يمن، عراق جي حمايت ڪئي هئي ۽ آمريڪا اهو چاهيو ٿي تہ يمن دهشتگردي جي خلاف آمريڪا جو ساٿ ڏي. اهوئي سبب هو تہ جنرل انٿوني زيني آمريڪي جهازن کي تيل جي فراهمي جي لاءِ عدن جي چونڊ جي ذميداري قبول ڪئي. آئون جنرل انٿوني زينيءَ سان ملڻ جي لاءِ سندس ورجينيا واري گهر ويس. جنرل انٿوني ٻڌايو:

”انهيءَ خطي ۾ اسان کي هڪ مناسب ري فيولنگ پوائنٽ جي گهرج هئي. اسان وٽ انهيءَ کان سواءِ ٻيو رستو نہ هو. اسان عدن ۾ سيڪيورٽي جي صورتحال جو جائزو ورتو ۽ اهو هنڌ ٻين هنڌن کان وڌيڪ مناسب لڳو. اهو هنڌ جدي ۽ جبوتيءَ کان وڌيڪ مناسب هو. اسان وٽ انفرادي جهازن کي تيل فراهم ڪرڻ جي لاءِ گهڻا ’ٽينڪرز‘ نہ هئا ۽ اهو ڪم فقط ڪنهن بندرگاهہ تي ئي ٿي سگهيو ٿي.“

انهي فيصلي جي نتيجي ۾ 17 آمريڪي فوجي مئا. آمريڪي بحريہ جي بهترين جنگي جهاز تي حملن سان 24 ڪروڙ ڊالرن جو نقصان ٿيو، جنهن سان آمريڪي دفاع جا ڪمزور پهلو سامهون آيا. سي ـ آءِ ـ اي جي هڪ اڳوڻي آفيسر موجب عدن کي ري فيولنگ جي لاءِ استعمال ڪرڻ جو فيصلو سياسي هو، پر اهو غلط ثابت ٿيو. آمريڪا، يمن سان گڏجي ۽ ڏنڊي وارو طريقو استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. تنهن ڪري يمني حڪومت کي اٺ ڪروڙ ڊالرن جي اِمداد بہ ڏني ويئي. پر عدن آمريڪي نشانن جي سلامتيءَ جي لاءِ جهنم ثابت ٿيو. ڇو تہ انهيءَ جي آسپاس ڪيترائي تخريبڪار گروهہ موجود هئا، جن جي لاءِ آمريڪي فوجن جي چرپر تي نظر رکڻ ۽ حملن جي رٿابندي ڪرڻ بيحد سولي هئي. اتي ڪيترائي آمريڪي جهاز لنگر انداز ٿيندا هئا.

هڪ ٻي آمريڪي انٽيليجنس، آفيسر پنهنجي عدن جي دوري جي موقعي تي چيو تہ، ”آمريڪي حڪومت، يمن سان ويجها ناتا قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جيڪو سراسر چريائپ وارو خيال هو. ڇو تہ يمن ڪو دوست ملڪ تہ هوئي ڪونہ.“

انهيءَ ڳالهہ کان هٽي ڪري تہ يمن هٿياربند ويڙهاڪن جي جنت آهي ۽ عدن غير محفوظ بندرگاهہ آهي. ٻہ ڌماڪن ۽ حملن جي ذميدار هٿياربند ويڙهاڪن جي ذهن کي پڙهڻ بہ ضروري آهي. اسامہ بن لادن وانگر، سيئي يمني مسلمان قبيلا اهو سمجهن ٿا تہ سرزمين عرب ۾ آمريڪي ڪافرن کي داخلا جي موڪل ڏيڻ ”الله تعاليٰ“ سان بغاوت ڪرڻ برابر آهي. آمريڪي عملدارن کي اهو اندازو هئڻ کپي تہ جهڙي طرح سعودي عرب آمريڪا جي لاءِ غير محفوظ ۽ خطرناڪ آهي، تهڙي طرح يمن بہ جهادين جي لاءِ بيحد ’سڀُورو‘ آهي. رڳو يمن ئي نہ پر عربستان جي ٻاڙي ٻاڙي هنن جي لاءِ بيحد ’سڀُوري‘ آهي ۽ يمن ائين ئي جهاد جي سکيا واسطي ايندڙ ويڙهاڪن کي عام دعوت ڏيندو رهندو، جيڪڏهن حڪومت انهن کي روڪڻ ۾ ناڪام رهندي يا انهن کي اچڻ جي موڪل ڏيندي رهندي.

مون انهيءَ مدرسي جو بہ دورو ڪيو، جنهن جي باري ۾ آمريڪي عملدارن جي.ريورٽ هئي تہ اهو حقيقت ۾ اسلامي ويڙهاڪن جي تربيتي، ڪئمپ آهي. اهو مدرسو ’اترينءَ شهر سوره‘ کان ڪجهہ ميل پريرو ’دماج‘

جي ڳوٺ ۾ هو. اهو رمضان جو سڳورو مهينو هو. آئون اُتي صبح جو پهتس ته استاد ۽ ڪتابي ستل هئا. مون کي ڪنهن مداخلت کان سواءِ مدرسو گهمڻ جو موقعو ملي ويو. منهنجو مترجم ۽ ڊرائيور گهڻو پريشان هئا ۽ هنن مون سان گهمڻ جي بدران ڪار ۾ ويهڻ کي ترجيح ڏني.

’دماج‘ پنهنجي ذات ۾ خود هڪ ننڍڙي دنيا آهي. اهو هڪ وڏي آيڊيٽوريم ۽ اسڪول تي مشتمل آهي. آيڊيٽوريم سان گڏ نماز ۽ خطبن جي جڳهه آهي. انهن سان گڏ ڪيترائي ڊزن حجرا پڻ آهن. جتي ڪتابي رهن ٿا. هتي سڄي دنيا مان ڪتابي ديني تعليم حاصل ڪرڻ جي لاءِ ايندا آهن. هتي لڳ ڀڳ ٽيهه برطانوي ڪتابي پڻ پڙهي رهيا آهن. انهن کان سواءِ ٻين ملڪن جي ڪتابين جو واسطو آمريڪا، جرمني، فرانس، الجزائر، لبيا، ترڪي، انڊونيشيا، روس ۽ هندستان سان هو. يمن سان واسطو رکندڙ شاگردن جو تعداد هزارن ۾ هو. مدرسي ۾ پڙهائجندڙ ڪورسن جي مدت ڇهن مهينن کان وٺي ستن سالن تائين هئي. جڏهن ته ڪتابين جو تعداد سال جي مختلف حصن ۾ ست سؤ کان وٺي اٺ هزار جي وچ ۾ هو.

انهيءَ مدرسي جو سربراهه ’شيخ مقبول الوداعي‘ هڪ 70 سال جو عالمِ دين هو، جيڪو ’سلافي‘ مڪتب فڪر سان واسطو رکندو هو. سلافي مڪتب فڪر طالبان جي فقه سان ملندڙ آهي، جنهن ۾ ريڊيو ۽ ٽيليويزن جو استعمال حرام آهي. عورتن کي گهرن مان اڪيلو نڪرڻ ۽ نوڪري ڪرڻ جي موڪل ڪونهي. جمهوريت اسلام جي خلاف آهي. شيخ مقبول ذاتي شهرت ۽ پبلسٽي پسند نٿو ڪري. هن پنهنجو واحد انٽرويو يمن جي هڪ هفتيوار انگريزي اخبار ’دي يمن ٽائمز‘ کي ڏنو هو، جيڪو جولاءِ 2000ع ۾ شايع ٿيو. انهيءَ انٽرويو ۾ هن چيو.

”اسين ڪنهن به ٻي مذهب جي خلاف جنگ وڙهڻ نٿا چاهيون.“ هن انهيءَ انٽرويو ۾ انهيءَ ڳالهه جي ترديد ڪئي ته ڪو هن سندس مدرسي مان پڙهي نڪرندڙ ڪتابين کي افغانستان، ڪشمير يا چيچينا جهاد ۾ حصي وٺڻ جي لاءِ موڪليو يا کين مجبور ڪيو. هن چيو ته سندس مدرسي ۾ انتها پسنديءَ جي نه پر اعتدال ۽ توازن جي تعليم ڏني وڃي ٿي.“

پر تشدد جي ڪجهه نه ڪجهه واقعن جو هن مدرسي سان واسطو ضرور رهيو آهي. انهيءَ مدرسي جي هڪ برطانوي ڪتابيءَ ’حوسيا واڪر‘

کي دماج ۾ گولي هڻي ماريو ويو هو، پر مدرسي جي منتظمين انهيءَ کي هڪ حادثو قرار ڏنو هو. 1998ع ۾ جڏهن شيخ مقبول، صنعا جي هڪ مسجد ۾ خطبو ڏيئي رهيو ته مسجد ۾ بم جو ڌماڪو ٿيو ۽ ٻه نمازي مارجي ويا ۽ ڪيترائي زخمي ٿي پيا. انهن ۾ ٻه آمريڪي ۽ ڪينيڊين مسلمان شامل هئا. انهي دوران شيخ جي هڪ محافظ کي پڻ گولي هڻي ماريو ويو. شيخ مقبول، مارچ 2000ع ۾ انڊونيشيا جي مسلمانن جي هڪ گروپ 'لشڪر جهاد' کي پنهنجي فتويٰ موڪلي، جنهن ۾ چيو ويو:

"(انڊونيشيا ۾) عيسائين، فسادن جي باهه ڀڙڪائي آهي ۽ پنج هزار مسلمانن کي قتل ڪيو آهي. تنهن ڪري دين جي ميندڙ سڀني مسلمانن تي فرض آهي ته هو جهاد جي اپيل تي لبيڪ چون ۽ الله جي دشمنن کي ملڪ مان ٻاهر ڪڍن."

يمني ذريعن جي دعويٰ آهي ته 'دماج' ۾ هٿيارن جي موجودگي عام ڳالهه آهي. تنهن ڪري شيخ مقبول 'يمن ٽائمز' کي پنهنجي انٽرويو ۾ چيو ته "ڪتابي ذاتي طور تي پنهنجا هٿيار ۽ بندوقون رکي سگهن ٿا."

آمريڪي جنگي جهاز 'يو - ايس - ايس - ڪول' تي حملي جي تحقيقات 2001ع جي گرمين جي مند ۾ رڪجي ويئي. يمني حڪومت اڌ ڊزن کن ماڻهن کي گرفتار ڪري ورتو ۽ انهن کان پڇا ڳاڇا ڪئي. جڏهن ته ايف - بي - آئي پنهنجي تحقيقات جو دائرو وسيع ڪيو ۽ يمني حڪومت جي ميمبرن جي باري ۾ به تحقيقات ڪئي. انهن ۾ اصلاح پارٽي جو هڪ اهم اڳواڻ ۽ صدر صالح جو مائٽ هڪ فوجي جنرل به شامل هو. يمني حڪومت ان نوعيت جي تحقيقات کي برداشت ڪرڻ جي لاءِ تيار نه هئي. انهيءَ سلسلي ۾ هڪ يمني اخبار جي ايڊيٽر چيو، "اهو پڌرو آهي ته انهيءَ حملي جا ڏوهاري گرفتار ٿيندا ۽ کين موت جي سزا ملندي، پر اصل ماڻهو، جيڪي انهن حملن جا ذميوار آهن، ڪڏهن به گرفتار نه ٿيندا، ۽ نه وري انهنکي سزا ملندي."

ڪول تي حملن ۾ اسامه بن لادن سنئون سڌو ڪهڙو ڪردار ادا ڪيو، اهو واضح ڪونهي. پر هن انهيءَ حملي جي ڪاميابيءَ تي جنهن خوشيءَ جو اظهار ڪيو، اهو ڪنهن کان لڪيل ڪونهي. جنوري 2001ع ۾، اسامه بن لادن، پنهنجي هڪ پُٽ جي شاديءَ جي تقريب ۾ 'ڪول' تي حملي بابت هڪ نظم سوين مهمانن جي موجودگيءَ ۾ پڙهيو:

A destroger, even the brane might fear,

It imspires horroz in the hasbor and the open sea. She goes in to the waves.

flanked by arrogance, houghfiness and take might.

To her doom she progresses slowly clothed in a huge illusion

A waiting hes is a dinghy, boleleing in the waves.

(هو اهڙو تباهہ ڪندڙ هو جو انتهائي بهادري ۽ جري پڻ ڪانئس ڊڄندا هئا.

جڏهن هو ڪنهن بندرگاهہ تي لنگر انداز ٿيندو.هو تہ چوڌس سندس دهشت پکڙجي ويندي هئي.

هو کليل سمنڊ ۾ پڻ ڊپ جي علامت هو. هو نهايت غير معمولي هٺ، تڪبر، سرڪشي، وڏائي ۽ ڪوڙي سگهہ سان لهرن سان کيڏندو هو.

پر هن جو انجام تقدير جي ڪاتب هڪ آهستي آهستي ايندڙ موت جي شڪل ۾ لکي ڇڏيو هو.

اهو موت لهرن سان کيڏندڙ هڪ ننڍي ٻيڙيءَ جي شڪل ۾ سندس منتظر هو.")

گذريل صفحن ۾ مون پنهنجي 'حضرموت' جي دوري جو ذڪر ڪيو هو. هن خطي ۾ جيڪو ديني ڪلچر پاتو وڃي ٿو، تنهن جو مطالعو ۽ مشاهدو اهو ظاهر ڪري ٿو تہ هڪ ڪٽر مذهبي سوچ، اسامہ بن لادن جي پيءُ، پنهنجي پُٽ کي منتقل ڪئي هئي. اسامہ بن لادن جي اباڻي ڳوٺ ۾ پهچڻ جي لاءِ مون کي 'رواٽ ماٽري' مان گذرڻو پيو. 100 ميل ڊگهي، انهيءَ ماٽري جو رستو ڪچو ۽ پٿريلو هو. 70 سال اڳ محمد بن لادن، اها ماٽري، سعودي عرب لڏي وڃڻ خاطر ڇڏي هئي. سڄي خطي ۾ انتهائي گهري مذهبي ڇاپ نظر آئي. عورتون يمني طرز جا ڪارا برقعا پائينديون آهن ۽ غير محرمن ۽ اوپرن جي ڪنهن بہ ڳالهہ جي ورندي ناهن ڏينديون. اهي عورتون مڪمل پردي ۾ رهي ٻنين ۾ ڪم ڪار ڪنديون آهن. پوک پوکينديون آهن ۽ ٻيا ڪم ڪار ڪنديون آهن. مون انهن عورتن جو فوٽو ڪڍڻ لاءِ ڪئميرا ڪنئي تہ منهنجو ڊرائيور ڪنهن برندڙ جبل جيان ڦاٽي پيو ۽ مون کي لڳو تہ هو مون کي قتل ڪري ڇڏيندو.

بن لادن جو ڳوٺ، ماڪيءَ جي رنگ جي پهاڙن جي چانوري ۾ آهي.
اهي پهاڙ ٻن هزار فوٽن تائين اوچا آهن. اها بيحد عجيب و غريب جاءِ آهي. مٽي جي پڪين سرن جا گهر آهن، جن جون ڇتيون اوچيون آهن. رستن تي ٻارڙا کلندا ٽپندا نظر پيا اچن، جيڪي غربت جي باوجود بہ ايترا تہ خوش ۽ مطمئن آهن، ڄڻ انهن کي ڪوبہ غم ئي ڪونهي. اهو ڳوٺ 'الرباط جيش' سڏبو آهي ۽ هڪ صوفي بزرگ 'سعيد محمد بعيشن' سان منسوب آهي. جنهن جي مزار انهن ئي پهاڙين جي وچ ۾ آهي.

مون اسامہ بن لادن جي ڳوٺ ۾ جيڪو وقت گذاريو، اهو بيحد عجيب و غريب ۽ سنسني خيز هو. هتي رهندڙ اسلامي عقيدن تي پابند آهن. مون کي هتي ڪيترائي اهڙا ماڻهو مليا، جيڪي اسامہ بن لادن جي نظريي سان اختلاف رکندا هئا. پر هو، پنهنجي ديني تصورن ۾ ايترو تہ سخت ۽ ڪٽر هئا، جيترو اسامہ جا ماڻهو. انهن ۾ اسامہ جا ويجها ساٿي بہ هئا تہ ٻيا ماڻهو بہ.

# [ 11 ]

جڏهن ڊسمبر 1999ع ۾، لاس اينجلس جي هوائي اڏي تي حملي جي رٿابندي ڪندڙ احمد ريساه کي، ڪئنادا کان ايندي، پورٽ اينجلس، واشنگٽن ۾ گرفتار ڪيو ويو تہ، آمريڪي ايجنسين کي انهيءَ جو تصور بہ نہ هو تہ اهو واقعو القاعده جي نيٽ ورڪ کي سمجهڻ ۾ پيڙهہ جو پٿر ثابت ٿيندو. اُن وقت تائين ماڻهو انهيءَ حقيقت کان واقف نہ هئا تہ القاعده جو نيٽ ورڪ ڪيتري نہ اثرائتي انداز ۾ دنيا جي ٽن کنڊن ۽ ڪيترن ئي ڊزن ملڪن ۾ پکڙيل آهي. القاعده جي منظم هئڻ جو هڪ ثبوت هي هو تہ هن هڪ ئي وقت ٽن مختلف کنڊن ۾ ٽن مختلف هنڌن تي اردن، آمريڪا ۽ يمن ۾ حملن جي رٿابندي ڪئي. انگلستان، اسپين، جرمني، اٽلي ۽ شام ۾ القاعده جي ڪارڪنن ۽ همدردن کي گرفتار ڪيو ويو. انهن گرفتارين سان، عالمي سطح تي وڏي حد تائين حملن کي روڪيو ويو، پر انهيءَ سان گڏ اهو خوفناڪ ڦاٽ بہ ڦاٽو تہ القاعده جو نيٽ ورڪ سڄي دنيا ۾ پکڙيل آهي ۽ اهو ايترو تہ مضبوط آهي جو انهن گرفتارين، سندن ڪجهہ بہ ناهي بگاڙيو.

گلوبلائيزنيشن جي موضوع تي، تازو هڪ ڪتاب ۾ چيو ويو آهي تہ عالمي شهرن ۾ هڪ نئون ڪلاس جنم وٺي رهيو آهي، جيڪو پنهنجي ذاتي گهرن يعني نائيجيريا يا آئرليند وانگر لنڊن ۽ هانگ ڪانگ ۾ بہ ساڳئي طرح آرام ۽ سهولت سان زندگي گذاري ٿو. انهن جي شام لنڊن ۾ تہ صبح هانگ ڪانگ ۾ گذرندو آهي. انهن کي ڪاسمو ڪريٽس (Casmo Crats) چيو ويندو آهي. پنهنجي ڪنهن بہ سفر ۾ اوهان کي اهڙن ڪاسمو ڪريٽس سان واسطو پئجي سگهي ٿو. اهڙو ڪوبہ مينيجمينٽ ڪنسلٽنٽ، جيڪو هڪ ڏينهن باڪو (آذربائيجان) ۾ ڪنهن اعليٰ سطحي ڪاروباري اجلاس ۾

شرڪت ڪري ٿو ۽ ٻي ڏينهن آڪسفورڊ ۾ ڪنهن شاديءَ ۾ شريڪ هوندو آهي. ورلڊ بئنڪ جو انگريز ايگزيڪيوٽو ڪنهن روسي ڇوڪريءَ سان پرڻجي سگهي ٿو ۽ سال ۾ ڇهہ مهينا پولينڊ ۽ ڪولمبيا جي وچ ۾ اچڻ وڃڻ ۾ گذاري ڇڏڻ هن جي لاءِ معمولي جي ڳالهہ آهي. ڪاسمو ڪريٽس عام طور تي، غير معمولي تعليمي اهليت جا حامل هوندا آهن. وٽن دنيا جي بهترين يونيورسٽين جون اعليٰ ڊگريون، پوسٽ گريجوئيٽ ڊگريون هونديون آهن. انهن جي خانداني پس منظر جي اهميت نہ هوندي آهي. انهن جي ذهانت، صلاحيت ۽ ڪم ڪرڻ جي اهليت جي اهميت هوندي آهي.

اسامہ بن لادن جي تنظيم جي سلسلي ۾ بہ ڪجهہ اهڙيون ئي دلچسپ حقيقتون سامهون آيون آهن. انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ ڪونهي تہ القاعده عالمگيريت (Globalization) جي تخليق آهي ۽ عالمگيريت جو جواب آهي. انهي نيٽ ورڪ، افغانستان ۽ سوويت يونين جي وچ ۾ جنگ جي نتيجي ۾ جنم ورتو. هڪ اهڙي جنگ، جنهن ۾ پاڪستان، آمريڪا، سعودي عرب ۽ سڄي دنيا جي اسلامي ملڪن جا ڪارڪن، رضاڪار، حڪومتون ۽ انهن جون ايجنسيون، عوام ۽ عالم سڳورا سڀ شامل هئا. انهيءَ جنگ سڄي دنيا جي مسلمانن ۾ اُمت مسلمه جي نشاة ثانيہ جو تصور زنده ڪري ڇڏيو. اها ڳالهہ بنا ترديد جي چئي سگهجي ٿي تہ اسلامي اُمہ جو تصور هر لحاظ کان ”عالمگير عيسائيت“ (Christendum) جي تصور کان گهڻو مضبوط آهي. عالمگير عيسائيت جو اهو نظريو ’هينري ڇهين‘ جي بادشاهت جي زماني دم ٽوڙي ويو هو، جڏهن هينري ڇهين ٻي شادي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو هو.

اسامہ بن لادن جو نيٽ ورڪ، ٽيڪنيڪي لحاظ کان هڪ پاسي ڪاسمو پوليٽن آهي ۽ ٻي پاسي ’ڪاسمو ڪريٽس‘ بہ آهي. جنهن جو اندازو انهيءَ فهرست مان لڳائي سگهجي ٿو، جن ملڪن ۾ اهو نيٽ ورڪ سرگرم عمل آهي، يعني سوڊان، مصر، سعودي عرب، يمن، صوماليا، افغانستان، پاڪستان، بوسينيا، ڪروشيا، البانيا، الجزائر، تيونس، لبنان، فلپائن، تاجڪستان، آذربائيجان، ڪينيا، تنزانيا، ڪشمير، هندستان، چيچينا ۽ روس. آمريڪا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پڻ القاعده جا همدرد ۽ ڪارڪن موجود آهن. خاص ڪري، نيو يارڪ، بوسٽن، ٽيڪساس، فلوريڊا، ورجينا ۽ ڪيلفورنيا ۾ القاعده جا اهم مرڪز آهن. برطانيا ۾ لنڊن ۽ مانچسٽر، القاعده جي

سرگرمين جا وڏا مرڪز آهن. اسامہ بن لادن سان واسطو رکندڙ ماڻهو دنيا جي ڌورانهن هنڌن تان گرفتار ڪيا ويا. جهڙوڪ: اردن، يمن، فرانس، يوروگوئي ۽ آسٽريليا.

آفريقا ۾ آمريڪي سفارتخانن تي القاعده جي ڪامياب حملن کان پوءِ آمريڪي انٽيليجنس مختلف ملڪن ۾ اسامہ جي ساٿين پاران ٿيندڙ وڏيڪ حملن جي رٿابندي جي جاچ حاصل ڪئي ۽ دنيا جي مختلف حصن مان القاعده جا ڪيترائي ڊزن ڪارڪن گرفتار ڪيا. انهن ملڪن ۾ البانيا، تاجڪستان، آذربائيجان، يوگنڊا، آئوري ڪوسٽ، سيني گال، موزمبيق، لائبيريا، گيمبيا، ٽوگو ۽ گهانا شامل آهن. آمريڪي اسٽيٽ ڊپارٽمنٽ جي آفيس آف ڊپلوميٽڪ سيڪيورٽي جي سربراهہ ’ڊيوڊ ڪارنيٽر‘ آمريڪي ڪانگريس کي ٻڌايو تہ دنيا جي مختلف حصن مان اسامہ بن لادن جي نيٽ ورڪ پاران آمريڪي سفارت خانن کي 650 ڌمڪيون وصول ٿيون. انهن اعتبار جوڳن خطرن ۾ مختلف آمريڪي سفارتخانن جي عمارت جي وڊيو ٽيپ فلمنگ، ٽيليفون ٽيپس، القاعده جي مختلف ميمبرن جي آمدورفت ۽ جوٽيتن جون ڏنل خبرون شامل هيون.

2001ع ۾ القاعده يمن، بنگلاديش ۽ هندستان ۾ آمريڪي سفارتخانن تي حملن جي رٿابندي ڪئي. هندستان ۾ حملن جي رٿابنديءَ جو اڳواڻ محمد عمر الحرازي هو. جيڪو آمريڪي بحري جنگي جهاز ’ڪول‘ تي حملي جي رٿابندي جو آپريشنل ڪمانڊر بہ هو. هندستاني پوليس ’نئين دهلي‘ ۾ ٻن ماڻهن کي گرفتار ڪيو، جن جي قبضي مان ڇهہ ڪلو انتهائي خوفناڪ ڌماڪيدار مادو آر ـ ڊي ـ ايڪس هٿ ڪيو. گرفتار ٿيلن چيو تہ هو ويجهڙائيءَ ۾ آمريڪي سفارتخاني جي ويزا سيڪشن ۾ بم ڌماڪي جو پروگرام ٺاهي رهيا هئا. جتي گهڻي رش هوندي آهي ۽ هو هدايتون اسامہ بن لادن جي ساٿي عبدالرحمان الصفاني کان وٺندا هئا. اصفاني، حقيقت ۾، الحرزئي جي ’ڪُنيت‘ آهي، آگسٽ جي آخر ۾ هندستاني پوليس، اسامہ بن لادن، سندس پنجن ساٿين تي الصفاني سميت، حملن جي رٿابندي جي فرد جرم لاڳو ڪئي.

القاعده جا گهڻا ميمبر عالمي سياحن جي حيثيت رکن ٿا ۽ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ سفر ڪندا رهندا آهن. جهڙوڪ: 1990ع جي ڏهاڪي ۾

القاعده جو هڪ ميمبر ممدوح محمود سليم ترڪي، دبئي، آذربائيجان، افغانستان، پاڪستان، سوڊان، ملائيشيا، فلپائن ۽ چين جو سفر ڪيو. ڪيس 1998ع ۾ باواريا جي شهر برونيڪ مان گرفتار ڪيو ويو. هن ٻڌايو تہ هو ڪارن جي خريداريءَ جي سلسلي ۾ جرمني آيو هو. اهڙي طرح هڪ لبناني آمريڪن وجيهہ الهيج 1980ع واري ڏهاڪي ۾ لوزيانا، نيو يارڪ ۽ پاڪستان ايندو ويندو رهيو. 1990ع ۾ هو اريزونا، سوڊان، ڪينيا، ٽيڪساس ۾ ٽڪيل رهيو ۽ انهن علائقن جي وچ ۾ سفر ڪانسواءِ افغانستان، جرمني ۽ سلواڪيہ جي وچ ۾ پڻ سفر ڪندو رهيو. القاعده جي عالمگيريت جو صحيح اندازو اسامہ جي سيٽلائٽ فون سان ڪيل ڪالن مان ٿئي ٿو. اسامہ سڄي دنيا سان رابطن جي لاءِ 1996ع ۾ 7500 ڊالر ماليت جو هڪ نوٽ بوُڪ ڪمپيوٽر ڊيوائس نيو يارڪ جي هڪ ڪمپنيءَ کان خريد ڪيو. ٻن سالن جي عرصي ۾ انهيءَ ڊيوائس تان لنڊن، سوڊان، ايران، يمن، آذربائيجان، پاڪستان، سعودي عرب ۽ ڪينيا ڏانهن سوين ڪالون ڪيون ويون.

انهن ملڪن ۾ جتي القاعده سرگرم آهي. اُتي القاعده جي سرگرمين جي باري ۾ ڪوبہ ڪتاب مڪمل رپورٽ پيش ڪري نٿو سگهي. مثال طور: مصر اسامہ جي سرگرمين ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو ۽ آئينده بہ ڪندو رهندو.

”آئون مصر ۾ القاعده جي سرگرمين جو جائزو وٺڻ جي لاءِ قاهره پهتس. ايئرپورٽ تي ڪسٽمز انسپيڪٽر، جهڙتيءَ جي دوران منهنجي بيگ مان عربي جي ڪاغذن جو هڪ ڏڳ ڪڍيو ۽ مون کان پڇيو تہ هي ڇا آهي؟

مون سچ ڳالهائڻ جو فيصلو ڪيو، ڇو تہ هو مون کان وڌيڪ سٺي عربي ڄاڻندو هو.

”هي آمريڪا جي خلاف اسامہ بن لادنُ جي اعلان جنگ جو مسودو آهي.“ مون چيو ”هي انهيءَ ڪتاب جي تحقيقي مواد جو حصو آهي، جيڪو آئون لکي رهيو آهيان ۽ منهنجو اهو ڪوبہ ارادو ڪونهي تہ اهو ماڻهن ۾ ورهايان، ڇو تہ اها هنن جي لاءِ ڪا نئين شئي ڪونهي.“

”هي اوهان ڪٿان حاصل ڪيو؟“ انسپيڪٽر پڇيو، ”ڇا هي اوهان کي ياسر السري کان مليو آهي.“

ياسر السري جو نالو ٻڌي، مون پاڻ کي ڏکيائيءَ ۾ محسوس ڪيو. ياسر السري مصر جي اپوزيشن جو اڳواڻ هو، جنهن تي 1993ع ۾ مصري وزير

اعظم کي قتل ڪرڻ جي سازش جو الزام هو. السري جيڪڏهن مصري ايجنسين جي هٿان جهلجي پوي ها تہ ڪيس گهٽ ۾ گهٽ پنجويهہ سال قيد جي سزا ملي ها. تنهن کان سواءِ ڪيس موت جي سزا بہ ملي سگهي ٿي.

”نہ! اهو مون السري کان حاصل نہ ڪيو آهي.“ مون چيو. انسپيڪٽر مون کي هڪ آفيس ۾ وٺي ويو. هو مون کي شڪي نظرن سان ڏسي رهيو هو. اُتي سادن ڪپڙن ۾ هڪ مصري سيڪيورٽي سروس جو آفيسر موجود هو. هن مون کان ڪيترا ئي سوال ڪيا ۽ پڇيو:

”ڇا تون ڪڏهن ياسر السري سان مليو آهين؟“

اهو اتفاق هو تہ لنڊن ۾ آئون ياسر السري سان ملي چڪو هئس. مون سائٿس ڪيترائي ڪلاڪ ڪچهري ڪئي هئي ۽ هن کان مون کي ڪافي اهم معلومات ملي هئي تنهن ڪري مون ڪوڙ ڳالهائڻ جو فيصلو ڪيو ۽ چيو، ”منهنجي السري سان فون تي ڳالهہ ٻولهہ ٿي هئي.“

مون کي ڊپ هو تہ جيڪڏهن منهنجي شين جي تفصيلي جهڙتي ورتي ويئي ۽ منهنجي ڊائري بہ ڏٺي ويئي تہ ڪين انهيءَ ۾ السري جو فون نمبر بہ ملي ويندو. ڪجهہ دير سوال جواب کان پوءِ انٽيليجنس آفيسر مون کي وڃڻ جي موڪل ڏني ۽ منهنجي جند ڇُٽي. آئون سوچي رهيو هئس نيٺ بہ السري انهن ماڻهن جي دشمني ڇو سر تي کڻي آهي. السري 35 کان 40 سالن جي عمر جو، وچولي قد جو شخص هو. جيڪو لنڊن ۾ ’اسلامي آبزرويشن سينٽر‘ هلائي رهيو هو. انهيءَ سينٽر مان مصري حڪومت جي خلاف پريس رليز ۽ اعلان جاري ٿيندا هئا ۽ اسلامي ويڙهاڪن جا اطلاع بہ جاري ٿيندا هئا. پر السري ايترو اهم ماڻهو نہ هو. ڪيس مصر جي اندر ۽ ٻاهر تمام گهٽ ماڻهو سڃاڻيندا آهن ۽ سندس پوئلڳن جو تعداد نہ هئڻ جي برابر هئي. پر السري جي اهميت رڳو انهيءَ ڪري وڌي ويئي هئي، جو هن مصري حڪمران ’حسني مبارڪ‘ تي سخت تنقيد ڪئي هئي ۽ حسني مبارڪ ڪنهن بہ قسم جي تنقيد برداشت ڪرڻ جي لاءِ تيار نہ هوندو آهي.

مصر ۾ اسلامي جهاد گروپ، گذريل پنجويهہ سالن کان حڪومت جي خلاف کليل جنگ جو اعلان ڪري رکيو آهي. 1990ع کان انهي گروپ، اسامہ بن لادن سان اتحاد ڪري رکيو آهي ۽ سڄي دنيا ۾ القاعده جي سرگرمين ۾ مدد ڏيئي رهيو آهي. آمريڪي استغاثہ موجب 1998ع ۾ انهيءَ گروپ جو

القاعده ۾ انضمام ٿي ويو، پر مصر ۾ انهيءَ گروپ جي آزاد حيثيت برقرار آهي. عالمي سطح تي القاعده جو اصل قائد اسامہ بن لادن آهي. پر سيئي اهم اڳواڻ ۽ ميمبر مصري آهن. اهوئي سبب آهي جو القاعده جون سرگرميون ۽ طريقہ ڪار مصري ماڊل جي بنياد تي هلي رهيو آهي. حقيقت ۾ اهو چئي سگهجي ٿو تہ القاعده کي هلائيندڙ اصل ماڻهو مصري الجهاد جا اڳواڻ آهن. ۽ القاعده جي پاليسين تي 'الجهاد' جي مزاج جي مڪمل ڇاپ لڳل آهي. قاهره جي الازهر يونيورسٽي، جيڪا صدين کان 'اسلامي فڪر' جي ترجمان رهي آهي. جڏهن تہ 1950ع ۽ 1960ع ۾ مصر جو صدر جمال عبدالناصر 'پان عرب ازم' جو علمبردار رهيو، جنهن کي سيد قطب للڪاريو ۽ جهادي تحريڪ جو پهريون فڪري اڳواڻ هوئي هو. 'اسلامي جهاد' تي سيد قطب جا تمام گهرا اثر آهن.

مصري جهادي تحريڪ ۽ اسامہ بن لادن تي 'سيد قطب' جا فڪري اثر تمام گهرا آهن. سيد محمد قطب، پهريون پيرو شاگرد جي حيثيت سان 1948ع ۽ 1951ع جي وچ ۾ آمريڪا ويو ۽ اتي کيس جنسي ڇڙواڳي ۽ نسلي متڀيد جي ڪري سخت مايوسي ٿي، جڏهن هو مصر واپس وريو تہ سندس دل آمريڪا جي خلاف شديد نفرت مان ڀريل هئي ۽ هن اولهہ سان ڪنهن بہ قسم جو نباهہ يا سهپ تي يقين نہ ٿي رکيو. مصر اچڻ کان پوءِ هو 'اخوان المسلمون' ۾ شامل ٿي ويو. 'اخوان المسلمون' 1940ع جي ڏهاڪي ۾ قائم ٿي هئي. اُن جي ميمبرن جو تعداد پنجن لکن کان بہ وڌيڪ هو. هن 1952ع ۾ 'فوجي انقلاب' جي ذريعي 'جمال عبدالناصر' جي اقتدار ۾ اچڻ جي سخت مخالفت ڪئي. اخوان جو نعرو قطعي ۽ چٽو هو:

"قرآن اسان جو آئين آهي. رسول الله ﷺ اسان جو اڳواڻ آهي. الله جي واٽ ۾ جان جي قرباني ڏيڻ اسان جي زندگيءَ جي سڀ کان وڏي تمنا آهي."

1954ع کان وٺي 1966ع تائين جو عرصو 'سيد محمد قطب' ناصر جي جيل ۾ گذاريو. قيد جي دوران 'سيد محمد قطب' پنهنجو ڪتاب "Signposts" لکيو، جيڪو هڪ لحاظ کان ناصر جي آزادانہ حڪومت کي تباهہ ڪرڻ جو 'بليو پرنٽ' هو ۽ جنهن موجب اها حڪومت غير اسلامي هئي. سيد قطب چوائي "ناصر جي دؤر حڪومت جو اسلام سان ڪوبہ تعلق نہ هو ۽ هو 'جهالت' جي اصولن تحت حڪومت ڪري رهيو هو." 'جاهليت' مان مراد

اهو دور آهي، جيڪو عربستان ۾ اسلام جي ظهور کان اڳ بتن جي پوڄا ۽ بربريت جو دور هو. ناصر هڪ اهڙي معاشري کي جنم ڏنو، جنهن ۾ اسلام تي عمل نہ ٿي ٿي سگهيو. تنهن ڪري هو ڪفر جو علمبردار هو. قطب جي نظر ۾ جهاد جو مطلب پنهنجي ذاتي اصلاح، تقويٰ جو حصول ۽ پنهنجي بچاءُ جي جنگ هئي. قطب جو نصب العين هو تہ هن ڌرتي تي انسان جي شخصي حڪمراني ختم ڪري، الله تعاليٰ جي حڪمراني قائم ڪرڻ جي لاءِ جهاد ضروري آهي. جمال عبدالناصر، سيد قطب کي پنهنجي لاءِ وڏو خطرو سمجهندي، ڪيس موت جي سزا ڏني. هو شهادت جي درجي تي فائز ٿيو. پر سندس لکٿيون، سڄي دنيا ۾ اسلام پسندن جي رهبري جي لاءِ 'نور جي مينار' جي حيثيت رکنديون آهن. سعودي اپوزيشن اڳواڻ سعد الفقيهہ، سيد قطب جي لکڻين کي "اسلامي جهاد جي تحريڪ" جي لاءِ انتهائي اهم قرار ڏي ٿو.

سيد محمد قطب جون لکٿيون، گهٽيون ساديون آهن، پر انهن ۾ ڪنهن مبالغي کان سواءِ نهايت زوردار ڳالهہ چئي ويئي آهي: "مصري حڪام ڪافر آهن ۽ ڪافرن جا حمايتي آهن ۽ ڪين هٽائڻ جي لاءِ لفظن نہ پر عمل جي گهرج آهي." هي اهوئي منطق آهي، جيڪو 'اُسامہ بن لادن' سعودي حڪمرانن جي خلاف اختيار ڪري ٿو. انهيءَ منطق کي سمجهڻ جي لاءِ اسلام جو ڳوڙهو مطالعو ضروري آهي. مصري ويڙهاڪ گروپن جي تاريخ جو اڀياس بيحد ضروري آهي، پر هنن جهاد ۾ سيد محمد قطب کان ڪيئن رهنمائي حاصل ڪئي. اها بيحد ڏکي ۽ سمجهہ ۾ نہ ايندڙ ڳالهہ آهي. چو تہ جهاد جي اصول کي اختيار ڪرڻ ۾ اسلامي تنظيمن ۾ غير معمولي سخت اختلاف پيدا ٿيا. انهن مان ڪي ماڻهو توازن ۽ اعتدال جا قائل هئا تہ ڪي وري انتها پسندن 1970ع ۽ 1980ع واري ڏهاڪن ۾ 'الجماعة الاسلاميہ' مصري معاشري ۾ بدعنوان عنصرن جي خلاف مهم شروع ڪئي. انهيءَ دوران وڊيو دڪانن کي باهيون ڏنيون ويون. جيولري دڪانن کي لٽيو ويو ۽ پرڏيهي سياحن کي قتل ڪيو ويو. انهن قسم جو ڪاروبار گهڻو ڪري قبطين جي هٿ ۾ هو، جيڪي مصري عيسائي آهن ۽ سندن آبادي جو تناسب پنج سيڪڙو آهي.

1973ع ۾ 'ايمان الظواهري' پنهنجو جهاد گروپ قائم ڪيو. ايمان الظواهري انهيءَ وقت ميڊيڪل جو شاگرد هو. 'اسلامي گروپ' ۾ هڪ

اليڪٽريڪل انجنيئر ۽ هڪ فوجي آفيسر طور شامل هو. ’جهاد گروپ‘ مصري حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ لاءِ اجا بہ وڌيڪ سختي سان تحريڪ شروع ڪئي. جهاد گروپ، مصري عملدارن تي قاتلانہ حملا ڪيا ۽ سرڪاري عمارتن کي تباھہ ڪيو. ’اسلامي گروپ‘ مسجدن ۾ عطيا گڏ ڪندو هو ۽ خيراتي ۽ فلاحي ڪم بہ ڪندو هو ۽ انهن جي تنظيم ڪافي حد تائين کليل هئي. پر ’جهاد گروپ‘ انتهائي ڳجهو ۽ لڪيل تنظيم جو حامل هو. 1981ع جي شروع ۾ اسلامي گروپ ۽ جهادي گروپ، ٻنهي بيحد اثرائتيون ڪاروايون ڪيون. انهن ۾ سڀني کان اهم ڪاروائي ’مصر جي صدر ’انورالسادات‘ جو قتل هو. اسلامي ويڙهاڪن جو نقطي نظر هو تہ سادات ڪافر آهي. سادات اسرائيل سان ’امن معاهدو‘ ڪيو. هن 1979ع ۾ آمريڪي صدر جمي ڪارٽر جيَ موجودگيءَ ۾ ’وائٽ هائوس ۾ اسرائيل جي وزير اعظم بيگن سان هٿ ملايو ۽ ايئن خود پنهنجي موت جي وارنٽ تي صحيح ڪري ڇڏيائين. ’اسلامي گروپ‘ ۽ ’جهاد گروپ‘ جو روحاني اڳواڻ شيخ عمر عبدالرحمان هو، جنهن سادات کي قتل ڪرڻ جي اجازت ڏني. 6 آڪٽوبر 1981ع تي هڪ 24 سالن جي مصري ليفٽيننٽ ’ خالد اسلام بولي‘ ، انهيءَ مهل سادات تي گولين جو مينهن وسائي ڏنو. جنهن مهل هو فوجي پريڊ جو معائنو ڪري رهيو هو. گرفتاريءَ کان پوءِ ’خالد اسلام بولي‘ اعلان ڪيو تہ، ”هن هڪ فرعون کي قتل ڪيو آهي ۽ هو موت کان نٿو ڊڄي.“

سادات جي قتل کان پوءِ سوين اسلامي ويڙهاڪن کيَ گرفتار ڪيو ويو. شيخ عبدالرحمان کي پڻ گرفتار ڪيو ويو، پر پوءِ کيس آزاد ڪرڻو پيو. جو تہ اها ڳالھہ سامهون آئي تہ کيس مصري پوليس بدترين تشدد جو نشانو بڻايو. الظواهري کي ٽي سال قيد جي سزا ڏني ويئي. ’جهاد‘ جي خلاف تحقيقات ٿي تہ پتو پيو تہ انهيءَ جا ميمبر نهايت سخت فوجي سکيا حاصل ڪن ٿا. هو حڪومت جي اهم عملدارن جي سرگرمين تي نظر رکن ٿا ۽ انهن جي چرپر جو مڪمل ريڪارڊ رکن ٿا. ’الجهاد‘ گروپ جي تنظيم ۽ تربيت جو انداز ۽ رٿابندي وغيره جي صلاحيت ظاهر ڪري ٿي تہ اسامہ بن لادن پنهنجي القاعده تنظيم ۾ انهن طريقن ۽ تجربن کي استعمال ڪيو. القاعده جي آپريشنن ۾ مصر جي ’الجهاد گروپ ۽ اسلامي گروپ‘ جي ڇاپ نمايان نظر ٿي اچي. الظواهري، جيئن ئي جيل مان ٻاهر نڪتو تہ ’جهادي‘ تحريڪ هڪ

پيرو پيهر نئين زور سان شروع ٿي ويئي. 1985ع ۾ الظواهري پنهنجي ٻين جهادي ساٿين سان گڏ پاڪستان ويو ۽ افغان مجاهدن جي امدادي ڪمن ۾ شرڪت ڪئي. جيستائين افغانستان ۾ روس جي خلاف جهاد جاري رهيو، مصر ۾ جهادي سرگرميون ٺپ رهيون. پر 1990ع ۾ 'افغان عربن' جي مصر موٽڻ کان پوءِ هڪ پيرو پيهر نئين شدت سان مصري حڪمرانن جي خلاف جهادي تحريڪ شروع ٿي.

الظواهري 1990ع جي شروع ۾ ٻه ڀيرا آمريڪا جو دورو پڻ ڪيو، پر اهو دورو القاعده ۽ افغان جهاد جي مقصدن جي لاءِ هو. هو جهاد جي لاءِ عطيا گڏ ڪرڻ جي لاءِ آمريڪا ويو. ساڻس گڏ اڳوڻو آمريڪي سارجنٽ علي محمد به هو، جيڪو فوجي معاملن ۾ القاعده جو صلاحڪار هو. 'جهاد گروپ' 1995ع ۾ مصر جي وزير داخلا ۽ 1995ع ۾ مصر جي وزير اعظم کي قتل ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي. پر 1995ع ۾ 'جهاد گروپ' اسلام آباد جي مصري سفارتخاني ۾ 'ٽرڪ بم' جو ڌماڪو ڪيو، جيڪو ڪامياب ٿيو. 1990ع کان 1995ع تائين مصري ويڙهاڪن، مصري عملدارن جي خلاف پنهنجي تخريبڪاريءَ جون ڪارروايون جاري رکيون. انهن حملن ۾ 1200 جي لڳ ڀڳ مصري پوليس آفيسر ۽ ٻيا عملدار مارجي ويا. انهن ۾ پرڏيهي سياح پڻ شامل هئا. 1997ع ۾ 'الجهاد گروپ'، پرڏيهي سياحن جو قتل عام ڪيو. انهيءَ حملي ۾ 58 سياح مارجي ويا، چار مصري انهن کان علاوه مئا. 1998ع ۾ 'جهاد گروپ' کي اهو احساس ٿيو ته هو عوام جي حمايت وڃائي رهيو آهي. تنهن ڪري هن مصري حڪومت جي خلاف هڪ پاسائين جنگ بنديءَ جو اعلان ڪيو.

اسامہ بن لادن تي، الظواهري جا اثر به ڪافي گهرا آهن، عبدالله عظام، اسامہ بن لادن جو فڪري ۽ روحاني رهنما هو، جڏهن ته الظواهري، اسامہ تي پنهنجي انتها پسندانہ نظرين جا اثر وڌا. الظواهري تمام گهٽ عوام جي سامهون آيو آهي. هو مختلف پريس ڪانفرنس ۽ انٽرويوز جي دوران سدائين اسامہ بن لادن سان گڏ ويٺل نظر ايندو آهي. هن جي عمر پنجاهہ سالن کان ڪجهہ وڌيڪ آهي. هو ٿلهن شيشن واري عينڪ لڳائيندو آهي. هن جي ڏاڙهي گهاٽي ۽ سفيد عمامون پائيندو آهي. هو بهترين انگريزي ڳالهائڻ سان گڏ، اڪثر اسامہ بن لادن جي ترجمان جو فرض به ادا ڪندو آهي.

الظواهري جي باري ۾ معلومات حاصل ڪرڻ جي لاءِ آئون 'سعد الدين ابراهيم' سان مليس، جيڪو ناليرو مصري 'ماهر عمرانيات' هو ۽ جنهن 1970ع واري ڏهاڪي ۾ مصر جي اسلامي ويڙهاڪن جو گهرو اڀياس ڪيو. سعدالدين ابراهيم مون کي ٻڌايو تہ هو شاگرديءَ واري زماني ۾ الظواهري سان مليو هو. اها سندس جهادي ڪيريئر جي شروعات هئي. سعدالدين ابراهيم، الظواهري جي باري ۾ پنهنجي ريمارڪس ۾ چيو:

"هو بيحد ذهين، پر خاموش سڀاءُ جو مالڪ آهي. سندس واسطو هڪ سُني مصري گهراڻي سان آهي. سندس خاندان مصر جي معززين ۾ ڳڻيو وڃي ٿو. سندس پيءُ مشهور فزيشن هو."

ابراهيم سان ملاقات کان پوءِ آئون 'منتصر الذريات' جي ڳولا ۾ نڪتس، جيڪو اسلامي گروپ جي غير سرڪاري ترجمان طور ڪم ڪندو رهيو هو ۽ هو بيمار هو ۽ آئون ساڻس ملاقات ڪري نہ سگهيس. انهيءَ ملاقات ۾ ناڪامي کان پوءِ آئون انهن قبطين ۽ يهودين جي ڳولا ۾ نڪتس، جيڪي 'الظواهري' جا مريض رهيا هئا. جتي الذريان جي آفيس هئي، انهيءَ ئي عمارت ۾ يهودين جو هڪ 'ديول' بہ هو، جيڪو 1905ع ۾ اڏيو ويو هو. عمارت جي چئني طرفن لوهہ جي سيخن جا جهنگلا ٺهيل هئا. جهنگلن جي اندر هڪ پوڙهيءَ 'يهودڻ' نظر آيم. هن ٻڌايو تہ قاهرا ۾ يهودين جو تعداد فقط بہ ٽي سؤ آهي، جيڪي ڪڏهن ڪڏهن ئي هن 'ديول' ۾ ايندا آهن. يهودين جي انهي ديول جي پيٽ ۾ پراڻي دور سان واسطو رکندڙ قبطين جو 'ديول' وڏيڪ سُني حالت ۾ آهي. هتي 'جارج سينيٽ' جي شڪل جي اڳيان ميڻ بتيون ٻري رهيون هيون.

جڏهن آئون پيهر الذريات سان ملڻ ويس تہ هو اڃا تائين بيمار هو، پر پوءِ بہ هو مون سان ملڻ جي لاءِ تيار ٿي ويو. هن ٻڌايو تہ هڪ ڀيري ڪيس ڪار بم ڌماڪي جي ذريعي مارڻ جي ڪوشش پڻ ڪئي ويئي، پر هو بچي ويو. الذريات ٻڌايو تہ سندس ٽيليفون کي باقاعده ٽيپ ڪيو وڃي ٿو. (ڪيس اها خبر نہ هئي تہ اهو ڪم ڪير ٿو ڪري، ويڙهاڪ يا حڪومتي ايجنسيون).

ڳالهين جي دوران الذريات ٻڌايو تہ 1998ع ۾ حڪومت ۽ جهاد گروپ جي وچ ۾ ٿيندڙ جنگ بندي جو معاهدو، حقيقت ۾ ڪو امن جو معاهدو نہ

هو. درحقيقت انهيءَ کي فقط هٿياربند ڪارروائين جي مهملي يا عارضي بندش چئي سگهجي ٿو. جولاءِ 1997ع ۾ لڪور جي قتل عام ڪان اڳ ’اسلامي گروپ‘ جي اڳواڻن جنگ بندي جي رٿ تي ويچاريو هو. انهيءَ رٿ کي مارچ 1998ع ۾ گروپ جي شوريٰ منظور ڪري ورتو، پر ايمن الظواهري ۽ رفيعہ احمد طلحہ انهيءَ جي مخالفت ڪئي ۽ هٿيار بند جدوجهد جي حمايت ڪندا رهيا. تنهن ڪري اسامہ بن لادن، کين هدايت ڪئي تہ هو ’جهاد‘ ۽ ’اسلامي گروپ‘ تان استعيفيٰ ڏيئي ڇڏين.

الذريات ٻڌايو تہ ’الظواهري‘ هڪ نهايت ذهين ۽ سنئو سرجن آهي. اوهين جڏهن بہ سائنس ملندا تہ، اهو تصور بہ ڪري نہ سگهندا تہ ڪو اهو شخص تشدد پسند ٿي سگهي ٿو. هو بيحد پرسڪون، ٿورو ڳالهائو ۽ بيحد اونهي سوچ جو مالڪ آهي، پر سندس لفظن ۾ بيحد تاثير هوندو آهي. افغان جهاد جي دوران هو جن تجربن مان گذريو، تن کيس هڪ پُرامن سرجن مان تبديل ڪري، مجاهد بنائي ڇڏيو. هو انتهائي مالدار هو، پر (اسامہ وانگر) هو بہ جهاد جي ڏکي زندگي اختيار ڪئي. هو شروع ۾ فقط جهاد جي لاءِ چندو ڏيندو هو، پر هاڻ هو اسامہ جي سوچ ۽ ذهن آهي.

هن جي تصور جي تائيد مختلف ذريعن ڪان ٿي. انهن ۾ پاڪستاني صحافي ’حامد مير‘ ۽ ’القدس العربي‘ اخبار جو ايڊيٽر عبدالباري عطوان بہ شامل آهن. عبدالباري عطوان چيو تہ الظواهري اهو شخص آهي، جنهن اسامہ بن لادن جي ذهن کي هٿياربند جهاد تي مائل ڪيو.

القاعده جي انهيءَ وڊيو ٽيپ ۾ جيڪو 2001ع جي گرمين جي مند ۾ جاري ٿيو، الظواهري چيو:

”آمريڪا جو هڪ ڏوهہ هيءَ آهي تہ هو پاڻ کي جمهوريت ۽ مذهبن جو محافظ ٿو قرار ڏي. پر اسان کي عرب دنيا ۾ اسلام تي عمل ڪرڻ جي موڪل ڪونهي. مصر ۾ آمريڪا پرست حڪومت اسلام پرستيءَ جي ڏوهہ ۾ جيل ماڻهن سان ڀري ڇڏيا آهن. ڪيترن ئي ماڻهن کي ڦاسيون ڏنيون ويون آهن. مصري جيلن ۾ ماڻهن کي انصاف جو موقعو ڏيڻ ڪانسواءِ ئي ماريو وڃي ٿو. کين تشدد ۽ اذيت جو نشانو بنايو وڃي ٿو ۽ اهو سڀ آمريڪا جي سرپرستيءَ ۾ ٿي رهيو آهي.“

الظواهري اڪيلو مصري ڪونهي، جيڪو القاعده ۾ اهم ڪردار ادا

ڪري رهيو آهي. ’جهاد گروپ‘ جو ملٽري ڪمانڊر ۽ اڳوڻو مصري فوجي آفيسر ابو حفص بہ القاعده جو اهم ميمبر آهي. سندس ڌيءَ جي شادي 2001ع جي شروع ۾ بن لادن جي پُٽ سان ٿي. 1990ع جي شروع ۾ ۽ 1995ع ۾ القاعده جو فوجي صلاحڪار ’ابو عبيده النشيري‘ هو. القاعده جو هڪ ٻيو فوجي صلاحڪار مصري آمريڪي فوجي آفيسر علي محمد هو، جيڪو هن وقت آمريڪي جيل ۾ آهي. اهڙي طرح ’محمد شوقي اسلام بولي‘ ، جيڪو سادات جي قاتل جو ڀاءُ آهي، القاعده جو ميمبر آهي.

آفريقا ۾ آمريڪي سفارت خانيءَ تي بم ڌماڪن ۾ اهم خدمتون انجام ڏيندڙ بم سازي جو ماهر صالح ۽ 1998ع ۾ آمريڪين جي قتل جي آمريڪي فتويٰ تي صحيح ڪندڙ رفيعہ احمد طلحہ، مصري اسلامي گروپ جي روحاني رهبر شيخ عمر عبدالرحمان جا ٻہ پُٽ بہ القاعده ۾ اهم خدمتون سرانجام ڏيئي رهيا آهن. جڏهن 1990ع واري ڏهاڪي ۾ اسامہ بن لادن سوڊان ۾ هو تہ القاعده جي ڪن ميمبرن اسامہ سان شڪايت ڪئي هئي تہ مصري ميمبرن کي خصوصي وظيفا ڏنا وڃن ٿا.

3 فيبروري 1999ع تي دهشتگردي جي الزام ۾ 100 مصري ويڙهاڪن کي، قاهره ۾ هڪ عدالتي ڪارروائي کي منهن ڏيڻو پيو. انهن ۾ الظواهري ۽ ياسر السري بہ شامل هئا، جن تي سندن غير حاضريءَ ۾ ڪيس هلايو ويو. ٻين ماڻهن ۾ الظواهري جو ننڍو ڀاءُ مصطفيٰ بہ هو، جيڪو پيشي جي لحاظ کان انجنيئر آهي ۽ علي محمد جو ننڍو ڀاءُ بہ شامل هو. ڪيس پنج سال ٽيپ جي سزا ڏني ويئي. جڏهن تہ الظواهري کي سندس غير موجودگيءَ ۾ موت جي سزا ٻُڌائي ويئي.

السري، جنهن جو اڳ ذڪر ڪري چڪو آهيان. برطانيا ۾ رهي ٿو. ويجهڙ ۾ آمريڪا جي اشاري تي جيڪي گرفتاريون ٿيون. انهن ۾ شامل گهڻن ٽن عرب افغان ويڙهاڪن کي قيد يا موت جون سزائون ڏنيون ويون. انهن مان گهڻا برطانيا ۾ رهن ٿا. انهن ۾ عبدل عبدالباري بہ شامل آهي، جيڪو هڪ ماهر قانون ۽ وڪيل آهي. مصر ۾ جهاد جي نمائندگي ڪري ٿو ۽ الظواهري سان گڏ ڪم ڪندو رهيو آهي. 1991ع ۾ عبدالباريءَ، السيد نصير جي صفائي واري وڪيل طور خدمتون سرانجام ڏنيون.

عبدالباري، الظواهريءَ جي گهڻو ويجهو رهي ڪم ڪندو رهيو آهي.

هو السيد نصير جو صفائي وارو وڪيل هو. السيد جو نيو يارڪ جي انهن ويڙهاڪن سان واسطو هو، جن 1990ع ۾ يهودي عالم ’ميئر ڪهاني‘ کي مين هٽن ۾ قتل ڪيو هو. جولاءِ 1999ع ۾ عبدالباريءَ کي انهيءَ الزام تحت گرفتار ڪيو ويو تہ هو آمريڪن جي قتلن ۾ اسامہ بن لادن جي سازشن ۾ شريڪ رهيو آهي. سائس گڏ هڪ ٻي مصري ابراهيم عبدالله کي بہ گرفتار ڪيو ويو. آمريڪين جي دعوئٰ آهي تہ هو 1997ع ۾ جهاد جي ’لنڊن سيل‘ جي سربراهيءَ جي لاءِ آذربائيجان مان برطانيا آيو هو. عبدالباري ۽ ابراهيم ٻنهي جي خلاف، اهي الزام انهن فيڪس پيغامن جي بنياد تي هنيا ويا، جيڪي آفريقا ۾ آمريڪي سفارت خانن تي بم ڌماڪن جي سلسلي ۾ جاري ٿيا هئا. انهن پيغامن ۾ بظاهر تہ انهن جا حوالا موجود هئا، پر انهن سان ڪين ڏوهاري ثابت نٿو ڪري سگهجي.

خالد الفوز کي سيپٽمبر 1998ع ۾ گرفتار ڪيو ويو. جنهن مون کي سي - اين - اين لاءِ اسامہ بن لادن ڪان انٽرويو وٺڻ جي لاءِ سهولتون فراهم ڪيون ڪيون هيون. ڪيس برطانوي پوليس گرفتار ڪري جيل موڪلي ڇڏيو. اتفاق سان انهن ئي ڏينهن آئون لنڊن پهتس ۽ سندس گهر ويس، جنهن شخص گهر جو دروازو کوليو، اهو هڪ ’فارنيسڪ ٽيڪنيشن‘ هو. جيڪو تحقيقات جي سلسلي ۾ اُتي موجود هو. مون کي خالد الفوز جي گرفتاريءَ تي افسوس ٿيو. خالد سدائين انهي ڳالهہ جو اعتراف ڪيو تہ هو اسامہ بن لادن جو دوست هو ۽ هن اسامہ سان گڏجي هڪ سعودي مخالف گروپ قائم ڪيو، جنهن جو نالو Advice and Reform Committee هو. پر هن سدائين، اسامہ پاران آمريڪين جي قتل جي اپيلن تي حيرت جو اظهار ڪيو. هن ڪيترائي ڀيرا ڪليل نموني شهرين تي حملن کي غير اسلامي عمل چيو. هن ڪڏهن بہ پنهنجي نظرين کي ڳجهو نہ رکيو. هن ڪليل نموني اسامہ جي نظرين سان اختلاف جو اظهار پڻ ڪيو. هن سدائين مون سميت، ٻين اولهہ جي صحافين سان کلي ڳالهايو ۽ منهنجي راءِ اها آهي تہ ’خالد الفوز‘ جا حقيقي عقيدا بہ اهي ئي هئا.

پر، آمريڪين، خالد الفوز جي خلاف تباهہ ڪندڙ ڪيس گهڙيو هو. ٽيليفون جي ذريعي ڳالهہ ٻولهہ جي رڪارڊ ٻڌايو ٿي تہ هو لڳاتار القاعده جي ميمبرن سان رابطي ۾ رهندو هو ۽ جڏهن اسامہ، آمريڪين تي حملي جي

سلسلي ۾ هدايتون جاري ڪيون، تڏهن انهن هدايتن ڪي اڳيان پهچائڻ جو ڪم ڪيو. 1995ع ۾ ’خالد الفوز‘ ڪينيا ۾ ڪارن جي درآمد جو ڪاروبار شروع ڪيو. انهيءَ ڪاروبار جي ’بورڊ آف ڊائريڪٽرز‘ ۾ ’ابو عبيده النشيري‘ بہ شامل هو، جيڪو القاعده جو هڪ فوجي ڪماندر هو. خالد الفوز ڪي، سي - آءِ - اي جي هڪ جوٽيت، القاعده جي ميمبر طور سُڃاتو. خالد الفوز فوٽو گرافي جو اهو سمورو خرچ برداشت ڪيو هو، جيڪا علي محمد، آمريڪي سفارت خانن ۾ بم ڌماڪن جي سلسلي ۾ ڪئي هئي.

منهنجي ذاتي راءِ موجب، خالد الفوز رڳو انهيءَ ڪري ڦاٿو، جو هو غير سرڪاري طور تي اسامہ جي ترجمان جا فرضَ انجام ڏيندو هو. خالد الفوز حقيقي طور تي ڪينيا ۾ ڪارن جي درآمد جو ڪاروبار شروع ڪيو، پر نقصان ٿيڻ لڳس تہ اهو بند ڪري ڇڏيائين. مٿس، علي محمد ڪي فوٽو گرافي جو خرچ ڏيڻ جو الزام هو، پر اهو الزام ثابت ٿي نہ سگهيو. آمريڪي سي - آءِ - اي جو مخبر، خالد الفوز تي، القاعده جو ميمبر هئڻ جو غلط الزام هڻي رهيو هو، ڇو تہ خالد جا اُسامہ سان ذاتي لاڳاپا هئا. آمريڪا ۾ ڪيس جي ڪارروائيءَ جي دوران، ڪيس جي ليڊ پراسيڪيوٽر ’پيٽرڪ فٽر جيرالڊ‘ ، خالد تي آروپ لڳايو تہ هو افغانستان ۾ فوجي تربيتي ڪئمپ هلائيندو هو، پر خالد الفوز مون ڪي چيو تہ هو ڪڏهن افغانستان ويو ئي نہ هو. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ سندس ڀاءُ افغانستان ۾ هيو.

آمريڪي قانون موجب خالد ڏوهاري هو ۽ مٿس آمريڪين ڪي قتل ڪرڻ جي سازش ۾ حصي وٺڻ جو الزام هو. هن ڪتاب جي ڇپجڻ تائين خالد الفوز، عبدالاس ۽ عبدالباري برطانوي جيلن ۾ هئا ۽ ڪين آمريڪا جي حوالي نہ ڪيو ويو هو.

برطانيا ۾ القاعده جو هڪ ٻيو ميمبر ’انس اللبي‘ هو، جيڪو مانچسٽر ۾ رهندو هو. 1999ع ۾ پوليس سندس گهر تي ڇاپو هنيو تہ هو زير زمين هليو ويو. اللبي هڪ ’ڪمپيوٽر ايڪسپرٽ‘ هو. هن افغانستان ۾ القاعده جي ڪئمپن ۾ جاسوسي ۽ نگراني "Surveillance" ٽيڪنڪس جي سکيا حاصل ڪئي هئي. 1995ع ۾ اللبي، سوڊان ۾ القاعده جي ’ڪمپيوٽرائز سسٽم‘ جي لاءِ ڪم ڪري رهيو. 1993ع ۾ هو ۽ علي محمد نيروبي ويا. اُتي هنن القاعده جي هڪ ميمبر جو فليٽ آمريڪي سفارت خاني

جي عمارت جي ’سرووليئنس‘ فوٽوز بنائڻ جي لاءِ استعمال ڪيو. اهو آمريڪي سفارتخاني تي حملي جو پهريون مرحلو هو. پوليس جڏهن اللبي جي گهر تي ڇاپو هنيو ۽ جهڙتي ورتي تہ سندس گهر مان 180 صفحن تي مشتمل ڪتاب Military studies in the Jihad against tyrants نڪتو. انهيءَ ڪتاب جي مينول ۾ ٻڌايو ويو هو تہ ڇاپي مار سرگرميون ڪيئن ڪجن. تخريب ڪاري ڪيئن ڪجي، جعلي ڪرنسي ڪيئن استعمال ڪجي ۽ گهرن کي ڪيئن محفوظ ڪجي.

لنڊن سدائين اسلامي ويڙهاڪن جي سرگرمين جو مرڪز بنيل رهيو آهي. انهن مان گهڻا اُسامہ بن لادن جي نظرين تي يقين رکن ٿا. انهن مان هڪ ويڙهاڪ ڪارڪن شيخ عمر محمد باقري هو، جنهن جو واسطو شام سان هو. هو پاڻ کي شرعي عدالتي نظام جو ماهر قرار ڏي ٿو. آئون اپريل 2000ع جي هڪ شام جو Walthamstow جي رستن تي انهي هال کي ڳولهي رهيو هئس، جتي شيخ باقري هڪ ڪانفرنس جو اعلان ڪيو هو. ڪانفرنس جو موضوع Osama Bin Laden and Terrorism هو. جڏهن آئون انهيءَ هال جي ويجهو پهتس تہ مون کي ٻاهران هڪ بينر نظر آيو جنهن تي لکيل هو Jehad agaisnt the Pirate state of Isreal. اهو هڪ ڪميونٽي هال هو، جتي ڪجهہ ماڻهو نماز پڙهندي نظر اچي رهيا هئا. انهن مان ڪن کي ملٽري جيڪٽون پاتل هيون، ڪن کي افغاني ٽوپيون بہ پاتل هيون، جنهن مان ظاهر هو تہ هنن جو افغان جهاد سان لاڳاپو رهيو آهي. انهن مان ڪن وٽ فوٽوگرافرز واريون جيڪٽون پڻ هيون. سامعين جي اڪثريت شاگردن، ننڍن واپارين ۽ ڪاروباري ماڻهن تي مشتمل هئي. هال ۾ موجود 250 ماڻهن مان 100 کن عورتون هيون. جن مان گهڻين پنهنجا مٿا اسڪارف سان ڍڪي رکيا هئا. ڪي وري مڪمل پردي ۾ هيون. عام طور تي اهو عربن، آفريڪين ۽ ايشائين جو ميڙ هو. شروع ۾ چيچنيا ۾ مسلمانن ۽ روسين جي وچ ۾ هلندڙ جنگ (جهاد) جي باري ۾ فلمون ڏيکاريون ويون. انهيءَ دوران هڪ شخص، مون کي هڪ پمفليٽ ڏنو، جنهن تي لکيل هو Jehad in America. هال جي پٽين تي پوسٽر لڳل هئا جن تي لکيل هو "Clinton: The most wanted. terrorist and Jewirsh Occupiers: Kill them when see them."

هڪ پٽ تي ديوڊ (حضرت دائود عليه السلام جو عبراني نالو) جو ڇهن ڪنڊن وارو تارو ڏيکاريو ويو هو. ان جي مٿان ڪوپڙيءَ جو نشان ۽ بہ

هڏيون ڏيڪاريل هيون.

جڏهن شيخ باقري هال ۾ گهڙيو تہ سامعين خاموش ٿي ويا. هن پنهنجي تقرير ۾ چوڻ شروع ڪيو، ”اسين هتي اسامہ بن لادن جي مشن ڪي وڌائڻ جي لاءِ گڏ نہ ٿيا آهيون، جيتوڻيڪ اسين هن جي حمايت ٿا ڪريون. اڄ اسين انهيءَ تي ڳالهائڻ ٿا چاهيون تہ ڪير دهشتگرد آهي. صحيح ڇا آهي ۽ غلط ڇا آهي؟ اسين اسامہ بن لادن جي قيادت ڪي تسليم ڪريون ٿا. جيتوڻيڪ اسين هن سان ڪڏهن بہ مليا ناهيون. هو اهڙو شخص آهي، جنهن پنهنجي زندگي اسلام جي لاءِ ارپي ڇڏي آهي.“

شيخ باقري کان پوءِ هڪ ٽلهيرڙي شخص مائيڪرو فون سنڀاليو. ڪيس ٽي شرٽ ۽ ڪيموفلاج پينٽ پاتل هئي. هن پاڻ کي شيخ باقري جي تنظيم جي سيڪيورٽي ڊائريڪٽر طور متعارف ڪرايو. هن چيو، ”برطانيا ۾ قانوني طور تي فوجي سکيا وٺڻ ڏوهہ ڪونهي.“

11 سيپٽمبر 2001ع کان پوءِ برطانيا ۾ ’لطفي رئيسي‘ جي گرفتاري عمل ۾ آئي، جنهن سان برطانيا ۾ القاعده جي سرگرمين تي روشني پوي ٿي. لطفي رئيسي هڪ الجزائري هو. هن جي عمر 25 کان 30 سالن جي وچ ۾ هئي. مٿس الزام هو تہ هن ورلڊ ٽريڊ سينٽر تي حملي جي ڇئن ئي جوابدارن کي تربيت ڏني هئي.

اسامہ بن لادن جا سڄي دنيا جي جهادي تنظيمن سان گهرا لاڳاپا ۽ رابطا رهيا آهن. انهن ۾ ڪشميري جهادي تنظيمون پڻ شامل آهن. ڪشمير، هندستان ۽ پاڪستان جي وچ ۾ اڌ صديءَ کان بہ وڌيڪ عرصي کان تڪراري علائقو رهندو پيو اچي. سي - آءِ - اي جو تجزيو آهي تہ پاڪستان ۽ هندستان جي وچ ۾ ڪشمير جي مسئلي تي ڪنهن بہ وقت ائٽمي جنگ ڇڙي سگهي ٿي. 1990ع کان وٺي هندستاني ڪشمير ۾ هٿياربند جدوجهد ۾ تيزي ايندي ويئي آهي ۽ جنهن ۾ هيستائين 50 هزار ماڻهو مارجي چڪا آهن.

القاعده ۽ ڪشميري مجاهدن جي وچ ۾ لاڳاپا ان وقت ڇٽا ٿيا، جڏهن آگسٽ 1998ع ۾، آمريڪا، افغانستان ۾ جهادي ڪئمپن تي ميزائل فائر ڪيا. القاعده جي گهڻن مجاهدن اهي ڪئمپون خالي ڪري ڇڏيون هيون. انهن حملن ۾ جيڪي ماڻهو مئا، انهن جو تعداد 20 هو ۽ انهن مان نون جو واسطو ڪشميري تنظيم ’حرڪت المجاهدين‘ سان هو. ’حرڪة

المجاهدين‘ انهن هڪ ٻزن تنظيمن مان هڪ آهي، جيڪي ڪشمير ۾ هندستان جي خلاف جدوجهد ڪري رهيون آهن.

ڊسمبر 1999ع ۾ مونکي ’حرڪت المجاهدين‘ کي ويجهڙائي کان ڏسڻ جو موقعو مليو. جڏهن هڪ هندستاني جهاز کي اغوا ڪيو ويو. اغوا ڪندڙ هندستاني جيل ۾ قيد هڪ پاڪستاني صحافي ۽ عالم مولانا مسعود اظهر ۽ ڪن ڪشميري حريت پسندن جي آزادي جي گهر ڪئي. جڏهن جهاز اغوا ڪري ڪابل آندو ويو تہ اتفاق سان آئون اسامہ سان ملاقات جي لاءِ اُتي ئي هئس ۽ هڪ طالباني وزير سان ڳالهائي رهيو هئس. سي - اين - اين جي هڪ اسائنمينٽ ايڊيٽر مون کي هدايت ڪئي تہ آئون هڪدم قنڌار وڃان، اهو ڪابل کان قنڌار تائين نهايت خراب موسم ۾ هڪ ڏکيو سفر هو. آئون جنهن ڪار ۾ سفر ڪري رهيو هئس، اها هڪ ڪاري پٽڪي وارو مُلان هلائي رهيو هو، جيڪو روسين جي خلاف افغان جهاد ۾ حصو وٺي چڪو هو ۽ هاڻ طالبان سان شامل ٿي ويو هو. اسين پهاڙي ريگستاني علائقن مان گذرياسين، جتي ڳوٺن ۾ جيڪا واحد جديد شئي نظر اچي رهي هئي، اهو لائوڊ اسپيڪر هو، جيڪي مسجد جي مينارن ۾ لڳل هئا. اهو سفر لڳ ڀڳ سورهن ڪلاڪ جاري رهيو. انهيءَ دوران منهنجي ڊرائيور فقط اڌ ڪلاڪ جو وقفو ڪيو، جيڪو هڪ هوٽل ۾ روزو کولڻ جي لاءِ هو. جتي روزا کولڻ جي لاءِ 40-50 ڄڻا گڏ هئا، جيڪي گهڻو ڪري طالبان هئا، افطار کجورن سان شروع ٿي، پين ڪاڌن ۾ رڌ جو گوشت، چانور، نان ۽ گجر جو رائتو، ڪُابلي پلاءُ، جنهن ۾ رڌ جو گوشت هو، شامل هئا.

ماني کائي پوءِ اسان رات جو سفر شروع ڪيو. اسين 27 ڊسمبر جي صبح جو قنڌار ايئرپورٽ پهتاسين. فضا ۾ غير معمولي ڇڪتاڻ هئي، ڇو تہ اغوا ڪندڙن فقط ٽن ڪلاڪن جو الٽيميٽم ڏنو هو. هاءِ جيڪرن کي انهيءَ ڳالهہ تي ڪاوڙ هئي تہ ساڻن ڳالهہ ٻولهہ جي لاءِ هڪ معمولي درجي جو آفيسر موڪليو ويو آهي. هنن سينئر هندستاني آفيسر موڪلڻ جي گهر ڪئي، ٻي صورت ۾ جهاز کي بم سان اُڏائڻ جو ڊڙڪو ڏنو، جنهن ۾ 155 مسافر سوار هئا. انهيءَ کان اڳ هو هڪ هندستانيءَ کي چاقو هڻي ماري چڪا هئا، جيڪو ٻن ڪلاڪن اندر، ڪنهن طبي ’امداد ملڻ کان سواءِ مري ويو هو.‘

جيئن جيئن ڊيڊ لائين ويجهي ايندي ويئي، تيئن هاءِ جيڪرن ٻن اولهہ

جي مسافرن کي مارڻ جو ڌڙڪو ڏيڻ شروع ڪيو. طالبان جي پرڏيهي وزير وڪيل احمد متوڪل ريڊيو جي وسيلي هاءِ جيڪرن کي اطلاع ڏنو تہ نئين دهليءَ مان هندستاني اعليٰ اختياراتي وفد روانو ٿي چڪو آهي. گڏوگڏ هن اهو بہ چيو تہ جيڪڏهن هنن ڪنهن مسافر کي قتل ڪيو تہ هو طالبان فوجين کي جهاز تي حملي ڪرڻ جو حڪم ڏيندو. ڊيڊ لائن جي ختم ٿيڻ کان اڳ 80 کن سخت چهري وارن هٿياربند طالبان ڪمانڊوز جهاز کي گهيري ورتو. ڊيڊ لائين آئي ۽ بنا ڪنهن حادثي جي گذري ويئي. جهاز ۾ ڪيليفورنيا جي نااليواري ماهر نفسيات 'جين مور' بہ موجود هئي ۽ ڪيس اها خبر نہ هئي تہ ڪو هاءِ جيڪرن اولهہ جي مسافرن کي مارڻ جو ڌڙڪو ڏنو آهي، پر کين اها خبر ضرور هئي تہ هاءِ جيڪر خطرناڪ ماڻهو آهن. ڇو تہ انهيءَ کان اڳ هاءِ جيڪرن سندس مٿي تي پستول جو ڌڪ هنيو هو، ڇو تہ هن گوڙ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. هڪ وقت اهڙو بہ آيو جڏهن هاءِ جيڪرن سيني پرڏيهين کي 'اڪانومي ڪيبن' جي سامهون وٺي آيا. هنن مسافرن کان سندن پاسپورٽ گهريا. جڏهن کين خبر پئي تہ 'جين مور' آمريڪي آهي تہ هو هن سان وڌيڪ سختي ڪرڻ لڳا.

ڪنٽرول ٽاور تان طالبان پرڏيهي وزير متوڪل، لڳاتار هاءِ جيڪرن سان ڳالهيون ڪري رهيو هو. اڳاري تي هن هاءِ جيڪرن تي زور ڀريو تہ هو ڪجهہ گهرون ختم ڪن. انهن ۾ هندستان ۾ دفن ڪشمري مجاهدن جي لاشن جي واپسي ۽ بہ ڪروڙ ڊالرن جو ڀنگ شامل هئا. هن چيو تہ اهي شرط غير اسلامي آهن. طالبانن نهايت منصفانہ طريقي سان، هاءِ جيڪرن تي نفسياتي دٻاءُ برقرار رکيو. روزانو رات جو جڏهن سيءُ ڀڙي کان بہ هيٺ هليو ويندو هو تہ طالبان فوجي هندستاني جهاز جي چوڌاري ڪيمپ فائر (باهہ) ٻاري ڇڏيندا هئا. باهہ جي مچ جي ڇپين جي روشنيءَ ۾ جهاز چمڪندو نظر ايندو هو.

افغانستان جي لاءِ گڏيل قومن جو نمائندو 'ايرڪ ڊي مول' بہ قنڌار ايئرپورٽ پهتو. هو پيشريشن ڊچ هو ۽ جهاز جي اغوا جي مسئلي تي طالبان سان صلاح مشورو ڪرڻ آيو هو. بعد ۾ هن اخباري نمائندن کي ٻڌايو تہ طالبان نهايت سمجهہ ۽ پختگي سان ڳالهيون ڪري رهيا آهن. جهاز جي مسافرن کي اها خبر ڪونهي تہ هو ڪٿي آهن؟ هاءِ جيڪرس جهاز کي ڪٿي

وٺي آيا آهن؟ هڪ اولهہ جي عورت لڳاتار گھُر ڪري رهي هئي تہ هن جي لاءِ ايمبولينس آندي وڃي، ڇو تہ هوءَ اسپتال وڃڻ ٿي چاهي. شايد هوءَ انهيءَ غلط فهميءَ ۾ هئي تہ جهاز يورپ يا آمريڪا ۾ آهي. جيئن انهيءَ عورت کي جهاز جي ڪاڪ پٽ ۾ وٺي ويئي. ڪيس پھريون ڀيرو جهاز مان ٻاهر ڏسڻ جو موقعو مليو. جنهن کي ڪارا پٽڪا ٻڌل هٿياربند افغان طالبان فوجي گھيري ۾ وٺيو بيٺا هئا.

جيئن بعد ۾ مون کي پڌايو تہ انهيءَ وقت هاءِ جيڪر بہ سخت دٻاءُ جو شڪار هئا. هو ڇهن پنجن راتين کان لڳاتار جاڳي رهيا هئا ۽ سُتا ڪونہ هئا. هو بار بار اهو چئي رهيا هئا تہ ڪين مرڻ جو ڪوبہ ڊپ ڪونهي. جيئن هڪ هاءِ جيڪر کي چيو تہ انهن مان ڪجھہ ماڻهن کي آرام ڪرڻ ۽ سمهڻ کپي، ڇو تہ سندن هٿن ۾ دستي بم آهن ۽ سندن ٿوري غلطي سان اهي ڦاٽي سگھن ٿا.

اربع جو سڄو ڏينهن ڳالهيون جاري رهيون. هاءِ جيڪرن جي حالت ڏاڍي خراب هئي. هو پنجن ڏينهن کان جهاز ۾ هئا. سندن خوراڪ ماني، دال ۽ چانورن تي مشتمل هئي. جهاز جا ڪاڪوس ڀرجي ويا هئا ۽ ڌپ سبب دماغ ٿي ڦاٽو. جهاز جون انجڻيون جيڪي لڳاتار هلي رهيون هيون، هاڻ بند ٿي رهيون هيون ۽ جنهن جو مطلب اهو هو تہ ايئرڪنڊيشن بند ٿي ويندي ۽ روشني بہ نہ رهندي. اهڙي طرح جهاز ۾ گرميءَ جو بندوبست بہ نہ هوندو، جيڪو سخت سردي ۽ حرارت جي درجي ڀڙي ڪان بہ گھٽ هئڻ سبب ضروري هئي.

خميس جي ڏينهن 30 ڊسمبر تي طالبان طاقت جو مظاهرو ڪيو. هڪ بڪتر بند گاڏي جهاز جي ويجهو آڻي بيهاري ويئي. اهڙي طرح چوٿائي ميل پري هڪ ٽڪريءَ تي 'ٽئنڪ' بہ پوزيشن وٺي لاٿي.

طالبان ڪمانڊر جهاز جي اڃا بہ ويجھو آيا. هڪ پڪ اپ جهاز جي ويجھو پھتي، انهيءَ تي طالبان فوجي بہ اسٽنگر جهاز ٽوڙ ميزائل کڻيو بيٺا هئا. جهاز جي اندر هاءِ جيڪر مسافرن کي چئي رهيا هئا تہ هو نہ آواز ڪڍن ۽ نہ ئي وري ڪا چرپر ڪن.

متوڪل فوجي دستن جي چرپر کي معمول جي ڳالهہ قرار ڏنو، پر پيغام واضح هو. بحران جو خاتمو نہ ٿيو تہ اسين جهاز تي حملو ڪري ڏينداسين. نياپو اهوئي هو. طالبان جي تربيت انهيءَ نوعيت جي نہ هئي تہ هو

جهاز مان يرغمال ٽيندڙ مسافرن کي جيئرو ڪڍي سگهن. انهيءَ جو مطلب اهو هو تہ هتي رت جو درياءَ وهڻو هو. طالبان وٽ آمريڪي ڊيلٽا فورس يا برطانوي ايس ـ اي ـ ايس قسم جا فوجي دستا نہ هئا. جيڪي يرغمالين کي بچائڻ جي لاءِ ”سرجيڪل آپريشن“ ڪندا آهن.

جمع جي رات هندستان ۽ هاءِ جيڪرن جي وچ ۾ سودو طئي ٿي ويو. هندستاني عملدار مولانا مسعود اظهر ۽ ٻن ٻين قيدي ويڙهاڪن کي هندستاني جيلن مان آزاد ڪرڻ جي لاءِ تيار ٿي ويا. ٻن ٻين قيدين ۾، مشتاق احمد زرگر ۽ عمر شيخ شامل آهن. مشتاق زرگر جو تعلق هڪ ڪشميري تنظيم ’العمر‘ سان هو. جڏهن تہ عمر شيخ برطانوي شهري هو. (هي اهوئي ساڳيو عمر شيخ، جنهن پوءِ هڪ آمريڪي اخبار ’وال اسٽريٽ جرنل‘ جي يهودي صحافي ڊينئل پرل کي ڪراچيءَ مان اغوا ڪيو ۽ قتل ڪري ڇڏيو. پاڪستاني عدالت انهيءَ ڏوهہ ۾ کيس موت جي سزا ٻڌائي آهي. سنڌيڪار) عمر جو خاندان پاڪستان ۾ رهندو هو ۽ هن ’لنڊن اسڪول آف اڪنامڪس‘ مان گريجوئيشن ڪئي. متوڪل جمع جي ڏينهن صبح جو اخباري نمائندن کي گهرايو ۽ ٻڌايو تہ سودو طئي ٿي ويو آهي. پر مسافرن جي آزادي بيحد ڏکيو ۽ نازڪ مرحلو هو. بعد ۾، پتو پيو تہ انهيءَ سڄي معاملي ۾ اسامہ بن لادن دخل ڏنو ۽ هاءِ جيڪرن، حرڪت المجاهدين ۽ طالبان جي وچ ۾ مناسب ناهہ ڪرائڻ جي لاءِ پس منظر ۾ رهندي، سرگرم عمل رهيو. جمع واري ڏينهن هڪ هندستاني جيٽ جهاز هندستاني پرڏيهي وزير جسونت سنگهہ کي کڻي اتي پهتو. هن سان گڏ هندستاني جيلن مان آزادي ماڻيندڙ ويڙهاڪ بہ هئا. هاءِ جيڪرن مسافرن کي ڇڏي ڏنو ۽ جهاز مان ٻاهر نڪري آيا. مسافرن کي ڇئن بسن ۾ ويهاري نئين دهلي واري جهاز ۾ ويهاريو ويو. مسافرن جي آزادي کان پوءِ هندستاني پرڏيهي وزير جسوَنت سنگهہ ايئرپورٽ جي لائونج ۾ هڪ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪيو. نئين دهليءَ ۾ هندستاني وزيراعظم واجپائيءَ الزام هنيو تہ هاءِ جيڪنگ جو ذميدار پاڪستان هو. جڏهن تہ پاڪستان انهيءَ جي جواب ۾ چيو تہ اهو سڄو ڊرامو انڊين انٽيليجنس جو تاهيل هو. اهو جيڪو ڪجهہ بہ هو، انهيءَ ۾ هاءِ جيڪر ۽ سندن سرپرستن جو مشن ڪامياب رهيو. هو پنهنجي ساٿي مجاهدن جي آزاديءَ ۾ ڪامياب رهيا ۽ طالبانن انهن کي ڀڄي وڃڻ جو پورو موقعو فراهم

ڪيو ۽ هو صاف بچي پاڪستان هليا ويا.

مون حرڪت المجاهدين ۽ ٻين ڪشميري مجاهد گروپن جي باري ۾ معلومات حاصل ڪرڻ جي لاءِ مظفرآباد وڃڻ جو فيصلو ڪيو. مظفرآباد، پاڪستاني آزاد ڪشمير ۾ آهي ۽ گهڻو ڪري ڪشميري مجاهد جا آپريشنل هيڊ ڪوارٽر هتي ئي آهن. اسلام آباد کان مظفر آباد وڃڻ جي لاءِ مون هڪ پنجويهہ سالن جي ٽئڪسي ڊرائيور جون خدمتون حاصل ڪيون. اهو ٽئڪسي ڊرائيور عيسائي هو ۽ سندس نالو ’الياس‘ هو. روانگيءَ کان اڳ آئون پرڏيهي وزارت ۾ ويس، جتي هڪ آفيسر مون کي مظفرآباد وڃڻ جو اجازت نامو ڏنو. الياس مون کي ٻڌايو تہ ڪشمير ۾ گذريل ڪيترن ئي سالن کان سوڪهڙو آهي ۽ عيدالفطر جي موقعي تي مينهن جي لاءِ دعائون گهريون وينديون، جنهن کان پوءِ مينهن پوڻ جا امڪان آهن.

اسين اسلام آباد مان نڪتاسين ۽ اسان جي ڪار ’مري‘ طرف ويندڙ رستي تي ڊوڙڻ لڳي. برطانوي عملدار ننڍي ڪنڌ جي لڳ ساڙيندڙ گرمي جا ڏينهن مريءَ ۾ گذاريندا هئا. اسين جيئن جيئن لاهين ۽ چاڙهين تي پکڙيل سرسبز ٻيلن مان گذرندڙ پهاڙي رستي تي مٿي وڌندا وياسين. اسان کي انهن ٻيلن ۾ ملندڙ مورن ۽ جابلون شينهن جي باري ۾ نشان سائن بورڊن تي نظر آيا. اسين هڪ اهڙي هنڌان بہ گذرياسين جتي هڪ سائن بورڊ تي وارننگ لکيل هئي. ”خبردار! هيءَ لينڊ سلائيڊ ايريا آهي.“ ان وقت چڱو موچارو مينهن وسي چڪو هو ۽ پري جا پهاڙ ڪوهيڙي جي لپيٽ ۾ ورتل نظر آيا. جڏهن اسين مري پهتاسين تہ اُتي هڪ چوڪ تي انهيءَ هنڌ جي بلندي لکيل هئي، جيڪا 6500 فوٽ هئي. لڳاتار پوندڙ مينهن هاڻ برف باريءَ ۾ تبديل ٿيڻ لڳو هو.

الياس مون کي چيو تہ، ”مسٽر پيٽر! هن کان اڳ مون برف باريءَ ۾ گاڏي هلائي آهي، پر لڳاتار وسندڙ برفباري خطرناڪ آهي. مون انهيءَ ۾ ڪڏهن بہ گاڏي ناهي هلائي.“ ان مهل هن پنهنجي ٽئڪسي کي پڪ اپ ٽرڪ کان بچايو، جيڪا ترڪي هن جي بمپر سان اچي لڳي هئي. مون الياس کي چيو تہ ”هو فڪر نہ ڪري، آئون سندس نقصان جو پورائو ڪري ڇڏيندس.“

هاڻ برفباري ايتري تہ تيز ٿي ويئي هئي، جو اسان کي ڪجهہ بہ نظر

نہ پي آيو. رستي تي ڪيترين ئي تتل قتل گاڏيون نظر آيون، جيڪي مختلف حادثن جو شڪار ٿيون هيون. اسان جي ٽئڪسي بہ هڪ پيرو برف تي ترڪي ۽ ڪناري تي پٿر جي پٽ اسان کي سوين فوٽ هيٺ ڪڏ ۾ ڪرڻ کان بچائي ورتو.

”آئنده آئون زنجير ڪٽي ايندس.“ الياس چيو.

هاڻ اسانکي مدد جي گهرج هئي. هڪ بس مان ڪيترائي ڪشميري لٿا ۽ هنن اسان جي گاڏيءَ کي ڌڪا ڏيئي رستي تي پهچايو.

الياس دپ سبب ڏڪي رهيو هو. ”هن وقت اسان کي الله تعاليٰ بچائي ورتو.“ هن چيو تہ مون هاڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيو. ”خبر ڪونهي، هي انگريز الله تعاليٰ تي ڀروسو ڇو نٿا رکن. آخر هو ڪهڙي طاقت ۾ يقين رکن ٿا.“ ڇا هيءَ دنيا پاڻ مرادو هلي رهي آهي.“ هو لڳاتار ڳالهائي رهيو هو. عيسائي هئڻ جي باوجود بہ هن جو الله تعاليٰ تي مڪمل ڀروسو هو. (اها ٻي ڳالهہ آهي تہ هو تثليث جي عقيدي موجب الله تعاليٰ سان حضرت عيسيٰ عليه السلام ۽ روح القدس کي بہ شريڪ ڪندو هو).

اسين برف سان ڍڪيل ٽڪرين جي وچ ۾ نانگ جيان ور وڪڙ کائيندڙ رستي تي هوريان هوريان اڳيان وڌي رهيا هئاسين. لاهارين ٽڪرين تي ڪيترين ئي ننڍيون وسنديون هيون، جتي گهرن جي وچ ۾ سبز گنبذن واريون مسجدون پڌريون هيون. ڊگهي سفر کان پوءِ اسين هڪ درياءَ جي ڪنڌي تي پهتاسين. پل جي شروع ۾ هڪ چيڪ پوائنٽ هئي. سپاهين اسان جا ڪاغذ چيڪ ڪيا ۽ اڳيان وڌڻ جي موڪل ڏني. نيٺ اسين مظفرآباد پهتاسين، جيڪو ننڍن وڏن پهاڙن جي وچ ۾، ڪوهيڙي ۾ ويڙهيل شهر هو. مون شهر ۾ ڪيتري ئي هنڌن تي اهڙا بينر لڳل ڏٺا جن تي ويجهڙ ۾ آزاد ٿيندڙ ڪشميري حريت پسندن جي وطن واپسي جو آدرياءُ ڪيو ويو هو ۽ ڪشميري مجاهدن کي سندن ڪاميابي تي مبارڪون ڏنيون ويون هيون. هوٽل تي ماني کائڻ بدران اسين ’حرڪت المجاهدين‘ جي ماڻهن سان ملاقاتون ڪرڻ جي لاءِ نڪري وياسين. ’حرڪت المجاهدين‘ جي آپريشن جو مرڪز هڪ اڇي چن سان ٺهيل پٿين ۾ گهيريل هڪ وڏو گهر هو، جيڪو مظفرآباد جي پرسان هو. گهر جي ٻاهران ڪيترين ئي ڪارون ۽ جيپون بيٺل هيون. گهر جي اندر هڪ ڊزن جي لڳ ڀڳ نوجوان اي ـ 47 رائفلن سان هٿياربند ٿيو

گهمندا پيءِ وتيا. هڪ نوجوان مون کي هڪ 28-29 سالن جي شخص وٽ وٺي ويو، جنهن کي ڪيموفلاج جيڪٽ ۽ پوري اوني ٽوپي پاتل هئي. اهو شخص مون کي پاڻ سان گڏ ڪمري ۾ وٺي ويو. انهيءَ ڪمري ۾ پٽين تي ٽنگيل، مشين گن ۽ آر پي - جي جون وڏيون وڏيون تصويرون لڳل هيون. هتي مون کي ڪشميري حريت پسندن جي جدوجهد جي تاريخ وار ڪهاڻي ٻڌڻ جي لاءِ ملي.

ڪشمير، آمريڪي رياست 'اوٽاوا' جيتري 'سائيز' جو علائقو آهي ۽ هندستان ۽ پاڪستان جي وچ ۾ تڪرار جو بنيادي سبب آهي. 1947ع کان وٺي هيستائين ٻنهي ملڪن ۾ ڪيترين ئي لڙايون ٿي چڪيون آهن. ڪشميرين جي گهڻائي مسلمان آهي ۽ هو هندو هندستان کان جدائي ٿا چاهين. ڪشمير ۾ هندستاني فوج جي ظلمن ۽ انساني حقن جي خلاف ورزيءَ جي ڪري عليحدگي پسندن جي جذبن کي هوا ملي آهي. 1947ع ۾ جڏهن پاڪستان ۽ هندستان جي وچ ۾ پهرين جنگ ٿي ته گڏيل قومن مداخلت ڪري جنگ بند ڪرائي. جنهن جي نتيجي ۾ پاڪستاني ڪشمير آزاد ۽ هندستاني ڪشمير والاريل قرار ڏنو ويو. گڏيل قومن ڪشمير ۾ ريفرنڊم ڪرائڻ جي رٿ ڏني، جنهن کي ڪڏهن به هندستاني حڪومت قبول نه ڪيو. جو ته ڪشميري، هندستان کان جدائي ۽ آزادي جي حق ۾ ووٽ ڏين ها. جڏهن روس جي خلاف افغان جهاد ختم ٿيو ته افغان جنگ جا سکيا وِرتل مجاهدن، ٿولن جي صورت ۾ ڪشمير جو رخ ڪيو. حرڪت المجاهدين 1985ع ۾ افغان مجاهدن جي هڪ گروپ طور قائم ٿي ۽ انهيءَ جو نالو 'حرڪت الانصار' هو.

مئي 1999ع ۾ ڪيترن ئي سؤ ڪشميري مجاهدن، جن ۾ حرڪت المجاهدين جا 'مجاهد' پڻ شامل هئا. هندستاني والاريل ڪشمير ۾ 'ڪارگل ريجن' ۾ اهم جابلو چوٽين تي قبضو ڪري ورتو. هندستاني فوج لڳاتار ٻن مهينن تائين انهي جابلو چوٽين کي واپس وٺڻ جي لاءِ حملا ڪندي رهي. آڪٽوبر ۾ جنرل پرويز مشرف، وزير اعظم ميان نواز شريف جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو. جنهن تي ڪارگل ۾ حاصل ڪيل فتح جي باوجود، فوجون پٺتي هٽائڻ جو الزام هو.

مون 'حرڪت المجاهدين' جي هڪ اڳواڻ کان پڇيو ته هندستاني

جهاز کي اغوا ڪرڻ جي ذميداري هنن قبول ڪئي آهي تہ هن انڪار ڪيو. پر حرڪت المجاهدين جي سيني ڪارڪنن جون همدرديون 'هاءِ جيڪرن' سان هيون. 'حرڪت المجاهدين' جي اڳواڻ انهيءَ ڳالهہ جي پڻ سختي سان ترديد ڪئي تہ ڪو هنن جو واسطو 'اُسامہ بن لادن' جي تنظيم سان آهي. پر سندس ترديد انهي لحاظ کان ڪا اهميت نٿي رکيّ تہ افغانستان ۾ اسامہ بن لادن جي فوجي تربيتي ڪئمپن تي آمريڪي ڪروز ميزائلن جي بمباريءَ ۾ 'حرڪت المجاهدين' جا ڪيترائي ڪارڪن مارجي ويا هئا ۽ حرڪت المجاهدين انهيءَ جو اعتراف پڻ ڪيو هو. 'حرڪت المجاهدين' جي اڳواڻ چيو تہ هن جي تنظيم هاڻ هندستان جي اندر، هندستاني فوجي تنصيبات تي آپگهاتي مشن موڪلڻ جي تياري ڪري رهي آهي.

فقط 'حرڪت المجاهدين' ئي اهڙو گروپ ڪونهي، جيڪو 'فدائين' طرز جا اسڪواڊ بنائي رهيو آهي. پر 'تحريڪِ جهاد' پڻ انهيءَ قسم جا آپگهاتي دستا بنائي رهي آهي. آئون تحريڪ جهاد جي 'سليم وانيءَ' سان مليس، چاليهن سالن جي عمر جو هي نوجوان ٽن ٻارن جو پيءُ آهي ۽ بهترين انگريزي ٿو ڳالهائي. واني مون کي ملٽري سوٽ ۾ نہ پر 'جوڪنگ سوٽ' ۾ مليو. هن سيءُ کان بچڻ لاءِ پنهنجي ڪلهن تي چادر ويڙهي رکي هئي. سندس ڪمرو غاليچن ۽ ڪرسين سان سينگاريل هو. هن منهنجي خدمت چاڪري، ڪشميري چانهہ ۽ ڪيڪ سان ڪئي ۽ پوءِ ٻڌائڻ شروع ڪيو تہ هو ڪيئن ويڙهاڪ ٿيو.

"واني" ولاريل ڪشمير ۾ پيدا ٿيو هو، هن سري نگر يونيورسٽي مان اڪنامڪس ۾ ماسٽرز ڪئي. 1988ع ۾ هو هندستان جي خلاف ڪشميري شاگردن جي تحريڪ ۾ شامل ٿي ويو. هندستاني حڪومت اهي مظاهرا سختيءَ سان چٿي ڇڏيا. وانيءَ جا وارنٽ جاري ٿيا. پر هو گرفتاريءَ کان بچڻ جي لاءِ آزاد ڪشمير هليو آيو. وانيءَ ٻڌايو:

"منهنجي گهر کي هندستاني پوليس باهہ لڳائي ڇڏي. منهنجي پيءُ کي ستن ڪلاڪن تائين بند رکي تشدد جو نشانو بنايو ويو. انهيءَ کان پوءِ مون وٽ هٿيار کڻڻ کان سواءِ ٻي ڪا واهہ ئي ڪانہ هئي."

وانيءَ 1990ع ۾ ٿهندڙ 'ڪشميري مجاهدن' جي هڪ فيڊريشن 'يونائيٽيڊ جهاد ڪونسل' ۾ شموليت اختيار ڪئي. شروع ۾ اها ڪونسل

کا اثرائتي نہ رهي. پر 1996ع ۾ جهاد ڪونسل ڪيترين ئي ڪامياب جهادي ڪارروايون ڪيون. ڪين هٿيار ۽ رضاڪار ملي ويا. 1997ع ۾ واني 'تحريڪ المجاهدين' ناهي. واني ٻڌايو، "اسان هندستاني چوڪين ۽ اڳين مورچن تي ڪامياب حملا ڪيا. شروع ۾ اسان فائر ڪريڪرز ۽ پيٽرول بم هندستاني فوج جي خلاف استعمال ڪيا. انهن حملن جي نتيجي ۾ اسان کي هندستاني فوج جو گهڻو هٿيار هٿ لڳو. تنهن کان پوءِ اسين هندستاني فوج جا يونيفارم پائي، مٿن اوچتا حملا ڪري کين حيران ڪري ڇڏيندا هئاسين."

هڪ اهم سوال هو تہ پاڪستاني حڪومت 'تحريڪ المجاهدين' ۽ 'حرڪت المجاهدين' جهڙين تنظيمن جي ڪيتري حد تائين سرپرستي ڪري رهي آهي. اولهہ جي سفارتڪارن جي دعوٰي آهي تہ ڪشميري مجاهدن جي تنظيم کي پاڪستان جي ملٽري انٽيليجنس ايجنسي آئي - ايس - آئي جي ذريعي هٿيار ۽ آپريشنل سپورٽ ملي ٿي. پر 'حرڪت المجاهدين' جي دعوٰي آهي تہ کيس پاڪستان جي حڪومت فقط سياسي، اخلاقي ۽ سفارتي مدد فراهم ڪري ٿي. بهرحال جيڪا بہ صورت هجي هڪ ڳالهہ چٽي آهي تہ پاڪستاني حڪومت انهن تنظيمن کي مڪمل آزادي ڏيئي رکي آهي.

'لشڪر طيبہ'، ڪشميري حريت پسندن جي سڀ کان وڏي هٿياربند تنظيم آهي. جنهن جي آفيس 'اسلام آباد' ۾ آهي، ٻين ڪشميري گروپن وانگر 'لشڪر طيبہ' جي بہ سوين ڪارڪنن افغانستان ۾ ڪميونسٽن جي خلاف جهاد ۾ حصو ورتو هو. آئون جڏهن 'لشڪر طيبہ' جي آفيس پهتس تہ منهنجو آدرڀاءُ لشڪر جي ترجمان عبدالله منتظر ڪيو. جيتوڻيڪ سندس عمر فقط 24 سال هئي، پر پنهنجي گهاٽي چاپائين ڏاڙهيءَ جي ڪري هو پنهنجي عمر کان ڪافي وڏو ٿي لڳو. منتظر مون کي ٻڌايو تہ لشڪر جي گهڻين سرگرمين جو مقصد پاڪستاني عام راءِ کي هندستان جي خلاف هموار ڪرڻ آهي. لشڪر طيبہ جا 2200 پرچارڪ مرڪز آهن. انهن جي جلسن ۽ جلوسن ۾ هزارين ماڻهو شريڪ ٿين ٿا.

منتظر ٻڌايو تہ هو ارڙهن سالن جي عمر ۾ 'لشڪر طيبہ' ۾ شامل ٿيو. شموليت کان پوءِ کيس ٽن هفتن جي سکيا واسطي افغانستان موڪليو ويو. اُتي هن جهاز، جهاز مار توپن، اي - ڪي 47، پستول ۽ آر - پي - جي استعمال جي سکيا ورتي. تنهن کان پوءِ کيس گريجوئيٽ ٽريننگ تي آزاد

ڪشمير موڪليو ويو. اُتي هن عمارتن ۽ گاڏين تي حملي جي تربيت حاصل ڪئي. منتظر فقط هڪ آپريشن ۾ شرڪت ڪئي. اهو هندستاني سپلائي لائن کي ڪٽڻ جي لاءِ بارودي سرنگن کي استعمال ڪرڻ جو آپريشن هو.

هندستان جي خلاف جهاد جي لاءِ نہ رڳو آزاد ڪشمير، پر سڄو پاڪستان نهايت زرخيز سرزمين جي حيثيت ٿو رکي. مولانا مسعود اظهر جڏهن هندستاني جهاز جي اغوا جي ڊرامي جي نتيجي ۾ آزاد ٿي پاڪستان آيو تہ ڪراچي کان وٺي بهاولپور تائين، هر هنڌ عوام جي وڏن وڏن ميڙن سندس آدرڀاءُ ڪيو. رائفلون لٽڪائي مسلم محافظن جي جلوس ۾ هلندڙ مولانا مسعود اظهر، جڏهن انهن جلسن ۽ جلوسن ۾ ماڻهن کي هندستان جي خلاف جهاد جي اپيل ڪئي تہ انهيءَ اپيل جي جواب ۾ عوام وڏي جوش ۽ خروش جو مظاهرو ڪيو. فيبروري 2000ع ۾ مولانا مسعود اظهر 'حرڪت المجاهدين' جو هڪ گروپ 'جيش محمد' نالي جو اعلان ڪيو. انهيءَ گروپ جو مقصد سينئر هندستاني عملدارن کي قتل ڪرڻ ۽ هندستاني والاريل ڪشمير ۾ بم ڌماڪا ڪرڻ هو. 'جيش محمد' جي سوين هٿيارٻند ڪارڪنن ۾ پاڪستانين ۽ ڪشميرين کان سواءِ افغان ۽ عرب بہ شامل آهن. آمريڪي عملدارن جي دعويٰ آهي تہ 'جيش محمد' کي 'اسامہ بن لادن' کان مالي مدد ملي ٿي.

ڪشمير کان هزارين ميل پري اوڀر ۾ فلپائن آهي، جتي ڏهن سالن کان بہ وڌيڪ عرصي کان جهادي سرگرميون جاري آهن. فلپائن جي ماڻهن جي گهڻائي عيسائي ۽ ٻُڌ آهي. پر هتي پنجاهہ لکن جي لڳ ڀڳ مسلمان آهن. مسلمانن جي گهڻائي فلپائن جي ٻي وڏي ٻيٽ 'منڊاناﺋو' تي آباد آهي. پر ٻين ٻيٽن ۾ پڻ ڪافي مسلمان رهن ٿا. 1972ع کان مختلف اسلامي گروپ، فلپائن جي مرڪزي حڪومت جي خلاف هٿيارٻند جدوجهد ڪندا رهيا آهن ۽ انهيءَ جنگ ۾ هيستائين هزارين ماڻهو مارجي چڪا آهن.

بہ وڏا گروپ 'مورو اسلامي محاذ آزادي' ۽ 'موري قومي محاذ آزادي' اهم آهن. 'مورو قومي محاذ آزادي' 1991ع ۾ فلپائني حڪومت سان هڪ امن ناهہ تي صحيحيون ڪيون، جنهن تحت جنگ بندي ٿي ويئي. پر 'اسلامي محاذ آزادي' انهيءَ امن ناهہ ۾ حصو نہ ورتو. اسلامي محاذ جو واسطو القاعده سان رهيو آهي ۽ انهي جا ڪارڪن القاعده جي ڪئمپن ۾ فوجي سکيا وٺندا

رهيا آهن. ’ابو سياف گروپ‘ مورو اسلامي محاذ مان ٽٽي ڌار ٿيو. انهيءَ جو اڳواڻ ’ابو رزاق سنجلاني هو، جيڪو افغان جهاد جي دوران افغانستان ۾ ڪميونسٽن جي خلاف وڙهندو رهيو ۽ افغان جهادي اڳواڻ عبدالرسول سياف جو اتحادي هو. ابو سياف گروپ ۾ بہ سؤ مسلم مجاهد آهن ۽ انهيءَ گروپ ۾ اولهہ جي سياحن کي اغوا ڪري انهن جي آزادي جي بدلي ۾ لکين ڊالر ڀُنگ ورتو. ابو سياف جن اولهہ جي سياحن کي اغوا ڪيو، انهن ۾ هڪ آمريڪي سيلاني ’گلمير موسوبيرو‘ بہ هو. جون 2001ع ۾ ابو سياف گروپ اعلان ڪيو تہ ’موسوبيرو‘ جو ڌڙ سسيءَ کان ڌار ڪيو ويو آهي.

مون پهرين ذڪر ڪيو هو تہ ورلڊ ٽريڊ سينٽر تي 1993ع جي ڌماڪن جي جوابدار رمزي يوسف بہ عبدالرسول سياف گروپ کان فوجي سکيا حاصل ڪئي هئي ۽ بعد ۾ هو فلپائين ويو ۽ ابو سياف سان گڏ ڪم ڪندو رهيو. 1994ع ۾ رمزي يوسف ۽ اسامہ جي هڪ ٻي ساٿي ولي خان امين شاهہ فلپائن ۾ 11 جهازن کي اغوا ڪري تباهہ ڪرڻ ۽ پوپ جان پال ٻي کي قتل ڪرڻ جي سازش ڪئي هئي. پر اها سازش انهيءَ وقت ناڪام ٿي ويئي، جڏهن رمزي يوسف کان منيلا جي اپارٽمنٽ ۾ تجربن جي دوران ڌماڪو ٿي پيو. رمزي يوسف پنهنجي اپارٽمنٽ مان فرار ٿيندي آپريشن جا تفصيل بہ اُتي ئي پنهنجي ليپ ٽاپ ۾ ڇڏي ويو. جڏهن ايف بي آئي پاڪستان ۾ رمزي يوسف کي گرفتار ڪيو ۽ ڪيس آمريڪي جيل ۾ وڌو تہ ابو سياف يرغمالين جي بدلي ۾ رمزي يوسف جي آزادي جي گهر ڪندو رهيو.

ابو سياف جو هڪ ٻيو اتحادي محمد جمال خليفہ هو، جنهن جي ’بن لادن‘ جي حقيقي ڀيڻ سان شادي ٿي. هو افغان جهاد جي دوران پاڪستان ۾ اسامہ بن لادن جي سروسز آفيس جي لاءِ ڪم بہ ڪندو رهيو ۽ اردن ۾ افغان جهاد جي لاءِ رضاڪار ڀرتي ڪندو رهيو. 1990ع جي شروع ۾ خليفہ، فلپائن ۾ فرنيچر سازي جو ڪاروبار شروع ڪيو ۽ هڪ فلپائني عورت سان شادي بہ ڪئي، هو ابو سياف جي مالي مدد پڻ ڪندو رهيو. 1994ع ۾ مٿس اردن ۾ دهشتگردن جا الزام هنيا ويا ۽ ڪيس موت جي سزا ڏني ويئي. انهيءَ دوران هو جدي مان آمريڪي قونصل خاني مان ويزا حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. هن پاڻ کي بن لادن خاندان سان لاڳاپيل ظاهر ڪيو. پر آمريڪا پهچڻ کان پوءِ ڊسمبر 1994ع تي ڪيس ’سان فرانسسڪو‘ ۾

گرفتار ڪيو ويو ۽ ڪيس اردن جي حوالي ڪيو ويو، پر عدالت ۾ هن جي خلاف دهشتگرديءَ جا الزام ثابت ٿي نہ سگهيا.

1997ع ۾ خليفہ جي وڪيل، آمريڪا ۾ مون کي ٻڌايو تہ هن يقيني طور تي 'ابو سياف' گروپ کي مالي امداد فراهم ڪئي هوندي، پر اها امداد خيراتي ڪمن ۾ مدد ڏيڻ جي لاءِ هئي. پر اُن ابو سياف جي باري ۾ ڪوبہ اها ڳالهہ مڃي نٿو سگهي تہ هو خيراتي يا فلاحي ڪم بہ ڪري ٿو. هن جي پيٽ ۾ فلسطين جي 'حماس' ۽ لبنان جي 'حزب الله' جا فلاحي پروگرام گهٽا وسيع ۽ وڏا آهن، جڏهن تہ ابو سياف هيسٽائين اغوا ۽ ڀنگ کان سواءِ ٻي ڪابہ سرگرمي ناهي ڏيکاري.

خليفہ اڄڪلهہ جدي ۾ رهي ٿو. اسامہ بن لادن جي باري ۾ هن جو چوڻ آهي تہ، "اسامہ منهنجي ڀاويهہ سالن مان هڪ آهي، پر منهنجو سندس سرگرمين سان ڪوبہ واسطو ڪونهي."

اسامہ بن لادن جا ساٿي، ڏکڻ روس، خاص ڪري چيچينا ۾ پڻ سرگرمِ عمل آهن، چيچنا ۾ 1994ع کان روس جي خلاف مسلم جنگ جاري آهي. چيچين ڪڏهن بہ روسي اقتدار کي قبول نہ ڪيو. اڻويهہ صدي جي روسي اديب ليو ٽالسٽائيءَ بہ قفقار ۾ هڪ روسي آرٽلري رجمنٽ ۾ خدمتون سرانجام ڏنيون ۽ چيچين جي خلاف وڙهيو هو. انهيءَ جنگ جو ذڪر هن پنهنجي ڪتاب "The Cossaeks" ۾ بہ ڪيو آهي. چيچين روسين کان نفرت ڪن ٿا ۽ ڏيڍ سؤ سال گذرڻ کان پوءِ بہ هنن جي احساسن ۾ ڪا تبديلي نہ آئي. روسين گذريل ٻن جنگين ۾ چيچينن کي چٿڻ جي پوري ڪوشش ڪئي. پهرين جنگ 1994ع کان 1996ع تائين جاري رهي ۽ ٻي جنگ 1999ع کان شروع ٿي ۽ اڃا تائين جاري آهي.

چيچين جهاد جو سڀ کان نالي‍رو سپاهي ۽ جرنيل 'ابو خطاب' آهي. ابو خطاب جڏهن افغانستان ۾ هو ۽ هڪ ننڍي وهيءَ واري مجاهد طور اسامہ بن لادن سان گڏ رهيو ۽ روسين جي خلاف جنگ ۾ شرڪت ڪئي. اسامہ بن لادن هن جي لاءِ ٻيءُ جي حيثيت رکي ٿو.

خطاب جي باري ۾ آمريڪي ۽ سعودي عرب جا ذريعا ٻڌائين ٿا تہ هو سعودي عرب جي علائقي 'الخير' ۾ 1970ع ۾ پيدا ٿيو. هن جي قبيلي جو

نالو ’الصوئيلم‘ (Al-Suwailem) آهي. هي تصويرن ۾ سدائين گوريلا جيڪٽس ۾ نظر ايندو آهي. خطاب پنهنجي سڄي زندگي جهاد ۾ گذاري ڇڏي آهي. هو افغانستان، تاجڪستان ۽ چيچينا ۾ وڙهندو رهيو ۽ هن وقت هو چيچينا ۾ پنهنجي بهادريءَ جو جوهر ڏيکاري رهيو آهي. چيچينا جي مسلمانن جي باري ۾ چيو وڃي ٿو تہ هو هڪ صديءَ تائين ڪميونسٽن جي غلاميءَ ۾ گذارڻ ڪان پوءِ فقط نالي جا مسلمان آهن، پر بهادري، جرئت، قتل ۽ رتوڇاڻ هن جي طبيعت ۽ مزاج جو حصو آهي. جتي هو گذريل ٻن صدين کان روس جي غلاميءَ جي خلاف وڙهندا رهيا آهن. اُتي هنن ٻي مهاڀاري لڙائيءَ ۾ نازي جرمني جي خلاف، روس جي بچاءُ جي جنگ بہ وڙهي آهي. خطاب جهڙن ’عرب افغان‘ ڪماندرن هڪ پاسي چيچنيا جي ماڻهن کي فڪري اسلامي سکيا ڏني تہ ٻي پاسي هنن جي ويڙهو مزاج مان فائدو ورتو.

آگسٽ 1999ع ۾ خطاب ۽ چيچين ڪماندر بسايوف داغستان ۾ روسي فوجين جي خلاف ڪاروايون شروع ڪيون، جنهن جي نتيجي ۾ ٻي چيچين جنگ جي شروعات ٿي. هڪ وڊيو ٽيپ ۾، جيڪا انهيءَ زماني ۾ تيار ڪئي ويئي هئي، خطاب چوي ٿو: ”مون کي اها خبر ڪونهي تہ هتي ڪيترا روسي فوجي موجود آهن ۽ هر روز ڪيترا فوجي هتي اچي رهيا آهن، پر مون کي خبر آهي تہ انهن مان ڪيترائي مارجي ويندا ۽ ڪيترن کي قيدي بڻايو ويندو ۽ سڄي قفقاز ۾ رت وهندو.“ روسي، خطاب جي نالي کان ڊنل رهندا آهن، سيپٽمبر 1999ع ۾ خطاب ۽ سندس ساٿي ڪماندر شامل بسايوف روس جي ڪيترن ئي هنڌن تي بم جا ڌماڪا ڪري، سڄي روسي انتظاميہ کي ڌوڏي ڇڏيو. 1999ع ۾ خطاب هڪ چيچين ڳوٺ ’سر زينورٽ‘ ۾ افغان طرز جي هڪ ڪئمپ قائم ڪئي. جنهن ۾ چيچين ۽ داغستانين کي فوجي سکيا ڏني ويندي هئي. انهيءَ ڪئمپ ۾ بہ افغانستان جيان ٻين اسلامي ملڪن جا رضاڪار فوجي سکيا حاصل ڪرڻ جي لاءِ ايندا هئا ۽ انهن ملڪن ۾ واپس وڃي القاعده جي عالمي جهادي نيٽ ورڪ جو حصو بڻجي ويندا هئا. هن وقت انهن ڪئمپن مان تربيت حاصل ڪري نڪرندڙ گهٽ ۾ گهٽ هڪ هزار مجاهد خطاب جي ڪمان ۾ آهن ۽ روس جي خلاف هٿياربند جهاد ۾ شريڪ آهن. انهن ۾ چيچين ۽ عربن ڪان سواءِ پاڪستاني ۽ افغاني سڀ شامل آهن.

القاعده جي نيٽ ورڪ جي عالمگيريت جو اندازو لڳائڻ جي لاءِ

سيپٽمبر 2001ع جا بم ڌماڪا ڪافي آهن. انهن ڌماڪن کان پوءِ آمريڪا جو ڌيان هڪ ئي وقت دنيا جي اسي جي لڳ ڀڳ محاذن ۾ ورهائجي ويو آهي. آمريڪا، اسلامي ويڙهاڪن جي خلاف پنهنجن وسيلن کان سواءِ ٻين ملڪن جا وسيلا پڻ ڪتب آڻي رهيو آهي، جيڪي پنهنجن مفادن ۽ سببن جي ڪري آمريڪا سان سهڪار ڪري رهيا آهن. انهن ۾ سعودي عرب، برطانيا، جرمني ۽ روس شامل آهن، جيڪي اسلامي هٿياربندن کان پنهنجي سلامتي کي موجود خطرن جي ڪري ڌار ڌار عالمي نظرين جي حامل هئڻ جي باوجود به آمريڪي ايجنڊا تي عمل ڪري رهيا آهن. اهي ملڪ بنيادي طور تي آمريڪا کي ملٽري انٽيليجنس جي فراهمي کان سواءِ فوجي مد ۾ پڻ امداد ڏيئي رهيا آهن. اهو چئي سگهجي ٿو ته اسامہ بن لادن، جنهن تي هزارين لکين ماڻهو قربان ٿيڻ جي لاءِ تيار آهن. پر سندس دشمنن جو تعداد پڻ گهٽ ڪونهي.

اسامہ بن لادن، 17 آڪٽوبر 2001ع تي پنهنجي هڪ وڊيو ٽيپ ۾ چيو هو.

”آئون آمريڪا ۽ آمريڪي عوام کي ڪجهہ لفظ چوڻ ٿو چاهيان. آئون الله تعاليٰ جي اڳيان عهد ٿو ڪريان تہ جيستائين حضرت محمد ﷺ جن جي سرزمين تان ڪافر فوجون نڪري نٿيون وڃن ۽ فلسطين ۾ امن قائم نٿو ٿئي، تيستائين آمريڪا سُک ۽ امن سان رهي نٿو سگهي.“

آگسٽ 2001ع ۾ جڏهن آئون هن ڪتاب کي مڪمل ڪري رهيو هئس تہ نئين صدي شروع ٿيڻ واري هئي ۽ بظاهر تہ آمريڪا جي سلامتي کي ڪي بہ خطرا نہ هئا. سرد جنگ ۽ ائٽمي حملن جي تباهي جا خطرا ختم ٿي چڪا هئا ۽ آمريڪي ثقافتي ۽ فوجي طاقت ’رومن ايمپائر‘ وانگر سڄي دنيا تي ڇانئجي چڪي هئي. پر 11 سيپٽمبر تي آمريڪا جي انهيءَ بالادستي کي للڪاريو ويو ۽ سندس سڄي عزت ڌوڙ ۾ ملي ويئي. دهشتگرد لڳ ڀڳ پنج هزار کان بہ وڌيڪ آمريڪين کي مارڻ جا ذميدار هئا. اهو حملو نہ رڳو آمريڪا جي بالادستيءَ کي للڪار هو، پر آمريڪي طرز زندگي ۽ ان جي ثقافتي قدرن جي لاءِ پڻ هڪ للڪار هو. انهيءَ قسم جا بيان ڳالهائيندڙن جي نفسياتي تسڪين جو سبب تہ بنجن ٿا، پر انهيءَ جي نتيجي ۾ اسامہ بن لادن ۽ انهيءَ جي نيت ورڪ تي تمام گهٽ روشني پوي ٿي ۽ جذبن ۾ وڌيڪ شدت پيدا ٿئي ٿي.

هي ڪتاب جو آخري باب هلي رهيو آهي. اميد آهي تہ هاڻ انهيءَ سوال جو جواب بہ اوهان جي ذهن ۾ هوندو تہ اسامہ بن لادن اهو سڀ ڇو ڪري رهيو آهي؟ هن جي آمريڪا سان ڪهڙي دشمني آهي؟ هن آمريڪا جي خلاف جهاد جو اعلان ڇو ڪيو آهي؟ اسامہ ڪو اهڙو عام عرب ڪونهي، جيڪو هڪ ڏينهن صبح جو اوچتو ننڊ مان سجاڳ ٿيو هجي ۽ پنهنجي خراب موڊ جي ڪري اهو فيصلو ڪري ويٺو هجي تہ آمريڪا سان سندس دشمني آهي. اسامہ بن لادن وٽ آمريڪا کان نفرت ڪرڻ جا بلڪل درست ۽ چٽا سبب ۽ دليل آهن. جيڪڏهن اسين آمريڪي انهيءَ نفرت ڪرڻ جا سبب سمجهي وٺون يا 11 سيپٽمبر کان پهرين انهن سببن جو شعور حاصل ڪري وٺون ها تہ سيپٽمبر جا لڳ ڪانڌارينڌڙ واقعا پيش نہ اچن ها.

اسامہ بن لادن اڄ تائين جيڪي ڪجهہ چيو آهي، اهو سڀ پبلڪ رڪارڊ تي موجود آهي. هن اڄ سوڌي ڪڏهن بہ هالي ووڊ جي فلمن جي باري ۾ ڪجهہ بہ ناهي چيو ۽ نہ وري هن ميڊونا جي عريانيت جي باري ۾ ڪو آواز اُٿاريو ۽ نہ هن اُن فحاشي (Pornogrophy) جي خلاف ڳالهايو، جنهن کي آمريڪي آئين تحفظ ڏنو آهي. نہ وري هن ڪڏهن اولهہ جي منشيات ۽ شراب جي ڪلچر جي خلاف ڪا مهم هلائي ۽ نہ وري اولهہ جي هم جنس پرستي جي خلاف ’عدم برداشت‘ جو ڪو مظاهرو ڪيو؟ هن اهڙن سڀني معاملن تي خيالن جو اظهار عيسائي بنياد پرست ’جيري فال ويل‘ جي لاءِ ڇڏي ڏنو آهي. جنهن 11 سيپٽمبر تي حملن جي باري ۾ چيو هو تہ، ”اهي آفتون آمريڪا تي، الله تعاليٰ طرفان انهن گناهن جي ڪري آيون آهن، جيڪي آمريڪا وارن هم جنس پرستي ۽ عورت پرستي ۾ مبتلا هئڻ جي ڪري ڪمايا آهن.“

جيڪڏهن اسين آمريڪي سنجيدگي سان جائزو وٺون تہ اها ڳالهہ چٽي ٿي بيهندي تہ اسامہ کي انهن ثقافتي معاملن سان ڪابہ دلچسپي ڪونهي. پر هو آمريڪا جي انهي ڪري مذمت ٿو ڪري تہ هو وچ اوڀر ۾ آمريڪا جي پاليسين جي خلاف آهي. سر زمين عرب ۾ آمريڪي فوجي اڏن، اسرائيل کي آمريڪا جي حمايت ۽ امداد، عراق تي لڳاتار آمريڪي بمباري، مصر ۽ سعودي عرب جي حڪومتن جي آمريڪا پاران لڳاتار سرپرستي، جن کي اسامہ بن لادن اسلام دشمن حڪمران تصور ڪري ٿو.

اسامہ بن لادن لڳاتار آمريڪا سان جنگ جي حالت ۾ آهي. پر درحقيقت اها هڪ سياسي جنگ آهي. القاعده جي هاءِ جيڪرن آمريڪا ۾ نہ تہ ڪڏهن ڪنهن شراب خاني تي حملو ڪيو، نہ وري اي او ايل ٽائيم وارنر کي نشانو بنايو، نہ وري ڪوڪا ڪولا تي بم ڌماڪا ڪيا. نہ لاس ويگاس جي جوئا خانن کي باهہ لڳائي ۽ نہ وري آمريڪي سپريم ڪورٽ تي حملا ڪيا. هنن پينٽاگون ۽ ورلڊ ٽريڊ سينٽر تي حملا ڪيا. جيڪي آمريڪا جي فوجي قوت ۽ اقتصادي بالادستيءَ جي علامت هئا. هن کان اڳ بہ القاعده سدائين آمريڪي سفارت خانن، فوجي هنڌن ۽ بحري جنگي جهازن کي نشانو بنايو.

هارورڊ جي پروفيسر سيموئل هننگٽن بلڪل درست اڳڪٿي ڪئي هئي تہ ٻن عالمي تهذيبن جو ٽڪراءُ شروع ٿي چڪو آهي. هن لکيو هو تہ ثقافتي فاصلا هاڻ ڪولڊ وار بلاڪن جي جاءِ وٺي رهيا آهن. عالمي سياست ۾ ٽڪرائن ۽ بحرانن جو سبب ۽ تهذيبن جي وچ ۾ ڪڍيل فالٽ لائن آهي. هننگٽن موجب اسلام جو عيسائيت ۽ هندو ڌرم سان سڌو سنئون ٽڪراري ٽڪراءُ آهي. اهڙي طرح عيسائيت جي اندر قدامت پرستن جي ڪيٿولڪس سان ويڙهہ آهي. اهي ٽڪراءُ ۽ ٽڪرار تاريخ عالم ۾ وڏيڪ ٻج ڏاهہ جو سبب بنجندا. هننگٽن لکيو، ”اسلام جون سرحدون رت هاڻيون آهن.“ بوسنيائي مسلمان انهيءَ جو هڪ مثال آهن. هننگٽن صحيح طور تي ويهين صدي عيسوي جي اسلامي سجاڳپ جي صديءَ طور نشاندهي ڪئي آهي. اسامہ بن لادن هننگٽن جي تهذيبن جي ٽڪراءَ جي مفروضي ۾ صحيح طور تي فٽ ٿو اچي.

هننگٽن، افغانستان ۾ روس جي خلاف جهاد کي پنهنجي ٿيسز جي لاءِ مثال طور پيش ٿو ڪري.

روس جي خلاف مسلمانن جي انهيءَ هٿياربند جدوجهد سڄي دنيا جي مسلمانن ۾ جاڳرتا جي هڪ عام لهر پيدا ڪئي. انهيءَ جهاد جي نتيجي ۾ روس جا ٽڪرا ٿيا ۽ مسلمانن ۾ اهو احساس جاڳيو تہ هو هڪ وڏي طاقت جا ٽڪرا ڪري سگهن ٿا تہ ٻي طاقت جي خلاف بہ ڪڙا ٿي سگهن ٿا. 1989ع ۾ جڏهن روس افغانستان مان هليو ويو تہ افغانستان ۾ هڪ گڏيل دشمن کي نہ ڏسي گهرو جنگ شروع ٿي ويئي ۽ افغاني سدائين جيان هڪ ٻيرو ٻيهر هڪٻئي سان اٽڪڻ لڳا. اسلام پسند، اسلام پسند سان، شيعو، سني سان ۽ تاجڪ پٺاڻ جي خلاف اُٿي کڙو ٿيو. انهيءَ گهرو جنگ ۾ بہ هزارين ماڻهو

مارجي ويا.

ڪشمير بہ تهذيبن جي ٽڪراءَ جو هڪ مثال آهي، جتي مسلمان، هندن جي تهذيب جي خلاف اُٿي کڙا ٿيا آهن. پر پاڪستان جي حامي جهادي تنظيمن کان قطع نظر قومپرست سيڪيولر قوتون پڻ موقع جي ڳولا ۾ آهن تہ جيئن ڪنهن طريقي سان انهيءَ آزادي جي جدوجهد ۾ ڪاٽ هٽي، اسلام پسندن، پاڪستان ۽ هندستان، سيني جي خلاف ڪاميابي حاصل ڪن.

سيڪيولر قومپرستي جو هڪ مثال 'ڪوسوو' آهي. 'ڪوسوو' جا مسلمان بہ نالي جا مسلمان آهن ۽ هنن بوسنيا جي مسلمانن ڪان قطع نظر اسلامي دنيا ڪان مدد حاصل نہ ڪئي. چو تہ هنن سربن جي خلاف پنهنجي آزادي جي جدوجهد کي ڏکيو بنائڻ نٿي چاهيو. مسلمانن جي پاڻ ۾ گهرو ويڙهہ جو هڪ مثال صدام حسين آهي، جنهن 1990ع ۾ پنهنجي عرب پاڙ 'ڪويت' تي حملو ڪيو. پر صدام حسين شروع کان ئي سيڪيولر ذهن جو مالڪ رهيو آهي. هن پنهنجي ملڪ ۾ اسلام پسند، هٿياربندن، ڪردن، شيعن ۽ ڏکڻ عراق جي باغي ڌيٽي قبيلن جي بغارتن کي نهايت سختيءَ سان چٿي ڇڏيو.

جيتوڻيڪ نار جي جنگ کي ڪڏهن بہ عرب ۽ مسلم عوام ۾ مقبوليت حاصل ٿي نہ سگهي. پر سعودي عرب، مصر، قطر، بحرين، ڪويت، اومان، عراق جي خلاف انهيءَ جنگ ۾ سڌو سنئون حصو ورتو ۽ فوجون موڪليون، پر ان وقت يمن ۽ اردن جون همدرديون عراق سان رهيون. پر هن وقت يمن ۽ اردن آمريڪا سان سهڪار ڪري رهيا آهن. وچ اوڀر جون سيئي حڪومتون القاعده ۽ اسلامي ويڙهاڪن جي خلاف آهن. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ القاعده کي عرب عوام ۾ ڪافي مقبوليت حاصل آهي.

هڪ عرب صحافي 'عبده' جو چوڻ آهي تہ مصر ۾ اعتدال پسند مزدور يونين کي ڪافي سگهہ حاصل ٿي چڪي آهي. هڪ ٻي عرب صحافي انٿوني شديد جو چوڻ آهي تہ 'اعتدال پسند اسلامي تحريڪ'، نہ رڳو مصر، پر اردن ۽ ايران ۾ پڻ سگهہ حاصل ڪري چڪي آهي. جڏهن تہ اسرائيل ۽ فلسطين اٿارٽي ۾ امن ڳالهين جي ناڪاميءَ سان ٻنهي طرفن انتهاپسند سگهارا ٿي رهيا آهن.

يمن ۾ بہ "اعتدال پسند جمهوري اسلامي تحريڪ" اسلام پسند

اصلاح پارٽيءَ جي شڪل ۾ اُڀري آهي. هن پارليامينٽ ۾ ويهہ سيڪڙو سيٽون حاصل ڪيون. ٻين سيٽن تي قومپرست، سوشلسٽ ۽ اخوان المسلمون ڪامياب ٿيا.

اسلام ۾ شوريٰ يا ڪنسليٽيٽو جو تصور موجود آهي. آمريڪي اسامہ يا القاعده سان مقابلو ڪيئن ٿا ڪري سگهن؟ اهو هڪ اهڙو سوال آهي، جنهن جو في الحال آمريڪا ۾ ڪنهن وٽ بہ جواب ڪونهي. بظاهر آمريڪا افغانستان ۾ القاعده ۽ بن لادن جي خلاف ڪاميابي حاصل ڪئي آهي، پر اها ڪاميابي ڪيتري اثرائتي آهي، تنهن جي باري ۾ ڪجھ چئي نٿو سگهجي.

آمريڪا وٽ انٽيليجنس جا روايتي ذريعا آهن، جيڪي روس جي خلاف بيحد اثرائتا ثابت ٿيا هئا. پر القاعده جي خلاف اهي ذريعا ناڪام ثابت ٿيا آهن. آمريڪي حڪومت القاعده جي خلاف جاسوسيءَ جي لاءِ مخبر ۽ جاسوس حاصل ڪرڻ ۾ جزوي ڪاميابي حاصل ڪئي. انهن ۾ جمال الفضل ۽ الحسيني ڪرچيٽو شامل هئا. جن ڪافي معلومات ڏني. اسامہ بن لادن جو مصري آمريڪي فوجي صلاحڪار علي محمد ڪان بہ آمريڪي سيڪيورٽي ۽ ايجنسي وارا ڪافي معلومات حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب رهيا. پر انهن ماڻهن وٽ اسامہ جي باري ۾ ڪا تازي معلومات ڪونهي. هو فقط 1998ع تائين جي معلومات ڏيئي سگهن ٿا.

هن وقت اسامہ بن لادن جي ساٿين ۽ القاعده جي ڪئمپن ۾ آمريڪا جا ڪي بہ جاسوس يا اِيجنٽ موجود ڪونهن، جيڪي قابل اعتبار انٽيليجنس جي فراهمي جو سلسلو برقرار رکي سگهن. هڪ اولهہ جي رسالي اٽلانٽڪ منٿلي ۾ Revul Gerechi، آمريڪي سي - آءِ - اي جي هڪ عملدار جو هڪ جملو ڇپيو تہ، "سي - آءِ - اي وٽ هڪ بہ اهڙو عربي ڳالهائيندڙ آفيسر ڪونهي، جنهن جو پس منظر وچ اوڀر جو هجي ۽ جيڪو اهڙي مضبوط ڪردار جو مالڪ هجي، جيڪو افغانستان جي جبلن ۾ عورت ۽ شراب کان سواءِ ڏگهي عرصي تائين رهي سگهي ۽ جيڪو طالبان ۽ القاعده جي بنياد پرستن تي اعتبار ۽ اعتماد حاصل ڪري سگهي. ڪوبہ آمريڪي ايجنٽ شراب ۽ عورت کان سواءِ زندگي گذارڻ جو تصور بہ نٿو ڪري سگهي.

آمريڪا جي نيشنل سيڪيورٽي ايجنسي (N.S.A) سڄي دنيا ۾ ماڻهن جون ٽيليفون ڪالون ٽيپ ڪرڻ ۽ انهن کي ٻُڌڻ تي اربين ڊالر خرچ ٿي

ڪري. ظاهري طرح N.S.A اسامہ بن لادن ۽ سندس ساٿين جي وچ ۾ ٿيندڙ هر ڳالهہ ٻولهہ جيڪا سيٽلائٽ جي ذريعي ٿيندي هجي، ٻڌي سگهي ٿي ۽ Voice Print جي ذريعي فوري طور تي پتو لڳائي سگهي ٿي تہ اسامہ ڪٿي ۽ ڪهڙي هنڌ موجود آهي. پر اسامہ بن لادن اين ـ ايس ـ اي جي انهي صلاحيت کان 1997ع کان ئي واقف رهيو آهي. اهوئي سبب آهي جو هن گذريل پنجن سالن کان سيٽلائٽ فون جو استعمال بلڪل بند ڪري ڇڏيو آهي ۽ پنهنجا حڪم ۽ هدايتون جاري ڪرڻ لاءِ ريڊيو جو استعمال ڪندو آهي يا وري ذاتي طور تي احڪام جاري ڪندو آهي ۽ اهي ڀروسي جوڳن ساٿين جي ذريعي اڳيان پهچن ٿا.

آمريڪا ڏهہ سال اڳ ڪابل ۾ پنهنجو سفارت خانو بند ڪري ڇڏيو هو. ان کان پوءِ افغانستان ۾ آمريڪا جو ڪوبہ جاسوسي نيٽ ورڪ باقي نہ رهيو. آمريڪي ايجنسين کي جيڪي اطلاع ملندا هئا، سي دوست ذريعن کان ملندا هئا. انهن ۾ اهم ذريعو پاڪستان جي آءِ ـ ايس ـ آءِ بہ هئي. جنهن طالبان کي اقتدار تي قبضي ڪرڻ ۾ مدد ڏني. پر آءِ ـ ايس آءِ جا ڏنل اطلاع اعتبار جوڳا نہ هوندا هئا. انهيءَ جو سبب اهو هو تہ آءِ ـ ايس آءِ جا گهڻا تڻا آفيسر ۽ ايجنٽ طالبان ۽ اسامہ بن لادن سان همدردي رکندا هئا ۽ هو اهڙا اطلاع اڳيان نہ وڌائيندا هئا، جيڪي طالبان يا اسامہ جي لاءِ نقصان وارا هجن. اطلاعن جو ٻيو ذريعو اُتريون اتحاد هو، جيڪو گذريل ڪيترن ئي سالن کان طالبان ۽ اسامہ بن لادن سان جنگ ۾ رڌل هو. 'اترينءَ اتحاد' وٽ 15000 کان 30000 هزار جي وچ ۾ هٿياربند ماڻهو هئا، جن کي پوءِ آمريڪا، زميني جنگ جي لاءِ استعمال ڪيو.

آمريڪي ايجنسين جو ٽيون ذريعو طالبان جا مخالف قبيلا هئا. انهن ۾ خاص ڪري پوپلزئي قبيلو وڏيڪ اثرائتو ثابت ٿيو. پوپلزئي قنڌار جي اوپر ۽ اُتر ۾ آباد آهن. پوپلزئي جي سردار عبدالاحد ڪرزئي کي 1999ع ۾ پاڪستان ۾ قتل ڪيو ويو. هن جي قتل جو الزام طالبان تي هنيو ويندو آهي. تنهن ڪري عبدالاحد ڪرزئي جو پٽ حامد ڪرزئي (جيڪو هينئر آمريڪا پاران طالبان حڪومت کي ختم ڪرڻ کان پوءِ افغانستان جو صدر آهي. مترجم) جي اڳواڻي ۾ پوپلزئي، آمريڪي ايجنسين سان مڪمل سهڪار ڪُري رهيا آهن. طالبان جي حڪومت کي ختم ڪرڻ ۽ اسامہ بن لادن جي

ماڻهن جي مخبري ۾ انهن جو ڪردار اهم هو.

آمريڪي ايجنسين جي لاءِ اطلاعن جو هڪ ذريعو آمريڪي اسپيشل فورسز جا ڪارندا هئا. جيڪي 11 سيپٽمبر جي حملي کان هڪدم پوءِ افغانستان ۾ گهڙي ويا هئا. انهن مان ڪي ايجنٽ اهڙا بہ هئا، جن 1989ع ۾ ’فورٽ بريگ‘ ۾ آمريڪي اسپيشل فورسز جي هيڊ ڪوارٽر ۾ علي محمد جي ليڪچرن ۾ بہ شرڪت ڪئي هئي. جيڪي هو آمريڪي فوج جي اهلڪار جي حيثيت سان ڏيندو رهندو هو.

طالبان وٽ ويهہ هزار کان چاليهہ هزارن تائين هٿياربند ويڙهاڪ موجود هئا. اسامہ بن لادن ڇهن سالن جو عرصو افغان ويڙهاڪ گوريلن جون تربيت گاهون ۽ پناهہ گاهون ٺاهڻ ۾ صرف ڪيو هو. اسامہ جا پنهنجا هٿياربند دستا 1996ع کان جنگين ۾ حصو وٺڻ لڳا هئا. هن جي پنهنجي ’ڪور گروپ‘ ۾ ڪيترا سؤ اهڙا ويڙهاڪ مجاهد شامل هئا، جيڪي افغانستان جي ٻاڙي ٻاڙي کان واقف هئا. هو نهايت سخت جان ۽ جوشيلا هئا ۽ پنهنجي امير جي حڪم تي جان ڏيڻ جي لاءِ تيار رهندا هئا. هو آر - پي جي، مختلف قسم جون مشين گنون، ڌماڪيدار مادن ۽ بارودي سرنگن سان هٿياربند هئا. ڪين تمام ڏکين حالتن ۾ جنگ وڙهڻ جي سکيا ڏني ويئي هئي. انهيءَ گروپن وٽ اسٽنگر ميزائل بہ هئا، جن کي هو هيٺ اُڏامہ ڪندڙ جهازن ۽ هيلي ڪاپٽرن جي خلاف استعمال ڪري ٿي سگهيا. سي - آءِ - اي جي هڪ آفيسر مون کي ٻڌايو تہ هڪ اندازي موجب سيپٽمبر 2001ع ۾ افغانستان ۾ ڪيترا سؤ اسٽنگر ميزائل موجود هئا. هڪ اسٽنگر ميزائل جي قيمت لڳ ڀڳ هڪ لک ڊالر هوندي آهي ۽ اسامہ بن لادن وٽ دولت جي ڪابہ کوٽ ڪونہ هئي.

افغانستان جي جابلو ۽ ڏکين لَڪن ۽ سخت موسم بہ طالبان ۽ اسامہ جي مدد ڪئي. افغانستان جا اُتريان جابلو علائقا هر طرح جي گوريلا جنگ جي لاءِ بيحد مناسب آهن. هن سرزمين جي ٻاڙي ٻاڙيءَ تي دنيا جي هر ملڪ کان وڌيڪ بارودي سرنگون وڇايل آهن. اُترين علائقن ۾ جڏهن سيارو اچي ٿو تہ اهو سيپٽمبر کان شروع ٿي اپريل جي آخر ۾ ختم ٿئي ٿو. قنڌار جو سڄو علائقو ريگستاني آهي، جتي لڪڻ جي لاءِ ڪابہ جاءِ ڪونهي.

1980ع ۾ روسين جي خلاف ڇاپہ مار جنگ جو اصل اڳواڻ پاڪستان جو برگيڊيئر محمد يوسف هو. هن جو چوڻ آهي تہ افغانن ۾ هڪ بهترين ڇاپہ

مار جون سڀئي صلاحيتون موجود آهن. هو پنهنجي مقصد ۾ مڪمل يقين رکن ٿا ۽ انهيءَ جي لاءِ جان بہ قربان ڪري سگهن ٿا. هو طبعي ۽ ذهني اعتبار کان انتهائي سخت جان آهن ۽ پنهنجي آپريشن جي علائقي کان چڱي طرح واقف آهن. هو غير معمولي طور تي جري ۽ بهادر آهن. هٿيار هنن جي مزاج جو حصو آهن. جن ماڻهن 1980ع ۾ روس جي خلاف جنگين ۾ حصو ورتو، اُهي هاڻ 'طالبان ۽ القاعده' جا چوٽيءَ جا اڳواڻ آهن.

ڪن ماڻهن اسامہ بن لادن جي آمريڪا جي خلاف جنگ جي اعلان کي رڳو پيپڪي قرار ڏنو هو، پر هو حقيقت ۾ آمريڪا جي خلاف جنگ ۾ رڌل آهي ۽ آمريڪي نشانن تي حملن جو ڪوبہ موقعو هٿان نٿو ڇڏي. سڀني کان وڌيڪ خطرناڪ ڳالهہ اها آهي تہ اسامہ ۽ سندس ساٿي وڏي پئماني تي تباهي پکيڙيندڙ هٿيار حاصل ڪرڻ ۾ رڌل آهن. خود اسامہ بن لادن جو چوڻ آهي تہ: "اسين ائٽمي، ڪيميائي يا جراثيمي هٿيار حاصل ڪرڻ کي ڪو ڏوهہ نٿا سمجهون."

القاعده، جراثيمي هٿيارن تائين پهچ حاصل ڪري ورتي آهي. تنهن جو اندازو انهيءَ ڳالهہ مان لڳائي سگهجي ٿو تہ هاءِ جيڪر عطا محمد، فلوريڊا ۾ فصلن تي دوائون ڇٽڪار ڪرڻ وارا ڪيترائي هوائي جهاز خريدڻ جي ڪوشش ڪئي. القاعده جي ماڻهن سائنائڊگئس جا جانورن تي تجربا بہ ڪيا. پر القاعده وٽ وڌيڪ تربيت يافتہ سائنس دان يا هٿيارساز نہ هئا. ۽ نہ وري گهڻيون ترقي يافتہ سهولتون هيون، جن جي مدد سان هو پنهنجي جراثيمي يا ڪيميائي مادن کي اثرائتن هٿيارن ۾ استعمال ڪري سگهن.

افغانستان جي مخصوص حالتن جي ڪري، آمريڪي ايجنسين کي لڳاتار ناڪاميءَ کي منهن ڏيڻو پيو. انهن ۾ هڪ وڏي ناڪامي احمد شاهہ مسعود جو قتل هو، جنهن کي ٻن عرب ويڙهاڪن 11 سيپٽمبر جي ڌماڪن کان 48 ڪلاڪ اڳ بم ڌماڪي جي ذريعي قتل ڪري ڇڏيو. احمد شاهہ مسعود جي موت، آمريڪا کي هڪ سُني اتحاديءَ کان محروم ڪري ڇڏيو، جيڪو طالبان جي خلاف ويڙهہ ۽ اسامہ جي ڳولا ۾ سڀني کان وڌيڪ اثرائتو افغان اڳواڻ هو.

ڇا اسامہ بن لادن جي گرفتاري يا موت سان القاعده ختم ٿي ويندي؟ اهو سوال بہ آمريڪي پاليسي سازن جي لاءِ بيحد اهم آهي. انهيءَ جو سبب

اهو آهي تہ اسامہ کان پوءِ ايمن الظواهري ۽ ابو حفص جهڙا جرنيل موجود آهن. الظواهري، اسامہ جي پُٽ جو سهرو آهي ۽ اسامہ جو پُٽ محمد بہ القاعده جي ڪمان سنڀالي سگهي ٿو. تنهن کان سواءِ القاعده جا ڪيترائي هزار ويڙهاڪ مجاهد دنيا جي سٺ ملڪن ۾ پکڙيل آهن. القاعده آمريڪا جي لاءِ ڪيترن ئي متن واري ارڙ (Hydera - Headed Mouster) جي حيثيت رکي ٿي.

حقيقت ۾ القاعده وٽ، اسامہ جهڙو ٻيو ڪو اڳواڻ ڪونهي. هو هڪ طرف غير معمولي انتظامي صلاحيت جو مالڪ آهي تہ ٻي طرف جديد سيڙپ ڪاري جي بهتر صلاحيت رکي ٿو. هن جي تنظيمي صلاحيتن جو ڪو ٻيو شخص مقابلو ڪري نٿو سگهي ۽ سڀ کان وڏي ڳالهہ اها تہ سڄي دنيا جي مسلمانن ۽ آمريڪا دشمن غير مسلمن لاءِ بہ هو هڪ هيري جو درجو حاصل ڪري ويو آهي.

( ترجمو پورو ٿيو ـ دڙو )

20-12-2002

